مهدي ٿيو مهندار

فقير پاڪ مهدي مولا جو فرمايل بيت

مٿان ڪَڪَر قُرب جو ، مَهر وَسي مِينهن،

ٻاهتر خُور هنج ۾ ، هِندوري ۾ هيءَ،

هنج ۾ ڙِڏِيَن هُونگرون، تہ بہ لِگين نہ لڳي ليءَ،

پري ڪوزا ڪيف جا ، پيار ڏئي چوڻُ پيءَ،

پيتم ڪوزا ڪيف جا ، نظر آيم نينهن،

ڏکن وارو ڏينهن، مهَدي عشق اڪٿين نہ ڏيکاريو.

مهدي ٿيو مهندار

مرتب

فقير سمر علي مخدوم جهانيا

سهيڙيندڙ

پروفيسر اطهر علي کهڙو

ڪوتو سهيڙيندڙ

مهندار علي ملاح

[سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ]

ڪتاب جو نالو :	مهدي ٿيو مهندار
ڇاپو پهريون:	جنوري 2009ع
ڇاپو ٻيون:	مئي 2013ع
تعداد:	پنج سو
ڪمپوزنگ:	امان الله منگي، ڪنب ضلعو خيرپورميرس
ڇپائيندڙ :	سيد سمر علي مخدوم جهانيان پاران هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن "همسا"، سنڌ
ڇپيندڙ:	آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي

قيمت: ٽي سو روپيه

(Price Rs. 300.00)

خريداري لاءِ رابطو:
درگاهه حضرت سيد معراج علي رضا مخدوم جهانيه مانڊم
تعلقو صوپوديرو، ضلعو خيرپورميرس
Web: www.hadimehdi.org
Mob: 03443788822

فهرست

فقير سمر علي مخدوم جهانيہ جو تعارف

01 فقير پاڪ مهدي مولا جو شجرو مبارڪ جيڪو شير خدا مولا علي سان ملي ٿو... 01

02 جهانيہ جو لقب ، لقب جهان گشت.. 02

03 شجره نسب سنڌ ۾ جهانيان خاندان جنهن جو واسطو درگاھ شريف شاھ پور جهانيہ سان آهي.... 03

04 سيد محمود جهانيہ کان مهدي مولا تائين.......................... 04

05 فقير پاڪ مهدي مولا جو جنم مبارڪ.................................... 08

06 فقير پاڪ مهدي مولا جا لقب.. 12

07 فقير پاڪ مهدي مولا جي تعليم ۽ تربيت............................ 13

08 فقير پاڪ مهدي مولا جي ظاهري صورت حليہ مبارڪ................ 15

09 فقير پاڪ مهدي مولا جي پوشاڪ مبارڪ............................ 17

10 فقير پاڪ مهدي مولا جون شاديون.................................. 19

11 فقير پاڪ مهدي مولا جو اولاد مبارڪ................................ 23

12 فقير پاڪ مهدي مولا ۽ منور من.. 26

13 مجاز کان حقيقت تائين.. 38

14 فقير پاڪ مهدي مولا جا صحبتي درويش............................... 62

15 فقير پاڪ مهدي مولا جي توحيد جي سادگي ۽ نرالائپ............ 98

16 فقير پاڪ مهدي مولا جو وصال.. 103

17 فقير پاڪ مهدي مولا جي دؤر جا قائم مشخانہ.......................... 108

18 فقير پاڪ مهدي مولا جي دؤر جا طالب درويش جيڪي وراڳ ڪندا هئا......... 111

19 فقير پاڪ مهدي مولا جا مستانا طالب درويش.............................. 121

20 فقير پاڪ مهدي مولا جي دؤر جا ڍولڪيا درويش............................ 131

21 فقير پاڪ مهدي مولا جون ڪرامتون.. 133

22 فقير پاڪ مهدي مولا جو فرمايل توحيد.................................... 148

23 جهانيہ خاندان جي طالب درويشن جي فهرست جيڪي شاعر هئا............... 204

فقير پاڪ مهدي مولا جي خانداني طالب درويشن جو چيل توحيد

23 مخدوم سيد علي جهانيہ " شير علي" جو ڪلام.......... 207
24 مخدوم علي رضا جهانيہ " معراج علي " جو ڪلام.......... 210
25 مخدوم علي نواز جهانيہ " باقر علي " جو ڪلام.......... 212
26 سيد غلام سرور " امير علي " جو ڪلام.......... 218
27 مخدوم سيد ڪامل شاه " قوت علي " جو ڪلام.......... 219
28 مخدوم مختيار حسين جهانيہ " مهتاب علي " جو ڪلام.......... 224
29 مخدوم مقبول حسين جهانيہ جو ڪلام.......... 229
30 مخدوم مقصود علي جهانيہ جو ڪلام.......... 233
31 مخدوم ضمير حسين شاه" وزير علي " جو ڪلام.......... 235
32 ڊاڪٽر عاشق علي جهانيہ " عاشق علي " جو ڪلام.......... 237
33 سيد احسان علي مخدوم جهانيہ جو ڪلام.......... 242

فقير پاڪ مهدي مولا جي خاندان کان ٻاهر شاعر طالب درويشن جو چيل توحيد

34 مظهر علي لاکو " نور علي " فقير جو ڪلام.......... 243
35 وڏيرو ساکن انڙ " ويساه علي " فقير جو ڪلام.......... 286
36 اميد علي ميراڻي " منظور علي " فقير جو ڪلام.......... 287
37 محمد علي ميراڻي " نياز علي اڪٽ " فقير جو ڪلام.......... 289
38 الله آندو " آندل " ملاح " عاشق علي فقير جو ڪلام.......... 296
39 عبدالفتاح لاکو " نظر علي " باشو " فقير جو ڪلام.......... 298
40 اشرف علي شاهاڻي " منصور علي " فقير جو ڪلام.......... 301
41 چانڊيو مل ساڌاڻي " پروانو " فقير جو ڪلام.......... 302
42 جان محمد " جاڻڻ " چن " صادق علي " فقير جو ڪلام.......... 303
43 عطا محمد شاهاڻي " فراق علي " فقير جو ڪلام.......... 305
44 محمد صديق گلال " صادق علي " فقير جو ڪلام.......... 308

سيد شير علي مخدوم جهانيہ جي شاعر طالب درويشن جو چيل ڪلام

45 علي بخش لغاري (ٻجراڻي) " اثبات علي " فقير جو ڪلام.......... 310
46 لعل بخش لغاري (ٻجراڻي) " اقرار علي " فقير جو ڪلام.......... 313

47 عبد الله خان " بابا عبدالله پنجابي" " عبد علي " فقير جو ڪلام............ 316
48 سلطان علي لغاري (بجراڻي) " سبحان علي " فقير جو ڪلام........... 319
49 غلام الرسول لانگاهه " غلام علي غازي " فقير جو ڪلام........... 321
50 زوار محمد حسن لانگاهه " نشان علي " فقير جو ڪلام............ 325
سيد معراج علي رضا مخدوم جهانيه جي طالب درويشن جو چيل ڪلام
51 بشير احمد انڙ " برسات علي " فقير جو ڪلام........... 329
52 پيرل اوٺو " جانب علي " فقير جو ڪلام........... 334
53 ميهر علي پيلاڙ " مهر علي " فقير جو ڪلام........... 336
54 نياز حسين منگنيجو " نياز علي " فقير جو ڪلام 337
55 بخش علي پيلاڙ " بخش علي " فقير جو ڪلام 342
سيد علي نواز " نواز " مخدوم جهانيه جي شاعر طالب درويشن جو چيل ڪلام
56 ڪوڙل ملاح " باغ علي " فقير جو ڪلام........... 343
57 فقير سمر علي مخدوم جهانيه جي شاعر طالب دريشن جو ڪلام
58 بشير احمد منگنهار " منثار علي " فقير جو ڪلام........... 345
59 علي ڏنو منگنهار " نصيب علي " فقير جو ڪلام........... 349
60 مشتاق علي راڄپر " مشتاق علي " فقير جو ڪلام........... 351
61 ولي محمد سهتو " ولايت علي " فقير جو ڪلام........... 352
62 بشير احمد چنه " بهادر علي " فقير جو ڪلام........... 356
63 علي گل خاصخيلي " انصاف علي " فقير جو ڪلام........... 358
64 محمد صالح تنيه " صحبت علي " فقير جو ڪلام........... 359
65 سيد حسن شاهه " صحبت علي " فقير جون ڪافيون........... 361
66 پروفيسر عبدالرحمان ڪهڙو (اطهر علي) جو ڪلام........... 363
جانڻ فقير جي شاعر طالب درويشن جو چيل ڪلام
67 الهه اوباهيو جوڳي " دربان علي " فقير جو ڪلام........... 365

فقير سمر علي مخدوم جهانيه

فقير سمر علي مخدوم جهانيه جن جي آمد مبارڪ 15 جنوري 1950ع ۾ سنڌ جي نامور صوفي درويش جهانيه خاندان جي برگزيده شخصيت فقير معراج علي رضا مخدوم جهانيه قدس سره جن جي حاويلي مبارڪ ۾ ڇهن فرزندن مان پيو نمبر فرزند طور تعلقه صوبودير و ضلع خيرپور ۾ ٿي.

پاڻ پرائمري ڳوٺ مير خان شاهاڻي، مئٽرڪ ۽ انٽر لاڙڪاڻو، بي اي ۽ ايم اي اڪنامڪس جي سند سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائون. پاڻ ڪجهه وقت سنڌ لوڪل گورنمينٽ ۽ پوءِ سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ۾ ظاهري ملازمت ڪان پوءِ استعيفا ڏنائون "جيڪا اڪثر ڪيسي ۾ لڪيل موجود هوندي هئي"

پلا! سندن مرشد مهدي مالڪن جا فرمايل الفاظ مبارڪ ڪيڏن نه سچائي ۽ حقيقت جو روپ وٺن ته سمر علي ڪي پڙهايون به اسين ٿا ۽ نوڪري به اسين ڏياريندا سون. ٿيو به ائين ٿي جو پاڻ دنياوي ملازمت کي وداع چئي مرشد پاڪ جي تڪيه مبارڪ تي ڪيترائي سال ڀاريدار جي حيثيت سان اچي خدمت ڪيائون. سندن خدمت دوران جيڪي تڪيه مبارڪ تي رونقون، ميلا ملاڪڙا، محفلون، شجرڪاري، گل گلزاريون ۽ ترقياتي ڪم ٿيا. انهن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارا ڪڏهن به وساري نه سگهندا. تاريخ پاڻ کي دهرايو ۽ اتان مالڪن جي هجرت ٿي. اڄڪلهه ڳوٺ يار محمد مرڪند ۾ فيض واهه جي ڪپ تي فقير پاڪ مهدي مالڪن جو فڪري فيض ڦاندي رهيا آهن. هتي سندن هجرت جو ڏينهن، جنم مبارڪ، منصور علي فقير شاهاڻي ۽ شمس علي فقير جا ميلا پڻ سندن ئي سرواڻيءَ ۾ هادي مهدي سوشل ويلفير ائسوسيئيشن "همسرا" طرفان ملهايا وڃن ٿا. هي تنظيم سنڌ بلوچستان ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. سمر علي سردارن جي طالبن جو تعداد سون ۾ آهي فقير پاڪ مهدي مالڪن جا ۽ سندن ڪيترائي طالب ڪافين ۾ موجود هوندا آهن. ساري رات توحيد جي محفل مٺڪاني کي معطر رکندي آهي. پاڻ وڏي درجي جا معالج پڻ آهن. روزانه سون جي تعداد ۾ درد مند دوا، دعا ۽ ديدار لاءِ حاضر ٿين ٿا. سندن ٿي سرداريءَ ۾ ڪيترائي جهيڙن جهڻ مٽن مائٽن ۽ ڌڏن فسادن جا فيصلا پڻ ٿين ٿا. هر خمس جي ڏينهن درگاهه مادم تي مٽن سيني سرگرمين سان گڏ اتان جي درويشن کي ديدار پڻ نصيب ٿئي ٿو. جتي فقير معراج علي رضا مخدوم جهانيه جن جو عاليشان روضو مبارڪ پڻ تعمير ڪرايو اٿن. هر ماهه ڀهرين آچر تي سجود لاءِ فقير پاڪ جي

دونهي واري مشخاني ڪوٽ ڏجي فقراءَ سان گڏ آمد ٿئي ٿي. جتي پڻ طعام ڪلام ٿئي ٿو. پاڻ هر سال فقير معراج علي رضا مخدوم جهانيه. سائين هادي بخش مخدوم جهانيه. منور علي مخدوم جهانيه ۽ مظهر علي فقير لاڪو جا ميلا پڻ ملهائيندا آهن. معراج علي سائين جي ميلي مبارڪ تي "المعراج" نالي ساليانو رسالو پڻ ڇپرايو ويجي ٿو. سڄي سنڌ جي شاعر فقراءَ جو چوند توحيد ڪلام (ڪشتو) نالي سان پڻ ڪمپوزنگ هيٺ آهي. سندن رهائش گاهه وٽ تمام سٺي گلڪاري لئبرري، ڪلينڪ پڻ موجود آهي. پاڻ ڪتاب شايع ڪرائڻ ۽ مطالعي جا شائق آهن. هي سڀ ڪوششون ۽ ڪاوشون سندن مزاج جو مظهر آهن.

پانديپ سين نہ پاڙيان، سوين پيا سردار،
آهي مثل مينهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم هزده هزار، جهڙو تنهنجي جهپيا.

فقير پاڪ مهدي مولا جو شجرو مبارڪ جيڪو
شيرِ خدا مولا علي عليه السلام سان وڃي ملي ٿو

1 حضرت علي المرتضي عليه السلام 2 حضرت امام حسين عليه السلام 3 حضرت امام زين العابدين عليه السلام 4 حضرت امام باقر صادق عليه السلام 5 حضرت امام جعفر صادق عليه السلام 6 حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام 7 حضرت امام علي رضا عليه السلام 8 حضرت امام علي تقي عليه السلام 9 حضرت امام علي نقي عليه السلام 10 امام زاده حضرت سيد جعفر ثاني ڪنيت ابو اسماعيل لقب قوال 11 حضرت علي اصغر 12 حضرت سيد عبدالله 13 حضرت ابو يوسف محمد 14 حضرت سيد محمود اصغر 15 حضرت سيد محمد 16 حضرت سيد جعفر رحه 17 حضرت سيد علي ابو المواٿد عليه السلام 18 حضرت سيد قطب الاقطاب جلال الدين حيدر الثاني سرخ پوش بخاري عليه السلام المعروف شير شاه جلال سرخ پوش بخاري 19 حضرت سلطان احمد ڪبير رحه 20 حضرت سيد جلال الدين مخدوم جهانيه جهان گشت 21 حضرت سيد محمد نر ناصرالدين ڪلان 22 حضرت سيد برهان الدين ابو عبد الله قطب عالم احمد آبادي مخدوم جهانيه 23 حضرت سيد شاه عالم گجراتي مخدوم جهانيه 24 سيد برهان محمد مخدوم جهانيه 25 سيد احمد مخدوم جهانيه 26 سيد عبدالشڪور مخدوم جهانيه 27 سيد احمد المعروف خان مخدوم جهانيه 28 سيد علي مخدوم جهانيه 29 سيد حامد قتال مخدوم جهانيه 30 سيد محمود سنڌي البڙوداٿي 31 سيد حامد شاه مست مخدوم جهانيه 32 سيد شاه محمود " پيو " مخدوم جهانيه 33 سيد اسحاق شاه مخدوم جهانيه 34 سيد غفور مخدوم جهانيه 35 سيد وڏل شاه مخدوم جهانيه 36 سيد ڪامل شاه مخدوم جهانيه 37 سيد حامد شاه مخدوم جهانيه 38 سيد امام بخش شاه " نور عالم " مخدوم جهانيه 39 سرڪار دوجهان سيد غلام مهدي مخدوم جهانيه " فقير سائين " 39 سيد هادي بخش مخدوم جهانيه " بادشاه سائين " 40 سيد علي مخدوم جهانيه 41 سيد مقصود علي مخدوم جهانيه 42 سيد عون محمد مخدوم جهانيه ولي عهد.

جهانيہ جو لقب

مخدوم سيد جلال الدين جهانيہ جهان گشت بن سيد احمد ڪبير جن مخدوم جهانيہ ۽ جهانيہ جهان گشت جي لقبن سان تمام گهڻو مشهور آهن. سير العارفين جي حوالي سان ذڪر آهي تہ هڪ دفعي عيد جي رات حضرت سيد جلال الدين جن غوث بهاول الدين ذڪريا جي مزار مبارڪ تي ذڪر الاهيءَ ۾ مشغول رهيا. پوءِ حضرت ميان صدرالدين عارف ۽ حضرت رڪن الدين ابو الفتح جي مزارن تي حاضر ٿي عيد جي خرچي گهري تہ هر جڳهہ تي (مزار مبارڪ مان کين " مخدوم جهانيہ "جي خطاب جي عيد خرچي طور جو آواز آيو). پاڻ جڏهن زيارتون ڪري واپس موٽيا تہ رستي ۾ جيڪو بہ ماڻهو کين مليو پيو تہ اهو مخدوم جهانيہ جي لقبن سان پڪاري پيو.

انهيءَ کانسواءِ هڪ ڀيرو حضور پاڪ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي روضي اطهر ويا جتي پاڻ سلام طور السلام عليڪم يا جدي جا لفظ فرمايائون تہ روضي اطهر مان سلام جي جواب ۾ آواز آيو. وعليڪم السلام يا ولدي و قطرت عيني و سراج امتي انت مني ومن الاهلبيتي روضي اطهر ۾ کين حضور پاڪ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن " مخدوم جهانيہ "جي خطاب سان پڻ نوازيو. پاڻ جڏهن روضي اطهر مان ٻاهر تشريف فرما ٿيا تہ ماڻهو ازخود مخدوم جهانيہ جي نالي سان سڏڻ لڳا.

جهانيہ جهان گشت

حضرت مخدوم جهانيہ جن جو گهڻو زمانو سير و سياحت ۾ گذريو انهيءَ ڪري کين جهانيہ جهان گشت جي نالي سان پڻ سڏيو ويو. پاڻ پنهنجو چاليهن سالن جو سفر نامو پڻ فارسي زبان ۾ قلمبند ڪيو اٿن.

شجره نسب سنڌ ۾ جهانيہ خاندان
جنهن جو واسطو درگاهہ شريف شاهہ پور جهانيہ سان آهي.

هن سلسلي ذريعي سرڪارِ دوجهان فقير مهدي پاڪ جن جي اسم مبارڪ جي اظهاري ڪئي وئي آهي.

سيد شاهہ محمود " اول "
↓
سيد حامد شاهہ مست
↓
سيد شاهہ محمود " پير "
↓
سيد اسحاق شاهہ
↓
سيد وڏل شاهہ
↓
سيد ڪامل شاهہ " اول "
↓
سيد حامد شاهہ
↓
سيد امام بخش شاهہ
↓

1. سيد ڪامل شاهہ " پير "
2. سيد ڏني بخش شاهہ
   1. سيد گنج بخش شاهہ
   2. سيد علي نواز شاهہ
3. سيد رسول بخش شاهہ
4. سيد هادي بخش شاهہ
5. سيد غلام مهدي شاهہ

سيد هادي بخش شاهہ ↓

1. سيد مولا بخش شاهہ عرف علي گل سائين
2. سيد علي رضا شاهہ (معراج علي سائين)
3. سيد سيد علي شاهہ (شير علي سائين)
4. سيد ڪامل شاهہ (اليونا) (قوت علي سائين)
5. سيد شهاب الدين شاهہ

فقير سيد غلام مهدي سائين مخدوم جهانيہ
↓
سيد موج درياهہ مخدوم جهانيہ " اول "
↓

1. سيد غلام مهدي مخدوم جهانيہ " پير "
   ↓
   سيد موج درياءَ مخدوم جهانيہ " پير "
2. سيد حسن شاهہ مخدوم جهانيہ (پير)
3. ڊاڪٽر سيد اسد الله مخدوم جهانيہ
4. سيد قطب علي مخدوم جهانيہ

سيد محمود جهانيہ کان مهدي مولا تائين

سيد محمود جهانيہ سنڌي البڙوائي کان هادي و مهدي جهانيہ تائين ڏهين پشت ٿيندي.

سيد محمود البڙودائي کان پوءِ تئين پشت ۾ مولا علي عليہ السلام کان 32 پشت سيد محمود جيڪو سيد محمود البڙو دائيءَ جو پوٽو هيو ۽ سيد حامد مست جو پٽ هو. سيد حامد مست جو نڪاح لڪياري ساداتن مان حضرت سيد صدرالدين شاهہ المعروف شاهہ صدر لڪياري جي نياڻي سان رچيل هو. جناب بي بي صاحب پڻ هڪ صاحب دل ۽ الله لوڪ عورت هئي ۽ جيئن سندن خاوند کي مست سڏيو ويندو هو تئين بي بي صاحبہ جن پاڻ بہ مست هئا. انهيءَ ڪري سندن سس يعني سيد حامد مست جي والده صاحبہ کي اچي ڳڻتي ورايو تہ هاڻي هي تہ ٻيا ٻئي زال مڙس مست. سو اولاد بہ ڪين ليندو الائي ڪونہ!.

رات جي پوئين پهر ۾ جو حامد شاهہ مست پنهنجي والده کي ائين فڪر مند ويٺل ڏٺو تہ پاڻ پنهنجي والده صاحبہ کان ان جي ماجرا پڇڻ بجاءِ ڪين ان جو جواب ڏنو ۽ فرمايو تہ امان سائڻ اهو ٻڌو ٿا تہ ڳيرو ڇا چئي رهيو آهي؟ جيئن تہ عصر جي ويلي ٻين پکين سان گڏ ڳيرو بہ پنهنجي لات لنوندو آهي تہ اهو بہ انهيءَ مهل گهوڪي رهيو هيو تہ سندن والده وراڻيو تہ ابا! اسان امتي آهيون. اوهان آل رسول آهيو. اسان کي ڪهڙي خبر تہ پکي ڇا ٿا چون؟ اهو تہ اوهان ئي سمجهي ۽ ٻڌائي سگهو ٿا تہ ڳيرو هن وقت ڇا چئي رهيو آهي. پاڻ سيد حامد مست وراڻيو تہ امان جيجي ڳيرو چئي رهيو آهي تہ اسان کي بہ فرزند ٿيندا ۽ ڳيرو انهن نينگرن جا نالا ولي رهيو آهي. پنهنجي ٻوليءَ ۾ چئي رهيو آهي تہ محمود، غفور.....! محمود ، غفور....! سو توهان فڪر مند نہ ٿيو. ڇاڪاڻ تہ سيد محمود جيڪو هوندو اهو پير سنائيءَ تائين شاديون ڪندو رهندو ۽ اولاد ڇڏيندو رهندو. باقي سيد غفور ڄمندي ئي ڄام مست هوندو ۽ لنگوٽ بند رهندو.

سيد محمود جهانيہ بن حامد مست وارو دور حڪومت سنڌ ۾ ان وقت نور محمد ڪلهوڙي جو دور هو. هاڻي جڏهن سيد محمود البڙو دائيءَ جو پوٽو سيد محمود بن سيد حامد مست نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ لو لٽي تہ پوءِ سندس ڏاڏو سيد محمود البڙو دائي جيڪو اچ شريف کان هت سنڌ ۾ اچي ٿو ۽ شاهہ پور جهانيہ جي

ويجهو ڪڇي جي پاسي درياءَ جي پر تي خيمہ زن ٿئي ٿو تہ اهو دور بہ سنڌ ۾ ڪلهوڙا دور جي شروعات ليکي سگهجي ٿو.

سيد محمود بڙو دائي سنڌ ۾ اچي ڪري شاهہ پور جهانيہ ويجهو ان وقت جي درياءَ بادشاهہ جي پر ۾ بگا قوم جي سردار وٽ قيام ڪري ٿو. قيام جي دوران اتي شادي ڪري، بي بي صاحبہ کي گهر جي اندر چوديواريءَ ۾ ويهاري خاص هدايتون ڏئي. پنهنجي پاءُ شاهہ مراد عرف ڀيڙو جي ڳولا ۾ احمد آباد بڙودي روانو ٿي وڃي ٿو. سندس سنڌ ۾ اچڻ بہ پنهنجي پاءُ شاهہ مراد جي ملڻ لاءِ ٿئي ٿو. جيڪو اچ شريف مان ڪن خانداني ڳالهين جي سببن جي ڪري رُسي سنڌ ڏانهن روانو ٿئي ٿو. سيد محمود بڙودائي کي جڏهن اها خبر پوي ٿي تہ شاهہ مراد سنڌ ۾ توري قيام ڪرڻ کان پوءِ احمد آباد بڙودي روانو ٿي ويو آهي تہ هو بہ سندس پٺيان اوڏانهن هليو ٿو وڃي. جتي ٻنهي ڀائرن جي پاڻ ۾ ملاقات ٿئي ٿي. شاهہ مراد ڪنوارو ٿي گذاري وڃي ٿو. باقي سيد محمود احمد آباد بڙودي ۾ بہ شادي ڪري ٿو ۽ اولاد ڄڻي ٿو جتي اڄ بہ سندس پوٽئير موجود آهن. زندگي جا باقي ڏينهن اتي بسر ڪري بڙودا ۾ ئي وفات ڪيائين. انهيءَ ڪري سيد محمود کي بڙودائيءَ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

سيد محمود بن حامد مست کي ست پٽ هئا، ننڍي ۾ ننڍو سيد حسن شاهہ ثاني سيد جلال الدين جهانيہ جهان گشت "باندي موڪ" جي لقب سان نروار ٿيو. کين نرينہ اولاد ڪونہ ٿيو. پنهنجي والد سيد شاهہ محمود ولد سيد حامد شاهہ مست جا طالب يعني دست بعيت هئا. کين پنهنجي مرشد جي دعا قبول هئي تہ "سيد مڙئي سر پر هڪل حسن شاهہ جي" سندن مرشد ۽ والد بزرگوار سيد شاهہ محمود بن سيد حامد شاهہ مست جي وصال کان پوءِ پڳ جو بار سندن وڏي پاءُ سيد اسحاق مخدوم جهانيہ جن تي آيو ۽ گادي ءَ جا سجاده نشين بڻيا.

سيد اسحاق جهانيہ جن کان ولي ستين پشت ۾ جهانيہ خاندان ۾ بہ انمول موتي جيڪي پنهنجي شناخت پاڻ آهن. کنهن جي معرفت جي ڪين ڪا بہ ضرورت ڪونہ آهي. ڄمندي ئي ڄام هئا. نبي سردار جي سرداري ۽ مولا علي مشڪل ڪشا جي مدد کين سدائين لاءِ ميسر هئي. سندن اسم مبارڪ سيد هادي بخش جهانيہ ۽ سيد غلام مهدي جهانيہ المعروف هادي ۽ مهدي هئا. سيد هادي بخش جهانيہ.

سيد غلام مهدي جهانيہ هڪ ٻئي کي خطاب ڪرڻ ۾ بادشاھ سائين ۽ فقير صاحب اچاريندا هئا.

سيد امام بخش شاھ جهانيہ سجاده نشين شاھ پور جهانيہ جن کي پنج فرزند ارجمند هئا وڏو فرزند سيد ڪامل شاھ جهانيہ هڪ ديري مان هئا. سيد ڏاتي بخش جهانيہ ۽ سيد رسول بخش جهانيہ ٻئي ديري مان هئا. سيد هادي بخش جهانيہ ۽ سيد غلام مهدي جهانيہ ٽئين ديري مان هئا. سيد امام بخش جهانيہ جن جي برقعي متائڻ کان پوءِ سندن وڏي فرزند سيد ڪامل شاھ جهانيہ پڳ پاڻ نہ ٻڌي جڏهن تہ وڏي پٽ هئڻ جي ناتي سان سجاده نشين پاڻ هئا. سڀني گڏجي ڪري پڳ جو بار سيد هادي بخش جهانيہ جن تي رکيو ۽ خاندان جو وڏو ۽ سجاده نشين درگاھ شاھ پور جهانيہ بڻايو ويو.

ظاهر ۾ فقير سرڪار سيد غلام مهدي جهانيہ المعروف "فقير سائين" جن پائرن ۾ سڀني کان ننڍا پنجين نمبر تي هئا.

وڏو فرزند سيد ڪامل شاھ جهانيہ "پيو" جنهن ديري مان سيد امام بخش جهانيہ جن کي تولد ٿيو. ان ديري مان ڪين پيو نرينو اولاد ڪونہ هيو. سيد ڪامل شاھ پنهنجي والد صاحب جي وصال کان پوءِ پاڻ پنهنجي باقي عمر جا ڏهاڙا هالا پراڻا کان ٽن ميلن جي پنڌ تي، جنهن کي چوڙگي ڪري سڏبو آهي اتي گذاريا. هن وقت اتي سندن روضو مبارڪ اتان جي لوڪل ماڻهن پنهنجي عقيدت وچان پنهنجي مرشد مٿان تعمير ڪرايو آهي ۽ هر سال ربيع الاول مهيني جي 17،16 ۽ 18 تاريخ تي ميلو ملهايو ويندو آهي.

سيد ڏاتي بخش جهانيہ ۽ سيد رسول بخش جهانيہ جن سائين امام بخش جهانيہ جن جي ٻئي ديري مان هن فنا پذير دنيا ۾ پنهنجو ظهور ظاهر ڪيو. سيد رسول بخش جهانيہ لا اولاد رهيو. جو هن پاڻ پنهنجي سڄي زندگي بنا شاديءَ جي گذاري ڇڏي.

سيد ڏاتي بخش جهانيہ جن کي ٻہ فرزند ٿيا. جن ۾ وڏو سيد گنج بخش جهانيہ ۽ ننڍو سيد علي نواز جهانيہ. سيد رسول بخش جهانيہ ۽ ڏاتي بخش جهانيہ جن جو پاڻ ۾ ايترو تہ پيار هيو جو هڪڙي جڏهن ٻئي جي وفات جي خبر ٻڌي تہ هن پاڻ بہ انهيءَ صدمي ۾ وڌيڪ هڪ پل بہ رهڻ گوارا نہ سمجهيو ۽ تڏي تي ئي وڃي پنهنجي

پياري پاڻ جي آزاد ٿيل روح جي پکيءَ سان جيڪو اڃا مس هاڻي قفس جي پڃري مان نڪري ملڪ عدم ڏانهن راهي ٿيو هيو ان سان مليو ۽ پوءِ ٻئي گڏجي ڪري جشن ملهائيندا اڳتي رمندا رهيا.

سيد رسول بخش جهانيہ جي وصيت مطابق سندن آخري آرام گاهه مانڊم تي بنايو ويو جيڪو مانڊم اڳتي هلي درگاهه مانڊم جي نالي سان سڏجڻ لڳو. جيئن تہ درگاهه مانڊم تي مريدن سيد رسول بخش جهانيہ جن تي هڪ روضو تعمير ڪرايو آهي. هن وقت عام ۽ خاص جي لاءِ هڪ زيارت گاهه جو درجو رکي ٿو.

سيد ڏٿي بخش جهانيہ جي جسم خاڪيءَ کي انن. گهوڙن ۽ ماڻهن جي ڪافلي جي صورت ۾ شاهه پور جهانيہ نيو ويو ۽ پاڻ حسن جهانيہ باندي موڪ جي درگاهه جي احاطي ۾ ابدي آرامي آهن.

اهڙي طرح جسم بہ جان هڪ هجڻ جي حساب سان هڪ ٿي وقت ۾ جسمن مان جان جي جنبش ختم ٿيڻ ۽ روح جي پکيءَ جو پرواز ڪري ملڪ عدم ڏانهن اڏرڻ جو هڪ مثال قائم ٿيل آهي. سندن محبت جو هي مثال جيڪو اڄ ڏينهن تائين ڳايو وڄايو وڃي ٿو ۽ شايد اڳتي بہ ڪيتري وقت تائين اهو ائين ئي دائم قائم رهندو رهي.

ائين تہ هر ڪو بي مثل ۽ بي مثال آهي. ڪڏهن بہ ڪو ڪنهن جهڙو ٿي نٿو سگهي. ضرور ڪا وڏ گهٽائي هڪ ٻئي ۾ موجود هوندي آهي. جيڪا هر هڪ کي نيارو ۽ نرالو بڻائي نروار ڪيو ڇڏي.

جهانيہ خاندان جو هر فرد پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هڪ جدا گانہ حيثيت ۽ حقيقت رکي ٿو. انهن سڀني ڪردارن کي هن هڪڙي ئي ڪتاب ۾ گڏ ڪرڻ تہ پنهنجي وس جي ڳالهہ ڪونہ آهي ۽ نہ وري ان ڳالهہ سان اسان جو ڪو پنهنجو بہ واسطو آهي. اسان جو يعني هادي مهدي اڪيڊميءَ جو هن "ڪتاب" رسالي "کي منظر عام تي آڻڻ جو مقصد بہ رڳو اهو ئي آهي تہ فقير پاڪ مهدي موليٰ جن جي سوانح ۽ سندن ڪلام مڪمل طرح بمع سندن طالب درويشن جو نموني طور ڪتاب ۾ دستياب هجي.

فقير پاڪ مهدي مولا جن جو جنم مبارڪ

اسان کي جهڙي ريت نموني ۽ جتان ريت جيڪو ريت ڪجهه فقير پاڪ مهدي امام آخر زمان جي باري ۾ دستياب ٿيندو رهيو آهي. اهو جيئن جو تيئن ڪنهن مناسب ڦير ڦار جي مسسودي ۾ جمع ڪندا رهيا آهيون ۽ اهو ڪم تاحيات تائين اسان جي ذمي رهندو ته جيڪو ريت احوال پاڻ مالڪن جي باري ۾ جنهن وٽان ريت ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ اهو نئون هوندو ۽ پرک جي ڪسوٽيءَ تي پورو لهندو ته ان کي ان مسودي ۾ ضرور شامل ڪيو ويندو.

اهو اسلامي سال 1286 هه هو ۽ ان مطابق عيسوي سال 1870 ع ٿي وڃي ٿي. جڏهن مهينه رجب جو آهي. تاريخ 20 باقي ڏينهن جي خبر پئجي نه سگهي آهي. سندن والد صاحب سائين امام بخش مخدوم جهانيه جن حاويليءَ تي موجود ڪونه هئا جو مالڪن جي ولادت باسعادت وقوع پذير ٿي آهي. مئوءِ وڳڻ جو ڳوٺ جيڪو اٽڪل ڏهه ٻارهن ميل پري آهي. جتي سائين امام بخش جهانيه جن کي مالڪن جي ولادت جي خوشخبري ٻڌائي وئي ۽ پاڻ پوءِ جلديءَ ۾ پنهنجي حاويليءَ " درگاهه " طرف واپس روانه ٿيا. جڏهن سائين امام بخش جهانيه جن جيئن جو اندر حاويلي ۾ داخل ٿيا ته دائي صاحبه ننڍڙي صاحبزادي کي هٿن تي کڻي آئي سندن والد صاحب جي جهوليءَ يعني هنج ۾ ڏنو. پاڻ جڏهن پنهنجي صاحبزادي ڏانهن نهاريو ۽ نظر سندن مٿان وڌي ته پاڻ پنهنجي زوجه بيبي پاڪ کان يڪدم دريافت ڪرڻ فرمايو ۽ پڇڻ لڳا ته ابهم جي هن دنيا ۾ اچڻ سان ٿي اها حالت ساڳي ٿي رهي آهي. جيڪا اسان هن وقت ڏسي رهيا آهيون. يا ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ هي سڪتو طاري ٿيو هو جو جسم جا سمورا عضوا سن آهن ۽ اکيون به بند رهيون آهن. سندن پاڪ بيبي صاحبه جن فرمايو ته اها حالت جيڪا توهان هن وقت ڏسي رهيا آهيو. اها ابهم جي جمڻ سان ٿي اهڙي هئي. مطلب ته اوڏانهن اصل عدم کان وٺي هن قدم سان جنم اختيار ڪيو اٿن. سائين امام بخش جهانيه جن پنهنجي زوجه صاحبه کي تسلي ڏيندي ننڍڙي کي هٿن تي کڻي هڪڙي ڪن کان شريعت جي ٻئي ڪن کان معرفت جي بانگ سڻائي ته صاحبزادو اکيون پٽي کلڻ به لڳو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ به لڳو. پهريون سندن نظرون سندن والد صاحب ڏانهن ۽ پوءِ والده ماجده ڏانهن ڏسڻ لڳيون باقي ڪائڻ پيئڻ اجها بند هو. جيستائين سائين امام بخش جهانيه جن جي حڪم موجب مائي

راحت نونارڻ" چند " ويٺل ننگر مڪان جي، جي ننڍي پار کي جنهن جو پيءُ به فوت ٿيل هو. شايد تمام مسڪين ۽ هڪ غريب عورت هئي ان جي پار کي پهريان ڪاڻ پيئڻ لاءِ کير يا پيو ڪجھ ڏنو ويو ان کان بعد ۾ فقير مولا جن پاڻ ڪجھ واپرائڻ شروع ڪيو. هاڻي هي هڪڙو معمول جوڙيو ويو. هر روز ته جيستائين ڪنهن غريب، يتيم ۽ مسڪين ٻارڙي کي پهريان ڪارايو پيارايو ويندو ان کان بعد ۾ فقير پاڪ جن پاڻ به ڪجھ واپرائڻ پسند ڪندا.

سائين امام بخش جهانيه جن پنهنجي زوجه محترمه جن کي اهو هميشه جي لاءِ تاڪيد ڪري ڇڏيو ته ٻالڪ پهريان پين غريب عورتن جا توهان وٽ اچي ڪري اهو ڪجھ ڪائيندا پيئندا جيڪو ڪجھ توهان پنهنجي فرزند ارجمند لاءِ تيار ڪرايو هوندو بعد ۾ ئي توهان جو صاحبزادو توهان تي راضي ٿي پاڻ ڪجھ ڪائيندو پيئندو. چو ته الله پاڪ جڏهن به پنهنجي خاص ۽ خاصن خاص ارواح هيڏي موڪليندو آهي ته انهن ۾ هن دنيا جي عام پرشن کان مختلف ڪي اهڙا اشارا ۽ نشانيون انهن جي وجود سان گڏ انهن ۾ صاف ۽ چٽيون اهڙيون ته ظاهر ظهور هونديون آهن جو انڌو به ڏسي ته جاچي ضرور سگهي ٿو. سو اهڙي طرح سان هن ننڍڙي ۾ جنهن کي هاڻي غلام مهدي جي اسم مبارڪ سان ياد ڪيو وڃي ٿو. نشانيون هي ته ظاهر بيٺيون آهن جيڪي سڀ ڪو ڏسي وائسي سگهي ٿو. پر ڪي نشانيون اجا اڳتي به جيئن جيئن سندن عمر جي حساب سان ظاهر ٿينديون رهنديون جيڪي وري ان دور ۽ ثقافت جي حال سارو به هونديون پر ڪي وري اهڙيون هونديون آهن جيڪي هر دؤر لاءِ هڪجهڙيون ۽ قابل قبول رهنديون آهن.

مهدي اهڙو منور، ٿيو آ نه ٿيندو
اهڙو صوفي سرور، ٿيو آ نه ٿيندو

جيڪي ارواح عدم کان ئي اعليٰ ۽ چمندي چام هجن ته پوءِ انهن سان ڪهڙا ريهي حساب ڪتاب ۽ ليکا چوکا ڪجن. بس اهي پوءِ مالڪ آهن. پنهي جهانن جا اهي عمر جي تقاضا سان بدل ڪونه هجن ٿا ته اهي چمندي چام ٿيا. هوئن به چوڻي مشهور آهي ته " بزرگي نه به سال است " ڪي ته جهور ٿي وڃي قبر ۾ سٽا پر پوءِ به سمجھ سوائي ڪونه ٿي. چو ته جن به ارواحن تي اصل کان وٺي عيان ٿيل آهي. انهن تي ڪوبه وقت، مهل ۽ موقعو، سال ۽ ساعت جو بندش ۽ قيد مقرر ٿيل ڪونه آهي.

پاڻ مالڪ فرمائيندا هئا تہ اسان اجا ريڙهيون پٽي پاتيون، پاھر مگنهار واڄو وڄائي رهيا هئا. اسان مصريءَ جي گولا ۾ پينگهي تان هيٺ لهي ٻاھر واڄي ٻڌڻ جي خيال سان گهرجي. در جي چائٺ پٽي ٽپياسين تہ گهر وارن کي خبر پئجي وئي جن کڻي اچي وري پينگهي ۾ سمهاريو! اهڙي طرح سان فقير مرشد پاڪ جن جو ظاهري صغيري جو هيو قصو بہ آهي. جيڪو پڻ پاڻ فرمائي فقراء کي سڻايو هئن تہ پاڻ ننڍي هوندي ڏاڍا ڦڙ تيلا چالاڪ، حاضر جواب ۽ هوشيار هوندا هئا.

ڇهن ستن سالن جي عمر هئي تہ پاڻ داد واھ جي ڪپ تي جيڪو واھ اڄ بہ هڪ پڊي جي صورت ۾ موجود آهي ۽ ساداتن جي حاويلين ۽ درگاھ جهانيہ کي ڀن پاسن ۾ ورهائي ٿو. دادواھ جي اتر اوڀر طرف تي حسن جهانيہ ۽ ٻين بزرگن جا روضہ مبارڪ وغيره اچي وڃن ٿا تہ وري ڏکڻ اولهہ طرف تي ساداتن جون حاويليون موجود آهن. پاڻ سردار ايٿر گن هٿ ۾ کنيو پکين جو شڪار ڪري رهيا هئا. داد واھ جي ڪپ تي ڪبڙن جون ويڙهيون ۽ ليون وغيره جو جهنگ موجود هو. جنهن ۾ جهنگ جا ننڍا وڏا پکي رهندا هئا. داد واھ کو سرڪاري طرح سان يا عوامي طرح سان ڪنهن جي هٿ جو ٺاهيل واھ ڪونہ هو. ني جڏهن بہ درياھ جو پاڻي اٿل کائيندو هو تہ وهي وڃي توڙ ڪندو هو. ۽ هيٺ اونهائي ۾ تمام اونهو هوندو هو. مانهو سندس پر ۾ کهاڏا اڏي انهن تي نار چاڙهي پنهنجي پوکن ۽ فصلن کي پاڻي پياريندا هئا. وهڻ جي منڊ ۾ وهڪرو بہ ڏاڍو تيز هوندو هوس.

جيستائين سندس پيٽ ۾ پاڻي موجود هوندو هو. تيستائين اورين ۽ پرين پر جي ٽپڻ لاءِ هڪڙو ٻتيلو سدائين سندس ڪناري تي موجود رهندو هو. داد واھ ۾ درياھ جي پاڻي هجڻ ڪري سندس ڪپرن تي چڱو خاصو جهنگ هميشہ سائو سبز موجود رهندو هو. فقير سرڪار جن جيئن ئي ايٿر گن هٿ ۾ کنيو شڪار جي خيال سان جهنگ ۾ بيٺا هئا تہ اوچتو هڪڙو گهوڙي سوار سندن نظرن سان ٽڪرائجي ويو. جنهن کين سندن نالو وٺي پاڻ ڏانهن سڏ ڪيو.

پاڻ في الحال تہ سندن فرمان مطابق ويچار ۾ اچي ويا تہ هي ڇا ماجرا آهي؟ جو گهوڙي سوار اسان کي سڃاڻي بہ ٿو ۽ وري اسان کان نقاب ۾ بہ رهي ٿو. گهوڙي سوار نقاب پوش هو. گهوڙي سوار اسان جي ويجهو اچي اسان کي فرمايو تہ توهان اڄ کان پوءِ هي جانورن جو شڪار اصل نہ ڪندا ڪريو. اهو اسان سان اڄ واعدو

ڪيو ته توهان وري ڪڏهن به ڪنهن سواري جو شڪار نه ڪندؤ. ڇو ته توهان تي " امامت "جا بار اچڻا آهن. فقير پاڪ جن " امامت "لفظ جي جاءِ تي هيو لفظ استعمال ڪيو هو جنهن ڪي اسان امامت ۾ تبديل ڪري رهيا آهيون. ڇو جو امام پاڻ ڪي ته امام ڪونه ڪوٺائيندو نه ا اسان ٿي سندس کي امام چونداسين ۽ مڃينداسين جو هو واقعي اسان جو ته امام برحق ٿي آهي.

گهوڙي سوار جا اهي لفظ ٻڌي پاڻ اٿي اچي گهوڙي جي رين ۽ رڪاب جهليو ۽ گهوڙي سوار کي فرمايائون ته اسان ته توهان جي فرمان مطابق جيئن فرمايو ٿا ائين ڪنداسين ۽ اچ ڪان پوءِ شڪار ڪندي توهان اسان کي نه ڏسندؤ پر توهان به ته ٻڌايو ته توهان ڪير آهيو؟. ورنه گهوڙي جي رين اسان به ڪونه ڇڏينداسين. تنهن تي گهوڙي سوار پنهنجي منهن تان نقاب هٽائي فقير پاڪ جن ڏانهن نهاريو ۽ فرمايو ته حسين ابن علي امام حسين عليه السلام جن اسان آهيون. ائين چئي گهوڙي سوار غائب ٿي ويو.

فقير پاڪ مهدي مولا جا لقب

فقير پاڪ مهدي مولا جن جو اسم مبارڪ سيد غلام مهدي مخدوم جهانيہ هو. باقي تہ پاڻ پنهنجي اسم مبارڪ سان گڏ سندن طالب درويش پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف لقبن سان ياد فرمائيندا هئا. پر ڪين اڪثر ”فقير سائين“ جي نام سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

محمد فقير ڪٽياڻ نور علي فقير لاڪو يا طالب درويش ٻيا فقير مولا لاءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ مهدي مولا، مهدي مهندار، مهدي امام، آڏوتن جو امام ۽ آڏوت جي لقب سان پنهنجي شاعري ۾ ياد فرمائيندا هئا. سيد احمد شاهہ مخدوم جهانيہ اچ شريف وارو جيڪو فقير پاڪ مهدي جو طالب درويش هو. انهيءَ پنهنجي شاعري ۾ فقير پاڪ لاءِ آڏوت جو اسم مبارڪ استعمال ۾ آندو آهي. جڏهن تہ محمد فقير ڪٽياڻ وري آڏوتن جو امام فقير سرڪار جن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڄاڻايو آهي.

مسڪين ۽ لاوطن فقير مولا جن پنهنجي دستخط ۾ پنهنجي اسم مبارڪ سان گڏ لکڻ پسند فرمائيندا هئا. فقير پاڪ جن کي پيرن مبارڪ ۾ چيريون پاتل هونديون هيون. هيءَ هڪ واحد ڳهہ هو جيڪو فقير پاڪ جن پاڻ ڪان پوءِ ظاهري دنيا ۾ آخري دم تائين نہ لاٿو.

هي جيترا بہ لقب القاب هتي ڄاڻايا ويا آهن. اهي سڀ جو سڀ سواءِ هڪڙي اسم مبارڪ ” فقير سائين “ جي ڪڏهن ڪٿي ڪنهن اهڙي موقعي يا مهل جي نزاڪت سان ڪنهن طالب درويش مهدي مولا، مهدي امام يا چيرن وارو سائين چئي ڇڏيو. باقي تہ حقيقت اها آهي تہ اسان پنهنجي سمجهہ ۾ جڏهاڪون آيا آهيون تہ مرشد مولا پاڪ جن جو شريعت وارو نام اسان ٻڌو ئي ڪونہ هو. جتي ڪٿي ۽ هر هڪ جي واتان جيڪو سندن لاءِ اسم پاڪ ٻڌوسين اهو هو ” فقير سائين “ فقير سائين جن جي هيءَ ڳالهہ ، فقير سائين جن هيئن فرمايو. فقير سائين جن آيا آهن. فقير سائين جن فلاڻي وٽ ترسيل آهن. فقير سائين جن اڄي رهيا آهن وغيره وغيره. ننڍي وڏي وٽ ۽ عام ماڻهو وٽ فقير سائين وارو نام ئي اچاريو ويندو هو. شريعت وارو نام اهڙي ڪنهن ضرورت مهل ئي اچاريو ويندو هو.

فقير پاڪ مهدي مولا جي تعليم ۽ تربيت

فقير پاڪ مهدي مولا جن ظاهري علم ڳوٺ مدد علي وڳڻ جي هڪ مدرسي ۾ سنڌي، عربي ۽ فارسي تعليم طور حاصل ڪيو. ان وقت پاڻ فقير سرڪار جي عمر اٽڪل 12 سال هئي. مگر اهو چوندي فخر محسوس ڪجي ٿو ته فقير مولا جن کي ظاهري تعليم سان گڏوگڏ علم لدني عطا ٿيل هو. جاڪاڻ ته فرمان آهي ته " وعلمنا من الدنيٰ علما " يعني مون ڪان انهن کي علم لدني عطا ٿيل آهي. پاڻ فقير چمندي چام مادرزاد ولي ۽ قلب سليم جا مالڪ هئا. فقير پاڪ مهدي مولا جن کي ساري عالم جو علم، سندن دل جي تختيءَ تي لکيل هو مطلب ته علمي حوالي سان پاڻ فقير پاڪ جن شاهه لطيف جي هينين شعر جي جيئري جاڳندي تصوير هئا.

پڙهيو پڙهيجان، سبق انهيءَ سور جو،
مير رکجان، من ۾ الف تنهن اڳيان،
چتان چوريجان، اها لات لطيف چوي.

بهرحال فقير جي لاءِ اها هام هڻڻ ته فلاڻن فلاڻن علمن، زبانن، ڪشتن ڪانين، ڪرامتن، رازن ۽ رمزن ڪان واقف هو. اهو سڀ ڪجهه اجايو ٿيندو. ڇو ته فقير ڪل جو ڪل آهي ته پوءِ ان ڪان ڪهڙي علم جي پوشيدائي هوندي. جيڪو چمندي چام آهي. انهيءَ کي ظاهري علم جي ڪهڙي ضرورت! هو ته ظاهر باطن جو مالڪ آهي ۽ اتان ئي علم جنم وٺن ٿا. فقير جي ذات ڪان مٿي پيو ڪي ڪجهه آهي ئي ڪونه! انهيءَ جو اندازو فقير پاڪ مهدي مولا جي هنن الفاظن مان لڳائي سگهجي ٿو.

عشق الاهيءَ ڪيو احسان،
ڪونه پڙهيو سي ڪلمو قرآن.

هي اڳي پوءِ الفاظ جيڪي هت ڪتب آندا ويا آهن. اهي ته رڳو اکرن ۾ اڙڻ ڪري ورنه! حال مستقبل ۽ ماضيءَ جو محبوب جي ڪنهن به معنيٰ مقصد سان منسلڪ هجڻ سراسر غلط رهندو. مهل ۽ مڪان جو ڪهڙو واسطو فقير جي ذات سان!

ڪونهي سجڻ تنهنجي مٽ،
پيا هڻ ٿي تو ڪان گهٽ.

تربيت: پاڻ فقير فقير پاڪ مهدي مولا جن جي تربيت ننڍپڻ کان ئي پنهنجي والد سيد امام بخش مخدوم جهانيہ جن جي زير سايہ رهي.

سيد امام بخش مخدوم جهانيہ جن اگر ڪيڏانهن سفر لاءِ تيار ٿي نڪرندا هئا تہ هميشہ فقير پاڪ مهدي مولا جن ننڍپڻ کان ئي سندن سان گڏ هوندا هئا.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پاڻ ننڍپڻ ۾ پنهنجي والد حضرت امام بخش جهانيہ جن سان گڏجي حيدرآباد جي پرسان ٽنڊو جهانيہ پهتا. جتي سنڌ جو مشهور شاعر ۽ صوفي بزرگ فقير قطب علي جهانيہ موجود هو. فقير قطب علي جهانيہ جن جي جيئن ئي نظر معصوم ننڍڙي وقت جي امام مهدي مولا جن تي پئي تہ پاڻ ادب ۽ احترام خاطر هڪدم اٿي بيٺا. فقير قطب جهانيہ سان سائن مريدن جو ڪافي هجوم بہ هو. جنهن ۾ ڪيترائي هندو ۽ مسلمان مريد گڏ هئا. جن پنهنجي پيشوا قطب علي جهانيہ جن کي عرض رکيو تہ قبلا! اوهان هيڏي هستي، وارا بزرگ هن ٻار اڳيان اٿي بيهي استقبال ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.......؟! سيد قطب علي جهانيہ فرمايو تہ هن ننڍڙي سيد زادي ۾ وڏي مٿيا آهي. جنهن جي خبر هڪ حقيقي مالڪ ۽ پيو اسان کي آهي. هي هڪ اتر طرف کان انساني صورت ۾ بادل پيدا ٿيو آهي. هن جي جواني اچڻ تي جيئن بادل برسي بہ سات وسائيندو آهي اهڙي طرح سان هي، برهہ جو بادل ساري دنيا تي برسات وانگر روحاني فيض جي ٻوڙ ٻوڙ ڪري ڏيندو. اسان هن جي عمر کي در گذر ڪري روحانيت کي سلام ڪيو آهي.

پاڻ فقير مهدي مولا جن اڪثر هر سير سفر ۾ فقير سيد امام بخش مخدوم جهانيہ جن سان گڏ هوندا هئا. هڪ دفعي ننڍپڻ ۾ جڏهن پنهنجي والد صاحب سان گڏ شهر هنگورجہ رياست خيرپور ۾ پهتا تہ مير هزهائينس علي مراد خان سندن استقبال خاطر هنگورجہ ۾ اچي مليو ۽ عرض رکيو تہ سندن دعوت قبول ڪئي وڃي. پر امام بخش سائين جن فقير پاڪ جن جي ٻالڪپڻي، جو سبب ڏنو. جيڪو مير صاحب کي ڏکيو لڳو ۽ مير صاحب سائين امام بخش جهانيہ جن کي چيو تہ پوءِ ٻارن کي ساڻ کڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جنهن تي پاڻ فرمايائون تہ اسان تہ ڪيس ڇڏي سگهون ٿا پر پاڻ اسان کي نٿا ڇڏين. پوءِ مير صاحب پاڻ فقير پاڪ جن ڏانهن متوجہ ٿيو ۽ پڇڻ لڳو تہ ٻڪري، کي نقطا گهڻا ٿيندا آهن؟. پاڻ فقير پاڪ جن ٻن آڱرين جي اشاري سان کيس سمجهائي ڇڏيو تہ ٻ ٻڪري، کي نقطا ٻہ هوندا آهن ۽ اهي هيٺيان هن طرح ٿيندا آهن. مير صاحب تن ڇهن سالن جي ٻار جو اهڙو ذهن ڏسي خوشي، ۾ فقير پاڪ جن کي ڪلي پنهنجي ڪٽ جي سراندي، کان ويهاريو.

فقير پاڪ مهدي مولا جن جي ظاهري صورت ۽ حليه مبارڪ

فقير پاڪ مهدي مولا جو منهن مبارڪ نوراني، رنگ ڪڻڪائون، ڪشاده پيشاني ۽ گول چهرو هو. پاڻ پاڪ فقير جون پروڻ مبارڪ جاڙيون نه هيون بلڪ گهاٽيون ۽ سهڻيون هونديون هيون. فقير پاڪ مهدي مولا جن جون اکيون مبارڪ ڪاري رنگ جون هيون جيڪي نه ننڍيون نه وڏيون هيون بلڪ نهايت ئي سهڻيون هونديون هيون. فقير پاڪ جن جڏهن به ڪيڏانهن نظر ڦيرائيندا هئا ته اکيان ڪير به هجي پنهنجون نظرون هيٺ جهڪائي ڇڏيندو هو. فقير پاڪ مهدي مولا جن جا زلف مبارڪ سنهڙا سياهه ۽ تمام دراز هوندا هئا. زلف ڪڏهن ڪڏهن ڪلهن مبارڪن تي ڪولي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن وارن مبارڪن ۾ پٽ جو رومال مولهيو طور ڪتب آڻيندا هئا. وار مبارڪ آخر تائين اڏ تي ڪارا هئا يعني ڪارسرا هوندا هئا.

فقير پاڪ جن جو قد نه ڊگهو، نه ننڍو بلڪ درمياڻو هوندو هو. سندن قدم مبارڪ تمام سهڻا ۽ لڪدار هوندا هئا. مطلب ته صورت ۽ سيرت جو ڪريه مٽ ثاني نه هو.

ڪيا ڪرون تعريف تيري، بينظيري اي صنم.
لولاڪ لمان خلقت افلاڪ ، تيري اي صنم.

جن ڏٺي تنهنجي ديد ، سي ٿيا سيلاني.
وجهي مٿخانه مٽن ۾ مصري، ڪيائون ملڪ مريد.

۾ هتي ته ڪنهن به مٽ ۾ مصري، وجهڻ جي ڪاڳي ضرورت ڪونه هوندي هئي. سندس محبت ۾ ئي مٽن جو مناڻ موجود هو ته پوءِ ٻئي ڪنهن هٽراڊو شربت ناهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي!

حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪيو.
سو مون سڀ ڇمار، اورڻ اهوئي ٿيو.

رگو ڪنهن جو نالو وٺي پاڻ صرف ايترو پڇن ته فلاڻو ڪٿي آهي؟ يا هيڏانهن اچي ته بس اهو عمر ۾ لاءِ قرب ۾ قيد ٿي ويندو هو. ڇا گفتار ته ڇا تندءِ تار ڇا آواز ته ڇا آلاپ ۽ ورلاپ ٻڌو هجي يا جوان، مائي هجي يا مرد، باقي آهي هر هڪ

جي سمجهه ۽ ان جو ماپو پوءِ جيترو جنهن ۾ دم اوترو انجو قدم . بهرحال اسان ۾ سست ۽ وت ايترو ڪٿي آهي. جو ويهي مالڪن جي ڪا مثال ڪجي. لاحد شيءِ جي جذهن ڪا حد مقرر نٿي ڪري سگهجي ته پوءِ فقير جيڪو حد ۽ لاحد کان اڳتي اسهيل آهي ان جي لاءِ ڪجهه چوڻ ۽ رايو رکڻ ته ڪمال درجي جي بيوقوفي ليندي.

جيڪو سڀ سونهن جو سرچشمو هجي. دنيا جي هر زيبائي ۽ رعنائي سندس کان ڦٽي نڪرندڙ هجي ته پوءِ ان کي وري ڪنهن ٻئي سونهن سوپيا سان ڀيٽڻ يا ڪا سونهن سڏڻ ناداني آهي.

فقير پاڪ مهدي مولا جي پوشاڪ مبارڪ

فقير پاڪ مهدي مولا جن گلابي يا گيڙو رنگ کي پسند ڪرڻ فرمائيندا هئا. اهو ان مان به ظاهر هو ته پاڻ پنهنجن طالبن کي گيڙو رنگ جوئي دلق پهرائيندا هئا. سندن پوشاڪ مبارڪ سهڻي ۽ اوجي هوندي هئي. سندن پوشاڪ جي رنگ کي ڏسي وڏا وڏا امير، نواب، پير ۽ والي، ملڪ ريس تي وجي ڪپڙو وٺندا هئا. تاهم به اهڙو ڪپڙو يا رنگ ڪين هٿ ڪونه ايندو هو ۽ فقير پاڪ کي چوندا هئا ته اسان کي ته اهڙو ڪپڙو يا رنگ هٿ ئي نٿو اچي. پاڻ انهن کي فرمائيندا هئا ته ڪپڙو ته اهڙو ملي سگهندو پر رنگ نه ملندو جو رنگ ريس تي هٿ نه ايندو آهي. اسان ڪپڙو وٺي رنگ پاڻ رنگيندا آهيون. رنگڻ بعد ڪپڙو درزيءَ کي سبڻ لاءِ ڏيندا آهيون. اسان رنگ پنهنجي خيال تي جهڙو وڻندو آهي تهڙو ڏيندا آهيون. رنگ جي پسند جي باري ۾ سندن هڪ شعر به چيل آهي.

گهرو ويس گلابي غازن،
پرت منجهارون پهريو آ.

فقير پاڪ جن گيڙو الفي ۽ انهيءَ جي مٿان سائي يا ڪنهن ٻئي رنگ جي واسڪوٽي به پهريندا هئا. عام سلوار قميص به پهريندا هئا. پينٽ شرٽ به استعمال ۾ آندائون. هڪ پينٽ پاڪ فقير جن سمر علي سرڪار جهانيه جن کي به ڏني هئي. عورتون پنهنجا ڪپڙا ۽ گهه ڳنا آئيو فقير سرڪار جن کي پهرائينديون هيون. وارن مبارڪن ۾ سڳيون به اچي سينگارينديون هيون. پيرن مبارڪن ۾ سدائين چيريون پاتل هونديون هيون جنهن ڪري چيرين وارا سائين به سڏبا هئا. اهي چيريون تبرڪن اجا تائين موجود آهن. هٿڙن ۾ منديون مبارڪ پائيندا هئا. پانهن مبارڪن ۾ ڪرلابا، ڪنگڻ ۽ ڪنٺا به پاتائون. پاڻ فقير پاڪ جن عورتن جو هر گهه واليون، هس، ايرنگ ۽ پنڙا پڻ پاتا. پاڻ فرمائيندا هئا ته فقير کي هر شيءِ سونهين ٿي.

مطلب ته اهو چوڻ ته فقير پاڪ جن رڳو هي لباس پاتو ۽ هي نه پاتو يا هي رنگ پسند ڪيو ۽ هي نه ڪيو. فلاڻو جوتو پاتو ۽ فلاڻو ڪونه پاتو صحيح نه ٿيندو پاڻ مالڪن هر رنگ هر ڪپڙو، هر جوتو ۽ هر گهه ڳنو ۽ هر سينگار ڪيو آهي. سدائين جي لاءِ ڪنهن به هڪ رنگ ڍنگ ۾ ڪونه رهيا آهن. آخري سالن ۾ ته پاڻ

سلوار قميص پائيندا هئا. ان ڪان اڳ ۾ ڳوڏ ۽ ڳنجي ۾ هوندا هئا. ان ڪان اڳ ۾ پينٽ شرٽ سوٽ بوٽ ۽ ڪوٽ به پهريا اٿن. ڪپڙا ليڙون ليڙون. ڪٿو ڪٿل. پير اگهاڙا. مٿو اگهاڙو به ڪجهه وقت لاءِ سندن حال ۾ رهيو آهي. ڪنٺا ڪولابا. ڳانا ڳچين ۾ ۽ چڙا ڏنير به پاتائون جو ڪنهن جوڙ جي پوڪ جي پر ڏٺي فقراءُ لڳهندو هو ته ڪڙمي ۽ ڪـــــــي اهو گمان اچي ورائيندو هو ته اڄ الائي ڪنهن جو وڳ مال جو اچي سندس پوک ۾ پيو آهي. جو ڪاٺي پيلي وجي باقي بچائيندو. چڙن جي چونگار ۽ ٽلن جي ســـرن ڪـــي ڪن لائيندو ڪڙمي جڏهن وجي وڳ جي ويجهو ٿيندو هو ته مال بجاءِ ماڻهو ڏسي تسلا ٿيندي هئس ته سندس ڪيتيءَ کي ڪوبه نقصان ڪونه رسيو هوندو. بهرحال

" ناد نفيلا نوبت نعري نينهن واليان دي نزاڪت هئي"

فقير کي سڀ ڪجهه پيو ٺهي ۽ سونهين هرڪو ماڻهو پنهنجي مراد مطابق ۽ محبت ۽ سڪ وچان جيڪا به شيءِ پوءِ اهي ڪپڙا هجن. جوتا هجن يا ڪاپائڻ چوڙڻ جي ڀي ڪا چيز ته پاڻ مولا جن هڪ دفعو اها شيءِ گهٽو ڪري ته ان ماڻهو جي منهن تي ڀهري ڏيکارينيدا هئا ۽ سندن ان قرب جي قدم تي ان ماڻهوءَ جي خوشي جي ڪا حد ئي نه رهندي هئي. پوءِ گهڙي سوا پهري پاڻ وري اها شيءِ ڪنهن نه ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا يا وري ڪجهه وقت لاءِ رکيل رهندي هئي. اهڙي طرح سان روزانو سمنڊ ۽ درياءَ جي ويرن وانگر الائي ڇا؟ ڇا؟ اچي نڪرندو هو. جيڪي پهر جي به ويندو هو ۽ وري لهي به ويندو هو ۽ ونڊ جي به ويندو هو.

بس فقير وٽ اٿين ٿي هر شيءِ جي آنا جانا جاري وساري رهندي هئي. هڪ ٿي شيءِ جيڪا پاڻ مالڪن هڪ دفعو پاتي ته وري ڪانه لاٿي اها هئي. سورن جي چير جيڪا فقير کي عشق آئي پارائي هئي. ان ڪري اها هميشه سدائين لاءِ پيرن مبارڪن ۾ سجائي رهندي هئي.

" هٿن ۾ هزارين . ڳچيءَ ڳل سون ڳانا .
اها چير سورن جي . پيرن مان نه لاهيان "

فقير پاڪ مهدي مولا جن جون شاديون مبارڪ

پاڻ ٻچپن کان وٺي تارڪ هوندا هئا. گهڻو ڪري پنهنجي حويليءَ ۾ گهٽ ايندا ويندا هئا. پاڻ جڏهن عين جواني کي پهتا ته ڪين والد بزرگوار مخدوم سيد امام بخش جهانيه چيو ته بابا! هاڻي اوهان جي عمر شادي جي لائق ٿي آهي. توهان شادي ڪيو. پاڻ پنهنجي والد صاحب کي فرمايائون ته قبلا اسان کي شادي ڪونه ڪرڻي آهي ۽ نه ئي توهان تي اسان جي ڪا ميار آهي. توهان اسان کي وري شاديءَ جي باري ۾ نه چئجو. سندن والد صاحب جن اها ڳالهه پنهنجي گهر محترم زوجه سيده کي ٻڌائي ته اسان پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي ۽ صاحبزادي سيد مهديءَ کي شاديءَ لاءِ چيو هو. پر پاڻ شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو اٿن. سندن والده شريف هن ڳالهه ٻڌڻ بعد تمام فڪر مند ٿي ويا جو سندن شاديءَ جي باري ۾ تنبيهه ۾ ٿي ناناڻن مان سندن مامي جي گهر مان سندن مامي جي دختر نيڪ اختر گهر ڪيل هئي ۽ سندن مامي پير علي شاهه زباني طور پنهنجي همشيره جي چوڻ مطابق پنهنجي نياڻي نالي ڪري ڇڏي هئي. جڏهن حضرت فقير مولا جن جوانيءَ کي رسيا ته پاڻ پنهنجي والد صاحب جن کي شادي کان جواب ڏئي سفر ۾ اسهيا. سال ٻن کان پوءِ واپس پنهنجي وطن پهتا ۽ اچي پنهنجي والد ماجد جي قدم بوسي ڪيائون. اها خبر سندن والده سيده بيبي صاحبه جي وٽ ڪن پئي ته مخدوم زادو سيد مهدي آيا آهن ۽ پنهنجي والد صاحب جن وٽ اوطاق ۾ ويٺا آهن. سندن والده شريف پنهنجي ٻانهيءَ هٿ چوائي موڪليو ته صاحبزادي سيد مهدي کي وٺي چئو ته توهان کي توهان جي والده صاحبه چيو آهي ته يڪدم اسان کي منهن ڏيکاري وڃن. پوءِ ٻانهي اچي حضرت مخدوم سيد مهدي فقير مولا محبوب عالم جن کي با ادب هٿ ٻڌي عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون ته وڃي چئو ته اسان قدم بوسي ڪرڻ ضرور اچون ٿا. پوءِ پنهنجي والد ماجد کان اجازت وٺي پنهنجي گهر حويليءَ ۾ آيا ۽ پنهنجي والده شريف جن جي قدم بوسي ڪئي. سندن والده صاحبه وڏي پيار ۽ محبت سان پنهنجي فرزند سيد مهدي پاڪ جن کي ڳل ڳراٽڙي پائي زار زار روئڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته ابا! اسان جو هي چوڻ ضرور مڃيو جو اسان پنهنجي ڀاءُ سيد پير علي شاهه کي توهان جي نالي سان سندس دختر نيڪ اختر جي گهر ڪئي هئي. هاڻي توهان شادي نه ڪندؤ ته ساري عمر اسان ڀائن کان وڃڙي

ويندا سين توهان جي نالي صاحبزادي جيڪا منهنجي پاڻ ڪٺي آهي، تنهنجي زندگي بہ جيئري درگور زمين تي ويندي، جي شادي نہ ڪندؤ تہ اسان توهان کي روز قيامت تائين تيغ نہ بخشيندا سين. پيا جيڪي بہ توهان تي اسان جا حق آهن اهي توهان کي بخش آهن. اسان راضي آهيون اوهان پلي فقيري حاصل ڪيو ۽ الله جي ياد ۾ زندگي بسر ڪيو. توهان کي اسان جي دعا آهي پاڻ مالڪن روحاني باطني فيض حضرت امام حسين عليہ السلام جي محبت مان حاصل ڪيو ۽ ظاهري فيض پنهنجي والد بزرگوار ۽ پنهنجي والده ماجده مان حاصل ڪري فيض پرايو. پوءِ پاڻ پنهنجي والده جو چوڻ مڃي سندن دل راضي ڪري شادي خانہ آبادي ڪيائون ۽ پنهنجي والده صاحبہ جن سان شرط وڌو هئائون تہ اسان توهان جو چوڻ پورو ڪيون ٿا. هڪ رات شادي ڪري گهر واري صاحبہ توهان کي گهر ۾ پهچائي ٻي رات اسان هليا ويندا سون. يڪو ويهي نہ رهنداسون پوءِ پاڻ شادي ڪري پهرين رات پنهنجي گهر رهيا صبح جو جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ. پاڻ جيڏانهن آيا هئا. اوڏانهن روانا ٿي ويا. اهو وقت فقير سرڪار جن جي زندگي جو اهڙو وقت هو جو اها خبر ڪنهن کي بہ ڪانہ رهندي هئي تہ پاڻ ڪٿي ٿا رهن؟ ۽ ڪٿان ٿا اچن؟ ۽ ڪيڏانهن ٿا وڃن. ائين اوچتو اچي ظاهر ٿيندا هئا ۽ وري ڏسندي ئي ڏسندي غائب ٿي ويندا هئا. ڪيترائي ماڻهو، درويش طالب سندن پيڇو بہ ڪندا هئا پر ڪٿي عشق جو اولپ ۽ ڪٿي عقل جي قوت! اهي ماڻهو سندن پنيان هلندي هلندي ڊڪندي ڊڪندي نيٺ ٿڪجي ساٿا ٿي ڪواح جي وگهي تہ ڪو وري بک کان بيحال ٿي ڪري. ڪري پوندا هئا ۽ فقير پاڪ جن پنهنجي موج ۽ ساڳي رفتار ۽ رمز ۾ سيني جي اڪين کان اوجهل ٿي ويندا هئا ۽ اهي درويش جيڪي سندن تعاقب ۾ ويل هوندا هئا واپس وريو وڃي پنهنجي گهر پيڙي ٿيندا هئا.

فقير سرڪار جن پنهنجي والده سان ملڻ لاءِ سال ڇهين مهيني يا سال ٻئي سال واپس وطن تي وراڻ ضرور ڪندا هئا ۽ والده صاحبہ جن جي قدمين لڳي ڪجهہ وقت لاءِ پاڻ کي سندن حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. والده صاحبہ کين چنڊي ڦوڪي اجرو ٻڌائي دعا ڏئي اجازت ڏيندا هئا. تاڪيدن فرمائيندا هئا تہ منهن پيا ڏيکاريو.

شادي ڪري پهرين رات پنهنجي ڪنوار وٽ گذاري جو سفر سڌاريون، رياست يعني مير جي ملڪ ۾ پاڻ فقير پاڪ جن سفر ۾ هئا. جو ڪنهن اچي کين مبارڪ باد ڏني. پاڻ دريافت ڪري فرمايائون تہ ڇاجي مبارڪ ملي آهي؟ جنهن تي

پاڻ کي ٻڌايو وين ته ڪين پٽ تولد ٿيو آهي. چونڊا آهن ته فقير سرڪار جن اهو ٻڌي ڪري مٺان اهو جواب ڏنو ته اها چوري به ظاهر ڪئي وئي! يا وري ائين فرمايئن ته اها هڪ چوري به نه ڦبي وغيره. فقير پاڪ جن ته پٽ جي جمڻ جو ٻڌي ڪري ڪو خوشي جو اظهار ڪونه ڪيو هو. باقي هادي سائين عرف بادشاه سائين جن کي تمام گهڻي خوشي ميسر ٿي. پاڻ پنهنجي اولاد ڪان به وڌيڪ نو مولود ٻالڪ جو خيال ڪرڻ لڳا. ڪن ۾ ٻانگ به پاڻ ڏيڻ فرمايئن ۽ نينگر جو نالو به پاڻ رکڻ فرمايئن جيڪو هو سيد موج درياه مخدوم جهانيه. بادشاه سائين جن پيار وچان موج درياه سائين کي موزڻ يا موجن به ڪري سڏيندا هئا.

فقير شهنشاهه مهدي امام جن جي ٻي شادي جي باري ۾

هيءَ ٻي شادي فقير سرڪار جن جي نالي ٿيل هڪ نينگر هئي. جيڪا وڳڻ قوم جي محمد جمن نالي جيڪو جهانيه سائين جن جو مريد هو. ان جي نياڻي هئي. نينگر ننڍڙي ٿي هئي جو اندر حاويليءَ ۾ موڪلي وئي. ڪجهه سالن گذرڻ کان پوءِ جڏهن هادي پاڪ جن طالب درويشن جي سنگ سان رهندا هئا ته پاڻ هڪ لڳا انهيءَ نينگر کي پنهنجي والدين ڏانهن سندس گهر ڳوٺ ڏانهن ڏياري موڪليو. هي دور هادي سائين عرف بادشاهه سائين جن جي سجاده نشينيءَ جو دؤر هو. جڏهن بادشاهه سائين جن کي اها خبر پئي ته پاڻ فقير پاڪ جن کي مخاطب ٿي فرمايو ته فقير صاحب هيءَ شيءِ يعني نينگر اوهان جي امانت آهي. ان ڪري اها هاڻي اوهان کي سنڀالڻي آهي. پيءُ ماءُ جو هن شيءِ سان ڪو به واسطو نه آهي جو توهان هي شيءِ واپس ماڻٽن ڏانهن ڪئي آهي. اها نينگر توهان پنهنجي نڪاح ۾ آڻي ڇڏيو. نينگر ٻالڪپڻيءَ کان وٺي اندر حاويليءَ ۾ رهي آهي ۽ سڀني کي اها خبر آهي ته هيءَ توهان جي نالي سان منسوب ٿي چڪي آهي ۽ توهان جي نالي سان ياد ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ هاڻي توهان کي سنڀالڻي ۽ هلائڻي آهي. هادي سائين جن جي هيتري چوڻ کان پوءِ فقير سرڪار جن زوار سائين کي گهرائي انهن سان پنهنجو نڪاح ڪيو.

نڪاح پڙهڻ وارو ملا فقير نور علي عرف مظهر لاڪو هو. جو ته نور علي فقير جي پرچوندڙيءَ وارن وٽان تحصيل يافته سند ورتل هئي ۽ هو انهن مذهبي ڳالهين مان چڱي طرح واقف هو. نڪاح ٿيڻ کان پوءِ فقير سرڪار جن ڪجهه وقت لاءِ جيستائين هادي سائين جن حال حيات هئا ته زوار سائين جن به اتي شاهه پور هادي سائين جن جي سنڀالي ۾ هئا ۽ هڪ ٿي حاويليءَ ۾ ڪوٽ اندر سڀئي سادات گڏ رهندا هئا. هادي سائين جن جي وصال کان پوءِ فقير سائين جن زوار سائين جن کي پاڻ سان گڏ وٺيو سڏا مير جي ملڪ خيرپور رياست ۾ آيا ۽ اتي ڳوٺ قيصر خان شاهاڻيءَ ۾ بهادر علي شاهاڻيءَ جي اصرار تي ۽ ٻين ڳوٺ جي چڱن مڙسن ۽ عوام جي راءِ ۽ محبت سانگي اتي ڪوٽ ڪيرائي حاويلي جوڙائي ڏني. جيڪا اڄ ڏينهن تائين مختلف صورتن ۽ شڪلين مان گذرندي آئي آهي ۽ اڃا تائين دائم قائم آهي.



فقير سرڪار مهدي امام آخري زمان مخدوم جهانيه

فقير شهنشاهه مهدي امام آخري زمان مخدوم جهانيه

فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان مخدوم جهانيہ جهان گشت

هادي پاڪ فقير سرڪار مهدي امام آخري زمان ۽ سندن ٻالڪيون حاضريءَ
۾ ويٺل آهن.



هادي پاڪ فقير سرڪار مهدي مولي امام آخري زمان

فقير پاڪ مهدي امامر ۾ سنڌن طالب درويش سڄي پاسي هٿ جي چانو هيٺ
نور علي فقير "مظهر" لاڪو کبي پاسي ڪڇ ۾ امام علي فقير واڍو طالب محمد
فقير باقي تيون درويش نياز علي سامتيو

فقير سرڪار جن جي وصال کان پوءِ 36 سال ڪن زوار سائين هن دنيا ۾ حال حيات رهيا. ان حساب سان 1426-08-24 ھ بمطابق 2005-09-29 ع ڏينهن خميس وقت 6 بجه شام جو پنهنجي رهائش گاھ تي هن فاني جهان کي الدواع چئي وڃي اصل واري آشيان ۾ پنهنجي آمد ڏيکاري.

زوار سائين بهادر، پنهنجي فعل ۽ قول ۾ پختا، اٽل ارادي رکڻ وارا نه ڊڄڻ، بي پرواھ هر هڪ کي منهن تي چوڻ وارا ۽ قرب ڏيڻ وارا ڪردار هئا. فقير سدائين کين پنهجي قرب ۾ قريب رکيو.

فقير پاڪ مهدي مولئ جو اولاد مبارڪ

موج درياھ مخدوم جهانيه جن شاهپور جهانيه ۾ سن 1916ع ۾ پيدا ٿيا. موج درياھ سائين جن فقير سرڪار مهدي مولا جن جا اڪيلا فرزند هئا. پاڻ مولا جن کڏهن به کين پدري پيار يا هجت ڪرڻ ڪانه ڏني. سيد موج دريا جهانيه جن تولد ٿيڻ سان ئي کين پنهنجي چاچي ۽ سجاده درگاھ شاهپور جهانيه سيد هادي بخش جهانيه جن پاليو پوسيو ۽ جوان ڪيو، جوان ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي دختر نيڪ اختر صاحبه سان نڪاح ڪرايو. سائين موج درياھ جن به جيڪا به ڳالهه ڪندا هئا ته اها هادي سائين جن جي ئي ڳالهه ڪندا هئا. ڇو ته کين پدري پيار ۽ هر طرح جو لاڏ ڪوڏ سرڪار هادي بخش جهانيه جن ئي ڏنو هو.

هادي سائين عرف بادشاھ سائين جن جي وصال کانپوءِ موج درياھ سائين جن جي ذهني ڪيفيت متجي وئي، وري جو مٿان حادثاتن سندن زوجه محترمه جي انتقال پر ملال به وجود ورتو ته ويتر سندن ذهن تي ڌڪ ۽ غمن جو پهاڙ اچي پيو ۽ کين ڪي سندن حواس قابوءِ کان ٻاهر نڪرندي محسوس ٿيا. پنهنجا هرش حواس قابو ۾ رکڻ ۽ هڪ هنڌ سميٽڻ لاءِ موج درياھ سائين جن ڪي اڪيلائي ۽ گوشي نشيءِ ۾ رهڻ جي ضرورت محسوس ٿي. جنهن ڪري پاڻ جهنگ واسي ٿي وڃي جهر جهنگ وسايو ۽ ائين زندگي جا اٽڪل ڏهه ٻارهن سال درگاھ شاھ پور جهانيه جي آس پاس ڪٻڙن جي وڙهين ۾ بسر ڪيائون جڏهن پوءِ آهسته آهسته خيال تان اوٽار لهڻ لڳو ته ماڻهن جي به ويجهو ٿيڻ لڳا. ائين ويجهو ليندي ٿيندي درگاھ جي روضي جي پٽ ۾ اچي

رهائش اختيار ڪيائون. جتي هاڻي سنندن حويلي مبارڪ آهي. زماني جي هوا لڳڻ شرط پاڻ شادي ءِ جي شوق جو اظهار ڪيائون ۽ ان مقصد سان فقيرپاڪ مهدي مولا جن کي عرض گذارش ڪرايائون تہ کين شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.

هادي پاڪ مهدي مولا جن پاڻ سائين موج درياهہ جن کي شادي ڪرڻ کان منع فرمائي ۽ فرمايو تہ " ڪٽ چڙهي لو پٽ پئين " سائين موج درياهہ جن فقير مولا جن سان سامهون اچي عرض ڪونہ ڪندا هئا. بلڪ هين حاضري ءِ جي ماڻهن کان يا وڏن سائين شير علي سائين کان ۽ منور سائين جن کان فقير مولا جن کي جيڪو ڪجهہ بہ عرض ڪرڻو هوندو هئن تہ ڪرائيندا هئا. پر پاڻ مولا جن سڀني کي ۽ وڏن سائين کي سائين موج درياهہ مخدوم جهانيہ جي شادي ءِ جو جواب ڏنو.

منور سائين جن کي بہ پاڻ مولا جن هاڻو ڪا نہ ڪئي. آخر ۾ پاڻ ايترو فرمائين تہ اسان کان نہ پڇو. وڃي پاڻ چاڻوا پاڻ چاڻوا تہ پوءِ موج درياهہ سائين جن وڃي پنهنجي مرضي ڪئي ۽ شادي خانہ آبادي ڪئي. هي موج درياهہ سائين جن جي پيهر شادي هئي جيڪا جهنگ جهورڻ کان بعد ۾ ڪئي وئي هئي. شروع شروع ۾ جيئن ئي خاندان جي فردن فقير مولا جن جي طالب ٿيڻ جي شروعات ڪئي تہ موج درياهہ سائين جن بہ خيال ڏيکاريو ۽ مالڪن کي چورايو تہ کين بہ پاڻ مالڪ طالب ڪن پر پاڻ مالڪن فرمايو تہ هي پٽ واري حجت ڪونہ ڇڏيندو سو ان ڪري وڃي مخدوم غلام محمد هالن واري جو طالب ٿئي پر نيٺ گهڻي عرض ڪرڻ کان پوءِ فقير سرڪار جن موج درياهہ سائين جن کي پنهنجو طالب بڻايو.

پاڻ مالڪ سائين جن موج درياهہ سائين جن کي نينگرو ڪري ياد فرمائيندا هئا. جڏهن موج درياهہ سائين جن شادي ڪئي تہ پاڻ مالڪ ڏاڍو ناراض ٿيا ۽ موج درياهہ سائين جن جو سهرو شير پنجابي جيڪو پڻ فقير مولا جن جو طالب هو ان تي ڏاڍو رنج ٿيا تہ اهو ڪم هن اسان کان بنا پڇڻ جي چو ڪيو؟ ۽ اهو سائين موج درياهہ سائين جو سهرو ان کان پوءِ ڪڏهن بہ ڍنگ طرح سان سالم نہ رهيو. موج درياهہ سائين جن جي شادي مان خاندان جا سمورا فرد يعني سمورو خاندان ڏاڍو خوش هو ۽ سموري خاندان جي اها ئي خواهش هئي تہ موج درياهہ سائين جن شادي ڪن تہ جيئن پوٽئير پيدا ٿئي.

هن وقت سندس ٽي فرزند حال حيات آهن. جن ۾ ا سيد حسن مخدوم جهانيه. سيد اسد الله مخدوم جهانيه. سيد قطب علي مخدوم جهانيه جن آهن. سندن وڏو پاءِ موج درياهه سائين مخدوم جهانيه جن جو وڏو فرزند ارجمند جنهن تي موج درياهه سائين جن فقير پاڪ مهدي مولا جن جو اسم مبارڪ رکيو هو. اهي برقعو مٿائي چڪا آهن. ڪين هڪ ٽي فرزند ارجمند آهي. جنهن جو اسم مبارڪ موج درياهه مخدوم جهانيه پيو " آهي.

ان وقت به ته هن وقت به جيڪي حق جا طالب آهن اهي ڄاڻن ٿا ته هادي ءَ جي اجازت کان سواءِ طالب ڪي ته ڪجهه به ناهي ڪرڻو. پر جي ڪجهه ڪندو ته ان جو نتيجو ضرور پسندو. موج درياهه سائين جن فقير پاڪ جي اجازت کان سواءِ ممڪن هو ته ڪجهه به ڪرڻ ڪن ها. پر پوءِ سموري خاندان جي مرضي اها هئي ته سائين موج درياهه جن شادي ڪن ۽ پوءِ اها نيٺ توڙ پهتي ۽ ٿي گذري.

موج درياهه سائين جن تمام قربدار ۽ هر هڪ کي مان ڏيڻ وارا. ننڍي کي عزت ڏيڻ. وڏي جي عزت ڪرڻ وارا مرد مجاهد هئا. وڏي کي وڏو ڪري ڏسڻ ۽ ننڍن کي عزت ڏيڻ سندن شيوو هو. سڄي خاندان کي هڪ ڪري هلائڻ وارا هئا. پاڻ ڪس ڪسر کي ڏسڻ وارا ڪونه هئا. ڊگهي نظر رکڻ وارا هئا. سائين موج درياهه جن جي دور انديشي جي اها حد هئي جو پنهجن ٻن وڏن صاحبزادن سائين ٽالي مٺو ۽ سائين حسن جهانيه جن کي پاڻ سان گڏ وٺيو اچي وڏن سائين " شير علي سائين " جي حضور ۾ وينا ۽ اٿين ويٺي ويٺي هڪ ننڍڙي ڪٽنچي ڪيسي مان ڪڍي وڏن سائين کي هٿ ۾ ڏني ۽ فرمايو ته هنن ٻالڪن جي ڇڳ وڍي ڇڏيو! شير علي سائين جن فرمايو ته ڀلا؟ ڇو ايتري جلدي ڇو؟ ايتري تڪڙ آهي ڇا؟ ڀلي صاحبزادا ڪجهه وڏا ٿين ته پوءِ ڇڳ وڍنداسين. موج درياهه سائين جن فرمايو ته وڏا سائين دم تي ڪهڙو ڀروسو؟ سو انهيءَ ڪري هي حاجت پوري ٿيڻ گهرجي. ڇو جو متان اسان کان پوءِ اڳتي هلي! اسان جو اولاد ڪعبه سامهون پير ڪري! وڏا سائين اهو جواب ٻڌي چپ ٿي ويا ۽ پنهين ٻالڪن جي ڇڳ وڍي ڇڏيائون.

هي هيو هڪ ٻئي سان محبت جو پيمانو ۽ وڏ ننڍائي جو حساب ڪتاب فقير پاڪ مهدي مولا شل هميشه جي لاءِ سموري خاندان کي مٿئين محبت جي مثال سان هلائيندو رهي.

موج درياهه مخدوم جهانيه جن تقريبن 68 سالن جي عمر ۾ هن فاني جهان کان ظاهري پرده پوشي ڪيائون. سندن عرس مبارڪ 22 رجب تي هر سال شاهپور جهانيه ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي.

فقير پاڪ مهدي مولا ۽ منور من

پاڻ ننڍپڻ کان وٺي وڏي ٿيندي جوانيءَ تائين تمام اوشاڪي پوشاڪي رهيا پر آءٌ تہ ائين ٿي چوندس تہ ظاهر جي آخري دمن تائين پاڻ ائين ٿي رهيا جيئن شروع شروع ۾ فرق صرف اهو هو تہ پهريان پنهنجي چاهت هوندي هئي ۽ پوءِ هن جي منشـــا مطابق هلڻو پيو. هاڻي هن جي منشـــا ٿي ســـندن چاهت هئي. " الاهي انت مقصودي ورزاق مطلوبي " پيو تہ ٿيو پر گهوڙي جي سنجن ڪان وٺي گهوڙي جي بشڪن ۽ پڇ ڪي بہ عطر عنبير سان واسيو ويندو هو ۽ ائين جڏهن سندن سواري ڪنهن گهٽي گليءَ مان لانگهائون ٿيندي هئي تہ سڄو رستو ان خوشبوءِ سان واسجي ويندو هو ۽ سڄاڻ ماڻهو اهو سمجهي ويندا هئا تہ هن گليءَ مان ضرور فقير مالڪن جو گذر ٿيو آهي جو سڄو رستو هڳاءُ لڳو پيو آهي.

جنهن گلي وچ پير پايا،
سا گلي هبڪار پي.

گهوڙي سواري سان سندن تمام گهڻو لڳاءُ رهيو آهي. ۽ پاڻ ســوار بہ شهســوار هئا. اڄڪلهہ يا ان وقت ۾ پيو ڪو بہ اهڙو ســڃاڻ ڪونہ هو. جيڪو فقير مالڪن سان گهوڙي سواريءَ جي باري ۾ ڪو بہ سوال جواب ڪري سگهي. فقير تہ هوندئي بہ ڪل آهي. هن سان ڪير بہ ڪنهن بہ موضوع تہ ڪا بہ گفتگو يا ڪو بہ سوال جواب ڪرڻ اجايو آهي. ها باقي پرائڻ جي حد تائين پڇڻ ڳڇڻ ڪري سگهجي ٿو. گهوڙي ڪي هلڻ سيکارڻ وک ڪان وٺي ويندي مٿي چوٽ منن تائين پاڻ سـب پنڌ گهوڙي کي هڪلي ڏسندا هئا.

تمام پلا پلا گهوڙا سندن سواريءَ هيٺ رهيا. پوئين دور ۾ جڏهن موٽرن، ڪارن ۽ جيپن جو زمانو شروع ٿيو تہ پوءِ پاڻ انجڻ جي سـواري ڪرڻ لڳا پر پوءِ بہ گهوڙا درتي ۽ ساڻ هوندا هئا. جن تي پيو فقراءُ سواري بہ ڪندو هو تہ سنڀاليو بہ ايندو هو. عجيب علي فقير جتوئي ســرده وارو، دلاور علي ملاح، ڪوريجو آزاد علي فقير محمد مشائخ جو متولي ۽ پيا جن کي پاڻ وهٽ ڏيندا هئا تہ جيئن انهن تي اهي درويش سواري بہ ڪن ۽ انهن وهٽن کي سنڀاليو بہ اچن. ڪڏهن ڪڏهن شرق جي پورائي خاطر پاڻ اهي گهوڙا پوءِ هڪلائي بہ ڏسندا هئا. سائين فقير معراج علي جهانيہ جن کي فقير مرشد پاڪ هميشہ سدائين لاءِ جيڪو بہ ڪو سٺو وهٽ مالڪن وٽ ايندو هو تہ

اهو کين عطا ڪرڻ فرمائيندا هئا. انب لڪ، ڪميت، بور گهوڙي ۽ آخر ۾ مڪڙو گهوڙو فقير معراج علي سائين جهانيہ جن کي عنايت فرمايو هئائون. فقير پاڪ جن فرمائيندا هئا تہ معراج علي جن کي واڳ جي ڄاڻ آهي. پيو تہ فقير معراج علي جن کي گهوڙي سواري جو شوق بہ تمام گهڻو هوندو هو. جنهن ڪري فقير پاڪ جن کين پلو گهوڙو ڏيڻ فرمائيندا هئا.

فقير معراج علي جهانيہ جن وٽ سندن جوانيءَ جي شروعات جي زماني ۾ جڏهن "اجا بادشاهہ سائين" هادي سائين جن بہ حال حيات هئا جو هڪڙو سرخو گهوڙو معراج علي سائين ڏاريو هو. اجا وڇيرو هو جو سائين وٽ آيو هو. فقير معراج علي جن گهوڙي کي وک قدم کان وٺي چوٽ. منن. رلي تائين هلڻ جي تعليم ڏني ۽ گهوڙي بہ خوب سبق ياد ڪري مالڪ کي ان محنت جي موٽ ڏني. آخر ۾ گهوڙو رلي ڪان مٿي نڪري هڪ اهڙي وک ڪڍڻ لڳو جو ان پنڌ پيچري جي وڏن وڏن خفتن گهوڙي سوارن کي بہ خبر ڪانہ ٿي پئي تہ نيٺ هي گهوڙو ايڏو تکو ڪيئن ٿو هلي ۽ هو جيڪو پنڌ هلي ٿو. ان جو نالو ڇا ٿو ٿي سگهي؟ جو تہ سوارن وٽ چوٽ من رلي ڪان مٿي پيو ڪو اهڙو پنڌ يعني هلڻ جو ڏانءُ ٿي ڪونہ آهي. جيڪو ڪو گهوڙو هلندو هجي. اهو رلو پند گهوڙي جو وڏ ۾ وڏ تکو ۽ ايڏو تہ سنهنجو لينڊو آهي جو پلي کير جو وٽو ترڙيءَ تي پريل رکجي ۽ ماٿهو گهوڙي تي سوار ٿيل هجي پر ان کير مان هڪ ڇڪو بہ هيٺ نہ هاريو يعني جسم کي لوڏ وٺي ڪونہ ايندو تہ پوءِ کير ڪٿان هاريو؟ پوءِ ان پنڌ ڪان بہ تکو ۽ سنهنجو اهو سرخو گهوڙو سائين فقير معراج جن جو هو. جنهن جي پنڌ تي ڪير بہ سوار نالو رکي نٿي سگهيو. فقير پاڪ جن معراج علي سائين ڪان پڇيو تہ اهو پنڌ جيڪو توهان جو گهوڙو رلي ڪان مٿي هلي رهيو آهي. خبر اٿو تہ اهو ڪهڙو پنڌ پيو گهوڙو هلي؟ معراج علي سائين وراڻيو تہ ڏٿي مولا!! اسان بہ اٿين گهوڙي کي تربيت ڏيندي رلي منن تائين سکيا ڏئي تيار ڪيو هو. جڏهن گهوڙو رلي من تائين بلڪل پڪو ٿي هلڻ لڳو ۽ ڏاڍو تکو ڊڪڻ لڳو تہ اٿين ڊرڪندي ڊرڪندي پنهنجو پاڻ ئي اهو پنڌ هلڻ لڳو آهي. جيڪو رلي ڪان بہ تکو ۽ سنهنجو آهي. اهو پنڌ گهوڙي پنهنجو پاڻ پيدا ڪيو آهي ۽ هلڻ لڳو آهي. اسان جي سکيا گهوڙي کي ملپل ڪونہ آهي. ان ڪري نالي جي خبر بہ اسان کي ڪونہ آهي. فقير پاڪ جن معراج علي رضا جن کي فرمايو تہ اها توهان جي ئي سکيا آهي. جنهن گهوڙي کي ايترو تيز تکو ۽ سنهنجو

بڻايو آهي. ۽ اهو پنڌ جيڪو توهان جو گهوڙو رلي مـن ڪـان مٿـي هلي رهيو آهي. ان ڪـي "لس "چٿبو آهي ۽ لس هلندو آهي اٿ. سـب ڪنهن اٺ جي وس جي ڳالهه ڪونہ آهي. هي مهري اٺن ۾ ڪا هڪڙي ذات آهي. جيڪا اهو پنڌ هلندي آهي ۽ سـوَ ڪوهہ پنڌ جو هڪ رات ۾ ايندو ويندو آهي.

هادي سرڪار "سيد هادي بخش جهانيہ "بادشاهہ سائين جن جي جبل ڪان واپس اچڻ تي سيد امام بخش جهانيہ جن يعني سندن والد بزرگوار جن هادي سائين جن کـي هاڻي هيڏي هوڏي وڃڻ کـان منع فرمائي. کـين تاڪيد ڪيو تہ درگـاهہ ۽ حاويلي ڪان پري نہ وڃن. جو تہ اڳ ۾ هادي سرڪار جن ائين ڪيترائي سال سيلاني ٿي ويا هئا ۽ پويان سڀني آسرو لاهي ڇڏيو هو تہ ڪو هادي سـائين جن واپس بہ ٿيندا. ان جبل جي سـير ۾ لاهوت لامڪان اندر جڏهن پهتا تہ کـين اندر لاهوت ۾ جيڪي بہ غار آهن ۽ درين نما هڪيڻي جي پرسـان آهن انهن جي مٿان اهو لکيل نظر آين تہ " همت بندا مدد خدا " جڏهن تہ انهن غارن جي درن تي ڪي بہ لکيل ڪونهي پر سـندن خيال جيڪو خاريل هو ان ڪي اهو ڪجهہ لکيل نظر ۾ آيو. پاڻ يڪدم ٽپ ڏئي انهن مان هڪ غار ۾ لهي پيا. پاڻ سـان هڪڙو ڪـڙيو هين. جنهن ۾ روٽ جا ننڍا ننڍا ڳيا پيل هئا. غار ۾ تورو اڳتي هلڻ کـان پوءِ رڳو اونده ٿي اونده هئي. غار بہ تہ ڪٿان سـوڙهو تہ ڪٿان موڪرو تہ ڪٿان وري ويهي ڊونبڙو ٿي هلڻو ٿي پيو. بهرحال پاڻ جڏهن غار ڪان ٻاهر پهتا تہ حساب ڪيو ويو تہ ٻارهن راتيون ٻارهن ڏينهن مسلسل پنڌ ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي ان ڪان پوءِ ڪربلا معلا جي ميدان ۾ اچي قدم رسيا آهن.

هونئن بہ اڄ ڏينهن تائين اها خبر نا پڌندا اچون تہ اهي لاهـوت لامڪـان واريون دريون جيڪي هڪڙا بہ غار آهن. انهن مان هڪڙو مدينہ منور ويندڙ آهي تہ ٻيو غار وري ڪربلا معليٰ ڏانهن ويندڙ آهي. هادي سـرڪار جن جي هن واقعي کـان پوءِ تہ پڪ ٿي وئي تہ واقعي اهي ٻئي غار پنجتن پاڪ جي اچڻ وڃڻ جا ڪي باطني رسـتـا آهن. جن سان پاڻ مالڪ ايندا ويندا رهندا هئا.

هيءَ ڳالهه جيڪا سيد هادي بخش جهانيہ جن ڏانهن منسوب ٿيل آهي. سا سندن منهن مبارڪ مان نور محمد پٽيءَ جي ٻڌل آهي. جنهن بعد ۾ اسان سڀني کـي ٻڌائي آهي. پر عقل سليم جي مڃڻ ڪان مٿي آهي ۽ ڪير بہ اها ڳالهه شايد تہ مڃي پر انسان ڪامل ۾ اها شڪتي ضرور سمايل آهي جو هو جيئن بہ ڪرڻ چاهي تہ ڪري

سکهي لئو ۽ هو قادر قدرت آهي.

مٿئين جبل جي سير کان پوءِ جوڳين سان گڏجي جڏهن شاهپور جهانيه پنهنجي آستانه تي پهتا ته سٿين هينئو سير وٺيو اڳتي رمڻ لاءِ جڏهن واپس وريا ۽ ڳپل پنڌ ڪري به ويا ته پوءِ پنيان اتي به سندن پاڻ ڏٺي بخش جهانيه ۽ پنهنجن بين پائرن جن پنهنجي والد صاحب کي فرمايو ته جوڳين سان اهو جنهن سٿين هٿي دان ورتو. الله نه پلائي ته ادا هادي بخش پاڻ هو. اسان کي بلڪل ادا هادي بخش جهڙو لڳو. پوءِ ائين اهڙي طرح سان ماڻهو موڪلي جوڳين کي واپس گهرايو ويو ۽ سيد هادي بخش جهانيه جن کي سڃاتو ويو باقي بين جوڳين کي انعام اڪرام ڏئي هٿ ڪيا ويا ۽ هادي بخش جهانيه جن کي سندن والد صاحب جي حڪم سان سمورو ڪاروبار ڪلهن تي رکيو ويو. ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ غيبي حڪم سان کين شادي ڪرڻ ۽ اولاد ڇڻڻ جي بشارت ڏني وئي ۽ حڪم ڪيو ويو ته توهان جو سڀ فيض هت ٿي رکيل آهي. ان ڪري شادي ڪرڻ ۽ اولاد پيدا ڪرڻ ان بر اوليت لئو رکي.

هادي سائين جن جي وصال کانپوءِ فقير پاڪ جن سجاده نشينيءَ جي پڳ هادي سائين جن جي ٽئين نمبر پٽ سيد علي سائين جن کي ٻڌرائي. وڏو فرزند سيد امام بخش شاهه جهانيه جن جو سيد مولا بخش عرف علي گل سائين هئا ۽ پڳ جا حقي حقدار بہ پر انهن پڳ ٻڌڻ کان انڪار ڪيو. ٻيو نمبر فرزند سيد علي رضا جهانيه هئا. انهن کي وري فقير پاڪ جن پڳ نه ٻڌرائي پر برادر کي فقير پاڪ جن اهو فرمايو ته هن کي چڏي ڏيو يعني علي رضا سائين جن کي چڏي چڏيو ۽ پڳ نه ٻڌرايو باقي سيد علي سائين کي پڳ ٻڌرائي وڃي. جيئن ته فقير پاڪ جن سموري خاندان جا پاڻ وڏا هئا ۽ هر حڪم سندن ٿي هلندو هو. سو ان حڪم مطابق پڳ سيد علي جهانيه کي ٻڌرائي وئي ۽ سيني سندن پڳ جو ور ڏنو ۽ جتي ناهي رکي. هادي سائين جن جي وفات کان پوءِ سيد علي جهانيه جن سڄي پنهنجي عيال ۽ پائرن سان ڪن سببن جي ڪري شاهپور جهانيه کي چڏي مير جي ملڪ پر درگاهه مانڊم تي اچي ويٺا. هيءَ حاويلي به هاديءَ سائين جن جي ٺهرايل هئي ۽ ڪوٽ نڪتل هو.

ڪجهه وقت يعني سال بہ ويهڻ کان پوءِ سيد علي جهانيه پنهنجي بين سمورن پائرن جيڪي ان وقت عمر پر ننڍا هئا. سيد ڪامل شاهه جهانيه ۽ سيد شهاب الدين جهانيه ۽ آل عيال سان شاهپور موٽي ويا. باقي سائين علي رضا جهانيه عرف

معراج علي جهانيہ درگاهہ ماندم تي اڪيلا رهجي ويا ۽ اهي واپس شاهپور ڪوٺ موٽيا. هيءَ تقريبن 54-1953ع جي ڳالهہ ٿيندي تہ علي گل سائين جن گمبٽ ۾ شاهہ جي تڪيہ تي تڪيہ مخدوم سيد غفور شاهہ جهانيہ لال بخش ڏڪڙ عرف پٽي ڳوٺ جي پرسان جيڪو پٽين جو ڳوٺ پڻ جهانيہ سائين جو هڏرايل آهي ۽ سيٺي پٽي شاهہ جي تڪيہ وارا جهانيہ سائين جا پنهنجا عقيدتمند ماڻهو آهن.

هن ڳوٺ جي ماڻهن يعني پٽين سان جهانيہ خاندان جا تمام قديمي واسطا رهيا آهن. ۽ جهانيہ سائين هنن کي پنهنجن وانگر ڪري ڏسندا رهيا آهن. علي گل سائين جن جي شادي خان آبادي سندن والد صاحب هادي بخش سائين عرف بادشاهہ سائين جن پنهنجي مريدن مان ڪرائي. پر علي گل سائين جي شايد مرضي موافق اها شادي ڪونہ هئي يا پنهنجي آزاد طبيعت هجڻ جي خاطر شادي جا پنڌ ڪين قبول ڪونہ هئا. ان ڪري پنهنجي زوجہ کي سندس سس ۽ سهري جي حوالي ڪري پاڻ تڪيہ غفور شاهہ ٽانگو کي اچي پنهنجي مسند بڻائي ۽ اتي رياضت شروع ڪئي. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ تڪيہ تي عاليشان باغ ۽ باغيچا تعمير ٿي ويا. جڏهن تہ اهي ڏينهن گمبٽ فقير ٽيڪسٽائيل ملز جي اوج جا ڏينهن هئا ۽ جاجا ميان مالڪ مل سان علي گل سائين جو سٺو واسطو هو. جيڪو ان سمي جڻ تہ هڪ ننڍي اسٽيٽ جو مالڪ هوندو هو. گمبٽ فقير ٽيڪسٽائيل رڳي ٽيڪسٽائيل ملز ڪونہ هئي. هن ۾ ٻيو بہ ڪجهہ گهڻو ئي هو. ڦٽين جو ڪارخانو بہ هو تہ هڪ وڏي ڪالوني ۽ شهر پڻ هو ۽ سٺي دوڪانداري پٽڪ وغيره بہ هئي. ٻي سٺي ڳالهہ ان وقت ۾ اها هئي تہ هڪ عدد سئنيما بہ ٺهيل هئي. ويجهڙائي ۾ اها شيءِ ان وقت سواءِ گمبٽ جي خيربور ۾ ئي هئي. ان ڪري سٺو ڏوڪڙ ڪمائيندي هئي. جاجا ميان اها شيءِ پنهنجي مزدورن جي تفريح لاءِ ٺهرائي هئي پر هاڻي عام خاص جي تفريح جو مرڪز بڻيل هئي.

پولو گرائونڊ. گهوڙن جا تبيلا ۽ قسمين قسمين جا گهوڙا پالڻ سندس شوق رهيو جيترو شاهہ جي تڪيہ ۽ فقير ملز کي پنهنجي خوبصورتي، جو اوج هو اوترو ئي هن وقت انهن ٻنهي جاين کي زوال اچي ورايو آهي. اهو واقعي بہ دنيا جو دستور رهيو آهي. تہ ، جهان بجتي هين شهنائيان وهان ماتم بهي هوتي هين " هن وقت انهن آستانن ۽ جاين جڳهن کي ڏسجي ٿو تہ دل هارجيو ٿي وڃي ۽ قدرت جي ڪارسازي تي صرف عجب ۽ حيرت جا ڳوڙها ڳاڙڻا پنجو تا وڃن. جو تہ هيءَ ڪل آهي. هر ڪنهن سر پنهنجي پنهنجي جيڪا جٽ يا جاڙ ۽ جيڪا جوڙ ۽ جنسار جنهن بہ سر سان

سلهاڙيل هوندو تہ اهو ان جي ٿي مٿي تي سونهندو. ۽ ان ماڻهو سان ہٿل رهندو.

ان جي وقت پوري ٿيڻ کان پوءِ ہيو ڪير بہ ڪٿي ڪيتري بہ ڪوشش ڪري تہ ان جهڙو ماحول ۽ محبت، رهڻي ۽ ڪهڻي، دم ۽ قدم ڪڍائڻ جي پر لک ڪوشش ڪرڻ جي باوجود بہ هو اهو ڪجهہ ڪونہ ڪري سگهندو جيڪو اڳئين ماڻهو ڪجهہ سال مهينہ، هفتہ، ڏينهن يا گهڙيون لورو اڳ ڪري ڏيکاريو هو. ان ڪري ٿي چوندا آهن تہ "سر سر کل پنهنجي آهي" پيءُ جهڙو پٽ نہ آهي. سپهي پاڻ هڪ جهڙا ڪونہ هوندا آهن. هر هڪ جو مول متو الڳ الڳ آهي. پلي پوءِ هڙني ڪي حال ماحول وقت ۽ وايو منڊل ڪٿي هڪ جهڙو ميسر چونہ هجي پر بدني بناوت ۽ سرير جو هڪ جهڙو هجڻ نثو ٿي سگهي. ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن نہ ڪنهن جڳهہ تي، ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ ٿورو ڪي گهڻو فيرو ضرور هجي ٿو. جيڪو هر هڪ کي بي مثل ۽ بي مثال بنايو بيٺو آهي. ڪوبہ ڪنهن جو مثال ڪونہ آهي. هر ڪو پنهنجو مٽ پاڻ ٿي آهي. سو ان ڪري چيو ٿو وڃي تہ جيڪا شيءِ جنهن دم سان جڙيل ۽ پوتيل آهي تہ اها شيءِ ان سان ٿي سهڻي لڳندي آهي. جو تہ اها شايد ٻئايل ٿي ان لاءِ هجي ٿي. هت ان ڏيکهہ ڪرڻ جو مقصد صرف ۽ صرف اهو آهي تہ گهڙي گهڙي، پل پل جو ۽ ساعت ساعت جو سپاءُ پنهنجو پنهنجو آهي. جيڪا بہ جيئن گذري، اها وري ساڳي طرح سان هو بهو اوئين ٿيئي ڪونہ آهي تہ جهڙي طرح سان پهريون پهر ڏينهن جو گذري چڪو آهي. هاڻي ہيو پهر بہ ائين ٿي ساڳي طرح سان گذري وڃي، سونا ممڪن آهي. وقت جو ڌارو هڪ وهندڙ ڌارو آهي ۽ جيڪو هميشہ ۽ هر وقت هر گهڙي هلندو ٿو رهي ۽ ڪڏهن بيهڻ واري شيءِ ڪونہ آهي. جو ڪن پل لاءِ هڪ هنڌ بيهي رهي ۽ اهائي زندگي آهي جيڪا وقت جي هلڻ ڪري هلندي رهي ٿي ۽ زندگي بہ سڏجندي رهي ٿي. هي سچو سارو قدرت جو وهنوار جنهن ۾ ساري ڪائنات اچي وڃي ٿي. جتي سچ بہ ڪونہ آهي ۽ نہ وري ڪو چند ۽ تارا! رڳو اونده ٿي اونده آهي پر اتي بہ هيءُ وقت جي ڌارا زندگيءَ جي روپ ۾ اڳتي وڌندي ۽ هلندي رهي ٿي.

جڏهن بہ ۽ جنهن مهل بہ هي وقت جو وهڪرو هڪ هنڌ اچي بيهي رهيو تہ ان مهل هيءَ زندگي بہ جنهن سان هي سارو ڪائنات جو وايو منڊل زنده جاوندان پيو لڳي، پوين پساهن ۾ وڃي بيهندي ۽ پوءِ هي سارو سنسار نپ ٿي ويندو. اڄ جنهن جي دم سان هي قرب ڪچهريون، رس رهاڻيون رچي ۽ مچي رهيون آهن ۽ جهنگلن ۾ منڊل پياڻا پسجن اهي سپ جو سپ سندس جي هجڻ سان ٿي زنده آهن

پر جڏهن هو پاڻ ئي هن سنسار ڪان منهن موڙي وڃي ابدي عهد وسائيندو ته پوءِ هي جيڪي به سنسار جو سانگ جيڪو سندس وجود سان منسلڪ ۽ جڙيل رهيو هو. اهو به پوءِ باقي ڪي ڪين رهندو. وري نئون رنگ ۽ نئون ڍنگ جيئن به ۽ جيڪو به پوءِ جهڙي به صورت هوندي ان مطابق وجود وٺندو. ان گـڏريل صورت جي سونهن ڪان وڏيڪ يا وري گهٽ پر اهڙو هو بهو نه رهندو جهڙو اڳ هو چو ته اهو گڏريل ڪيل صرف ان گڏريل صورت سان ئي ڳنڍيل هو. ان ڪري اهو ان سان ئي قبر ۾ دفن ٿي ويو. هاڻي جيڪي قبر ڪان ٻاهر آهن ته انهن جو ئي سڪو هلندو.

معراج علي عرف علي رضا جهانيه مانڊم درگـاهه سـائين رسـول بخش جهانيه تي رهڻ لڳا ۽ علي گل سائين شاهه جي تڪيه تي شيوادار ٿي ويٺا ۽ فقير پاڪ مرشـد مولا جن ڳوٺ قيصر خان شـاهاڻيءَ ۾ حاويلي جوڙي پنهنجي گـهروارن زوار سـائين کي اتي ويهاريو. جيڪي تڏهن زوار سائين سڏجڻ لڳا. جڏهن 1960 ع ڌاري پاڻ ويٽل شـاهه جهانيه فقير پاڪ جن جو پاڻيجو سـان گـڏجي ڪربلا مولا وڃي امام پاڪ جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪري آيا هئا. باقي ٻيا سـيئي سـائين شـاهپور جهانيه وڃي پنهنجي اصل آشيانه گاهه ۾ رهڻ لڳا. ڪجهه وقت گذرڻ ڪان پوءِ مرشـد هادي مولا جن درگـاهه مانڊم سـائين رسـول بخش جهانيه تي قرب جا قدم پري اچي سيد معراج علي سان ملاقي ٿيا. جيئن ته سيد علي سائين معراج علي سائين ڪي اڪيلو ڇڏي پاڻ شاهپور جهانيه هليا ويا هئا ته ان ڏک ڪي دور ڪرڻ لاءِ فقير پاڪ جن معراج علي سـائين جن ڪـي آٿت ڏئي فرمايو ته توهان ڪوبه خيال نه ڪيو ۽ " اڪـيون اڪـين جهڙيون ويندا لڙ لهي " سـب بهاريون ٿي ويندي‌ون. ائين چئي پاڻ پاڪ مولا جن هليا ويا. سال ڏيڍ ڪان پوءِ معراج علي سائين ڪي فقير پاڪ جن پاڻ وٽ گهرائي ڪين فرمايو ته معراج علي سائين اسان ٿا چئون ته توهان اسان سان گڏ ٿيندو!! معراج علي سـائين ڳالهه ڪـي وڌيڪ سـمجهڻ ڪـان سـواءِ جلديءَ ۾ اهو ئي جواب ڏنو ته مالڪ مٺا باقي ٻيو هن ڪي ڇا ڪپي! جڏهن ته فقير پاڻ پنهنجي قربداري ڪري تو پاڻ سـان گـڏ ڪري! پوءِ پاڻ فقير پاڪ جن فرمايو ته بس هاڻي جو هاڻي تياري ڪيو ۽ هلي زوار سـائين سـان گـڏ رهو. پوءِ ٿيو ائين ته معراج علي سـائين پنهنجو لڏو ڪڻي وڃي فقير سـائين جن جي حڪم تحت زوار سـائين جي پراڻي جاءِ ۾ رهڻ لڳا. زوار سـائين وري سندن لاءِ نئين نهيل ماڙيءَ ۾ رهندا هـئا. معـراج علـي سائـين جن ٻاهرين جيڪا به

رياست، مال متاع کان ولي ويندي پوک ڀلال تائين پاڻ سنڀالڻ لڳا ۽ پاڻ هادي پاڪ فقير مولا جن ساڳيو ٿي پنهنجي آزاديءَ سان گهمڻ ڦرڻ ۽ سيلاني ٿي رهڻ لڳا. پنهنجيءَ حويليءَ تي به هاڻي پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق ايندا هئا. اهو اونو ڪونه رکندا هئا ته هاڻي حويلي اڪيلي آهي ۽ اتي رهڻ لاءِ ڪير ڪونه آهي. ان ڪري پاڻ اوڏانهن وڃي رهن! هاڻي ڪين پڪ هئي ته پويان ڪوڙ ساري وسنو آهي ۽ زوار سائين اڪيلائي محسوس اصل ڪونه ڪندا. زوار سائين جي سموري ڊيوٽي هاڻي معراج سائين ڪندا هئا.

پاڻ مالڪ سرڪار جن فرمائيندا هئا ته اسان کي معراج علي گهمايو آهي. يعني پويان حويليءَ جو سمورو بار ان تي آهي ۽ پاڻ فقير پاڪ جن وتن ٿا سير ڪندا. مرشد پاڪ جن فقراء کي يعني پنهنجي طالبن، درويشن، مريدن، عقيدتمندن ۽ سنگت سات کي فرمائيندا هئا ته معراج علي جن کي اسان جو سر ڪري سمجهندا ڪيو! مطلب ته طالب مرشد کي ايترو ويجهو ٿئي يا طالب پنهنجو دم قدم ايترو ڪڍائي جو مرشد پاڪ کيس پنهنجو سر سمجهي ته اهو ان طالب جو پوءِ معراج ٿيو. ڀلي پوءِ هو ڪٿي ظاهري ڪيڏو به ڇونه گندو هجي! پر جڏهن ان تي پنهنجو مرشد هادي پاڪ راضي آهي ۽ هو ان کي پنهنجو معراج ڪرائي ٿو ته پوءِ سندس يعني ان طالب جا سڀ اولا به سولا ٿيو وڃن. اهڙي طرح معراج علي جهانيه پنهنجي هادي مرشد کي راضي رکيو ۽ دم قدم ڪڍايو جو رحوارو ويجهو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو ۽ معراج علي کي پنهنجو مرشد پاڻ پيو پنهنجو سر ٻڌائي ۽ ٻين کي تلقين ڪري ته ٻيا طالب درويش معراج علي کي مهدي پاڪ امام آخري زمان جوڻي سر سمجهن.

هوئش ته معراج علي ۽ سندن سڄي پريوار سان فقير سرڪار جن جي قرب ۽ پيار جو هٿ ۽ ڇانءَ ائين هئي جئين ڪنهن جي پنهنجي ڪٽنب سان هوندي آهي. جهڙي طرح سان ڪو پنهنجي گهر ٻار کي سنڀاليندو آهي. اهڙي طرح سان ٿي مولا پاڪ جن جهان سان گڏ معراج علي سائين جن جي ٻچڙن جي به پر گهور لهندا هئا. اتي لئي ۽ اڄهي تائين مولا پاڪ جن جو ئي سهارو هوندو هو. ٻارن جي پڙهائي وغيره جو به پاڻ مالڪ ٿي اونو رکندا هئا. پرائمري کان وٺي ويندي اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽين تائين پاڪ مالڪ پيا ڪم ڪي سنواريندا هئا. پرائمري کان پوءِ هاءِ اسڪول صوبوديرو وڃڻ لاءِ بگي گهوڙي جو بندوبست ڪري ڏيڻ. ڊيوٽيءَ پر درويش ڏيڻ سڀ پاڻ مالڪ ڪندا هئا. هر ڪم جي منظوري فقير سرڪار جن کان ملندي هئي

باقي ان کي عملي جامو پهرائڻ وري معراج علي سائين جو ڪم هوندو هو. معراج علي رضا کي ڇهه فرزند هئا. وڏي فرزند تي اسم مبارڪ بادشاهه سائين جن جو هادي بخش رکيو ويو. جڏهن ته طريقت ۾ شهباز علي سڏبا هئا. ٻيو نمبر فرزند شاهنواز طريقت ۾ سمر علي هو. پاڻ جن ته جاڙا لڳندا هئا. جو ته ڄمڻ جي وقتي توري هئي يعني ٻن سالن کان به گهٽ مڙئي 14 مهينا عمر جو فرق هو. اسڪول ۾ گڏ هڪ ئي درجي ۾ داخل هئا. وڏي فرزند شهباز علي سائين پرائمري پڙهي ڪٽي بس ڪئي، باقي سمر علي کي ڇهين جماعت صوبوديرو مڊل اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ سرڪار مولا جن 1962ع ۾ پنهنجي پياري طالب غلام الرسول شاهاڻي بلوچ طريقت ۾ خريد علي فقير وٽ سنڌس پٽ عزت علي طريقت ۾ زينت علي پاڻتيو معشوق علي طريقت ۾ محبت علي سان گڏ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو. خريد علي فقير ان وقت لاڙڪاڻو ۾ سپريڊنٽنگ انجنيئر ايريگيشن کاتي ۾ لڳل هو.

معشوق علي ۽ عزت علي هوندي به پرائمري ۾ سمر علي سان گڏ مير خان شاهاڻي پرائمري اسڪول ۾ پڙهيا هئا. اهڙي طريقي سان سمر علي فقير پاڪ جن جي حڪم سان انٽر ميڊيئيٽ تائين بلوچ صاحب وٽ لاڙڪاڻو ۾ پڙهيا بعد ۾ به فقير سرڪار جن جي منشا مطابق سنڌ يونيورسٽي وڃي داخلا ورتي ۽ اتي B.A (Hons) ايم اي ايڪنامڪس جي ڊگري حاصل ڪئي. 1971ع ۾ هي جهانيه خاندان جو پهريون فرد هو جنهن انگريزي تعليم حاصل ڪئي. معراج علي جو ٽيون نمبر فرزند سيد مختيار حسين طريقت ۾ مهتاب علي فقير پاڪ جن جي نظر سان صوبوديرو هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ ڪري. ممتاز ڪاليج خيرپور ۾ انٽر ڪري، سنڌ يونيورسٽي انجنيئر ڪاليج مان بجليءَ ۾ انجنيئرنگ جي ڊگري ڪري واپڊا ۾ وڃي نوڪري ڪئي ۽ هاڻي (Xen) آهن. اهڙي طرح سان سيد اقبال حسين چوٿون نمبر فرزند به B.A ڪري ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ D.S.P چونڊ جي وڃي ٽريننگ ڪئي. ٽريننگ پوري ڪري نوڪري ڇڏي اچي گهر ويٺو.

معراج علي سائين جن جو ڇهون نمبر فرزند ضمير حسين طريقت ۾ وزير علي سائين B.A آنرس ۽ ايم اي اڪنامڪس ۾ پهرين پهرين پوزيشن حاصل ڪري، پهريان بئنڪ ۾ آفيسر ٿيو بعد ۾ اها ڇڏي ڪاليج ۾ ليڪچرار وڃي ويهي رهيو ۽ هاڻي پروفيسر آهن.

معراج علي سائين جن جو پنجون نمبر فرزند سيد منور حسين جهانيه جو فقير مولا جن جي سوانح ۾ ذڪر اچڻ کان سواءِ چڻ ته سوانح حيات اڌوري هجڻ جي برابر ٿيندي هي ڇاهو؟ ۽ ڪهڙو راز هو؟ ظاهر بين جي پرجهڻ کان تمام گهڻو پري هو. فقير پاڪ مرشد مولا جن جي ظاهري عمر 75 يا 80 ڪن جي هوندي ۽ منور سائين ٽن چئن سالن جا ٻه مس هوندا جو پاڻ مالڪن منور سائين کي سير ۾ ساڻ ڪنيوا ايتري ننڍي ڄار جي پرگهور لهڻ سواءِ ماءُ پيءُ جي تمام ڏکي هوندي آهي. پر پاڻ مالڪن ٽن سالن جي عمر کان وٺي ويندي جوان ٿيڻ تائين يعني 14,13 سالن تائين منور سائين جي هرانگل ۽ چوڻ کي اهميت ڏيندا هئا. ٻاراڻي ٻوجهه ۾ منور سائين جن فقير هادي پاڪ جن کي چڪ به پائيندا هئا. ايتريقدر جو ڏندن جا نشان مالڪن جي جسم مبارڪ تي عيان ٿي پوندا هئا ته هڪ دفعي منور سائين جن جي والد صاحب سيد علي رضا عرف معراج علي سائين جهانيه جن جڏهن اهو لقاءُ ڏٺو ته کين وڏو ويچار ٿي ويٺو ته آخر ڇئيو ته اسان جو آهي ۽ اسان جي هادي پاڪ جن کي ايترو تنگ ۽ ايذاءُ ڏئي رهيو آهي. سو پاڻ موقعو پائي منور سائين جن کي ڪنهي ڪٺي وجي گهر ۾ بند ڪيو. جهٽ گذرڻ کان پوءِ مولا پاڪ جن منور سائين کي ساريو ته فقراءِ سموري ماجرا کين بيان ڪري ٻڌائي. پاڻ مالڪن معراج علي سائين کي گهرائي تنبيهه ڪئي ته منور سائين ۽ اسان جي وچ ۾ اوهان جو ڪجهه به نه وڃي. اچ کان پوءِ ڪڏهن به اهڙو ڪم نه ڪندا ڪيو. منور سائين سان توهان جو ڪجهه به نه وڃي. هن راز کي نه ته ڪو نظارو ٿي لو ڇئي سگهجي ۽ نه وري ڪا عاشقي معشوقي پاڻ سچي جهانيه خاندان جيڪو شاهپور جهانيه سان وابسط آهي. انهن سڀني جا مرشد آهن. پوءِ ظاهري سنگ ۾ ڪٿي ڪيرجا ٻه هجي؟ فقير پاڪ مرشد مولا مهدي پاڪ جن جي طالبيءَ ۾ ستدن پائڻيه، پٽ ۽ معراج علي سائين جن جو اولاد اچي وڃي ٿو. سواءِ سائين منور حسين سائين جن جي.

مٺل فقير حتار جيڪو سرڪار جن جي پوئين ٽول جي فقراءِ مان هو. پاڻ مالڪ فرمائيندا هئا ته اٺين فقراءِ جا چار ٽول اسان ماٺي جڪا آهيون هي پنجون ٽول آهي جيڪو ماٺي رهيا آهيون ۽ جنهن ۾ مٺل فقير حطار، عجيب علي جتوئي، ارباب علي فقير خاصخيلي، منصور علي فقير شاهاڻي، وحدت علي فقير شاهاڻي، نثار علي فقير ميراڻي قابل ذڪر آهن ۽ مٺيان سڀئي درويش مالڪن جي حاضريءَ جا درويش هوندا هئا ۽ مالڪن جي هميشه حضور ۾ رهندڙ هئا. هر هڪ جي پنهنجي

پنهنجي ڊيوٽي هوندي هئي. مٺل فقير رات جي حاضري ۾ ويهندو هو. گينڊي ۽ حقي پاڻيءَ جي ڊيوٽي ڪندو هو. زورن ڏيڻ جو ڏانءُ پڻ رکندو هو. ارباب علي خاصخيلي ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ پچي ويندو هو ۽ اهي ڏينهن جو حقي وغيره جي ڊيوٽي ڪندا هئا. عجيب علي فقير جتوئي نيهي درويش هو ۽ چوڻين ٽول ۾ اچي شامل، صحبت ٿيو هو ۽ پنجون ٽول به ماڻيائين. پاڻ مالڪ جتي به ڊيوٽي لڳائيندا هيس ته اتي ڪپي ويندو هو. آوازي ڪلامي درويش هو. سندس آواز ۾ وڏو درد سمايل هو. لوڙائوءَ جي ورلاپ به واهه جي ڪندو هو. وڏو ويراڳي درويش هو. وحدت علي فقير شاهاڻي توشاخانه جو رکوالو هو ۽ مالڪن جي لاءِ کير ناهڻ، شربت ناهڻ ۽ ٿاڌل ناهڻ جو ڪم نباهيندو هو. نثار علي فقير ميراڻيءَ ڪسي خاص ڳائڻ جو ڪم هوندو هو. هو باجي هارمونيم تي ڳائيندو هو. رات جي پهرئين پهر ۾ اٺين نائين ڪان وٺي يارهين بجي رات تائين، سندس وارو هوندو هو. 11 بجه ڪان پوءِ ننگر فقراءِ ۾ هلندو هو ۽ بعد ۾ ٻيا ويراڳي درويش عجيب علي فقير، آزاد علي فقير ڪوريجو ۽ ٻيو اچڻ وڃڻ وارو فقراءُ پنهنجو وارو وٺندو هو. اهڙي طرح سان سڄي رات ويراڳ ۾ گذرندي هئي. منصور علي شاهاڻي فقير فقراءِ ۾ سڀني ڪان عمر ۾ ننڍڙو درويش هو. مالڪن جو خاص راض مٺس هو. ڪيس پاڻ مالڪن راڳ جي تعليم ڏياري جيڪو اڳتي هلي تمام پلوڙ توحيدي درويش ٿيو. اهي مٿيان درويش جيڪي هن وقت لاڏائو ڪري چڪا آهن. مالڪن جي بقا ڪان پوءِ ويا وڃوڙو ڪندا باقي ديدار علي فقير شاهاڻي جيڪو ڳائڻو، شاعر، ٻورچي ۽ جيپ جو ڊرائيور به ٿي رهيو آهي ۽ سندس چوائيءَ مطابق ته 35 سال مالڪن جي حضور ۾ گذاريا اٿس، اڃا حال حيات آهي. ننڍي هوندي ناچو ٿي ميراڻي فقير راڻي پور وارا جن مان سهراب فقير ڳائڻو ٿيو هو انهن سان گڏ رهندو هو ۽ پوءِ هادي پاڪ جن سان اچي گڏ رهيو، طالب ٿيو. مالڪن وري ڊرائيوري يعني پوري مستراڻپ جو جيپ جي انجڻ پاڻ ٻڌي ويندو هو. ڪيس گيريج ۾ موڪلي سيکارائي ۽ جڏهن سکي راس ٿيو ته مالڪن جي جيپ جو ڊرائيور مقرر ٿيو.

ديدار علي فقير مالڪن سان گڏ محمد فقير کٽياڻ، مخدوم غلام محمد صاحب، مظهر فقير لاکو ۽ غمدل فقير دايو وغيره جا درشن به ڪيا آهن. هاڻي تازو 02-09-2012 آچر جي رات جو 9 بجه پيالو ڪري ويو. مٺل فقير حطار هڪ دفعي حجت ڪري مالڪن کي عرض ڪيو ته جڏهن معراج علي سائين جا ٻيا سڀئي نينگر توهان جا طالب ٿي ويا آهن. باقي هاڻي رڳو منور سائين ئا رهن. انهن کي به طالب

ڪري ڇڏيو. پاڻ مالڪن مثل فقير ڪي فرمايو تہ منور سائين اسان جا مرشد آهن. انهن ڪي طالب ليڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪونہ آهي. هادي پاڪ مرشد مولا جن منور سائين ڪي من ، دل ۾ منور سائين ڪري ياد ڪندا هئا .

فقير لاشريڪ ليندو آهي. پاڻ بيشڪ لاشريڪ بہ هئا. پر لاشريڪ هوندي وري سڀني سان گڏ بہ هئا ۽ هن وقت بہ گڏئي آهن. پنهنجن ڪان پري بہ هئا تہ انهن جا وري هادي رهبر بہ پاڻ ئي هئا . مطلب تہ فقير جي سرداري هئي. جيڪا عام ۽ خاص پنهنجي ۽ پرائي ، ننڍي ۽ وڏي ، اوچ ۽ نيچ ، هر مذهب جي متيهد ڪان نياري ۽ هر هڪ تي ڇڻ هڪ جيتري هئي پر، ظاهر ۾ ڪنهن تي قرب جي نظر گهٽي بہ چونہ ڏسڻ ۾ ايندي هجي. پر جڏهن ويهي ڪو پاڻ ويچار ڪندو تہ ائين ئي پائيندو هوندو تہ مالڪن جي مالڪي ۽ سردارن جي سرداري ڪيس تي ئي سڀني ڪان گهٽي هوندي. جيڪي هر وقت سندن حاضري ۾ هوندا هئا . اهي بہ ۽ جيڪي قسمتي اچي درشن ڪندا هئا اهي بہ دعوا هڪ جيتري ئي رکندا هوندا. مالڪن جي قرب جي پاڻ مالڪن جنهن سان هڪ لفظ ڳالهايو اهو بہ ۽ جنهن سان ويهي ڳپل رهاڻ ڪئي تہ اهو بہ دعوي اها ساڳي ئي رکندو تہ مالڪ مون تي ئي وڏ ۾ وڌ راضي ۽ رحمان آهن.

سندن نيڻ ڪٿي ڪنهن ڏانهن نهارڻ ئي تہ سڀ ڪجهہ ۽ ڪافي آهي. سيد علي طريقت ۾ شير علي سائين جن سجاده نشين تہ هئا پر سڄي خاندان تي حڪم هادي ۽ جو هلندڙ هو. شير علي سائين فقير پاڪ جن جي حڪم تحت سڀ ڪجهہ نباهيندا رهندا هئا . درگاهہ شاهپور جهانيہ جي روضي مبارڪ ۽ اتي جايون جڳهون ناهڻ وغيره ۾ بہ فقير پاڪ جن سڀ ڪجهہ پاڻ ڪرائيندا هئا . ميلو جيڪو 17 رجب کان 20 رجب تائين هلندڙ هو. فقير مولا جن پاڻ ان موقعي تي اچي ميلي ۾ سڄي نظرباني پاڻ فرمائيندا هئا . شير علي سائين جن ڪي ميلي جو سمورو نظم و ضبط ۽ لنگر نان جو انتظام سنڀالڻو پوندو هو. سموري فقراء ۽ آئي وئي ڪي هٿڏ تي سڀ ڪجهہ ملندو هو. شير علي سائين جن پاڻ پاتوڙي ۾ ماني وجهرائي هٿن تي ڪٺي وجي فقراء ڪي ڪارائيندا هئا .

هادي پاڪ جن شير علي سائين جن سان بہ وڏ ۾ وڌ پيار فرمائيندا هئا . فقير پاڪ جن شير علي سائين جن لاء پاڻ فرمائيندا هئا تہ "تريل ڪي توربو ناهي ۽ پريل ڪي پربو ناهي".

مجاز کان حقيقت تائين

فقير پاڪ جن پنهنجي والد صاحب جن سان هميشہ ڪٺو رهندا هئا. سير سفر، اندر ٻاهر، جتي ڪٿي قافلي جي صورت ۾ گهوڙن، اٺن ۽ ماڻهن جي انبوھ ۾ والد صاحب سان گڏ هوندا هئا. هڪڙي دفعي برٽش جي باد شاهيءَ مان نڪري جڏهن مير جي ملڪ ۾ ريل تان لهي گمبٽ اسٽيشن تي پهتا تہ ريلوي اسٽيشن جي ويجهو ٿي جهانيہ جي مريدن جو ڳوٺ جيڪو پڻ " شاھ جو تڪيہ " سڏيو ويندو آ ۽ اتي سيد غفور شاھ نانگو جهانيہ جو آستانو قائم ٿيل آهي ۽ ڳوٺ جو نالو بہ ان مطابق شاھ جو تڪيہ رکيل آهي. پٽي قوم جا ماڻهو ان ڳوٺ ۾ رهندڙ هوندا هئا ۽ اڃا تائين رهندڙ آهن. اهو سڄو ڳوٺ جهانيہ سائين جي حڪم سان ٿي اتي ٻڌل هو. هي تڪيہ سيد غفور شاھ نانگو اول جو قائم ٿيل آهي. جيڪو ڄمندي ئي ڄام هو ساري زندگي شادي ڪونہ ڪيائين ۽ اٿين مختلف هنڌن تي سندن تڪيہ قائم ٿيل آهن. سيد امام بخش جهانيہ جن ۽ فقير مولا جن پنهنجي قافلي سان گڏ اسٽيشن گمبٽ کان سڌا " شاھ جو تڪيہ " ڳوٺ نانگو شاھ تي آيا. رات يا ڪجهہ راتيون اتي قيام فرمائي هاڻي اڳتي وڃڻ جو خيال ڪري صبح صادق سان ٿي وهٽن کي تيار رکڻ جو حڪم فرمايو.

فقير مولا جن جيئن ٿي پنهنجي گهوڙي تي رڪيب ۾ پير پائي لانگ ورائي تہ سلوار هني جي ڪنهن ڪوڪي ۾ ڦاسڻ ڪري تورو ڦاٽي پئي. يعني سلوار کي تورو انگ اڇي ويو ۽ ننڍڙو تنگ ٿي پيو. پاڻ مالڪ ماٺ ڪري گهوڙي تي ويهي رهيا پيو قافلو تيار ٿيو بيٺو هو تہ سائين جن اڳ ۾ ٿين تہ پوءِ پيو قافلو بہ اڳتي وڃي. فقير مولا جن کي سندن والد صاحب اڳتي وڃڻ لاءِ چيو ۽ گهوڙن کي هڪلڻ جو فرمايو. پر فقير مولا جن پنهنجي والد بزرگوار کي ورائيو تہ اسان ڦاٽل سلوار پائي اڳتي ڪونہ وڃنداسين ۽ اٿين ٿي بيٺا رهنداسين جيستائين ڪو پيو بندوبست ان جو نٿو ٿئي والد صاحب جن فرمايو تہ اڳتي ٿي سڀڻ واريون مشينون بہ شهر ۾ ٿي آهن. تو هان اوستائين هلو تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو. پر فقير مولا جن فرمايو تہ سڀ ڪجهہ هتي ٿيڻ گهرجي باقي ڦاٽل سلوار سان اسان جو اڳتي وڃڻ ڪونہ ٿيندو. اندازن ان مهل سندن عمر جي حد 40 سال کن هوندي. ڪچهريءَ ۾ آيل ڳوٺ نانگي شاھ جي هڪ پٽيءَ جيڪو جهانيہ سائين جو هڪ پيارو مريد هو. ان هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو تہ قبلا عالم! منهنجي گهرواري توهي ڏيڻ جي تمام هوشيار آهي. هوءِ سلوار جي ان

تنگ کي اهڙي ته تن هڻندي جو خبر به ڪانه پوندي ته ڪا سلوار ڪتان ڦاٽل به آهي.
فقير مولا جن چيو اگر جي مائي اهڙي قابل آهي ته پوءِ اسان گهوڙي تان هيٺ به ڪونه لهنداسين. هتي اچي ڪري مائي اسان جي سلوار کي تن هٿي ڏئي وجي. لعل بخش پٽي ويو سو وڃي پنهنجي گهرواريءَ کي سموري حقيقت ٻڌائي. مائي سگوري مراد واري هئي سو اصل دير ڪونه ڪيائين ۽ سئي سڳو ساڻ ڪري پنهنجي مڙس جي پٺيان هلندي اچي فقير مولا جن وٽ پهتي. مائي سگوري ناليٰ "حوا صاحبه" فقير مولا جن جي سلوار کي اهڙي ته تن هنئي جو ڪير چوندو ته سلوار ڦاٽل هئي! مائي صاحبه ته پنهنجو ڪم ڪيو وري ساڳيو مڙس پٺيان گهر ڏانهن ويندي رهي. پر فقير مولا جن گهوڙي تان هيٺ لهي ڪري منهن مونن ڀر پائي ماٺ ڪري ويهي رهيا. سندن والد صاحب ۽ ٻيا هر رقيب فقير مولا جن جو هي حال ڏسي حيران ٿيڻ لڳا. پنهنجي والد سيد امام بخش جهانيه جن پنهنجي فرزند غلام مهدي جن کي حڪم ڪيو ته اٿو ۽ گهوڙي تي چڙهو ته اڳتي مسافريءَ تي هلجي. فقير مولا جن پنهنجي پدر سيد امام بخش جهانيه جن کي جواب فرمايو ته قبلا عالم! اوهان اڄ اهڙي ته گهوڙي تي چاڙهي ڇڏيو آهي جو ٻئي ڪنهن به گهوڙي يا وهٽ جي واڳ جهلڻ جي ڪابه ضرورت باقي نه رهي آهي. ان ڪري هاڻي اسان کي توهان اتيئي پنهنجي حال تي ڇڏي پلي هليا وڃو. سيد امام بخش جهانيه جن فقير مولا جن کان دريافت ڪيو ته هاڻي ڀلا ڇا محسوس ڪيو؟ فقير مولا جن وراڻيو ته هيٺ مٿي، اتر اولهه، اوڀر ڏکڻ بلڪ وڻ ٽڻ يا ڪنهن انساني يا حيواني صورت ڏانهن ڏسون ٿا ته اسان کي ان مائيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن جي به صورت نظر نٿي اچي. ڪڪ پن ۾ اها هڪ ئي صورت پيا ٿا ڏسون. سندن والد صاحب جن جڏهن فقير مولا جن جي منهن مبارڪ مان اهي گفتا ٻڌا ته پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فقير مولا جن کي سڏ ڪري فرماين ته اسان ڏاڍا خوش ٿيا آهيون. توهان جي هن حال خيال کان سو هاڻي هي هڪڙو ذاتي ذڪر اوهان کي اسان ٻڌايون ٿا. جنهن جي اورڻ سان اوهان جي قلب مان ساهه کڻڻ سان عطر عنبير، مشڪ، زعفران ۽ ڦوٽن جي خوشبوءِ ايندي رهندي. پوءِ سيد امام بخش جهانيه جن پنهنجي فرزند فقير مولا مهدي آخر زمان جن کي "دم پاسن پاس" جو ذڪر ذاتي سمجهائي ڪين اجازت ڏني ته توهان هاڻي ڀلي پنهنجي خيال سان وڃي وحدانيت جي وصل سان واصل رهو. ائين چئي سيد امام بخش جهانيه جن قافلي سان اڳتي مسافريءَ تي روانا ٿي ويا ۽ فقير مولا مهدي

امام آخري زمان جن مائي جي درشن خاطر سنڌن گهر جي آڏو هڪ ڪبڙ جي وڻ هيٺان اچي ويٺا. جڏهن ان مائي کي پاڻ پيهر هن ظاهري اکين سان روبرو ڏٺو ته پوءِ ڪجهه وقت چتائي يعني هڪ ٽڪ نظر وجهي ڏسڻ سان ڏسندا رهيا. ڏسندا رهيا ۽ ڏسندي ڏسندي پوئتي هٽڻ شروع ٿي ويو. پوءِ هٽندا رهيا ۽ هٽندا رهيا ۽ ائين هٽندي هٽندي وڃي ميرن جي شهر" ڪوٽ ڏجي "مير واهه جي ڪناري ٿنڌو مستي ويندڙ رستي جي ڪپ تي خيما ڪوڙيا. لنگ ۾ مٿو اگهاڙو، پير اگهاڙا. جسم به ڪپڙن کان آهسته آهسته واندو ٿيندو رهيو. نه گرميءَ جي نه سرديءَ جي، نه اڃ جي، نه بک جي. سيارو هجي يا سانوڻ پر مهدي امام آخري زمان وٽ هميشه هڪ ئي تار ۽ ٿڌ وچندي رهي جيڪا هٿي چپ چپات ماٺ جو ملڪ. ڪيئي ڏينهن، ڏينهن مان هفته. هفتن مان مهينا ۽ مهينن مان سال گذرندا رهيا وائي اهائي وات جيڪا سچڻ سڻائي بي نه ڪوڪا تات نه طلب. ٿڌ غليو ڪري ته ان کي پچائڻ لاءِ ڪوڏر ۽ ٽوڪريءَ جو سهارو ورتو ويو. پهريان ڪوڏر جا لپا ئي ويا مٽيءَ جو ڍير بڻائيندا، پر پوءِ جڏهن ڪوڏر جو لپو ڏڙي جي چوٽيءَ تائين پهچڻ محال بڻجي ويو ته پوءِ ٽوڪريءَ ۾ مٽي وجهي مٿي چوٽيءَ تائين پهچائڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح سان اهو ڏڙو هڪ وڏي پٽ نما ٿيندو ويو ۽ پر ۾ ڪڏ جنهن مان ان ڏڙي جي مٽي نڪتل آهي اها هڪ چڱي ڀلي اونهي کوهه نما ٿيڻ لڳي. اهي ٻئي " تبرڪات "اڄ ڏينهن تائين جڏهن ته هن وقت گهڻي حد تائين ميسارجي چڪا آهن. پر تڏهن به اڃا تائين موجود آهن ۽ عشق جي اوسيئڙي ۾ ڪنهن عاشق مست الست جا زمين کي رسيل گهاءِ پنهنجي گهنڀيرتا ۾ گن گنائي رهيا آهن. تيستائين پيا آلا پيندا جيستائين اهي گهاءِ جيترا گهرا هوندا.

اها زمين جنهن ۾ فقير مولا جن اچي پنهنجي عشق جو آستانو ۽ اوتارو قائم ڪيو هو جمعدار مجيد جي ذاتي ملڪيت هئي. هو ميرن جي بادشاهيءَ ۾ جمعدار جي منصب تي فائز هو ۽ اهو منصب ان دور ۾ چڱي ڀلي حيثيت رکندڙ هو. جيئن اڄڪلهه مختيار ڪار صاحب هوندو آهي. زوار مجيد ملاح جمعدار مير صاحب کي جڏهن فقير مولا جن جي آمد جي خبر پئي ته هڪڙي لنگ بند درويش اچي توهان جي زمين ۾ توهان جي گهر جي ويجهو پنهنجو ديرو ڄمايو آهي ته هو پهريان لوري وقت لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو. وري جڏهن پاڻ پنهنجي اکين سان وڃي فقير جو درشن ڪيو ته پوءِ هو دنگ رهجي ويو ۽ فقير مهدي جن جي آستاني جي هڪ حد مقرر ڪري

چڙي جيڪا گهٽ وڌ ايڪڙ ڪن زمين کان به مٿي هوندي.

فقير مولا جن جسماني رياضت ڪندي ڪندي بنا کائڻ ۽ ننڊ آرام نه ڪرڻ جي ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا ويا ۽ آخر اها حد به آئي جو پاڻ جسماني ورزش ڪرڻ جي لائق به نه رهيا ۽ جسم سڄو چور چور ٿي ويو ۽ وار به واڪا ڪرڻ لڳا. هاڻي هر وقت مراقبه ۾ رهڻ لڳا. اندر ٻاهر، اس ڇانو، سيارو اونهار. جڏهن جسم ۾ چرڻ پرڻ جو ٿي سگهت نه هيو ته پڻي جهان جي ڪهڙي خبر هوندي؟ بلڪل "پاراٿو پوجهه" پيو ڪو اچي ڪٿي ۽ عضون ڪسي هيڏانهن جو هوڏي چوري پوري باقي ته پنهنجي وس ۾ ڪجهه به نه رهيو. سجود آهي صورت ڪي فقيرياڻي "سچڻ ملاح" جنهن فقير مالڪن کي تنجڻين ڏاهي گوڏي تي سمهاري ڪاشڪن سان ڪارائڻ پيارڻ شروع ڪيو ۽ اٿين ويلن جا ويلا پهرن جا پهر فقيرياڻي سچڻ ملاح سرڪار پاڪ مرشد مولا فقير مهدي امام آخري زمان جن جي خدمت ڪندي رهي ۽ اٿين ڏينهن پڇاڻي فقير مولا جن جي تندرستي وڌندي رهي ۽ پاڻ پنهنجي پيرين سيرين ٿي ويا.

هن جهڊ ۽ جولان جي اوڙي پاڙي ۽ ڪوٽڏيجيءَ جي سڄي شهر مير صاحبن وٽ به وڃي اهي خبرون چارون پهتيون ته ميرواهه جي مجيد پل جي پاڙ ۾ هڪڙو سياسي ۽ فقير تن پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. ان اچي ديرو ڄمايو آهي. سندس حال چال جي سچائي کي پرکڻ لاءِ مير صاحبن پنهنجي پر ۾ جوڳا جتن ڪيا. ايستائين جو ڏنڊي واريون عورتون گهرائي انهن کي انعام اڪرام ٻاسي مجيد پل ڏانهن رات جي سناٽي ۾ سواريءَ ۾ ويهاري روانو ڪيو. پهرين دفعي سان هڪڙي وٺي جيڪا ناڪام ٿي موٽي آئي. پڻي دفعي سان ٻيءَ رات واري جيڪا اڳئين جي ساهيڙي هئي. وڏي ڏاڍ هئي شرط جي بازي مقرر ڪري رات جو رواني ٿي وڃي لنگوٽ بند جي بند ۾ هٿ وڌائين. پاڻ اتان اٿي ٻي جڳهه تي وڃي ويٺا. اٿين مائي سڄي رات فقير مولا کي تنگ ڪندي رهي ۽ سڄي مٺخاني ۾ اٽ ويهه ڪرائيندي رهي. آخر صبح جو بيچڙي ٿي پنيراڪي ۾ ٿي موٽي وڃي پنهنجي منهن تي ٿئو ملي مير صاحب کي ٻڌايو ته هي لنگوٽ بند بلڪل سچو ساڌو آهي ۽ اسان پنهنجو پورو پورو حيلو هلايو آهي. پر ڪي ڪين وريو.

ميرن جون مائهن اچي ڪنن جو ڪوٺيون پريون ته اهو ظاهر ۾ ساڌو فقير ٿو سڏائي پر هڪ به ملاحڻ ڪونه ڇڏي اٿس. زوار مجيد به سندس قند ۾ ڦاسي ويو آهي.

پر حقيقت بلڪل ان جي ابتڙ آهي. ان ڪري هن ساڌوءَ کي اتيئي جلدي ختم ڪيو وڃي. اٿين نہ ٿئي جو ملڪ جي ماحول ۾ ٿي ڪو ٻيو رنگ پرجي وڃي. سپاٽي ميراڻي حڪومت کي ڪو جيهو رسي مطلب تہ طرحين طرحين جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. آخرارادا اتي وڃي بيٺا تہ " نہ رهي بانس نہ وڃي بانسري " هڪڙيءَ رات جو ڪجھ جوان مرد پاڻ ۾ صلاح ناهي. سهي سنبري ان خيال سان مجيد پل ڏانهن روانہ ٿيا تہ ان " نام نهاد " فقير کي اڄ رات جو پورو ڪري ڪوٽڏيجيءَ جي قلعي کي ڪيرائڻ کان بچايو ويندو. اهڙي مڪروه ارادي سان جڏهن هو ميرواهہ جي پل ٽپي مٺخانہ جي لوڙهي جي اندر ٽپيا تہ ڪين جيڪو منظر ڏسڻ ۾ آيو ان هنن کي ڏڪائي ڇڏيو ۽ پويان پير ڪري وني پيگا ۽ پوئتي اچي پنهنجي صلاحڪارن کي ٻڌايو تہ جنهن ڪم لاءِ اسان فقير جي مٺخاني ۾ داخل ٿيا هئاسين اهو ڪم اڳ ۾ ئي ٻيو ڪو ڪري ٻاهر وڃي چڪو هو ۽ تازو خون ۽ عضوا ٽڙيل پکڙيل پيا رهيا هئا تہ اجهو ڪو هاڻي جلاد آيو هو. جنهن ڪم تمام ڪري ڇڏيو آهي. سڄي رات انهن حيوانن جي ننڊ حرام هئي. صبح جو ساجهر سج اڀرڻ کان اڳ وري مٺخانہ جو رخ ڪين تہ وڃي سوڳ ۾ شريڪ ٿي وڏيڪ جاچ پڙتال ڪجي تہ اهو ڦهري ڪم ڪهڙي اشراف ڪيو آهي؟ جڏهن جو هو مجيد پل تي مٺخانہ جي پرسان پهتا تہ هنن کي ڪابہ اهڙي قسم جي ڪائي ڳالھ ڏسڻ يا ٻڌڻ ۾ ڪونہ آئي. جنهن مان ظاهر ٿئي تہ رات ڪا فقير مولاجن جي شهادت ٿي هجي. پڇن بہ ڪنهن کان ڇا! ڇو تہ اٿين پڇڻ سان تہ سڀڪو هنن کي شڪي نظرن سان ڏسي ها. ان ڪري آهستہ آهستہ ماٺ ميٺ ۾ جڏهن مٺخانہ ۾ اندر داخل ٿيا تہ فقير مولاجن " مراقبہ " ۾ ويٺا آهن ۽ چپ چپات لڳي پئي آهي. ساڳين پيرن تي هو واپس وريا ۽ پنهنجي منهن توبهہ تائب ڪرڻ لڳا. اهي سڀ جو سڀ ڳالهيون جڏهن مير صاحبن جي آڏو آيون ۽ هنن سڀ ڪجھ پاڻ ڏٺو وائٺو. تنهن کان پوءِ ميرن جو مذهب مٽيو ۽ فقير کي ڪنهن بہ تڪليف ڏيڻ کان نابري واري ۽ مير صاحبن ۾ ڪي مير تہ وڏي عقيدت ۽ محبت وارا ٿي ويا ۽ فقير مولا جي ڪچهرين ۾ اچڻ وڃڻ ۽ ويهڻ لڳا. ان وقت جو هزهائنيس ۽ ٻيو جيڪو جوٺاري ۾ حڪومت هلائيندو هو. مير علي نواز " ناز " ۽ مير علي ڏنو خان فقير مولاجن جا گهاٽا صحبتي محبتي ۽ عقيدتمند هوندا هئا. هاڻي مير صاحب ۽ ڪوٽڏيجيءَ جي شهر جا ٻيا ماٺهو جاتوري، بروچ، ملاح ۽ ٻيا خاصخيلي وغيره فقير پاڪ جن وٽ ڏونهين تي اچڻ وڃڻ شروع ڪيو ۽ ڪين

پنهنجي ڪکن تي به وٺي ويندا هئا. فقير پاڪ جي چلڻ ڪشيءَ واري جاءِ هاڻي دونهون سڏجڻ لڳو ۽ اڄ ڏينهن تائين اها سندن عشق جي جاءِ دونهين جي نالي سان مشهور آهي.

بلوچ صاحب غلام الرسول بلوچ شاهاڻي جيڪو ايريگيشن کاتي جو سنڌ صوبي ۾ چيف انجنيئر جي عهدي تان رٽائر ٿيل آهي. فقير پاڪ جن جي خاص طالبن مان هڪ آهي. ان جي زباني آهي ته جڏهن هو پڙهندو هو جهونا ڳڙهه انٽرپري انجنيئرنگ ۾ ته هو جڏهن به موڪلن ۾ گهر ايندو هو ته فقير پاڪ مرشد مهدي جن وٽ ضرور حاضري ڀريندو هو. هڪ دفعي جيئن موڪل تي گهر آيو ته مرشد مولا سان ملڻ لاءِ انهن وٽ سندن حضور ۾ پيش ٿيو. پاڻ مالڪن کيس فرمايو ته اسان سان هلندو سير ۾؟ هلو ته توهان کي اسان پنهنجي عشق جي جاءِ هلي ڏيکاريون پوءِ بلوچ صاحب کي وڪٽوريا بگيءَ ۾ جيڪا چوڄاڪي ٿيندي آهي ان ۾ ساڻ ڪري ڪوٽڏيجيءَ ڏانهن گهوڙي جي واڳ کي ورايو. جڏهن ڪوٽڏيجي شهر ۾ پهتا ته هڪ واٽهڙوءَ فقير مولا جي سواريءَ کي ڏسندي ئي هڪ وڏو ڏگهو ٽهڪ ڏنو جيڪو منٽ کن هو. هڪ ئي رفتار ۽ انداز سان اهو ڪجهي هلندو رهيو. بلوچ صاحب لاءِ هي هڪ نئين ڳالهه هئي. جيڪا هن اڳ ڪڏهن به اهڙي قسم جي ڪل نه ٻڌي هئي نه ڏٺي هئي. ان ڪري فقير پاڪ جن کان دريافت ڪيائين ته مرشد پاڪ هي ڇا مراد آهي؟ پاڻ مالڪن ورائيس ته هي ڪوٽڏيجي جي ماڻهن جي ڪنهن مير امير کان صدا ڪري ڪجهه گهرڻ جو هڪ انداز آهي ته جيئن اڳيون هن جي انداز صدا تي راضي ٿي ڪري پاڻ به خوش ٿي ڪري کلي ڏئي ۽ ان خوش طبعي جي عيوض ۾ ڪجهه کيس به انعام اڪرام ڏنو وڃي. ائين ڪوٽڏيجي جي شهر مان ٿيندا سڌو دونهين شريف تي آيا سين. چلي واري جاءِ تي پهچي ڪري فقير پاڪ جن پنهنجي جتي پيرن مان لاهي اڳتي وڌيا پين به مالڪن جي پوئلڳي ڪري جتيون پيرن مان لاٿيون پاڻ چلي واري جاءِ تي هلي ڪري بلوچ صاحب کي فرمائين ته هي آهي اسان جي عشق جي جاءِ. تڏهن هڪڙي ڪوٺي جمعدار مجيد وارن جوڙائي هئي.

هڪڙي رات پاڻ مالڪ ڪوٽڏيجي جي شهر ۾ ڪنهن عقيدتمند ۽ محبتيءَ جي گهر اندر سندس حويليءَ ۾ ويٺا هئا. هٿ ان قربدار جو نالو ڏيڻ مقصود نه آهي. اسان کي فقير پاڪ جو ذڪر ڪرڻو آهي. حويليءَ جي ٻاهران سخت پهرو ويٺل هو

حويلي ۾ اندر صرف ۽ صرف مستورات موجود هيون. جيڪي مالڪن جي خدمت ۾ مصروف هيون. ان حويليءَ ۾ مالڪن کي گهڻو وقت ترسايو ويو هو يا مالڪ پاڻ اتي گهڻو وقت ترسيا هئا. اها ڄاڻ ڪونه آهي باقي ته حويلي ۾ اندر ته پڪي ڪي به اڄڻ جي اجازت ڪونه هئي ته اوچتو هڪ سفيد ريش درويش اندر حويليءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. ان پيرسن جي داخل ٿيڻ تي مالڪن جي طبيعت تي ڏاڍي گران گذري ٿي. اوپري منش جي اچڻ ڪري سڀ مستورات به واڳيون ٿي ٿيون وڃن ۽ مالڪن جي حڪم تحت پنهنجي منهن وڃيو ٿيون ويهن.

فقير سرڪار جن ان اوپري ماڻهوءَ کان دريافت ڪيو ته توهان ڪير آهيو ۽ هن هيتري ساري پهري هوندي به توهان اندر داخل ڪيئن ٿيا آهيو؟ ان سفيد ريش پرش فقير مالڪن کي چيو ته توهان وٽ ڪو ڪاغذ ۽ قلم آهي؟ فقير پاڪ جن رول پين ۽ ڪاغذ سندس حوالي ڪيو ۽ هن پيرسن پين ۽ ڪاغذ هٿ ۾ وٺي ان تي ڪجهه لکي سرڪار مالڪن جي حوالي ڪيو. مالڪن جيئن ئي ڪاغذ کي پڙهيو ته پاڻ ڇرڪ ڀري بيٺڪ تي اٿي بيهي رهيا ته ايتري ۾ ان منش ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اسان مولا علي پاڪ جن جي حڪم سان هت توهان وٽ پهتا آهيون. اسان کي اڄ هيءَ ہي رات آهي توهان کي ڳولهيندي. پهرين رات به اسان توهان کي ڳولهيو پر ڪونه لڌو.

وري بيهر حڪم ٿيو ته فلاڻي حويليءَ جي در تي نمر جو وڻ اٿو ان ۾ هليا وڃو ۽ وڃي فقير صاحب جن کي چئو ته هاڻي اتان اٿو ۽ وڏيڪ تڪليف هاڻي پاڻ کي نه ڏيو. سو اٿو ۽ ٻاهر هلو. فقير پاڪ سفيد ريش درويش کي فرمايو ته توهان اڳ ۾ ٿيو وري هن درويش فرمايو ته مالڪ توهان اڳ ۾ ٿيو. بهرحال سفيد ريش درويش اڳ ۾ ٿيو ۽ اتان حويليءَ مان نڪري اچي هڪ ننڍي ٽڪريءَ تي ويٺو. وڌيڪ فرمائڻ لڳو ته اسان کي اهو به حڪم ٿيو آهي مولا علي عليه السلام کان ته توهان جا سڀئي سانگ سجايا آهن. هاڻي رستا اٿو به هڪڙو رستو آهي پَٽَ پلال. مال رزق ۽ دنيا دولت، ميلا ملاڪڙا، ڪچهريون قرب، رس رهاڻيون، راڳ ويراڳ، رنگ روپ وغيره بيو رستو اٿو نديون ناليون ۽ چشمن جو پاڻي، ڏنڊون ڏورا، پٿون جبل، تن تنها، ٿڏيون ڪوسيون، گرميون سرديون سڀ سر تي وغيره. اهو پيغام پهچايو حاجي فقير ته رمندو رهيو. پاڻ مالڪ فرمائيندا هئا ته حاجي فقير سندن جو جبل جو سنگتي هو. جو ڪٿي ڪٿي ڪڏهن ڪڏهن جبلن جي ڪنهن لنگهه لڪ ۾ هن جي ملاقات سائن تي ويندي هئي. گهڻي سوا لاءِ ڪچهري ڪري هر ڪو پنهنجي منهن ٿي ويندو هو. حاجي فقير جي مزار

هاڻي خيرپور ميرس ۾ ميرواهہ جي مٿان جيڪا پڪڙي پل آهي ان جي پرسان پڪڙي محلا ۾ موجود آهي. پاڻ فقير مولا جن ڪڏهن ڪڏهن راشن پاڻي جيئن دال، بصر، گيهہ ۽ کنڊ پتي وغيره خريد ڪري فقير جي مزار تي ڏياري موڪليندا هئا. جڏهن بہ ڪو سندن اتان گذر ٿيندو هو تہ اهو ڪم يادگيريءَ سان ڪرڻ فرمائيندا هئا.

مرشد مالڪ فقير مولا جن جا تہ سڀئي سانگ سجايا ڪيا ويا ۽ هر معاملي ۾ مختيار ڪيو ويو تہ پاڻ جيڪو بہ رستو اختيار ڪن. هن مادي دنيا ۾ ڏينهن گذارڻ ڪارڻ. ان ڪري پاڻ مٿين ٻنهي رستن ڪي ملهائڻ جو ارادو اٽل رکيو تہ چونہ سڀئي سير ڪري ڏسجي. جڏهن تہ ٻئي ملڪ پنهنجا ئي آهن. ان ڏينهن. گهڙيءَ ۽ مهل کان سندن جبل جو سير شروع ٿي ويو. جيڪي جسم تي ڪپڙا هئا ۽ پيرن ۾ ڪجهہ پاتل بہ يا نہ ان ئي حال ۽ خيال سان ڪوڏيجي وارن ٽڪرن کان سير شروع ٿيو. جيئن تہ اهي ٽڪر روهڙيءَ تائين هليا ويا ۽ انهن سان گڏ ئي ريگستان جنهن کي ٿر ٿو سڏجي لاڳيتو هليو وڃي هندستان جي حدن ۾ داخل ٿيو. فقير پاڪ جن جو جبل وارو سير گهڻا سال رهيو ان جي لاءِ ڪجهہ بہ وضاحت سان چئي نٿو سگهجي. پاڻ ٻهريان تہ ڪجهہ سال جبل ۾ غائب رهيا. جڏهن واپس وريا تہ مٿي جا وار پند هئا پيرن ۾ ڦٽ ۽ زخم هئا. پند وارن ۾ جوئن جا گهر اڏيل هئا تہ پيرن جي ڦٽن ۾ جيت پيل هئا.

جيڪي اونهاري ۾ رستي جي گرم مٽيءَ ۾ پيرين اگهاڙو هلڻ سان اهي جيت هيٺ ڪرندا هئا. جوئون بہ ڪنڌ کان هيٺ قطارون ڪري هلنديون هيون. ههڙو حال جڏهن درٻهين تي اچڻ کان پوءِ فقراءِ اچي ڏٺو تہ اهي جوئن ۽ ڪيئن کي مٽي ۽ پيرن مان ٻاهر ڪيڻ لڳا ۽ مارڻ شروع ڪيو. فقير مولا جن فقراءَ کي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ نڪتل جيت ۽ جوئن کي واپس ورائي پنهنجن پنهنجن جاين تي وڌو ۽ ائين پاڻ جڏهن الي رستي سان گرم ڏينهن ۾ داپ ۽ دسڙ ۾ پيرين اگهاڙين هلندا هئا تہ اهي ڪيئان سندن پيرن مان پاڻ هر توئي ٻاهر نڪري ڪرڻ لڳندا هئا ۽ ائين هڪڙا مرندا هئا تہ ٻيا وري ٿيندا هئا. بهرحال فقير مرشد مولا جن جو اهو ائين جبل تان واپس ورڻ ۽ وري جبل ڏانهن هليو وڃڻ ڪيترائي سال هڪ دستور هيو. پاڻ مهينن يا سال ڏيڍ کان پوءِ جڏهن واپس درٻهين تي ورندا هئا تہ ڪي درويش طالب سندن اوسيئڙي ۾ جيڪي درٻهين تي موجود هوندا هئا. اهي ڪين اچي سجود ڪندا هئا ۽ اهي ڏينهن جيڪي پاڻ درٻهين تي موجود هوندا هئا. تہ اهي طالب مالڪن جي ديوڙهي ۾ رهندا

هئا يا وري جن بہ عقيدتمندن ۽ سنگت ساٿ ۽ طالب درويشن کي فقير پاڪ جي اچڻ جي خبر پوندي هئي تہ اهي بہ اچي حاضر ٿيندا هئا. ڪجهہ ڏينهن ڪلاڪن، منٽن يا گهڙين گذرڻ کان پوءِ جڏهن بہ مالڪن کي خيال اپرندو هو تہ ان ئي مهل وري جبل ڏانهن واپس موٽي ويندا هئا. ڪجهہ طالب درويش سندن پيچو ڪري ساڻن سان گڏجي نڪرندا هئا. پر هلندي هلندي ڪو ڪٿي تہ ڪو ڪٿي ڪو ڪنهن جبل وٽ تہ ڪو وري ڪنهن لڪ وٽ اچيو بيهيو رهندو هو ۽ مالڪ اهو ئي تن تنها پنهنجي موج مستيءَ ۾ مگن پنهنجي منزل ڏانهن گامزن رهندا هئا. طالب درويش ساڳيو موٽيو وريو اچيو دونهين تي پهچندا هئا. پوءِ ڪي اتي ئي دونهين تي ترسيو پوندا ها تہ ڪي وري مورڳو واپس پنهنجي گهرن گهاٽن ڏانهن هليا ويندا هئا. سرڪار مولا جن وري پنهنجي پڇاڙيءَ تي جڏهن موٽيا. جبل مان ڪڏهن ڏينهن ۾ تہ ڪڏهن مهينن ۾ تہ ڪڏهن وري سالن ۾ پئي واڳ ورندي هئي وصل جي. پاڻ پاڪ مولا جن فرمائيندا هئا حاجي فقير لاءِ تہ هو سندن جو جبل جو سنگتي هو. جو ڪٿي ڪٿي، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن موڙ ۾ هو مالڪن سان ملي ويندو هو جبل ۾. ان ڪري پاڻ ڪيس جبل جو سنگتي ڪري ياد فرمائيندا هئا. حاجي فقير، فقير پاڪ جن کي "بابلا" چئي مخاطب ٿيندو هو. بابلا هيءَ ڳالهہ هيئن. بابلا هي ڳالهہ هيئن. ظاهري عمر ۾ بہ سرڪار پاڪ جن کان حاجي فقير وڏو هو. ان لحاظ کان پيو مالڪن کي نصيحت جا نقطا هربي هربي ٻڌائيندو ۽ بيان فرمائيندو هو.

جنهن کي پاڻ مالڪ پنهنجي جبل جي سير جو سنگتي سڏين تہ پوءِ اڳلي ۾ بہ ضرور ڪا مٺيا موڪيل هوندي ۽ ان جا گڻتا بہ ضرور ڪٿي هيئن ۾ هنداڻ جهڙائي هوندا. جڏهن بہ جبل ۾ حاجي فقير پاڻ مالڪن سان مليو هوندو تہ ضرور ڪڏهن ڪارهاڻ بہ پاڻ ۾ تي هوندي ۽ ڪڏهن تہ وري چپ جي بازي چپ ۾ رهڻو پيو هوندو. هڪڙي گهمري حاجي فقير مالڪن کي فرمايو تہ بابلا هي ڪم ضرور پورا ڪجو.

1 ٿموريون ميڙجو

2 وار نہ ڏجو

3 جيٺل جي ڏنڊ تي وججو.

4 برج نہ وسارجو.

پاڻ فقير پاڪ جن فرمائيندا هئا تہ حاجي فقير جي چوڻ مطابق اسان جيئل جي ڊنڊ تي بہ وياسين. فقير پاڪ مرشد مولا جن فرمائيندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن جبل ۾ اسان کي ننگر بہ ڪرايو ويندو هو. جبل ۾ هلندي هلندي شام جو سج لاهوءِ ڏارين جتي بني بشر جي هجڻ جو واسو ئي نہ هجي اتي هڪڙي ڳئون چرندي جبل ۾ نظر آئي خيال ڪيو سين تہ اها ڳئون جڏهن تہ هتڙي بوندءِ بشر جي ٿي ناهي تہ پوءِ هيءَ ڪٿان آئي آهي! چڱو هاڻي لڳون تا ڳئون جي پٺيان نيٺ تہ ضرور پنهنجي وٿاڻ تي واپس ورندي يا وري ڪو مالڪ مالڪي اچي ڪندس. جڏهن تہ سئا ڏڳي آهي ڪير ۾ سندس اوهر ڦاٽي رهيو آهي. اهين جڏهن شام جو پهر ٿيندو ويو ۽ سج بہ ويو جبل ۾ جاءِ وٺندو تہ ڳئون بہ پنهنجو چرڻ چڳڻ بند ڪري گس وٺي هلڻ لڳي. ڳئون جي پٺيان فقير پاڪ جن بہ اوڏانهن وڌڻ لڳا. جيڏانهن ڳئون وڃي رهي هئي. اهين هلندي هلندي ڳئون هڪ غار ۾ لهي وئي پاڻ فقير سرڪار جن بہ ڳئون جي پٺيان پٺيان سڌو غار ۾ هيٺ لهي ويا. ان مهل رات جي اونده چانئجي چڪي هئي. ويتر جو هيٺ غار ۾ پهتا تہ گهري اونده چانيل هئي. جيڪا آهستہ آهستہ وٺي دور ٿيندي ۽ اهين سجاڳرو ٿي ويو. جو اتي جيڪي ڪجهہ غار ۾ اندر موجود هو اهو سڀ ڪجهہ چٽو پٽو ڏسجڻ لڳو. هڪ سبحاني صورت وارو سفيد ريش مرد مولا ڪٽ تي مٿي ويٺو آهي ۽ ٻيو فقراءُ سڀ جو سڀ هيٺ ويٺا آهن. ڳئون پنهنجي وٿاڻ تي وڃي بيٺي آهي. پاڻ فقير پاڪ جن ڪا ڪنڊڙي وٺي وڃي ويهي رهيا آهن تہ اهين ان نوراني صورت واري مرد حقاني حڪم صادر فرمايو تہ هر ڪو فقراءُ اٿي واري واري سان چوٿو ڏڳڙيءَ جو وٺ ۾ اچي وٺي ۽ ڪي ڪلندو ڳئون مان ڪير ڏهندو پنهنجو ننگر ڪندو وڃي. هن امر ارشاد ٿيڻ کان پوءِ واري واري سان هر هڪ فقراءُ اٿندو پنهنجو چوٿاڪ روٽ جو وٺندو ڪپڙي هٿ ۾ ڪٽندو ان ۾ ڪير ڳئون مان ڏهندو ويو ننگر ڪندو ۽ اهين اهڙي نموني سان جڏهن سمورو فقراءُ ننگر ڪري چڪو تہ پوءِ فقير پاڪ جن کي بہ ان مرد مولا جي طرفان فرمان ٿيو تہ توهان بہ اٿو ۽ ساڳي ئي نموني سان پنهنجو ننگر ڪيو. پاڻ فقير پاڪ جن بہ اٿيا ۽ روٽ جو چوٿو ان سفيد ريش سبحاني صورت کان وڃي ورتو. ڪي ڪنٽي ڳئون ڏهي ان ڪپڙيءَ ۾ پوءِ ويهي ننگر ڪيو. ٻيو سمورو فقراءُ بہ ننگر ڪري چڪو فقير مولا جن ننگر پورو ڪري گرڙيءَ جي خيال سان پاڻي ڪٿي ٿورو پاسيرو ٿي گرڙي ڪري جان جو پوئتي ڏسن تہ نڪو اوهي نڪو واهي. ڪا بہ شيءِ موجود ڪانهي ڪا.

تہ اهو فقراء نہ وري انهن جو سرگرو صورت جو صاحب ۽ نہ وري ڪا ڏگي ڏاڙهي. سو پاڻ فقير مولا جن فرمائيندا هئا تہ ڪين اهڙي طرح سان تنگر جبل ۾ ڪرايو ويندو هو. هي جبل جو سير پاڻ مالڪن گهڻا سال هلايو. اهو صحيح طرح سان ڇئي نٿو سگهجي.

باقي اهو طئي آهي تہ سالن جا سال اهو جبل جو سفر جاري رهيو. پڻ سال يا ڇهن مهينن ۾ جڏهن اتان واپسي ڪندا هئا تہ دوئيهن تان ٿيندا يا ڪڏهن وري اوڏانهن بہ نہ ويندا هئا. ائين اچي انهن جاين تي نڪرندا هئا. جتي اڳ ۾ اتي پاڻ رهي چڪا هوندا هئا. هلندي گهمندي ڦرندي ڪٿي ڪو ڪين سڃاڻي بہ وٺندو هو تہ ڪٿي ڪو وري گداگر سمجهي جهٽڪي وٺندو هو. اهڙي طرح شاهپور جهانيہ بہ اچي نڪرندا هئا. خاص ڪري پنهنجي والده صاحبہ کي منهن ڏيکارڻ واسطي. هاڻي تہ سائين امام بخش جهانيہ جن بہ وصال ماڻي چڪا هئا ۽ گادي، تي سائين هادي بخش جهانيہ جن کي ويهاريو ويو هو. سيد ڪامل شاهہ جهانيہ "پيو "پنجن پائرن ۾ وڏا هئا پر اهي پنهنجي والد جي حياتي، ۾ ئي وچي هالا پراڻا ڪان ويجهو جوڻ ڳي ۾ پنهنجا آستانہ قائم ڪري ويٺا. ان ڪري بہ خاندان کي هلائڻ لاءِ بار کڻڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ هئا. سيني جي نگاهہ بادشاهہ سائين سيد هادي بخش جهانيہ جن تي وڃي پئي ۽ انهن کي سموري خاندان جو والي وارث بڻايو ويو.

فقير تہ ڇمندي ئي جام ۽ حاصل با الله آهي. جو تہ جيڪو بہ قرب ٿيڻو آهي اهو تہ اڳئي ميثاقان ئي ماڻيل تو هجي. باقي آهي هتي ڪثرت ۾ ان جو ٿيڻ تہ کهڙي طريقي سان ٿئي ۽ ڪيئن تو پائيہ تڪميل تي پهچي. مرشد پاڪ جن کي تہ اتي دونهين تي ئي سمورو راز ۽ خيال جيڪي ڪجهہ بہ هو ملي چڪو. باقي هي تہ هئا سير جيڪي پنهنجي ليکي ۽ پنهنجي مرضي، ۽ منشا مطابق ماڻي رهيا هئا.

پاڻ مالڪ فقير سرڪار فرمائيندا هئا تہ پاڻ پنهنجي خيال جي چوڻ تي هلندا هئا. جيئن بہ سندن خيال چوندو هو ۽ گواهي ڏيندو هو پاڻ بہ ائين ئي ڪندا هئا. سندن خيال ئي سندن رهبر هو. خيال چوندو تہ اٿ تہ اٿ، جي خيال چوندو تہ هل تہ هل، ويهہ تہ ويهہ. مطلب تہ خيال سان خيال کي خيال سان هلڻو هوندو هو ۽ ائين اهڙي ئي خيال سان سندن جبل جو سفر بہ اجا روان دوان هو. جڏهن وري ڪا خيال جي خروشي ختم ٿئي خيال سان. خيال چوندو هو تہ جبل مان نڪري وڃي ٿر جي واري وساءِ تہ اچي پٽن کي پيٽبو هو ۽ ٿر جو ٿورو ڪٽبو هو.

اٿين ڪجهه ڏينهن کان ٿر ۾ هلندي هلندي، واريءَ جي ڍڙن ۽ پٽن تي چڙهندي لهندي، اچي هڪڙي واريءَ سي ميدان ۾ پياسي، جتي رڳو رڃ ئي رڃ پئي واڪا ڪيا. نه وڻ نه وسندي، نه پاڻي نه پوش. اٿين پري کان هڪ لنب نما وڻ جو سڪل يا سائو ٿڙ ڏسڻ ۾ آيو. جيڪو ويجهو اچڻ کان پوءِ خبر پئي ته اهو لئي جي وڻ جو هو. اسان به اچي ان جي پاڇي ۾ ساهه پٽيو. ٿڙ جي چانهءَ جي هيٺان ان واريءَ جي ڊرابي ۾ اٿين ڏسڻ ۾ آيو. جيئن ننڍڙا ٻارڙا پنهنجي آڱرين جا نشان زمين تي راند ڪندي ناهيندا آهن يا وري ٻارڙن جي راند ڪندي اهي نشان ازخود اتي ٺهي پوندا آهن. نشان اهڙا هئا جيئن آڱرين جون چوٽيون ڊراپ ۾ هڻجن ۽ اتي نشان ٺهي پون. فقير پاڪ جي خيال ۾ اهائي سوچ هئي ته هي آڱرين جا نشان هتي هڙئي بيابان ۾ ڪيئن ٿا ٺهجي سگهن ته اوچتو اٿين سرڙاٽ ٻڌڻ ۾ آيو. جيڪو ان لئي جي وڻ جي ٿڙ مان پيدا ٿيو هو. لئي جو ٿڙ اندران پورو هو. ان پور مان هڪ عجيب مخلوق نڪري آئي ۽ چوڻ لڳي ته اي آدم زادا تون هت ڪيئن آيو آهين. منهنجي آستاني تي؟ جڏهن ته هت ڪنهن ڪي به اچڻ جي جرئت ئي نه هوندي آهي ۽ تو اچڻ سان اچي رهندو منهنجي راند به ڊاهي ڇڏي آهي. ڏسڻ ۾ فقير صورت ٿو نظر جين ورنه سرنهن جهڙا داڻا ڪري ڇڏيانءِ ها. هاڻي چڱو اهو ٿيندو ته هتان جلديءَ ۾ هليو وڃ. اٿين چئي هوءَ واپس وڃي پور ۾ هلي وئي. اسان به اٿين چيس ته فقيرياڻي اسان به وري تنهنجي آستاني تي ڪونه ايندا سين. مٿيون حصو ڳوهه جهڙو ۽ هيٺيون حصو ماڻهوءَ جان هئس يعني منهن ڳوهه جهڙو ۽ باقي ماڻهو جهڙي مخلوق هئي. راند انهن نشانن ڪي سڏي رهي هئي جيڪي آڱرين جي نشانن جهڙا مٽي تي ڇگهه ٺهيل هئس. پاڻ فقير پاڪ جن پوءِ اتان اٿي ڪري، پنهنجو سفر اڳتي سڌاريو. اهڙي طرح سان اهو جبل ۽ ٿر جو سير پاڻ ڪندا رهيا ۽ جيئن ئي سندن خيال چوندو هو پاڻ اٿين ئي ڪندا هئا. خيال چوندو هو ته هن جبل جي چوٽيءَ تي چڙهڻو آهي ته بس پوءِ ان تي ضرور چڙهيو ويندو هو پوءِ چاهي رستو هجي يا پاڻ ڪي نئون گهڙڻو پوي. پر ڳالهه خيال واريءَ تي هلندا هئا ۽ ان ڪي عملي جامو ضرور پارايو ويندو هو.

هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي، جڏهن فقير پاڪ جن ميرواهه جي مجيد پل جي پر ۾ اچي پنهنجو آستانو قائم ڪيو هو جيڪو اڄ تائين قائم دائم آهي ۽ ڏينهن قيامت تائين روز روشن وانگر چمڪندو ۽ ٻهڪندو رهندو. هي آستانه هاڻي دونيهن

جي نالي سان جڳ مشهور ٿيندو ٿو وجي ۽ اڳتي هلي ڪري هي هڪڙو عام ۽ خاص جو زيارت گـــاهه ثابت ٿيندو. فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان جن جو عشـــق جو دونهون آهي. پاڻ هتي عشـــق الاهي ۾ جيڪي ريازتون ۽ چلي ڪشــي وغيره ڪئي آهي. اهو شرف هن ئي جڳهه کي راس آيل آهي. پاڻ مرشد پاڪ جن فرمائيندا هئا ته جيڪڏهن به خيال جو ارادو نهي ايندو هو ته اٿين ئي ڪبوهو. سمجهبو اٿين ئي هو ته اهو جيڪي ڪجهه ارادي ۾ آيو آهي اهو ســـب ڪجهه ان مالڪ جي ئي طرفان اچي من ۾ سمايو آهي. جنهن جي عشق ۾ اسان هت اچي ويٺا آهيون . يا هلندا ٿا وتون. پاڻ جيئن مراقبي ۾ لنگـــوٽ بند لڳا دونهين تي ويٺا هئا ته هڪڙو پينو جيڪو گـــهوڙي تي چڙهيل هو اچي سيئين هنئي ته آهي ڪو مرد مولا جو جيڪو گداگر کي پنج روپين جو نوٽ ڏياري. فقير ســـرڪار جن جو اها صدا ٻڌي ته پاڻ کـــي يڪدم اهو خيال اندر ۾ اڀري آين ته شايد هن گداگر کي مالڪ ئي هيڏانهن اسان ڏانهن موڪليو آهي. اسان جي آزمائش لاءِ ممڪن آهي ته اســـان جي اڳــهاڻ جو اچو ڪوئي ڏينهن ۽ هي وقت ۽ ويلو ئي هجي ۽ هن ئي صدا ۾ اســـان جو اڳــهاڻ مولا جي در تي نصيب ۾ هجي. اهو خيال ڪري ٽپ ڏئي اٿي بيٺا ۽ گداگـــر کـــي فرماين ته درويش پنج روپيه ته اســـان وٽ ڪونه آهن. باقي هي ءِ سر حاضر آهي. قبول پوي گداگر به دير نه ڪئي ۽ فقير مولا جن کي حڪم ڏنو ته نيڪ آهي توڪي اڳتي هلي ڪٽي ڪپايان ٿو. اٿين ڇٽي فقير پاڪ جن کي پنهنجي گهوڙي جي اڳيان هلڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ گـهوڙي تي ســـوار دونهين کـــان ٻاهر نڪري سڙڪ ڪٽي ورتي ۽ ٽنڊي مستيءِ ڏانهن فقير پاڪ جن کـــي هلڻ جو چيو. پاڻ مالڪ پنڌ پيادو هلڻ ۾ تڪـــو ۽ تيز رفتار ســـان هلندا هئا . اڳيان پاڻ تيز ڊڪندا هلندا هليا ۽ گداگر گـهوڙي تي پٺيان اٽرو فاصلو ڪيو پٺي آيو. جو گـهوڙي جي منهن جي وات جي جهڳ يا ڪفي ان کي گج ڇٽوس سرڪار فقير پاڪ جن جي ڪلهن کي لڳندي ئي آئي ۽ اٿين اچي ٽنڊو مســـتي ريلوي اسٽيشن تي پهتا . گداگـــر هو ڪو ڏيڻ شروع ڪيو ته آهي ڪو ضرورتمند جنهن کي پيلي يا نوڪر کپي اهو آءِ هن کي پنج روپين ۾ ڏيندس. تڏهو ڪي وقت ۾ پنج روپيه بـه شـــايد وڏا هئا جو جلديءَ ۾ ڪو هرو پرو پنجن روپين ۾ نوڪر وٺڻ لاءِ تيار هجي ا. آخر ڪو هڪڙو ديوان صاحب هندو يا ڪو هٽ واٽيو هو. جنهن اهو پنجين روپئين وارو سودو ڪيو ۽ پنج روپيه گداگـــر کي ڏئي فقير سرڪار جي ٻانهن وٺي وجي اندر ڪوٺيءَ ۾ جهلي ڇڪڻ جي ڪم تي ويهاريو.

جيئن ته ان وقت ۾ بجلي وغيره ڪونه هوندي هئي ۽ پوءِ سرنديءَ وارا ماڻهو گهرن، دوڪانن ۽ اوطاقن ۾ ڪپڙي جون جهليون ٻڌرائي ڇڏيندا هئا. جنهن ڪي وري هڪڙو ماڻهو جهليءَ ڇڪڻ يا لوڏڻ لاءِ درڪار هوندو هو. سرڪار پاڪ جن کي به ان هندو مل جهلي ڇڪڻ تي اچي ويهاريو ۽ پاڻ بالمر ٻنجي سمهي رهيو.

پوئتي مٺخانه دونهين تي جو جمعدار مجيد اچي ته چا ڏسي ته فقير سرڪار جن آهن ئي ڪونه. هن هيڏانهن هوڏانهن وٺن ٽڪن ۽ جهنگ ۾ به جاچي ڏٺو پر فقير پاڪ جن جو ڪيس ڪٿان به پتو ڪونه پيو ۽ اٿين مايوس ٿي اتي پرياسي جي ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ شروع ڪئي. رستي جي ايندڙ ويندڙن کان به پڇڻ لڳو ته ادا هتڙي آرين ڦهڙي پارين ڪو ملنگ بابا ڪنهن ڪئي، ڪنهن جاءِ تي يا ڪنهن دگ پيچري سان ڪيڏانهن ويندي ڪندي ڏٺو هجي ته اهو مون کي ان باري ۾ ٻڌائي سڌ ڏيندو ته سندس جو مون تي احسان ٿيندو. ماڻهن جو ميرن جي جمعدار کي اٿين پريشان ٿيندي ڏٺو ته اهي پاڻ به جمعدار جي ڪري فقير مولا جن جي ڳولا ۾ لڳي ويا ۽ هڪڙي واٽهڙوءِ کي وٺي جمعدار وٽ پهتا. واٽهڙوءِ کان جڏهن ملنگ بابا جي باري ۾ پڇيو ويو ته هن ٻڌايو ته هن سڙڪ سان ٽنڊي مستي آهل گهوڙي سوار جي گهوڙي جي اڳيان ان ملنگ کي هن واٽهڙوءِ ڊوڙندي ڏٺو هو. جمعدار مجيد هن خبر ٻڌڻ شرط ان جو ان مهل گهوڙي تي سنج ڪري سوار ٿي ٽنڊي مستيءَ واري سڙڪ ڏي اڳتي روانو ٿيو ۽ ٽنڊو مستي پهچي جڏهن ان گهوڙي سوار گداگر ۽ فقير مولا جن جي پڇا ڪيائين ته اتي ڪيترن ئي ماڻهن ڏسيس ته واقعي هتي اهڙو گهوڙي سوار ڪجهه وقت هو ڪي ڏيندي اسان ڏٺو ۽ ٻڌو جيڪر چئي رهيو هو ته پنجين روپئين آهي ڪو جو هن همراه جي ٻانهن مون کان خريد ڪري وٺي. هن وقت اهو گهوڙي سوار هت ڪونه ٿو ڏسجي شايد هن کان ڪنهن پنجين روپين ۾ غلام خريد ڪري ورتو هجي. اٿين پڇائيندي پڇائيندي نيٺ ڪنهن جي واتان اها خبر به جمعدار مجيد جي ڪنن تي اچي پئي ته هتان جي هڪڙي هندوءِ سيٺ اهو سودو ڪيو آهي. جمعدار مجيد پڇائي وڃي ان هندوءِ سيٺ جي بينڪ تي پهتو. جتي فقير مولا جن ان هندوءِ سيٺ جي جهلي ڇڪي رهيا هئا. جمعدار مولا جن کي ڏسڻ سان روئڻ ۾ شروع ٿي ويو ۽ فقير سرڪار جن جي آڏو پنهنجو گهوڙو بيهاري سوار ٿيڻ جو عرض ڪيو. پاڻ مالڪن گهوڙي تي سوار ٿيڻ ۽ پوئتي واپس هلڻ کان انڪار ڪيو. ويچارو زوار مجيد جمعدار مير صاحبن جو

جيڪي رياست خيرپور جا والي هئا شش پنج ۾ اچي ويو. هندو کي جڏهن اها خبر پئي ته هي ملنگ جنهن کي هن پنجن روپين ۾ خريد ڪيو آهي اهو والي رياست خيرپور جي ميرن جي جمعدار مجيد ملاح جو مرشد آهي ته هو ويچارو به ڏوتيءَ کي مضبوط ڪندو رهيو. هندوءَ به فقير مولا جن کي واپس وٺڻ لاءِ عرض ڪيو ته جمعدار مجيد سان گڏجي پلي واپس ٿين. تنهن کان پوءِ فقير مولا جن مجيد کي فرمايو ته هندوءَ کي پنهنجي رقم واپس ڪٺي وجي ته پوءِ اسان توهان سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار آهيون. جمعدار مجيد ملاح پنج روپيه ڪيسي مان ڪڍي هندو مل جي حوالي ڪيا. تنهن کان پوءِ فقير مولا جن واپس دونهين تي ويا.

ميرن جي بادشاهي ختم ٿي وئي. جمعدار مجيد به لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن کان پوءِ سندس پٽ جمعدار ڪيڙ به ڪجهه وقت جمعدار سڏيو پر ميرن جي ميريءَ ختم ٿيڻ سان گڏ ڪيڙ جي جمعداري به پوري ٿي. جمعدار مجيد کي هڪڙو ئي پٽ هو زوار ڪيڙ جنهن کي نرينو اولاد ڪونه ٿيو. نياڻيون هئس جيڪي جمعدار ڪيڙ جي بقا کان پوءِ فقير مولا جن انهن جي هر ڊيوٽي پوري ڪندا هئا. جمعدار ڪيڙ سان به پاڻ هر وقت هر هنڌ ۽ هر مسئلي تي ساٿ نڀائيندا رهيا ڪيڙ جڏهن متيءَ جو پيالو پيتو ته سندس پويان حويليءَ ۾ رڳو مستورات هيون. ڪو به سچڻ سالي ڪونه هئس. جيڪو سندس نياڻين جي پر گهور لهي. سواءِ فقير جي بيو ڪير به ڪونه آهي. جيڪو اهڙي ڏکئي وقت ۾ اچي پرجهلو ٿي بيهي. پاڻ مولا جن پنهنجو فقراءَ جمعدار ڪيڙ جي حويليءَ جي حفاظت ۽ ڊيوٽيءَ لاءِ مقرر فرمائيندا هئا. هڪڙو ويندو هو ته وري ان جي جاءِ تي بيو مقرر ٿيندو هو. ڪنهن بئي بني بشر پلي ڪٺي ڪيڙ خان جي ڏاڏنگ مان چونه هجي پر اندر حويليءَ ۾ وڃڻ جو حڪم بند هوندو هو. سڀ جو ڪجهه ڏيڻ ڪرڻ پاڻ مولا جن ڪندا هئا. مال ڊگهي کان وٺي ويندي ان پاڻيءَ لٽي ڪپڙي تائين. جيستائين نينگريون پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان اندر ڪوٽ ۾ ويٺيون رهيون تيستائين فقير پاڪ جن سندن سڀ ضرورتون پوريون ڪندا رهيا. جنهن ڏينهن کان نينگرين پنهنجو ڏلو وڃي ڪيو ۽ وڃي چڙهيون شينهن ڪلهي ته ان ڏينهن کان پوءِ فقير مولا جن به اهو پنجن روپين وارو پاند به پلي ڇڻ پورو وڃي ڪيو ۽ بعد ۾ ڪڏهن به ڪٺي به ڪو پلجي انهن جو ذڪر مرشد مولا فقير پاڪ جي ڪچهريءَ ۾ اسان ڪونه ٻڌو.

جمعدار مجيد وارا پنج روپيہ سندس پيءُ پيڙهي تائين يعني پٽن کان پوٽن تائين بہ فقير مولا جن کي ڪو پاڙڻا هئا. سو پاڻ بلڪل پاڙيائون ۽ اڳتي بہ جيڪڏهن مايون اٿين ويٺيون رهن ها تہ پاڻ مولا جن کين ڏنو ڪرڻ ڪن ها پر جڏهن هنن پنهنجي اڳتي واري زندگي، جو پاڻ فيصلو ڪيو ۽ فقير پاڪ جن کان ڪا بہ پڇا يا ڪا صلاح ئي نہ ڪئي تہ پوءِ پاڻ بہ اتي ئي حد رکي بيهي رهيا. ورنہ جيڪڏهن اٿين نہ لٿي ها تہ هي پنجن روپين وارو سلسلو، خبر نہ آهي تہ الائي ڪٿي هلي ختم ٿئي ها!.

جمعدار مجيد جي فقير پاڪ جن سان تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت تہ ان ڳالهہ مان ئي ظاهر آهي تہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زوار مجيد کي فقير مولا جن کان جدا ڪرڻ ۽ ڦٽائڻ جي خاطر اهو چيو ۽ گمان ۾ وڌو تہ فقير مولا جن تنهنجي گهر واريءَ سان ڪريل آهن ۽ ناجائز تعلقات رکن ٿا تہ جمعدار مجيد ان تي بيو ڪو بہ رد عمل ظاهر ڪونہ ڪيو. اهاڻي ساڳي محبت ۽ عقيدت اٿين ئي فقراءَ سان هلندي آئي. اجا بہ چڻ تہ ان ۾ واڌارو اچڻ لڳو. باقي تہ هن پنهنجي گهرواريءَ کي ان ڏينهن کان پوءِ چهڻ جو چيهہ ڪري ڇڏيو. پنهنجي خيال ۾ هن اهو چاتو تہ جڏهن تہ هن واري شيءِ فقير مولا جن جي ڪتب ۾ آئي آهي تہ پوءِ سندس لاءِ تہ اها شيءِ هڪ مقدس شيءِ بنجي ٿي پوي. ان ڪري هاڻي ان کي سندس ناپاڪ ۽ نالائق هٿ ڇهڻ لائق نٿا ٿي سگهن. اٿين الائي جي ڪيترا ڏينهن، مهينہ يا ورهي ڪي سال بسر ٿي ويا تہ مجيد جمعدار گهر وڃڻ ترڪ ڪري ڇڪو هو. جڏهن جو اها خبر فقير مولا جن کي ڪنهن سچڻ اچي ٻڌائي تہ پاڻ کي ڏاڍو ارمان بہ ٿين ۽ زوار مجيد تي خفو بہ آين. پاڻ يڪدم زوار مجيد کي سڏرائي پاڻ سان گڏ ڪيو. سندس گهر آيا ۽ مائي صاحبہ کي سڏ ڪري ڪيس مٿي تي هٿ رکي زوار مجيد جو هٿ وٺي مائي صاحبہ جي هٿ ۾ ڏئي ڪيس حڪم ڪيو تہ وڃي گڏ هڪ بستري تي سمهي رهو ۽ اڳتي جي لاءِ زوار مجيد کي تنبيهہ ڪندي فرمايو تہ اهڙين اجاين سجاين ڳالهين تي ڌيان نہ ڏيندا ڪيو. توهان سيئي اسان جا ٻچا آهيو. اهڙي طرح سان جمعدار مجيد وري ٻيهر ساڳي طرح سان پنهنجي گهر اچڻ وڃڻ لڳو ۽ سڀ شڪ شبهہ ختم ٿي ويس.

سندن جبل وارو سير بہ جهڙي طرح سان ڇلي ڪشي ۽ لنگ بندي، وارو سير قدرت جي ڪرشمي سان مولا علي عليہ السلام جي حڪم مطابق تہ هاڻي وڏيڪ پاڻ کي ڪا بہ تڪليف نہ ڏيو. توهان جو سڀ سانگ جيڪو ڪجهہ اوهان ماڻڻ چاهيو پيا اهو

سڀ جو سڀ توهان کي مباح آهي ۽ توهان مالڪ آهيو. هاڻي هي ٻه رستا اٿو جيڪو به توهان انهن ٻنهي مان پاڻ پنهنجي لاءِ منتخب ڪيو ته پوءِ انهيءَ رستي سان وڃي رهو. پر پاڻ فقير مولا جن ته ٻنهي رستن کي ماڻڻ جو پڪو پهه ڪيو هو ۽ پهريان هي جبل، جهنگل، ٿر ۽ بر وارو سير سولڻ جو سعيو ڪيو هئائون ۽ هاڻي ان جبل جي سير جو به اچي انت ويجهو ٿيو هو. پاڻ پنهنجي خيال جي خيال تي هلندا هئا. جيئن به خيال چاهيندو هو ته ائين ئي ڪيو ويندو هو. جبل ۾ هلندي هلندي هڪ اهڙي هنڌ تي پهتا جتي هڪڙو جبل جو توڙ ائين ٺهيل هو جو چوٽيءَ تي چوٽي ٺهيل هئي ۽ اها جيڪا چوٽي هئي اها بلڪل سڌي هئي ڪٿي ان ۾ ڪو لاهه يا هيٺاهين ڪونه ٿي نظر آئي جو ماڻهو ان تي مٿي چڙهي سگهي. فقير مولا جن جي خيال ۾ آيو. خيال ته ان جبل تي چڙهه دير نه ٿي پاڻ اوڏي مهل جبل تي چڙهائي ڪري چڙهڻ شروع ڪيو ۽ جيڏي مهل چڙهي مٿي چوٽيءَ تي پهتا ته جيءَ وات مان ٻاهر نڪري لڙڪڻ لڳي ۽ جتي به جبل تي پير پيون پيا ته اتي پيرن جا نشان ٺهندا ٿي رهيا. جبل جي چوٽيءَ جي پٿرن جو رنگ اهڙو هو جهڙو ڏيڍر جي پٺيءَ جو رنگ ٿيندو آهي ۽ ان ۾ اهڙيون تيز نوڪدار ۽ سنهيون چهنبون هيون جيڪي پير رکڻ سان پيرن ۾ چڀي ٿي ويون ۽ پيرن مان رت ٿيندڙيون ڪيو وهيو ٿي نڪتو. سمجهيو سين ته شايد اڄ پويان ٿي پساهه آهن ۽ موت جنهن کي چوندا آهن اهو اڄهو هيءُ ٿي آهي. عشق اتي اچي بيهاريو هو جو هيءَ واهه ته هوءَ واهه!! ته اوچتو جبل ۾ ائين هڪڙو آواز پيدا ٿيو جيئن پڙاڏو ٿيندو آهي. حڪم ٿيو ته توهان جو جبل وارو سير هاڻي پورو ٿيو. بس اڳتي ڪجهه به نه آهي. توهان هاڻي پوئتي موٽو. آواز ٿي گونجي بس ٿي ويو. سمجهيوسين ته اهو حڪم ته اسان کي ٿيو آهي. پر هاڻي موٽجي ڪيئن؟ پهريان عشق جي اوقات ۾ خبر ئي ڪانه پئي ته مٿي ڪيئن چڙهي اچي پهتا آهيون. هاڻي ته سالڪيءَ ۾ سڀ ڪجهه ٿو پيو نظر اچي ته ڇا ڏکيو آهي ۽ ڇا سولو آهي؟ ته ائين اسان جي پرسان هڪ ڇٽن انچن جيتري پٽي جيڪا سفيد رنگ جهڙي پر ائين جيئن ٽارچ ٻاري آهي ۽ هڪ روشنيءَ جي ليڪ ٺهي پوندي آهي. اهڙي طرح سان اها ڇٽن انچن واري پٽي اتان مٿئين جبل کان جو شروع ٿي ته وڃي پرواري هيٺين جبل تي پهتي. هاڻي حڪم ٿيو ته پوئين پيرين منهن ڪيو. اوڏانهن جنهن جبل تي هن وقت توهان ويٺا آهيو ۽ پٺ ڪيو هيٺئين جبل ڏي. پوءِ پوئتي ريڙهيون ڏيندا وڃي هيٺين جبل تي پهچو. پوءِ سالڪن ائين ڪيو جو ان نوراني

فقير پاڪ جن جي روضہ پاڪ جاء وصال جي ٻاهرين چوديواريءَ وارو دروازو

فقير پاڪ مهدي سرڪار جو چشمو مبارڪ



اها دستار مبارڪ جيڪا فقير پاڪ مهدي مالڪ "دلق" جي صورت ۾
مقصود علي مخدوم جهانيه جن کي اوڍائي هئي

فقير پاڪ سرڪار مهدي مالڪ جون ڇيريون مبارڪ جيڪي پاڻ ڪانيوءِ
ڪڏهن به نه لاٿائون

فقير سمر علي سرڪار فقير پاڪ مهدي مالڪ جو ٽڙ مبارڪ
ڏيکاريندي

پوڊر جيڪو فقير پاڪ مهدي مالڪ استعمال ڪندا هئا.

فقير پاڪ مهدي مالڪ جو ٻٽون مبارڪ

فقير پاڪ مهدي مالڪ جو شيو جو سامان (قينچي، نچڪڻو سيفٽي وغيره)



فقير پاڪ مهدي مالڪ جا شيو لاءِ برش مبارڪ

فقير پاڪ مهدي مالڪ جي چيرن جا گنگهرو مبارڪ.

فقير پاڪ مهدي مالڪ جو پرس مبارڪ

فقير پاڪ مهدي مالڪ جي عشق جو ڦيرين اوتارو جيڪو "دونهون پاڪ" نالي سان مشهور آهي. دونهي نظر اچي رهي آهي.

دونهي واري مٿخاني تي جيڪو فقير پاڪ مٿئي جي ڏريعي وڏو ڏڙو ٺاهيو اهو
ڏڙو ۽ مٿان ڪبڙ نظر اچي رهيا آهن

سچڻ فقيرياڻي ملاح جو روضو مبارڪ. فقيرياڻي فقير پاڪ جي خدمتگار هئي

فقير پاڪ مهدي مالڪ جي گلاس جو ڪور، گلاس، پيراڳڻ مٿين سان
پاٿهوڙو ۽ ڪجهه ٻيون شيون وغيره

فقير پاڪ مهدي مالڪ جو مٽي مبارڪ لاءِ استعمال ۾ آندل شيشو مبارڪ



سيد غلام مهدي عرف منا سائين جو روضو مبارڪ



سيد محمود شاهہ ثاني جو روضو مبارڪ

مخدوم غلام محمد هالائي (سرور علي)

حاجي امام بخش
(خان بهادر شاهنواز جتوئي) "صابر"

فقير فولاد علي شر

سيد صالح محمد شاهه راڻي پور وارو

سيد موتيل شاھ صاحب

محمد خان "محمد فقير کتيان"

سيد موج درياھ سائين
جهانيه ثاني

سيد حسن علي جهانيه سائين
موج درياھ سائين جون پوونمبر فرزند ارجمند



هادي پاڪ فقير سرڪار مهدي امام آخري زمان مخدوم جهانيه



سيد موج درياھ سائين مخدوم جھانيه "اول"

فقير شھنشاھ مھدي سرڪار جا فرزند ارجمند



سيد شير علي "سيد علي" مخدوم جهانيه



سيد معراج علي رضا مخدوم جهانيه

فقير سمر علي مخدوم جهانيه جا والد بزرگوار رحه



فقير سمر علي مخدوم جهانيه

فقير پاڪ مهدي مالڪن جا طالب

سيد مقصود علي مخدوم جهانيه موجوده گادي نشين

پٽيءَ تي چڙهي منهن مٿئين جبل ڏانهن ڪري پٺي هيٺئين جبل ڏانهن ڪري پوئتي آهستي آهستي ريڙهيون ڏيندا اچي هيٺئين جبل تي پهتا. جتان پوءِ پيادل پنڌ ڪري اچي زمين تي پهتا. اهڙي طرح ان ڏينهن کان پوءِ فقير پاڪ جن جو اهو جبل وارو سير پورو ٿيو. پوءِ پاڻ مالڪ ڪڏهن ڪڏهن انهن فقراءِ ۾ ويٺي فرمائي ويهندا هئا ته ادا عشق اسان کي پوئين پيرين پٺيءَ پاڏو به ريڙهيون پارايون آهن.

فقراءَ کي هدايت ڪرڻ ۾ به ڪڏهن پاڻ انهن فرمائيندا هئا ته ادا ڏاڍو مڙس اٿو. اهوئي ته آهي ســـاڳيو ڪربلا وارو. ان ڪري ڪنن ۾ هٿ رکهي رات جو وچي ڪيڙي ۾ جسم اگهاڙو ڪري گيسي ڪجي. بهرحال سير مان سير هلندو رهيو ۽ آخر انهن جبل جو سير به پورو ٿيو ۽ هاڻي وري سير شروع ٿيو معنيٰ وارو جيڪو آخري سير ۽ رستو نمبر پيو آهي. پهريون رستو هو جبل، جهنگ، لڙ ٻر ۽ پٽ جيڪو پاڻ ماڻي اچي مٿي چڙهيا هاڻي هي پيو ۽ آخري رستو جيڪو فقير پاڪ جن کي حاجي فقير جي معرفت ڏسيو ويو هو اهو آهي. هن صورت جو سير يعني انساني صورت سان گسڻ پســـڻ ۽ رهڻ ڪرڻ جيڪا اصل ۽ حقيقت آهي ذات جي. جڏهن صفاتي صورت ســـڃاپندي تڏهن ته وچي ذاتي صورت جو ديدار نصيب ٿيندو. هي صورت ئي ته ســـب ڪجهه آهي. هســـتي مســـتي، هوڏ حرص، لالچ لوڀ ڪوڙ بدوڙ، چڙ، غصو ۽ ڪاوڙ وغيره اهو سڀ ڪجهه ئي ته آهي. جنهن مان حقيقت جي پروڙ پئجي سگهي ٿي.

هستي کي همه اوست، ڀر ڪيو ڳم جنين،

ڏٺو ترت تنين، اکين شعاع شهود جو.

اهي جيڪي به صفتون آهن گڻ يا اوگڻ اهي سڀ جو سڀ هن انساني صورت ۾ ئي سمايل آهن. هاڻي جيڪڏهن صفت کي سڃاڻڻو آهي ته پوءِ هن انساني صورت کي ڏسڻو پسڻو پوندو پوءِ اها انساني صورت منهنجي به آهي ته تنهنجي به آهي. ڪهڙي کي پسڻ گهرجي؟ تو واريءَ کي يا مون واري کي؟ پسڻو ٻنهي کي آهي. مون کـــي پنهنجي صورت ســـڃاڻڻي آهي ته پوءِ تو واري صورت مان ئي. آءٌ پنهنجي صورت ڏسي سگهندس. ان ڪري پاڻ سڃاڻڻ خاطر آءٌ توکي سڃاڻي وٺندس ۽ جڏهن توکي سڃاڻي وٺندس ته پاڻ ازخود ســـڃاڻپ پيو! واهه واهه! هيءَ ته معنيٰ جي معنيٰ تي پٽي ۽ آهي به انهن ئي معنيٰ جي معنيٰ کي سڃاڻڻو آهي.

پاڻ مولا جن ۾ سڀئي سير ماٿي چوڙي هاٿي اچي سڀ ۾ سمايا ۽ صفاتي سير جي شروعات ڪئي. جيڪو اڳ ۾ ئي مائيل هو. ڪنهن ٻئي روپ سان جو جڏهن ڪنهن ڳلي، گهٽي ۽ مان گذرڻي ويندو هو ته اها ڳلي عطر عنبير ۽ مشڪ سان معطر ٿي ويندي هئي ۽ هاٿي هن روپ ۾ جنهن ۾ چير پيرن ۾ ڳچيءَ ۽ هٿن ۾ هزارين ڳانا. پيشوازي پهري، جامي جي جهنڪار سان جڏهن فقير پاڪ جو ٽولو گهٽيءَ ڳليءَ مان گذرندو هو ته ماتم جهڙو ماحول برپا ٿي ويندو هو. ڪي اوچانگرون ڏئي روئي ويهندا هئا ته ڪي وري نچندا ڪڏندا. فقراء سان گڏ هلندا رهندا هئا. نڪو ٿڌيءَ جي نڪو ڪوسيءَ جي، رات ڪئي ته ڏينهن ڪئي، ننگر نان ۾ هلندي ٿيو ته ٽئي جهڙو. ڪئي ۾ گوڏو پچي گرهه جي لاءِ ڪونه ويٺا. پڪيون مانيون پاڇيون، ڪورما ڪوفتا ۽ گوشت پلاءَ اتي چڙيا پاڻ اتي اڳتي راهي ٿيا. ساز سدائين سينگاريل، يڪتارا چڙهيل، چوبه ڪلاڪ ٿي رڳو يار سان تار جي تنوار، وري جو مٿان آيو پيگ پاڻي جو وارو ته چڻ سون تي سهاڳ ٻنجي پيو. باقي جيڪو هوش حواس بچيل هو اهو به يار جي حوالي ٿي ويو. وڏي ڪا وير هئي وحدت جي جيڪا هلندي رهي هلندي رهي، جنهن ۾ ڪيترائي جنگ جوان، اڙهنگ ۽ اردا اچي پنهنجي من جي پياس ڪي پروان چاڙهيندا رهيا هئا. جن ۾ محمد فقير ڪٽياڻ سرفهرست آهي. باقي ٻيا ٻه غمدل فقير دايو، در محمد فقير هيسباڻي، فولاد فقير شر، مخدوم غلام محمد صاحب، صالح شاهه بادشاهه جيلاني ۽ صابر جتوئي صاحب جن قابل ذڪر آهن. رياست خيرپور جو والي مير علي نواز خان "ناز" به ٿورو يا گهڻو سندن صحبتي ضرور رهيو آهي. جو جڏهن مير صاحب جن پنهنجي ملڪي دوري دوران هلندي اچي جڏهن فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان جن جي اوتاري ويجهو خيمه زن ٿيا آهن ته فقير پاڪ جن پنهنجي فقراء سميت پنهنجي اوتاري تي موجود آهن. گرمين جا ڏينهن هئا راڳ ويراڳ ڏينهن تتو مڙس متو وانگر هلندو رهيو ۽ اٿين درها دنگ شيشن جا منهن ڪلندا ويا. پٽ پريت جا پيچندا ويا هستي هم اوست ۾ گر ٿيندي وئي ته مستيءَ ڪي وري موج ماري وڃي مات ڪيو. ساڳي ئي سرور ۾ جنهن ڪيف ۾ پاڻ صالح شاهه بادشاهه جيلاني وٽ وڃي پهتا هئا ۽ حضرت صالح شاهه فقير پاڪ جن ڪان دريافت ڪيو هو ته توهان هي پيگ پاڻي جوٺا واپرايو ۽ هن ۾ اهڙي ڪهڙي خوبي آهي جو توهان پيو ٿا؟ پاڻ مالڪن ٺهه پهه صالح شاهه بادشاهه کي اهو جواب ڏنو ته پيئوسين ته توهان وٽ

پهتاسين. پاڻ پيادا فقراءِ جو ٽولي سان ڳائيندا وڄائيندا ساڳي ئي بيان ڪيل ڪيفيت ۾ اچي مير صاحب علي نواز خان جي خيمن جي ويجهو ٿيا. مير صاحب اندر پنهنجي خيمي ۾ پنهنجيءَ ڪرت ۾ قابو هو. دربان وڃي مير صاحب کي فقراءِ جي اچڻ جو ٻڌايو. مير صاحب ضرور پاڻ به فقراءِ جو آواز ڪلام ٻڌي رهيو هوندو. مير صاحب پنهنجي اتالي کي حڪم فرمايو ته جيئن ته فقراءِ اس ۾ بيٺو ٿو ڳائي وڄائي ۽ آرڙهه جي اس تيز آهي ته فقراءِ جي مٿان جلديءَ ۾ شاميانو وڇايو وڃي. تيستائين مير صاحب به فارغ ٿي ڪري پوءِ اچي فقراءِ سان ملندو ۽ هيڏانهن فقير مولا جن وٽ ته ڪا اهڙي ڳالهه ڪا ڻ ڪنهن جي ڪونه هئي جو ويهي ڪنهن آزاريءَ جو انتظار ڪدين. پاڻ جلديءَ ۾ جيئن ئي فقراءِ سان آواز ڪلام ۾ محو محفل هئا ته سندن خيال ۾ اها ڪافي جڙي آئي ته

پيالو پيتل هجي ، گهوڙو ڪوتل هجي.
حسن هوٽل هجي، اتي ڪيچل نه هجي.

پاڻ اها سموري سرستي ڪافي ان جو ان مهل مير صاحب کي جواب جوڙي ڏئي واپس وريا.

هڪ دفعي هڪ درويش نالي ديدار علي اچي رهيو هو ۽ پنهنجي هٿن جا اشارا ڪري صوفي شير علي حيدريءَ کي چيائون ته هلو ته فقير مولا جن اوهان کي ياد ڪري رهيا آهن. صوفي شير علي حيدري ديدار علي کان پڇيو ته حضرت فقيرالموليٰ ڪٿي آهن؟ ان هٿ جو اشارو ڪري جتي حضرت فقيرالموليٰ جن جا متواتر چاليهه چلا ڪمايل هئا. ان ڪوٺيءَ جي دروازي ڏانهن هٿ جي اشاري سان چوڻ لڳو ته حضرت فقيرالموليٰ جن دونهين تي ويٺا اٿو. پوءِ فقير صوفي شير علي حيدري ان در جي ڪوٺيءَ جي در کان ليئو پائي ڏٺو ته حضرت فقير الموليٰ جن هڪ وڏي خاڪ جي ڍير تي اونڌا مونا ڪيو مراقبه اندر ويٺا آهن ۽ سندس عشق الاهي محبت جي جذبات سندن جسم ۾ جذب ٿي رهي آهي. ان جلال کان سندن چشم آلوده اشڪ وهائي رهيا هئا ۽ ان جي آب سبب ساري خاڪ جنهن تي پاڻ مراقبي اندر ويٺا رهيا ساري مثل خميره آلوده اشڪ جاري ٿي هيٺ ڏرتيءَ تي نالين وانگر وهڻ لڳو ۽ پاڻ مراقبي ۾ ئي فرمائڻ لڳا ته حضرت شير علي سائين توهان کي ان لاءِ گهرايو اٿر ته هي پنهنجو گهر توهان کي ڏيکاريون. سو اچو ويهو ، فقير صوفي شير علي حيدري سندن سامهون

ديدار ۾ ويهي نظر "چشمن" طرف ڏٺو ته سبحان الله حضرت فقيرالمولىٰ جن جي اشڪ وهائڻ ڪري ساري ڪوٺي اٿين پاڻي ئي رهي آهي جيئن ڪو هاري زمين ۾ ريج ڪري رهيو آهي. حضرت فقيرالمولىٰ فقط ور لانگوٽا (لنگ) کان سواءِ سندن جسم مبارڪ تي ڪابه ڍڪڻ جهڙي شيءِ نظر ڪانه آئي. پوءِ پاڻ فرمائڻ لڳا ته حضرت صوفي شير علي سائين پريل ڪي نه پربو آهي ۽ نه وري تريل ڪي توربو آهي. توهان پريل به آيو ۽ تريل به آيو تڏهن ته اسان توهان کي پنهنجي گهر صلاح ڪري آندو آهي ۽ پنهنجو گهر ڏيکاريو آهي. مٿان پاڻ فرمايائون ته جمعدار ڪبڙ کي سڏيو. فقير صوفي شير علي حيدري جي دل ۾ ڏاڍي خوشي برپا ٿي ۽ دل ۾ خيال ڪيو ته اڄ ڪبڙ خان رنگجي ويو ۽ پاڻ جڳهه کان ٻاهر ڏسڻ لڳو ته ڪو اهڙو ماڻهو منهن ۾ لڳي جنهن کي چوان ته ڪبڙ خان کي نياپو پهچائي ته حضرت فقير المولىٰ جن سڏي رهيا آهن. (ياد ڪرڻ فرمائن ٿا) پوءِ ٻاهر ڏسڻ شرط ساڳيو ديدار علي ڏسڻ ۾ آيو. جنهن کي اشارو ڪري فقير صوفي شير علي حيدري چيو ته ڊڪ پائي ڪبڙ خان گهر وڃو ائين ان کي ٻڌاءِ ته حضرت فقير المولىٰ جن توکي سڏين ٿا. ڪبڙ خان ديدار علي درويش کي چيو ته بس مانيءَ ۾ ٿورڙي دير آهي تون هل ته آءٌ پويان ماني کــــٺي اچان ٿو. پوءِ ديدار علي واپس اچي حضرت صوفي شير علي حيدري کي ڳالهه ڪئي ته ڪبڙ خان چيو ته تون هل مان ماني ڪــٺي اچان ٿو. باقي مانيءَ ۾ ٿورڙي دير آهي. وري حضرت فقيرالمولىٰ جن فرمايو ته حضرت شير علي حيدري صوفي سائين ڪبڙ کي گهرايو وري فقير حضرت شير علي حيدري صوفي ان جڳهه کان ٻاهر نڪري ڏٺو ته اهو ســاڳيو ئي ديدار علي بيٺو آهي. وري ٽيون دفعو ديدار علي کــي صوفي حضرت شــير علي حيدري ٻڌايو ته تون وڃ ۽ حضرت فقيرالمولىٰ جن بار بار ڪبڙ کي ياد ڪري رهيا آهن.

ديدار علي چوڻ موجب ڪــبڙ خان جي گـــهر وڃي چيائينس ته مانيءَ کي ڇڏ اٿي هل حضرت فقيرالمولىٰ جن توکي سڏين ٿا. ڪبڙ خان ديدار عليءَ کي چيو ته ديگڙي لاهيون ٿا پاڄي پچي وئي آهي. بس تون هل تنهنجي پويان ماني ڪــنيو اچان ٿو. حضرت فقيرالمولىٰ جن جيئن پهريائين کــان مراقبه ۾ مشــغول هئا تيئن ئي مراقبه ۾ ويٺا هئا ان ئي در مراقبه حضرت فقير المولىٰ ج فرمايو ته ڪـــبڙ نه آيو پوءِ حضرت صوفي فقير شير علي حيدري کي مرشد جي اڳيان ڪوڙ ڳالهائڻ غير مذهب صوفيه ڪلام ۾ آهي پوءِ حضرت صوفي فقــير شير علي حيدري با ادب ورائيو ته

سرڪار! ڪبڙ خان چوائي موڪليو آهي تہ ماني، ۾ دير ڪانہ آهي ۽ مان ماني ڪڻائي اچان ٿو پيو. حضرت فقيرالموليٰ جن ٻڌي چوڻ لڳا تہ (هٿ جو اشارو ڪري) هاڻي ڪبڙ کي اڳوٺو... اڳوٺو... اڳوٺو اٿس. پاڻ ان ساڳئي جڳهہ تي مراقبو ڪڍيو ويٺا هئا ۽ مراقبہ اندر فرمايائون تہ ٿانورداس اچي. حضرت صوفي فقير شير علي حيدري ٻاهر نڪري ڏٺو تہ ديدار علي ڪونہ آهي. ان جي جاءِ تي ديوان ٿانور داس عامل پوش پير اگهاڙا کيو بيٺو آهي. صوفي فقير شير علي حيدري ديوان ٿانور داس کي سڏ ڪري پاڻ وٽ گهرائي چيو تہ توکي حضرت فقيرالموليٰ جن گهرايو آهي. ديوان ڏڪڻ لڳو، هيبت کان اندر نہ پيو وڃي پوءِ حضرت صوفي فقير شير علي حيدري هٿ جهلي ديوان کي حضرت فقير الموليٰ جن جي قدمن تي پيش ڪيو پاڻ ٽي دفعا هٿ کڻي ان جي طرف توجہ ڏيئي چيائون تہ آفرين..... آفرين..... آفرين! تون شاهن جو شاهہ آهين. پوءِ ٿانور داس گوڏا کوڙي سندن سامهون سجده ۾ رهيو. حضرت فقير الموليٰ جن جيئن مراقبہ ۾ ويٺا رهيا. تہ پنهنجو دست مبارڪ پنهنجي بغل جي طرف رکي سٽ ڏنائون (چڪ) تہ سندن هٿن ۾ ٻن هٿن جيڏي هڪ ٻاٽل (بوتل) سندن هٿ ۾ آئي. اها ٻاٽل پاڻ پنهنجي وزير صوفي شير علي حيدري جي هٿ ۾ ڏئي چيائون تہ توهان هن کي کوليو پوءِ حضرت صوفي شير علي حيدري سندن دست مبارڪ مان بوتل وٺي کولي حضرت فقيرالموليٰ جن کي پيش ڪئي. پاڻ ان بوتل مان ڪجهہ پيتائون پوءِ حضرت صوفي شير علي حيدري کي اها ساڳي بوتل هٿ ۾ ڏيئي چيائون تہ توهان پيئو. ان بوتل کي جيئن پاڻ پيتائون تيئن حضرت صوفي فقير شير علي حيدري پيتو چوتہ اتي پير ڪوبہ اهڙو ٿانو يا برتن رکيل ڪونہ هو. تنهنڪري برتن جي بجاءِ اها ساڳي بوتل استعمال ڪيائون (پيتائون). پاڻ اها پي ساڳي ديوان ٿانورداس کي ڏنائون ۽ حڪم فرمايائون تہ توهان ٿي پيو. ٿانورداس پي حضرت فقيرالموليٰ جن جي گهر تي حضرت فقيرالموليٰ جن کي پيش ڪيائون پاڻ اها بوتل وٺي ديوان کان حضرت صوفي فقير شير علي حيدري کي ڏنائون. حضرت صوفي فقير شير علي حيدري حضرت فقير الموليٰ جن کان اها بوتل وٺي ۽ پيئڻ کان نفرت ڪئي ۽ دل ۾ سوچيائين تہ جو ڪجهہ هن بوتل ۾ آهي سو هڪ هندوءِ جو جوٺو ٿيل آهي. حضرت فقيرالموليٰ جن حضرت صوفي فقير شير علي حيدري جي هٿن مان بوتل وٺي پاڻ نوش (پيئڻ) شروع ڪيائون. نوش ڪرڻ بعد حضرت صوفي فقير شير علي حيدري کي ڏنائون ۽

حضرت صوفي فقير شير علي حيدري پنهنجي نفس ڪـي چوڻ لڳو ته تون پليو آهين. جيڪڏهن بوتل واري شـيءِ هندوءَ جي پيڻ سـان جوٺي ٿئي ها ته حضرت فقير المولىٰ جن هر گز نه پيئن ها . پوءِ اها بوتل حضرت فقير المولىٰ جن جي حڪم ۽ هٿن سان مليل باقي پي ڇڏيائين . سندن فرمان ڪين هيءُ هو ته باقي بوتل ۾ جيڪو آهي سو توهان جو حصو آهي. پوءِ اها بوتل خالي ڪري بوتل کـي هٿ ۾ رکـي معلومات ڪرڻ لڳو ته هي شيشـو ته آهي ئي ڪونه . نه لوهه آهي نه ڪاٺ ئي آهي. فقط هن بوتل جو رنگ ڪاٺ وانگر آهي ۽ جو ڪجهه بوتل ۾ هو سـو جي عام ماڻهو ڏسـن ها ته ائين چون ها ته هي شراب پين ٿا ۽ شرابي آهن. صوفي فقير شير علي حيدري ان بوتل ۾ جو ڪجهه ان ۾ پيالو آب هو، ان آب بوتل جو ذائقو جام ڪوثر جهڙو خود هو ۽ معلومات بوتل جي سمجهه ڪـان ٻاهر هئي. حضرت فقير المولىٰ جن حضرت صوفي فقير شير علي حيدري ڏي ڏسـي چوڻ لڳا ته توهان ڪهڙي تعجب ۾ صبر ڪري ويا آهيو؟ پاڻ پڇيائون ته توهان کي هن بوتل ۽ بوتل جي آب مان معلوم نه ٿيو آهي ڇا؟ حضرت صوفي فقير شير علي حيدري عرض ڪيو ته قبلا! پيڻ واري شيءِ ته (دستون پير مغان دي سئيان پيتم آب حيات) ۾ هي آب حيات ڪان ٻه تاب زندگي بسر ڪرڻ سان تاب بمعاني ۾ اهڙو پاڻي يا شـــــربت جو ڪوبه مثال ٿائي نه آهي. ان مان معلوم ٿيو آهي ته جيڪي بوتل مان آيو (پيتو) تنهنجو ذائقو نه پر خود جام ڪوثر آهي. باقي بوتل جي روحانيت ڪـان بنده بي خبر آهيان. پاڻ فرمايائون ته هن بوتل جو وجود خاص فڪان قاب قوسين جي مٽيءَ مان ٺهيل آهي. ســــواءِ ان مٽيءَ جي جام ڪوثر ٻئي ڪنهن به برتن مٽيءَ ۾ پئجي نه سگـــــهندو تنهن ڪري جام آب ڪوثر جو مالڪ اها بوتل آهي. فيض جو ڪور آهي.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته فقير پاڪ مهدي مولا جن ڪـان ڪنهن درويش سوال ڪيو ته توهان صوفي حضرت علي عليه السلام کي الله ڪري مڃو ٿا . اوهان جو انهيءَ باري ۾ ڇا عقيدو آهي؟ پاڻ فقير پاڪ جن بجاءِ انهيءَ جي جو ڳالهه ڪـــي تمام گهڻو وڌائن. پاڻ ٿورڙن لفظن ۾ ئي انهيءَ سوال جو جواب ڏنائون ته ٻه دفعا.....!!

جانڻ فقير جن طريقت ۾ صادق علي جڏهن مرشد جي تلاش ۾ ســچي سـنڌ تڙپندو رهيو. سـيوهڻ شـريف ۾ قلندر پاڪ جي حضور ۾ به حاضري ڏنائين ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي به ويو ۽ ان وقت جي گـادي نشـين سـاڻ مليو. هتي به هن کي تبري وارو طريقو نظر آيو. هن کي جتي به ڪنهن فقير درويش جو ڏس پتو ملي پيو

هي اتي وجي ان ســان ملي پيو. مگر هن کــي ڪٿي بہ روحاني چين نہ آيو ۽ هڪ دفعو فقير پاڪ جن سان پهريان بہ ملي ويو هو. مگر سچي سنڌ گهمڻ کـان پوءِ هڪ دفعو وري فقير پاڪ جن وٽ حاضر ٿيو ۽ جڏهن آيو تہ هن اتي دنيا دولت جي آمدنـي ۽ روانگي تمام گهٽي ڏٺي ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ حال تہ فقيري آهي مگر هي ملڪيت جي آنا جانا مان ڇا مقصد آهي؟ تہ فقير پاڪ جن هن کي ڏسي فرمايو تہ رکيو تہ اسان بہ ڪونہ اٿس! انهيءَ کان پوءِ جانڻ جن فقير پاڪ جو طالب ٿيو.

فقير پاڪ جن وٽ ڪيئي ســوالي بہ موجود رهندا هئا جن جي غرض پوري ڪئي ويندي هئي ڪڏهن ڪنهن سواليءَ جي سوال مطابق ڪا شيءِ موجود نہ هوندي هئي تہ پاڻ فقير پاڪ جن ان کي ترسائي بہ ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ جڏهن سندن حضور ۾ ان سواليءَ جي غرض واري شيءِ بيرنگيءَ ۾ اچي ويندي هئي تہ سندس غرض پوري ڪري سواليءَ کي اجازت ڏيندا هئا.

هيءَ ڳالهہ بہ جيڪا هن وقت خاندان جهانيہ ۾ ظاهر ٿي رهي آهي. جو روضي مبارڪ کي تہ تالي لڳي سال کان مٿي عرصو گذري ويو آهي. هاڻي داتي باقي رهيل هو پارهين مهيني جو ميلو جيڪو رجب مهيني جي 17 تاريخ کـــان 22 تاريخ تائين پيو ملهائبو هو. ســو بہ هن ســـال پاڻ ۾ خاندان جي اڻ بڻت ڪري حڪومت تڪراري جڳهہ بڻائي بند ڪرائي ڇڏيو آهي. ميلي ۾ پارهن مهينا انتظار ڪندڙ پري پري جو فقراءَ اچي پارهن مهينن جي اڄ اڄهائيندو هو.

پاڻ مالڪن فقير پاڪ جن ڪنهن ويري ۾ هڪ دفعو فرمايو هو تہ ڪو وقت اهڙو ايندو جو درگاهہ شاهپور جهانيان تي گڏهہ ليٽندا !! سو جيڪو درگاهہ شـاهپور جهانيان جو منظر هن وقت اکين جي آڏو گذري رهيو آهي تہ اهو عين بين سندن قول جي موافقت ۾ آهي. ڇو تہ هن سمي اهڙي تہ درگـــاهہ پاڪ تي ويراني ۽ بربادي ظاهر ٿي آهي جو اتي هاڻي ڦريي ڏيڻ وارو بہ ڪونہ رهيو آهي. جيڪو ڦريو لوڪارو صفائي ڪيو ويندو هجي ۽ نہ وري ڪوئي آئي جو آڌر ڪرڻ وارو ٿي بچيو آهي جو آئي وٽي جي ڪا ٿهل ٽڪور ڪئي وڃي. مطلب تہ جتي بہائي ۽ خودي هوندي اتي اهي محبت وارا سانگ ڪير سينگاريندو؟ سواءِ محبت جي ميخانہ آباد ڪونہ ٿي سگهندا آهن. هي درگـاهون ۽ دربارون محبت جي مهر ســان وجود ۾ آيون ۽ انهن جو دائم قائم رهڻ بہ محبت جي مٿاڻ سان ئي محڪم آهي.

فقير پاڪ مهدي مولا جا صحبتي

هيٺ ذڪر ڪيل فقير مولا جن جي صحبتي صورتن مان جن سان پاڻ گهڻو وقت گڏ گذاريو ۽ آخري دم تائين فقير پاڪ جن انهن سان نباهيندا ۽ گڏ گذاريندا آيا. اهي آهن سهڻي صورت ۽ سيرت وارا حضرت مخدوم غلام محمد صاحب جن هالن وارا پيو آهن. فقير صاحب محمد فقير ڪٽياڻ جن ۽ ٻيون آهن. خانبهادر جناب شاهنواز خان جتوئي صاحب جن مذڪوره مرد مجاهد ۽ اهل دل عارف فقير پاڪ جن وٽ هلي اچي درشن جو درجو حاصل ڪندا هئا ۽ فقير پاڪ جن به ڪين وٽ ايندا رهندا هئا. فقير مولا جن ته هونئن به پاڻ سيلاني رهيا آهن. ساري زندگي ويندي آخري گهڙيءَ تائين غريب، غربي، امير فقير، ننڍي وڏي ۽ هر هڪ ڏي ايندا رهندا هئا. گهر ويني درشن پيا ڪرائيندا هئا. سڀ ڪنهن کي لائق کي به ته نالائق کي به اها سندن رهڻي هئي سيلاني جو ٿيا ته پوءِ جا جو تفرقو، ادلو گدلو، اوچو نيچو، بيڪار بيحد، برو پلو هر ساڻ هڪ هڪاڻ هئي جيئن سندن هڪ بول ۾ آهي ته!

" مظهر ۾ ٿي آيس مهدي هر سان هڪ هڪاڻ "

01 **محمد فقير ڪٽياڻ:-** فقير مولا جن سان محمد فقير ڪٽياڻ جي پهرئين ملاقات ڳوٺ جعفر خان وڳڻ ضلع نواب شاهه هاڻي ضلع نوشهروفيروز جي آس پاس ۾ ٿي. جڏهن ته فقير صاحب عوام کان اوٽ ۾ ڪنهن جهنگ جي جهروٽي ۾ ويهي ڪري شمسي ذڪر ڪمائي رهيا هئا. فقير مولا جن محمد فقير جو لوڙهو ٽپي وجي فقير کي ان لوڙهي مان ٻاهر ڪڍي آيا. تڏهن فقير صاحب جن وڏو پٽڪو ڪڙتو ۽ سلوار پائيندڙ هئا. ڪجهه ڏينهن جڏهن فقير مولا جن سان گڏ رهيا. ڪجهريون ۽ رهاڻيون ٿيون ته فقير صاحب جن پنهنجي وڏي پٽڪي کي جڻ پاڻ ئي وڏو بار سمجهيو. ان ڪري پاڻ ان پٽڪي کي چيرائي ڦاڙائي ٻئي فقراء کي قميصون سبرائي ڏنيون ۽ پوءِ ائين فقير پاڪ جن جي روحاني رنگ ۾ رنگبو رهيو. تيستائين جيستائين!

" مشهور ٿيو مهيسي، محمد مٺي اگهاڙو "

فقير صاحب ظاهري دست بيعت نواب فقير ولي محمد خان لغاري جن جو هو. پر صحبت ۽ محبت سڄي ساري فقير مهدي پاڪ جن سان هئس ۽ رهيس. پنهنجي سموري ڪلام ۾ پنهنجي ظاهري مرشد جي واڪاڻ صرف گهڻو ڪري هڪ ٻن

جڳهن تي ڪٿي اٿس.

فقير صاحب جو سمورو ڪلام نه اڳ ئي مخدوم طالب المولئ صاحب جن چيرائي سگهيا هئا ۽ نه وري هاڻي ئي رئيس احمد خان ڪنڀاڻ صاحب موجوده سجاده نشين درگـاهه فقير محمد سـائين ڪـنڀاڻ جن فقير صاحب جو مڪمل ڪلام ڇپرايو آهي. جڏهن ته جيڪڏهن چاهن ها ته ڪاٻه وڏي ڳالهه ڪونه هئي جو فقير سـائين جو سمورو ڪلام ڇاپي ۾ نه اچي سگهي ها پر پوءِ جو ۽ ڇاجي ڪري ڪهڙيون مجبوريون آهن جو پورو ڪلام ٻيو دفعو رسالو ڇپجڻ جي باوجود بہ نه ڇپجي سگهيو آهي؟ فقير صاحب جي موجوده ڪلام ۾ فقير نواب ولي محمد خان جن جو ٻن شـعرن ۾ ذڪر فرمايل آهي. جنهن ۾ ظاهر اهو ٿي رهيو آهي ته فقير نـواب ولي محمد صاحب جن فقير صاحب کي وحدت جي وات ڏسيندڙ ۽ برهه جا پاڻ ڏيکـارڻ وارا آهن ۽ پير مغان جي پرت جي پچار پيدا ڪرڻ وارا آهن. اهي ٻئي شعر پڙهندڙن لاءِ هيٺ ڏجن ٿا.

1 صوفين سندي سنگ سان ، ڪير روح رهاڻ.
هتيو ات حيران ٿيو. ٻڌي احديت احجاڻ.
ولي محمد مهر مـان ، برهه ڏيکـاريا پـاڻ.
ڪلي ات ڪنڀاڻ ، ڪمند پاتو قرب جـو.

2 ولي محمد وحدت جي، وات ڏسـي وينجهار.
سبق ڏنائيـن سـڪ جـو. احديت اظهار.
پير مـغان جـي پـرت جـي، پيـدا ٿـي پچار
احمد پـر انوار آيـو اگـڻ احـد ٿـي.

فقير صاحب محمد فقير جن کـي جيئن ئي فقير سـرڪار مهدي مولا جن ڳوٺ جعفر خان وڳڻ مان اچي ڪـبڙن جي وڏهين مان اٿاريو ۽ فرمايو ته اهو شمسـي ذڪر اڪين لاءِ هاجيڪار آهي. ان کي ڇڏيو ۽ اچي صورت جو سير ڪيو ۽ صورت جو سـانگ بنايو جو ته پنهنجي مولا ڏانهن جيڪڏهن ڪو رسـتو وڃڻ جو آهي ته اهو آهي صورت وارو. ٻيون سڀ واٽون اجايون ۽ ورن وڪڙن واريون آهن. جيڪي سڀ جو سڀ توهان کي ورٿيون ٻونديون ۽ سڌو پنڌ صورت جو ونئو پوندو.

فقير مولا جي صحبت ۽ سـنگ ۾ اچڻ کـان پوءِ ئي فقير صاحب محمد فقير عاشق اويسي ٿي، مٿو اگهاڙو ڪري ٻڪتارو هٿ ۾ ڪنيـو . ان زماني ۾ فقير مولا جن

سان هر ساز ۽ سينگار گڏ هوندو هو. ڳل پيشوازيون ته پيرن ۾ چير ۽ جسم تي جامون سجايل هوندو هو. فقراء جا جيڪو فقير مولا جن سان سنگ ۾ گڏ هوندو هيو هر وقت يڪتارا چڙهيل هوندا هئا. هڪ هنڌ گـــوڏو پڇي ويهڻ ڪونه هوندو هو. تنگر نان به فقراءِ هلندي ڊوڙندي ڪري وٺندو هو. پيگ پاڻي جو دور به هلندو رهندو هو ته " انا الحق " جو آوزاز به سازن سان سر ۾ آلاپجندو رهندو هو. فقير مولا مهدي پاڪ جن جي آواز جو ورلاپ ۽ ميٺاج جن به چکــيو هوندو ته اها انهن ڪنن ڪــي ٿي ڪل هوندي. پنهنجي سـنگ جي اڳواٽي پاڻ ڪندا هئا. جنهن به ڳلي ۽ يا گهٽيءَ مان فقراء جو گـذر ٿيندو هو ته هڪ قسم جي ماتم وارو منظر ۽ سمو نظر ايندو هو. سـوز ۽ درد جي آلاپن ڪري ماڻهو ڊنڊڪرون ڏئي روح راڙو ۽ رڙيون ڪري روئندا هئا. پاڻ فقير مولا جن به فقيرن جي سخنن ٻڌڻ سان ۽ وري جيڪڏهن پيغام پهچائڻ وارو به درد دل ۾ رکڻ وارو هوندو هو ۽ درد جي دانهن سان درد جو داستان سڻائيندو هوندو هو ته پاڻ ايڏو گريه ڪندا هئا جو اکــين مان نيرن جا نار وهي هلندا هئا ۽ پنبڻين مان پاڻي ســڪائڻ لاءِ پوتيون آليون ٿي وينديون هيون. مطلب ته محمد فقير به ان سمي ۾ مهدي مولا آخري زمان جن سان سـنگ ۾ اچي شريڪ ٿيو هو ۽ هت هن ڳالهه ڪرڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته محمد فقير ڪـتياڻ صاحب ڪـي فقيري، جو جيڪو به رنگ لڳو هو ۽ لڳو اهو سمورو جو سمورو فقير پاڪ مهدي مولا جن ڪان ٿي ڪيس پلئه پيو. جنهن جو ذڪر پيو ڪو ڪري يا نه ڪري. ڪو پنهنجي عزت نفس بچائڻ خاطر ته ڪو وري پيري بزرگيءَ جي ڊپ خاطر ته ڪو وري پاڻ کي ٻئي جي آڏو هيٺ ويهڻ کي هيٺ ۽ گهٽ سمجهي ڪري پنهنجي سمجهه جي ڪوتاهيءَ سـبب به محمد فقير ڪـتياڻ جي لاڳاپي ۽ فقير پاڪ مهدي مولا جي محبت جو مذڪور ڇڻ ته ڇاٽي واٽي گـــهٽ ۽ نه جي برابر ظاهر ڪيو ويو آهي جو ته پنهي محبتن جي وچم جيڪو به سمو گــذريو هوندو ۽ آهي ته ان وچ ۾ ضرور ڪيترين ئي راز رمز جون رهاڻيون ۽ قرب ڪچهريون به ٿي گـــذريون هونديون جن ۾ ڪيترائي ڏينهن ڏهاڙا، ميلا ملاڪـــڙا ۽ محبتون متيون ۽ ملهايون ويون هونديون پوءِ انهن ۾ فقراءِ جي صحبت جا به ڪيترائي متوالا ۽ عاشـــق صادق ضرور هوندا. جن انهن ڏٺن ڏينهن ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو هوندو. عاشق ته ٿيا عاشق انهن ڪي ته نڪو ڪفر جي نه اسـلام جي. هو ته پنهنجن پورن ۾ پورا هئا ۽ جيڪي ڪجهه هنن عشق جي اسلام ۽ محبت جي ميدان ۾ ڪرڻ چاهيو ٿي. سو ڪري ويئا ۽ ٻنا ڪنهن جي ڊپ ڊاءُ ۽ پنهنجي ليح لي، لهڻ جي سببن ڪـي ڏسڻ جي مو ڪيءَ

جي مت تي مست ٿي اچي وينا ۽ اهو سڀ ڪجهه ڪري وجي مٿي چڙهيا. جيڪو ان وقت به ۽ بعد ۾ به سندن پوين ۽ پوئلڳن نه ٿي چاهيو ته ڪو اڻين به ڪڏهن سندن وڏي ۽ اڳواڻ جي طرفان معرفت جي ميدان ۾ پاڻ ڪي موڪيو ويندو. ان ڪري انهن ان وقت ۾ به ته بعد ۾ به طوطا چشمر ٿيڻ جو ثبوت پي ڏنو. پهرئين وقت ۾ ته هو چاهيندي به ڪري ڪجهه ڪونه سگهندا هئا. پر بعد ۾ ته انهن ڪٿي جيئن به وٽيو تيئن ڪري وجي مٿي چڙهيا. پر جونڌا آهن ته حقيقت هڪ اها سچائي هوندي آهي جو اها ڪڏهن نه ڪڏهن پنهنجي سموري سچائيءَ سان اچيو هر هڪ جي آڏو ظاهر ٿي بيهندي آهي. انهيءَ ڪي لڪائڻ جي پل ڪيترو به ڪٿي ڪو ڪوشش وٺي پر سچائيءَ جي ڪري اها ڪڏهن به ميسارجي ۽ ميٽجي نٿي سگهي.

فقير هڪ اهو نام آهي جو ان جو مٽ ٻيو ڪوبه ٿي نٿو سگهي. هي هڪ جامع صفات جو مرڪب آهي. جنهن ڪان ٻاهر ڪا به اهڙي صفات ڪونه هوندي آهي جيڪا فقير جي نام ۾ سمايل نه هجي. فقير جو نام ته هڪ جامع نام آهي. جنهن جو ڪوبه مٽ ڪونه آهي. پر فقير جي گودڙي ئي ايتري ته وسيع آهي جو ان ۾ ڪائنات جو ڪل سمايل آهي ۽ ڪا به شيءِ فقير جي گودڙي کان ٻاهر ٿي نٿي سگهي. هندو مسلم، سک عيسائي ۽ ڪير به هجي هر هڪ جو قرب محبت، ڏوهه ڏمر، نيڪي بدي، ڀلائي برائي، مطلب ته جيڪا به ڪٿي ڪمائي آهي اها ان وسيع گودڙي کان ٻاهر ڪونه آهي. فقير کي نه ته ڪنهن جي پرواهه آهي ۽ نه وري ڪو ڊپ ڊاءُ ٿي ڪنهن جو ائس. ڪاڻ ائس ته هڪ قرب جي ئي ڪاڻ ائس جو ته "قرب ڏيو وٺو ڪٽ" محبت جو ئي اهڙو منڊ آهي. جيڪو فقير تي چڙهي سگهي ٿو. باقي ٻيو ڪجهه به جيڪي منجهه جهان آهي. فقير کي ڪنهن جي به ڪائي پرواهه ڪونه آهي. هو نه ڪنهن جو چٽيو آهي نه چاڙهيا باقي چٽڻ لاءِ ته پوري خدائي سندس خلقيل ۽ چٽيل آهي. سڀڪو سندس ئي محتاج ۽ موهيل آهي. پوءِ ڪو هن حقيقت کي سمجهي وٺي يا پوري زندگي گمناميءَ ۽ بي خبريءَ ۾ گذاري ڇڏي. اها آهي هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي جنهن کي قسمت سڏيو وڃي.

فقير صاحب محمد فقير ته پنهنجي ڪلام ۾ بنا ڪنهن مبالغي ۽ مت ڀيد جي. جيئن فقير کي ڏسڻ ۾ آيو آهي ۽ جيئن پاڻ پرکيو ۽ پروڙيو ائس ته اها ڳالهه ڪئي ائس. ظاهر ۾ سندس جيڪو مرشد مالڪ آهي ۽ جنهن جو پاڻ دست بعيت ڪيل

آهي ته ان جي به ڳالهه فقير صاحب پنهنجي شعر ۾ ڪئي آهي. جيترو ڪجهه ڪيس اتان حاصل ٿيو آهي. اهو ٻڌايو اٿس ۽ فقير پاڪ مهدي امام جي به پنهنجي شعر ۾ ڳالهه ڪئي اٿس. فقير کي جيڪو ڪجهه اتان فيض فياض نصيب ٿيو آهي. اهو ٻڌايو اٿس. اٿين ته فقير جي شعر ۾ جيڪو ڪجهه شعر سندس رسالي ۾ ڏنل آهي. ٻين فقيرن، درويشن ۽ بزرگن ڀلارن جو به ذڪر ٿيل آهي. پر مقابلتن فقير پاڪ جو ذڪر سندس شعر ۾ هر هر ۽ جيءَ جيءَ تي ٿيل آهي. اٿين ٿو لڳي ته ڄڻ فقير صاحب فقير پاڪ مولا جن کان هڪ ويل به وانجهيل نه رهيو آهي.

اندر روح رهيام ، سچڻ اوطاقون ڪري.

ته پوءِ هاڻي توهان ٿي ڪئي ٻڌايو ته اهڙو اندر جنهن ۾ رڳو فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان اثبات ٿيل هجي ته پوءِ اهڙيءَ حال ۽ خيال واري درويش کي اسان ڪيئن ٿا پنهنجي رهبر مرشد ۽ پيري مغان کان پري رکي سگهون جيڪو پاڻ پنهنجو سڀ ڪجهه چئي ڪري ۽ فرمائي ويا آهن. ٻيو ڪوچوي ته ان کي ڪوڙو به ڪري يا چئي سگهجي ٿو. پر فقير جي زبان کي ڪير ٿو ڪوڙو چئي سگهي؟

هونئن ته سچو سارو ڪلام فقير صاحب جو ان ڏس ۾ هڪڙي قسم جي ڄڻ پوري پڪي شاهدي آهي ته سندس جو فقير پاڪ مولا جن سان جيڪو واسطو هو ته اهو ڪهڙو ۽ ڪيترو هو؟ جيڪو ڪلام هن وقت رسالي ۾ آيل آهي فقط ان کي ئي جاچي ڏسبو ته سموري خبر پئجي ويندي. ان ڪري سواءِ هڪڙيءَ ڪافي جي جيڪا رسالي ۾ اچا ڪونه ڏني وئي آهي. ۽ باقي ٻيون ڪجهه رسالي جون ڪافيون نموني طور هت هيٺ پڙهڻ ۽ پرجهڻ لاءِ پيش ڪجن ٿيون.

ٿلهه: 1 پنهل آيم پاڻ آريائي اڳراڻ.
سانگي سڪندن جي سهڻي صراحي ساڻ.

ٿلهه: 2 پڌرا ٿي پڳدار پاڳارا.
عشق الاهي آيا هي.

مصرع: 3 مهدي ٿي مختيار منور.
عشق اريڙي الٽ انور.
هر جاهل هلايا هي.

تلھ:3 مهدي منور مهدي منور،
پيري مغان پـــاڳارا هي،

مصرع:3 عبدالرحيم گرهوڙي والي،
بيشڪ ڪيتابات بهالي،
ثابت سهڻــا سارا هي،

مصرع:4 مرشد مسيحيءِ مهدي محمد،
عشق عجائب اعليٰ احمد ،
ساقي سـر سـوپـارا هي،

تلھ:4 يگانو يار لي ياقي پلي آيو پلي آيو،
صراحيءِ جو سخي ساقي پلي آيو پلي آيو،

تلھ:5 پٽر لي پڳدار اسان وٽ آيو،
قائم ڪلنگيدار اسان وٽ آيو،

مصرع:5 مـرشـد مهـدي مظـهر مـولا ،
محمد لي مهندار اسان وٽ آيو،

تلھ:6 پيارل پيشوازن سان پلي آيو پلي آيو،
طبل طولان تازن سان پلي آيو پلي آيو،

مصرع:4 مگهن مخمور لي محمد مدامي، موج مهدي جي،
رندي رفتار رازن سان پلي آيو پلي آيو،

تلهه: 7 عشق الجهل ٻه هجي، سرخ سهٽل ٻه هجي،
سخن صيقل ٻه هجي ،اتي اڪمل ٻه هجي.

مصرع: 4 محمد جتي مهدي ملي ،متوال تي مئخاني ۾،
منڊل محفل ٻه هجي ، اتي سڏل ٻه هجي.

فقير صاحب هي ڪلام فقير مولا جن جي ڪلام

پيالو پيتل ٻه هجي حسن هوٽل ٻه هجي،
گهوڙو ڪونتل ٻه هجي اتي ڪيچل ته هجي.

جي تتبي تي جوڙيو آهي. اهڙي طرح هيٺيون ڪلام فقير صاحب جو
سردا سانگا چاوين، هٽ لاوين ، پڇي عشق آفات نون.

وري فقير پاڪ جن جي ريڊيو تي رڪارڊ ٿيل ڪافي جيڪا سليمان شاهه جي آواز ۾ آهي ته انجي تتبي تي جوڙيل آهي.
ڪڏي ڪنڌ ڪپاء، پلي پوء عشق کي هٽڙو لاء.
سر جو سانگو لاهه، پلي پوء عشق کي هٽڙو لاء.

هن ڪافي ۾ فرق صرف ايترو آهي ته محمد فقير جن سرائڪي ٻولي استعمال ڪئي آهي. فقير پاڪ جن وري سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي. اهڙي طرح سان جڏهن پاڻ ۾ سنگ . سنگت ۽ فقير فقراء اچي گڏبا هيا ته وڏيون ڪچهريون ۽ رنگ رهاڻيون ٿينديون هيون. جنهن ۾ شعر گوئي وغيره جو شغل ٻه ٿيندو رهندو هو.

هڪ دفعي محمد فقير ٻه فقير پاڪ جن سان سنگ ۾ رليل هو. اتي مظهر فقير لاڪو فقير پاڪ جن جو طالب جيڪو پڻ شاعر هو سو ٻه سنگ ۾ شامل هو. رهاڻ ۾ رهاڻ نڪتي ته وار " و " تي ڪافي جوڙي وڃي ۽ پاڻ مالڪن ڪافيءَ جو تلهه جوڙي پيش ڪري ڇڏيو ته. . .

وچ وجن کي ويڙهه وحدت ۾ ، وري ورڻ وائيءَ ۾ وار.
وڪ وڏائي ويهه ۾ وچ تي ، ورق ويسر جا وسار.

ته اٿين وري مظهر فقير هڪڙو مصرع جوڙي پيش ڪيو. تالي وارو مصرع جيڪو آخري ٿيندو آهي. اهو وري محمد فقير جوڙي راس ڪيو ته.

واهه وصالي ٿي وڪايو وير سوٽي واهرو،
مست محمد موج مهدي وٺي مر ويچو واروار

هاڻي جڏهن ڪلام جڙي سمورو مڪمل ٿي ويو ته پاڻ فقير پاڪ جن فرمايو ته هي، ڪافي هاڻي فقير صاحب محمد فقير جي ليکـــي ويندي، جو ته ان ۾ نالو فقير صاحب پاڻ رچايو آهي. ان ڪري اها ڪافي هاڻي سندس جي ٿي آهي.

هاڻي هت هڪ اهڙي ڪافي ڏجي ٿي جيڪا فقير صاحب محمد فقير پنهنجن ٻين ڪافين وانگر فقير پاڪ مهدي مولا جن جي شـــــان ۾ فرمائي آهي. اڄ تائين اها فقير صاحب جي رسالي ۾ شامل نه ڪئي وئي آهي.

آڏوتن جو امام، مهدي ڄام،
آيو عشق واري اسلام سان.

ڪٺي آيو ڪيــل مــان ، ڪــلالي قــمقام،
ثابت ڪيائين ساز سان، صراحي صمصام،
دولهـ ٿي دربـــار ۾، جنگــي پيــاري جـــام،
محمد مٺي جي موج سان ، مستو مست مدام.

جڏهن فقير حق آهي ته سندس ٻولي، فرمان، سخن ۽ سڀ ڪجهه سچ ٿي ته فرمايل هوندو. ان ڪي ڪير به غلط برابر نٿو چئي سگهي. فقير صاحب محمد فقير جو جيڪو به جهڙي قسم جو به فقير پاڪ مهدي مولا جن سان واسطو، لاڳاپو ۽ عقيدت هئي اها سندس ٻولن مان صاف ظاهر ۽ عيان بيٺي آهي ته هن کي جتان رنگ لڳو هو ۽ جنهن سندس تي قرب جو هٿ رکيو هو ۽ فيض ڏيڻ فرمايو هو ته فقير صاحب ان ڳالهه کي چٽيءَ طرح پنهنجي شعر ۾ واضح ڪيو آهي ته مهدي مولا منهنجو مرشد، رهبر، هادي ۽ پيري مغان آهي. جنهن پنهنجي شـوق جو شـراب پياري منهنجي من کـي ترو تازو بنايو ۽ مٺي جي موج سان هميشه هميشه لاءِ مدامي مست قلندر بنائي ڇڏيو آهي.

فقير صاحب محمد فقير جن پيگ پاڻيءَ جا تمام گهڻا پياسـي رهيا آهن. جيڪا پياس سـنـدس ٻولن ۾ بلڪل پڌري ۽ عيان نڪري نروار ٿيو بيٺي آهي. شـايد ڪو شعر هجي جنهن ۾ فقير صاحب مٺي ۽ مينا جي واکاڻ نه ڪئي هجي. ان عرصي ۾ فقير پاڪ جن به شراب سان شوق رکندڙ هيا ۽ گهڻو ڪري هر وقت ۽ هر محفل ۾ اهو شغل متل رهندو هو. خيرپور رياست ۾ به مسلم رياست هونـدي به مير موالي جو

هئا ته خود ڪوٽڏيجي ۾ شراب جا گتا ڪليل هوندا هئا. هڪ دفعي پاڻ فقير پاڪ جن گهوڙي تي سوار هئا ۽ وڃي ڪوٽڏيجي ۾ گتي تي پهتا. گتي واري کي چين ته بوتل ڪڍي اچ. هو بوتل ڪڍي آيو ۽ اتي جو اتي بوتل جو منهن کلندو ويو ۽ نوش ڪيندي وئي ۽ پوءِ اٿين بوتل جي مٿان بوتل ايندي وئي ۽ ان جو منهن کلندو ويو ۽ نوش ڪيندي وئي. آخر گتي واري عرض ڪيو ته قبله وڌيڪ گنجائش ڪونه رهي آهي. جو بي بوتل توهان کي پيش ڪجي. پاڻ گهوڙي تان لهي اهو سنجيل نهيل گهوڙو ڪيس ڏئي ويندا رهيا. مطلب ته مير جي ملڪ ۾ به شـــــراب عام جام هلندو هو ۽ پڻ ٿهندو به هو. دنبو، ڪيوڙو وغيره مشروبات جا ناڻا هوندا هئا. برٽش ته ٺي برٽش سو اتي به مٽي جو ميلو متل هوندو هو. خيرپور رياست کي مير جو ملڪ سڏيو ويندو هو. رياست جي سرحد کان ٻاهر سمورو برٽش راڄ يعني انگريزن جي حڪومت هوندي هئي. پاڻ مالڪ انهيءَ وقت ٻنهي طرفن پيا سير سفر ڪندا هئا. حيدرآباد ۽ هالا جي پاسي وڃڻ ٿيندو هو ته محمد فقير چڻ ته فقير پاڪ جن جي لاءِ سدائين اوسيڙي ۾ پيو رهندو هو ته ڪڏهن ٿا مالڪ فقير پاڪ جن اچن ۽ ڪڏهن ٿيون روح رڄنديون ٿين ۽ مٺي جون موجون ماڻجن ۽ قلبن تان ڪٽون لهن. آرياڻي اڳواڻ ٿي سنگ جو سرواڻ تي سڪوندن سانگي سهڻي صراحي ساڻ ڪري ٻڳدار تي پاڳارو پڙرو مهدي ٿي مختيار منور. عشق اوڙي سان الٽ انور الائيندو. هر جاءِ هل هلائيندو. مهدي مولا، مهدي منور. پيري مغان پاڳارو ۽ آڌوتن جو امام بنجي ڪڏهن ٿا اچن ۽ سڪ ۾ ساٿي ٿين. محمد جو ته مرشد مسيحيٰ مهدي مولائي آهي پوءِ جڏهن پاڻ فقير پاڪ جن پهچي ويندا هئا. پنهنجي ســـــنگ سميت ته محمد فقير به پيارل پيش وارن سـان طبل تولان تازن سـان پلي آيو. پلي آيو جون صدائون هڻندو اچي فقير پاڪ جن جي قدمين لڳندو هو. پاڻ فقير پاڪ جن فقير صاحب کي هٿن تي کڻي ڳلي لائيندا هئا ۽ فقير صاحب کي عمومن ڪٽ ڏياريندا هئا. جو جوابن وري محمد فقير فرمائيندو هو ته هيءَ ڪـٽ نه آهي پر سـوني آهي جو محمد مالڪن سامهون ڪٽ تي ويهي!

فقير کي ته فقير ئي سڃاڻي سگهي ٿو. باقي اسان جهان وارن جي ڪهڙي مجال آهي جو فقير جي فهم کي پسي سگهون؟ اسان جهان وارن کي ته ڪـيي ڪاني ڪرامت ۽ دعا ســـگو. جي ڪرامت ڪاني الس ته پوءِ فقير آهي ورنه ڪونه پر اٿين نه آهي فقير کي ته سندس حال ۽ خيال مان ئي سـڃاڻي سگهـيو آهي. رهڻي ڪهڻي اٿئي

ريهٺي اهي سڀ فهم ان ۾ شامل آهن. ڪاني ڪرامت وارو ڪم ته پير جو آهي. پير به اهو ڪم ڪري سگهي ٿو. جو ته پير جو پير به لاحد تائين پهچي ٿو وڃي ۽ "سچو سو فقير جو حد لاحد لنگهي وڃي" بهرحال محمد ٿي سڄاتو مهديءَ کي ته مهديءَ ٿي ڄاتو محمد ڪـي. ٻئي نام ٿي اهڙا آهن جو وڏيڪ انهن جي ڪير ريهي تشـريح ۽ توصيح ڪري جيئن نام هڪٻئي ســان پيو ند ٿا لڳن. اهڙي طرح جان جســم جو جوڙ به ساڳيوئي هو. طالب اهو آهي جيڪو مرشد واري مام سان مطلوب ۾ محو ٿي هڪ ٿي وڃي. جســمڪ جسـمي. دمڪ دمي. روحڪ روحي. لحمڪ لحمي ٿي وڃي. فقير صاحب محمد فقير به ائين ٿي فقير پاڪ مهدي مولا جن کي پنهنجو پيشـوا . پنهنجو اڳواڻ. پنهنجو پڳدار. پنهنجو رهبر. هادي ۽ مرشد ڪري مڃيو آهي فرمائي ٿو ته.

مصرع : 4 مگهن مخمور ٿي محمد. مدامي موج مهديءَ جي رندي رفتار رازن سان.
پلي آيو پلي آيو

ٿلهه : پيارل پيشوازن سان. پلي آيو پلي آيو.

ٿلهه : پڙر ٿي پڳدار اسان وٽ آيو. قائم ڪلنگيدار اسان وٽ آيو.

مصرع : 5 مرشد مهدي مظهر مولا. محمد ٿي مهندار اسان وٽ آيو.

ائين ڪيترن ٿي ڪلامن ۾ فقير پاڪ مهدي مولا امام آخري زمان کي فقير صاحب پنهنجو مرشد ڇٽي اظهار ڪيو آهي.

02 فقيـر مخدوم غلام محمـد صاحب هـالائي:- جڏهـن به فقيـر پاڪ جن حيدرآباد جي پاسي سفر تي ويندا هئا ته گهڻو ڪري مخدوم صاحب ڏانهن ضرور پيرو پڇندا هئا. مخدوم صاحب جن تمام پياري ۽ ســونهن پري شـخصيت هئا. خانداني طرح ســان پاڻ امير هئا. پر سندن خاندان ۾ مخدوم نوح عليـه السـلام ڪـان وٺي فقير گـــاهي به ٿيندا آيا آهن. مخدوم غلام محمد صاحب جن به فقير منش هئا. ســندن طبيعت گهڻي پاڳي فقيري ڏانهن مائل هئي. ان ڪري ٿي جڏهن فقير پاڪ مهدي مولا جن ســان ســندن ملاقات ٿي ته پاڻ پهرئين ملاقات ۾ ٿي پنهنجو سڀ ڪجهه تن. من. ڏن فقير کـــي ارپي ويٺا ۽ پوءِ اهي قربن پريون ڪچهريون ۽ رس پريون رهائيون اوس ٿينديون رهنديون هيون. فقير پاڪ جن جي سنگ ۾ هالائي محمد فقير ڪـتيـان ته شـامل هو ان ڪري محمد فقير جو ملڻ به ان فقير پاڪ جي ســنگ ۾ شــامل هجڻ جي ڪري مخدوم صاحب جن سان ٿيندو رهندو هو. مطلب ته محمد فقير کي مخدوم صاحب

سان ملاڻ وارا پاڪ فقير مهدي مولا آخري زمان جن آهن.

مخدوم صاحب جن جو پاڪ فقير سان ايترو ته پيار هو ۽ محبت هئي جو ان جو لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ڪونہ ٿو لڳي. طالب ته ڀيا به ڪيترائي هئا ۽ ان وقت به حاضر حال هوندا پر هر هڪ طالب جو پنهنجو پنهنجو ٿانءُ هوندو آهي. جنهن ۾ وکر وهايو ويندو آهي. پوءِ جيترو جنهن جي ٿانءَ جو ماپو هوندو اوتروئي ته ان ۾ سماڻ وجهي سگهبو يا سانڀجي سگهندو. سو اهڙي طرح سان مخدوم صاحب جو جيترو ٿانءُ هو. وکر وهائڻ لاءِ ان جو ماپو ڪٿڻ ڪو سولو ڪونہ هو ۽ نہ آهي. پاڪ مولا جن ساري زندگي سيلاني رهيا. ٻہ گهڙيون هت ته چار پهر هت. اهڙي طرح سان رڌل پڪل طعام به يا تصيب هوندا هئا. پور پٽجي ويو ته جوڳي نہ ڪنهن جا مٺ اجهو اهو ٿا وڃن. مخدوم صاحب ويچارو ڇا ڪري؟ ۽ ڇا ڪجي؟ بس ڪيو ميٺ ماٺ ۾ ڪوهچا ۽ ديڳڙا مٿن تي رکيو ڪن ۾ پلاءُ ته ڪن ۾ ڪورمو ۽ پوڙ ماني سڌو ريل جي پليٽ فارم تي. تڏهن اهائي موزون سواري هوندي هئي مسافري ڪرڻ لاءِ. فقير پاڪ جو فقراءَ به ريل ۾ ته اهي کومچا ڪڙا به ريل ۾. مخدوم صاحب فرمانبردار ڪري پاڻ پنهنجي سر سرڪار پاڪ جي ننگر جو ڪومچو. پوڙ جو مٽي تي رکيل جيڪو پنڌ ڪرڻ سان هلڻ جي لوڏن لمن ۾ هارجي پوڻ ڪري ريگاڙا اچيو منهن تي ڪريا آهن پر پوءِ به ننگر ريل گاڏي ۾ ضرور پهچايو ويندو هو. جتي پوءِ تقريبن سڄيءَ ريل جا مسافر ڪائي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا.

مخدوم صاحب پنهنجي ماڻهن ۽ فقير سرڪار جن جي فقراءَ کي چٽي ڇڏيو هو ته سندس آمد جي خبر فقير مولا جن کي ڪڏهن به نہ ٻڌائيندا ڪن. اهو ان ڪري مخدوم صاحب چيو هو جو جڏهن به مخدوم صاحب فقير مولا جن سان ملڻ لاءِ قدم بوسي ڪرڻ ايندو هو ته پاڻ فقير پاڪ جن تعزيمن مخدوم صاحب سان اٿي ملندا هئا. جيڪو مخدوم صاحب کي ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو. مخدوم صاحب جڏهن به فقير پاڪ جي قدم بوسي ڪرڻ ايندو هو ته اوسا پاسا ڏيندو. ٿلهن جي اوٽ ڪندو، لڪندو ڇپندو ايندو هو. جيئن فقير پاڪ جن کي ظاهرن خبر نہ پوي ته هو اوچتو اچي قدمن تي ڪري ۽ قدمين لڳي پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ته مخدوم صاحب پنهنجي فن ۾ ڪامياب به ٿي ويندو هو. ۽ فقير پاڪ جي قدمين لڳي زارو قطار نيڻن مان نير وهائي روئيندو هو.

" يڪ مشت نمونہ خروار "

هتي هڪ ٺي مثال سندس لازوال محبت جي ماپي لاءِ ڪافي ٿيندو.

مولا پاڪ جن هالن ۾ هڪڙو مٿخانو آهي. جيڪو اجا بہ موجود آهي ۽ مخدوم هائوس جي بلڪل نيڙي آهي اتي منزل پذير هئا ۽ مخدوم غلام محمد صاحب جن سندن خدمت ۾ محو ۽ مست ٿيا بيٺا هئا. هر ڏوڙ روان دوان هو محفل بہ هئي، مئي بہ هئي تہ مينا بہ هئي ساقي بہ هو ساغر بہ هو. پٽ پريت جا پلر وانگر وڏي پاپوهہ مان پيارل پنهنجن ۽ پروان کي پياري رهيو هو. ڪا خبر ڪانہ هئي تہ هي ڪير آهي؟ ۽ هو ڪير هو؟ جيڪو آيو ٿي سو اگهيو ٿي!!

مخدوم صاحب جن جو والد بزرگوار ڪجهہ وقت کان علالت ۾ هو ۽ حاذق حڪيم ۽ طبيب سندس تيمارداري ڪري رهيا هئا. اوچتو مخدوم صاحب جن کي اطلاع مليو تہ سندن والد بزرگوار "چار پرو "پڪي ڏٺي وصال فرمائي ويا آهن. ان ڪري جلدي اچو جو تاجپوشيءَ جي رسم ادا ٿي ليٺي آهي.

مخدوم صاحبن ۾ تڏهن اهو رواج هوندو هو تہ اگر پڻڪي جو ور وليعهد تي برادر ورائيندي هئي ۽ پوءِ ان جي اگوائي ۽ حڪم سليم هيٺيان پيون سڀ مدفون جون ريتون رسمون سرانجام ڏنيون ويندون هيون. اهڙي طرح اطلاع ملڻ تي مخدوم صاحب سيني پنهنجي ماڻهن کي سختيءَ سان منع ڪري ڇڏي تہ هن قسم جي ڪابہ خبر فقير پاڪ مهدي مولا جن کي هرگز پوڻ نہ گهرجي ڇو جيئن چوندا آهن تہ "خون ۽ ڪٿوري لڪڻ جون نہ آهن" سو نيٺ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان فقير پاڪ جن کي اطلاع مليو تہ مخدوم چار پرو صاحب مخدوم غلام محمد صاحب جن جو پدر بزرگوار هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويا آهن ۽ مخدوم غلام محمد پڏي اڻ پڏي ڪيو وينو آهي ۽ سيني کي حڪم ڪري ڇڏيو اٿس تہ فتير مولا جن کي هن ڳالهہ جي ڪابہ خبر ظاهرن پوڻ نہ گهرجي ۽ پاڻ بہ ميت جي مٿان ڪونہ لو وڃي ۽ نہ وري تاجپوشيءَ جي رسم ٿي ادا ڪري رهيو آهي. پاڻ مالڪن جڏهن اهڙي ماجرا پڏي تہ يڪدم اٿي ڪڙا ٿيا ۽ فقير غلام محمد صاحب جن کي فرمايو تہ اسان هاڻي وڃي رهيا آهيون. توهان وڃي برادر سان منهن ڏيو. مخدوم صاحب پاڪ مولا جن کي روانو ڪري جڏهن جاءِ واردات تي پهتا تہ سڀ جو سڀ مخدوم زاده ۽ پيا نتيا وڏا شور وجهيو ۽ ڪاوڙيا ويٺا هئا. نيٺ وليعهد صاحب مخدوم غلام محمد صاحب جن کي چيائون تہ هي توهان جا نا ڪيو؟

جو هيڏي ساري گادي جنهن کي سوا لک گوڏڙي جو سرواڻ سمجهيو وڃي ٿو ۽ توهان هڪ مٺي اگهاڙي جي پٺيان لڳي ڪري سموري ڪرتا ڌرتا کي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. اهو توهان کي لائق نہ آهي؟ مخدوم صاحب کي پٽڪي جا ور اچي چڪا هئا ۽ سروري گـــادي ۽ جا ســــرواڻ مقرر ٿي چڪا هئا. پنهنجن ۽ پروان جي نصيحت ٻڌي مخدوم صاحب جڏهن دنگ ڪيو ۽ هنن بہ وڏيڪ چوڻ کـــــان بس ڪئي تہ مخدوم صاحب پنچائت کـــان هڪ ســوال جو جواب طلب ڪيو تہ توهان پنچائت جو هن منهنجي ۽ پڳ کي سلام آهي يا صورت کي؟ سڀني چيو تہ اسان جو هن پڳ کي سلام آهي. مخدوم صاحب وجهندي پٽڪي پر هٿ، مٿي تان لاهي وٺي جو کـٽي پٽڪي کـي اڇليو تہ ائين پرٽاٽ ڪندو وڃي پري ڪريو. ۽ چيائون تہ جيڪڏهن پٽڪي کي سلام ائو تہ اجهو اهو پٽڪر اچيو ٿو پيو. پوءِ ســڀني اٿي پٽڪو زمين تان کـٽي وري اچي کـيس ٻڌايو ۽ چيائونس تہ جيڪا بہ توهان جي مرضي هوندي ائين ئي ٿيندو.

مخدوم غلام محمد صاحب تي فقير پاڪ جن جو طريقت جو تالو بادشـاهہ علي رکيل هو. پاڻ فقير پاڪ جن مخدوم غلام محمد عرف بادشاهہ علي کي فرمايو تہ توهان اســان جا ٿي طالب آهيو پر اســان توهان کـي امر ٿا ڏيون تہ ذاتي ذڪر توهان فقير صاحب محمد فقير کـان وٺو. مخدوم صاحب پهريان تہ هن ڳالهہ کـي سمجهي نہ سگهيو پر پوءِ فقير پاڪ جن کيس کولي سمجهايو تہ طالب توهان اسان جا آهيو باقي ظاهري ذڪر اسان اوهان کي محمد فقير کان ڏياري رهيا آهيون. جيئن تہ فقير صاحب محمد فقير شراب جو ڏاڍو پياسي هو ۽ ظاهر پر فقير دوالي بند هو ۽ ايڏو ڪو ملڪيت وارو ڪونہ هو. فقير پاڪ جن محمد فقير کي مخدوم صاحب جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ جيئن فقير صاحب جي خدمت مخدوم صاحب جن پنهنجي خوش اصلوبي ۽ ســان ڪندا رهن. مخدوم صاحب غلام محمد عرف بادشــاهہ علي جن بہ پوءِ سموري ماجرا کـــي چاڻي ورتو ۽ فقير پاڪ جن جو کــــين ڪيل امر وڃي پورو ڪيو ۽ محمد فقير جي ڊيوڙ ۽ ۾ لڳي ويا. مخدوم صاحب جن محمد فقير کي پنهنجي مرشد پاڪ کان مليل هڪ سوغات سمجهي رهيا هئا ۽ ان سوغات کي پاڻ مخدوم صاحب جن سوغات ٿي ڪري ڏٺو! مخدوم صاحب جن پنهنجي سونپيل فريضي پر ڪنهن بہ قسم جي ڪائي ڪسر نہ ڇڏي هئي. ايستائين جو ڏسڻ وارا بہ ائين ٿي سمجهڻ لڳا تہ مخدوم صاحب جن محمد فقير جا دست بيعت آهن.

جيئن ته مٿي ذڪر اچي چڪو آهي ته مخدوم صاحب جن تمام سهڻي صورت ۽ سيرت جا مالڪ هئا. فقير تن ۽ سيد جي ذات کي پاڻ وڏ ۾ وڌ تعظيم ڪندڙ هئا. هڪ لڱي ڪو نوڳي پاڻ کي سيد سڏائي اچي مخدوم صاحب جن وٽ سهڙيو. مخدوم صاحب جن ته ڪيس وڏي عزت بخشي ۽ ڪٽ تي سيج بند هڏي ان نام نهاد سيد کي ڪٽي ويهاريو. هڪ اڌ ماڻهو ان جي اردلي ۾ به رکيو ويو ۽ ڏاڍا مکڻ ماکيون کير جا پيڙا کائڻ لڳو. اهڙو جو هن جو آدر پاءُ کيو ويو ته هن کان وڃڻ وائي ٿي وسري وئي. هوڏانهن مخدوم صاحب جن فرمان جاري ڪري ڇڏيو هو ته جيستائين به سيد بادشاهه هتي قيام جاري رکي ته پلي رکي ڪيس جي هر روز اڳ کان وڌيڪ خاطر توازي ڪئي وڃي. اوچتو ان نام نهاد سيد کي سڃاڻندڙ ماموئيءَ جو وڳڻ اچي نڪتو. جڏهن ان نام نهاد سيد جي ان تي نگاهه پئي ته هو واڻو ٿي ويو ۽ وڃي پاسي ڪنڌ ۾ ان وڳڻ کي چيائين ته شير شرم ٿي پر هن وڳڻ ته ساري سربستي ڳالهه مخدوم صاحب کي ڪري ڏني ته هو سندس پاڙي جو هڪڙو ماڇي آهي ۽ توهان سان ڪوڙ ڳالهائي پاڻ کي سيد ظاهر ڪري ٺڳي رهيو آهي. سو ڪيس ڪوڙ ڳالهائڻ جي جوڳي سزا ملڻ گهرجي. مخدوم صاحب ورائيس ته ابا! مون کان هاڻي اهو ڪجهه ٿي نه سگهندو جو هن وقت تائين آءُ هن کي سيد سمجهي مان ڏنو آهي. سو هاڻي اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو آءُ ڪيس بي عزتو ڪري هتان ڪڍان! مون لاءِ هي هميشه سيد ٿي رهندو. پلي ڪيترو به مون وٽ رهي پر هن ماڇيءَ ته ان مهل ٿي گوڏو نپيو ۽ الائي ڪيڏانهن جو ڪاڏي رمندو رهيو. سو هيءَ هئي مخدوم صاحب جي دانائي ۽ فهم فضليت جيڪا عام ۾ ڪٿي هوندي آهي؟ هيءَ خاصن خاص جي خصلت آهي.

فقير پاڪ مهدي امام جن ائين ڦيري سان ڦرندا گهرندا جڏهن ڪڏهن هالا ۾ مخدوم صاحب وٽ اچي منزل گسير ٿيندا هئا ته محمد فقير به هاڻي هڪيو تڪيو اتي ٿي فقراءَ کي ملي ويندو هو. مخدوم صاحب جن جو پنهنجي پير مغان مرشد پاڪ جي اچڻ جي ڪري سمورو ڌيان خيال اوڏانهن ٿي وينيدو هو. ظاهر آهي ته مرشد پاڪ جي ظاهر ۾ موجود هئڻ ڪري طالب جو توجه ته ضرور پنهنجي هادي مرشد ڏانهن رهندو. محمد فقير کي اهو چڻ محسوس ٿيڻ لڳندو هو ته سندس ڏانهن مخدوم صاحب جو خيال هٽي ويو آهي ۽ مهدي امام آخري زمان ڏانهن ٿي ويو آهي. فقير پاڪ مهدي مولا جن يڪدم فقير صاحب محمد فقير کي مخاطب ٿي فرمائيندا هئا ته

فقير صاحب توهان اهو خيال بنهه خيال ۾ نه آڻيو ۽ توهان ڪنهن به قسم جو ڪوبه خيال نه ڪندا ڪيو. اسان آهيون گهڙيءِ سوا وارا، هليا ويندا سين. اها شيءِ توهان جي آهي ۽ توهان وٽ رهندي، توهان وينا موجون مائيون.

03 حاجي امام بخش خان (عرف) خان بهادر شاهنواز خان جتوئي جي شخصيت ڪنهن به خاص ڪري پڙهيل لکيل طبقي کان نا آشنا ڪونه هوندي. هو صاحب نوان جتوئي جي چشم چراغ جناب غلام المصطفيٰ خان جتوئي جو ڏاڏو محترم هو ۽ تڏهوڪي انگريز حڪومت ۾ خان بهادر بالڪ ۽ آنرري فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ پڻ هو. هڪ سٺي سوچ ۽ سمجهه وارو انسان ٿي گذريو آهي. سندس فقير پاڪ مهدي مولا جن سان شناسائي عقيدت جي حد تائين پهتل هئي. سندس طبيعت جو لاڙو عمر جي پهرين حصي ۾ فقراء ڏانهن رهيو آهي. هو پاڻ به سٺو سخن گو شاعر مجازي موهه جو ماريل ٿي گذريو آهي. سندس مجازي پڪي شاعري آهي ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي صحبت جو رنگ به رچايو اٿائين. ۽ ڪهڙي ڪهي ويو آهي. جڏهن سندس هي ڪلام

تلهه: نٿي ساهه سري، مون ملير بنان.
پنهنجي مارن لاءِ، ويٺي پير پنان.

مصرع: پينر پند مٿي جامون وار ليا ، سرما سينڌ ڦٽي سينگار ويا.
ڏاڍا دل تي ڏکن جا بار پيا ، ويٺي زور ظلم جا زنجير چنا.

فقير مولا جن جي محفل ۾ ڳايو ويو ۽ پاڻ جڏهن اهو ڪلام ٻڌن ته خانبهادر امام بخش خان وٽ هلي ويا. جڏهن خانبهادر جي ديري تي پهتا ته خانبهادر جي ماڻهن ڪي جهلي ڇڏين ته خانبهادر کي فقراء جي اچڻ جو اطلاع نه ڏنو وڃي ۽ ائين اوجتو فقير مولا جن وڃي خانبهادر جي مٿان بيٺا ته خانبهادر ڏاڍا تڙ طفيل ۽ هار سينگار ڪيو ڪٽ تي بالم لڳو ويٺو هو. اوجتو جو هن فقير پاڪ جن کي ڏٺو ته واتڙو ٿي اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيو ته قبلا اچو ويهو ۽ پاڻ ڪيس وراڻيو ته خانبهادر صاحب اسان ويهڻ ڪونه آيا آهيون بس ! اهو ڏسڻ آياسين ته خانبهادر الائي

کهڙن حالن ۾ هوندو جو اوچتو اچي سندس دل جي مٿان ڪي ڏڪن ۽ ڏوجهڙن جا پهاڙ ٽٽا آهن جو ڪائونس هر حاجت وسري وئي آهي. تيل قليل، هار سينگار ۽ سينڌ ڦٽي سڀ ٽٽا وٺنس جنهن ڪري مٿي جا وار به پنڊ ٿي ويا آهن. پر هتي ته بلڪل ان جي ابتڙ لڳو پيو آهي. خانبهادر ويچارو جا ڪجهي؟ چپ ٿي ويو. پاڻ فقير مولا جن به ائين چئي وري اڳتي راهي ٿي ويا.

شاهپور جهانيه درگاه جي روضي جو ڪم هلندڙ هو. جتي رياضت ڪرڻ وارو فقير پاڪ جن جو فقراءُ ٿي هوندو هو ۽ پاڻ اهو سڄو روضو جوڙائي راس ڪيو ان روضي جي ڪم دوران جنهن ۾ پهريان سرون پاتيون ويون. وري انهن کي ڪوري ۾ پڃايو ويو. تنهن ڪان پوءِ انهن سرن کي اوساريءَ جي ڪتب آندو ويو. هن سڄي ڪم ۾ پاڻيءَ پيارڻ جو ذريعو اهو کوهه رهيو آهي. جيڪو اڃا تائين به درگاه جي احاطي ۾ ذري گهٽ ڦٽل صورت ۾ موجود آهي. هڪ ته ان کوهه جو پاڻي اتي ويجهي تر ۾ مٺو جهڙو ماکي هوندو هو. ورنه آس پاس ۾ پاڻي ڇهرو ۽ ٻاڙو ۽ کوڙو هوندو هو. جيڪو نه پيئڻ لائق ۽ نه پوک پلال جي استعمال ۾ اچي سگهندو هو. کوهه ۾ ڪنجڙات رکيل هو. جنهن ۾ هڪ ڏاند وهي سگهندو هو. ڏاند ته ٺڏهن ٻڌبو هو جڏهن ڪو گهڻو پاڻي ضرورت ۾ هجي. ورنه هر ڪو گيڙو ڏئي ضرورت جو پاڻي ڪڍي وٺندو هو. درگاه جي ديوتيءَ ۾ نالي ڳڻائڻ لاءِ هر هڪ قرب واري پنهنجو نالو ڪنهن نه ڪنهن طرح سان دفتر ۾ پي شامل ڪرايو. ڪنهن ڪنجڙات ڳچيءَ ۾ وجهي ته ڪنهن وري تڳاري کڻي ته ڪنهن وري رازي کي سر ڏئي پاڻ کي سرخرو ٿي ڪيو.

ميلي جي موقعي ۾ خاص، باقي هونئن گاهي به گاهي ڪچهري ۽ ڪچهريون درگاهه جهانيه تي فقراءَ جون لينديون رهنديون هيون. جنهن ۾ اڪثر ۽ بيشتر محمد فقير ڪٽياڻ مخدوم غلام محمد صاحب جن به ڪڏهن ۽ حاجي اما بخش خان جتوئي صاحب ۽ ٻيو فقراءَ جيئن مظهر فقير لاکو وغيره ۽ پاڻ مولا پاڪ جن ۽ هادي سائين جن رس رهائيون ڪندا هئا. وڏي ڪا وير هئي قرب محبت ۽ ڪس رس جي جيڪا وهي وئي.

جهانيه سائين جو ميلو متل هو اتي مٿيان سڀ صاحب به موجود هئا. سيني جو رايو ٿيو ته ميلي جي مزي جو ڪو شعر جوڙجي. سيني صاحبن جيڪي ان محفل ۾ سخن گو شاعر موجود هئا. انهن سيني ويهي شعر گهڙيا صابر صاحب به

پنهنجو شـــعر محفل ۾ پيش ڪيو جيڪو فقير پاڪ مهدي مولا جن جي چيل هڪ ڪلام جي تتبي تي مبني آهي. سرڪار پاڪ جن جو شعر آهي ته

پيالو پيتل هجي، گهوڙو ڪوتل هجي،
حسن هوٽل به هجي، اتي ڪيچل نه هجي.

ساڳي بحر وزن تي صابر صاحب جو شعر آهي ته

رات بزرم جي هجي، ماه منور هجي،
رشڪ قمر به هجي، لب احمر به هجي.

1 مئي اتي مينا اتي، ساقي اتي ساغر، صاحب صدر به هجي، مهدي مظهر به هجي
2 ڪيئن نه ميلو مشهور ٿئي درجهانه، درجهان، بي حد بشر به هجي، فوج فقر به هجي
3 ڪيئي شاعر هجن موجود، در محفل اندر، سخن صابر به هجي، بي بهادر به هجي

هن ڪلام ۾ ڪل ست مصرع آهن پر هتي نموني لاءِ صرف ٽي ڏنا ويا آهن. جڏهن پورو ڪلام صابر صاحب جوڙي محفل ۾ ٻڌايو ته ســـڀني واهه. واهه . ڪئي ۽ صابر صاحب جي سخن کي ميلي جي موضوع مطابق بلڪل درست قرار ڏنو ويو. اهڙي طرح ســـان پين به ڪيترن ئي ڪلامن ۾ صابر صاحب فقير پاڪ مهدي مولا جن جي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

ٽلهه: منهنجو يار مون سان وفادار آهي،
سدائين غمـن ۾ غمخـوار آهي.
مصرع: 1 خزاني جو پرور، پڇائي دورن در،
صبح شام هر گهر سخادار آهي.
مصرع: 2 نه ڪر خوف خطرو قيامت جو صابر،
مهدي روز محشر شفادار آهي.

هن ڪلام ۾ ڇهه مصرع آهن جيڪي هر هڪ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هتي هن ڪلام ۾ به صابر صاحب پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو پرپور اظهار ڏيکـــاريو آهي فقير مهدي مولا جن ســان ته ســـب پلايون مون ســـان فقير پاڪ جون لپل آهن. منهنجو عيبن ڍڪڻ وارو به پاڻ آهي. مون جيڪي ڪجهه پاڪ فقير کان گهريو آهي اهو بلڪل مليو الم نه وڌ نه گـــهٽ بلڪل پورو جيترو طلبيو الم. آخر ۾ فرمايو اٿس ته اي صابر تون ڪوبه خطرو قيامت جي ڏينهن جو بلڪل نه ڪرجو ته حشـــر جي ڏينهن شـــفادار مهدي مولائي هوندو.

صابر صاحب جو مٿيون ڪلام وري مظهر فقير جي ڪلام جي تتبي تي جڙيل ٿو ڏسجي پوءِ اهو نٿو چئي سگهجي ته مظهر فقير جو ڪلام صابر صاحب جي ڪلام جي تتبي تي جوڙيو ويو آهي. يا صابر صاحب وارو ڪلام مظهر فقير واري ڪلام جي تتبي تي جوڙيل آهي. باقي آهن ڪلام ٻئي هڪ جهڙا ٿالي واري مصرع ته بلڪل ٻنهي جي ساڳي ئي لڳي. بس ائين هڪ ٻن لفظن جو ڪو فرق هجي ورنه چئ ته مصرع ساڳيو ئي رکيو ويو آهي. ٻنهي ڪلامن ۾ مظهر فقير جو ڪلام آ ته .

ٿلهه: رهنما رهبر ، نگهدار تون آ ،
وسيلو ولهين جو وفادار تون آ.
مصرع: نه ڪر خوف خطرو قيامت جو مظهر،
مهدي منجهه محشر شفادار تون آ.

فقير سان عقيدت جو اظهار ته سندس ڪلام ۾ گهڻي قدر ملي ٿو جيئن

ٿلهه: تنهي ساهه سري مون ملير ٻنا،
پنهنجي مارن لاءِ وڃي پير پنان،
مصرع: صابر ساٿ سنگهارن ساڻ ملـي ،
وڃي ڪيت پنهنجي سان خوش ٿـي ته ڪلي،
جنهن کي سڪڙي سڄي تنهن سان يار ٻلي ،
ڪندو قيد قضا جا فقير فنا.

صابر صاحب فقير پاڪ کي سڀ ڪجهه سمجهي رهيو آهي ته اهو فقير ئي آهي جيڪو قيد به ڪاٽي ڇڏيندو ۽ محشر ۾ به ساٿي ٿيندو. هي ۽ سموري سمجهه ڪيس فقيرن سان صحبت ڪرڻ ۾ ئي حاصل ٿي آهي. ۾ هو رهيو رڳو صحبتي ئي ٿي. آنگاس تي چڙهي پنهنجو انت ڪونه آندائين!. سندس صحبت به سندس پوئين دور ۾ ثابت سراسر ڪونه رهي آهي. پوءِ ان جي ماجرا ڪهڙي هئي؟ گمان ۾ گڏيل هئي جو پڌري ٿي پئي! يا وري ڪنهن مذهب جي موهه ۾ مارجي ويو. ڪي چون ٿا ته پڇاڙيءَ ۾ ڪنهن ٻي عورت سان اٿي اٽڪي پئي هئس. جنهن سڀ ڪجهه پلرائي ڇڏيس. هونءَ ته نوابي سائي نالي تي ڇڪن هوندو هو. هڪ پنهنجي ٻول ۾ به سائي صاحب جي نالي جو ورد ڪيو اٿائين.

واهه نوابي ۽ ربابي ، دل ڪبابي ڪيترا،
تان فر فر به هجـي ، ناز دلبر به هجي،

بهرحال ماجرا ڪهڙي بہ هئي، لاٿائين پر نباهي ڪونہ سگهيو. جو پڇاڙيءَ ۾ پڙندا آهيون تہ ذري گهٽ منهڙو ٿي متي ويو هو. تڏهن چوندا آهن تہ چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. جٺي سيڪو ويندو پر ڪندو اهو جنهن کي قرب جو ڪاڙهو پيل هوندو. چيو تہ صابر بہ هو تہ:

مٺا منهڙو مٺڻ وري ، دور رهڻ،

ائين ڪين ڪرڻ، توکي يار ڪهي.

پر پنهنجي لفظن تي پاڻ ٿي قائم رهي ڪونہ سگهيو. شايد هن اهي لفظ بئي ڪنهن لاءِ چيا آهن. سندس جو ائين يعني وفادار هجڻ سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. سنگت جي چيل ڪلامن جي تتبي تي صابر صاحب جا ڪلام چونہ چيل هجن. اهو رنگ تہ هر هڪ شاعر ۽ سائي هڪبئي جو قبول ڪندو آهي. صابر تہ گهڻو ڪري انهن جو تتبو ڪيو آهي. جيڪي سندس ساٿ جا هئا. پر شاعر تہ ساٿ ڪي بہ ڪونہ ڏسندا آهن. جنهن بہ شاعر جو ڪلام ڪين وٺي ويو تہ ان جو تتبو چئي وجي متي چڙهندا آهن. پوءِ ان شاعر سان دعا سلام هجي چاهي نہ هجي. هو ان ڳالهہ جا پابند اصل ڪونہ هوندا آهن. صابر صاحب فقير پاڪ مهدي امام ، محمد فقير ۽ مظهر فقير جو تتبو ڪيو آهي. اهي سندس ساٿ جا سائي رهنما ۽ رهبر پڻ هئا. صابر ائين پين شاعرن جي شاعري جو بہ اثر قبول ڪيو آهي. جيئن سندس هڪڙي ڪافي آهي تہ

بيڪس برابر مثين هان ،

بندي بردي دردي.

اهڙي طرح هڪ ٻئي شاعر بہ ڪافي چئي آهي. ممڪن آهي تہ صابر صاحب ان جو اثر قبول ڪيو هجي.

بيزر برابر مثين هان ،

بانهي باروچل دي.

بيڪس ۽ باروچل لفظ رکو بنهي جي ڪافين ۾ بيا پيل آهن. باقي بيا هڙئي لفظ مطلب جي لحاظ کان هڪجهڙائي ڪافين ۾ پيز آهن. هڪڙي ڪافي تہ صابر صاحب جڻ ترجمو ڪري رکي آهي. بهادر شاهہ ظفر جو غزل تہ پنهنجيءَ جاءِ تي ڏاڍو پلو چيل آهي ۽ مقبول عام بہ آهي. پر صابر صاحب جي ڪافي ايترو مشهور ٿي نہ سگهي. سبب شايد اهو بہ هجي تہ ترجمو ٿيل آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ترجما بہ ڏاڍو

مقبول ويندا آهن پر اهو تڏهن جڏهن ترجمو ڪرڻ واري جي اندر ۾ به ڪجهه باهه ٻريل هجي! بهادر شاهه ظفر جو غزل آهي ته

تلهه: ساقيا مجهه ڪوتيرا ساغر پلانه ياد هي،

مصرع: اي ظفر تجهه ڪو وصي چهارده معصوم ڪا،

ڪلمه يه توحيد ڪا ، مرشد بتانا ياد هي.

هاڻي صابر صاحب چوي ٿو ته:

تلهه: ساقيا ، مون کي اوهان جو، پيالو پيارل ياد آ.

مصرع: صابرا آهي وظيفه چهارده معصوم جو.

ڪلمو توحيد جو، مرشد پڙهايل ياد آ.

بهرحال صابر جي شاعري به پنهنجي جاءِ تي ته سندس توابي به پنهنجي جاءِ تي ڪيس مبارڪ هجن. اسان جو سروڪار ته سندس جي عمر جي ان حصي سان آهي. جيڪا هن عمر فقير پاڪ مهدي مولا جن سان گڏ گذاري يا سندن صحبتي جي حيثيت ۾ بسر ڪئي. ان زندگي جي حصي ۾ جيڪا هن شاعري ڪئي آهي. اها بلڪل نمايان نظر اچي رهي آهي. اها گهڻي ڀاڱي زندگيءَ جي اڌ حصي کان به ڪئي مٿي نه هجي! تلهي ليکي سندس زندگيءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ حصو اهو جيڪو هن فقراءِ جي صحبت ۾ گذاريو ۽ ٻيو حصو سندس زندگيءَ جو اهو اچي وڃي ٿو جيڪو هن فقراءِ جي صحبت کان ٻاهر ڪٿي ٻئي هنڌ گذاريو. اڄڪلهه به سندس شاعري بزم مهدي مولا فقير پاڪ ۾ ٿي ڳائي وڃي ٿي. ٻئي هنڌ ڪٿي به اسان سندس شاعري ڪافيون ڪلام ڪنهن کي به چوندي ڪونه ٻڌا آهن. فقراءِ ۾ به سندس اهائي شاعري مقبول آهي. جيڪا هن فقير پاڪ مهدي امام جي صحبت ۾ ويهي ڪئي ۽ چئي آهي.

04 غمدل فقير نوناري:- غمدل فقير نوناري ڪير هو؟ ڪٿان جو هو؟ ۽ ڪنهن جو طالب هو وغيره سندس جيبل رسالي "غمدل غازي" ۾ اهو سڀ ڪجهه ضرور ڏنل هوندو ان ڪري اهو اتان ئي وڃي سيڪو پڙهي ۽ ڏسي . هت رڳو اهو ٻڌائڻو آهي ته سندس فقير پاڪ مهدي مولا سان ڪيتري گرويت هئي.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته پاڪ هادي منهنجي مرشد مولي مهدي امام جن جون رس رهاڻيون انهن سيني درويشن فقيرن ۽ اهل دل وارن بزرگن سان اوس ٿينديون رهنديون هيون. جيڪي ان دور ۾ حال حيات هئا . پاڻ مولا جن جڏهن به ڪنهن اهڙي اهل دل اهل

الله فقير بزرگ جو پڌندا هئا تہ هلي وڃي درشن ڪندا هئا. خاص ڪري سونهاري سنڌڙي ۾ تہ ڪٿي بہ اهڙو ڪو گوهر گوشي ۾ مشڪل سان رهيل هجي جتي پاڻ پنهنجي قرب جا قدم پري نہ ويا هجن! هيڏانهن فتح پور رڪيل شاھ جو آستانو تہ هوڏانهن جهوڪ شريف ان وچ ۾ پاڻ سيني بزرگن، فقيرن جي زيارت ضرور ڪئي هوندي. فتح پور بہ ويل آهن. پوءِ چيزل جو زمانو هو. يا خود رڪيل شاھ موجود هو. اهو ڪجھ تصديق سان نٿو چئي سگهجي تہ مٿين ٻنهي پيءُ پٽن مان ڪنهن سان ملاقاتي ٿيا هئا. باقي چيزل شاھ سان مخدوم جهانيہ جهان گشت شاھ پور جهانيہ جا گادي نشين سائين فقير شير علي جهانيہ جن جي ملاقات ٿيل هئي. جڏهن شير علي سائين جن سان گڏ مير محمد نواز صوبيدار وارو بہ ساڻ هو. پاڻ جڏهن فتح پور پهتا ۽ لٿڙين ڪي ٻڌاين تہ اسان خاص ملاقات جي مقصد سان آيا آهيون تہ ڪا گهڙي پل سائين چيزل شاھ سان روح رهاڻ ڪجي. چيزل شاھ کي مطلع ڪيو ويو. جنهن شير علي سائين جن کي اندر پاڻ ڏانهن گهرايو. جڏهن سائين اندر چيزل شاھ وٽ پهتا تہ ڇا ڏسن تہ چيزل شاھ پاڻ هڪڙي ڪرسي تي ويٺو آهي. باقي لاءِ اتي ٻيو ڪجھ بہ رکيل ڪونہ هو. جو ڪو ٻيو بہ اتي ويهي سگهي. شير علي سائين چيزل شاھ سان هٿ ملايو ۽ پوءِ مير محمد نواز بہ چيزل شاھ سان اچي مليو. شير علي سائين مير صاحب جن کي چيو تہ مير سائين پلاو ٿيهو تہ ڪچهري ڪجي! مير محمد نواز ورائيو تہ قبلا جڏهن آڏر پاءِ ئي هڪڙو آهي جو هتي ويهڻ لاءِ ٻي ڪا شيءِ رکيل ڪونہ آهي جو ڪٿي ماڻهو ڪٿي ويهي. هيٺ ٿي صحيح پر فرش تي بہ ڪجھ تہ وڇايل هجي! سو بس هاڻي سڀ ڪجھ ٿي ويو. ميلو بہ ٿيو تہ ملاقات بہ ٿي. ڏاڍيون ڪچهريون بہ ٿي ويون. هاڻي هلڻ جي ڪجي جو پوئتي پنڌ بہ گهڻو آهي. اڃين نہ ٿئي جو ڪٿي رستي ۾ ئي رات پئجي وڃي! مير محمد نواز اهي لفظ چئي پوئتي دروازي ڏانهن وريو ۽ شير علي سائين جن کان بہ اڳ ۾ درڪان ٻاهر اچي پهتو.

فقير پاڪ مھدي مولا جن جو فقير محمد وارث صاحب جن جي زماني ۾ جهوڪ شريف وڃڻ جو اهڃاڻ ملي ٿو. ممڪن آهي تہ پاڻ اڳ بہ ڪنهن زماني ۾ جڏهن پاڻ اڪيلي سير ڪندا هئا. جهوڪ شريف ويا هجن. جهوڪ شريف پهتا تہ اتي جي فقراءِ وڃي فقير محمد وارث صاحب کي ٻڌايو تہ هڪ عمر رسيده ماڻهو جنهن کي ڇير پيرن ۾ آهي جيپ تي سوار ٿي فقراءِ سميت اچي سهڙيو آهي تہ محمد وارث ٽپ ڏئي اتي پيو ۽ چيائين تہ اها ڇير عشق جي آهي. اهو ڇير وارو جوان اسان تي اچ وڃ و ڙ

ڪري پنهنجي گودڙيءَ ۾ لڪائڻ آيو آهي. ائين چوندو اچي جيب پيڙو ٿيو. پاڻ مولا جن جيب تان لٽا ۽ چند گهڙين لاءِ محمد وارث سان ڪچهري ڪري واپس وريا.

چوڻ جو مطلب اهو آهي ته پاڻ مالڪ هلي وڃي صورت جو درشن ڪندا هئا ۽ انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا هئا ته جيئن اڳتي جي لاءِ به رس رهائيون ڏينديون رهن پوءِ واقعي جيڪي محبت جا ماريل ۽ عشق جا گهايل ۽ قرب جا ڪٺل هوندا هئا ته اهي سندن ان دعوت دلگير کي دل سان قبول ڪري وٺندا هئا پر جيڪي لڙڪ لڳي ۽ مريد ڪرڻ غريب قرڻ واري عمل تي عمل پيرا هوندا هئا ته اهي سندن روءِ مبارڪ تي چڙهڻ جي جسارت پاڻ ۾ ساري ڪونه سگهندا هئا يا وري ڇاتي واتي ائين ڪونه ڪندا هئا جو ته سچ جو سامنو ته سچ ئي ڪري سگهي ٿو!

هڪ دفعي لاڙڪاڻي کان سيوهڻ قلندر سائين جي ميلي تي ويندي پاڻ بلوچ صاحب خريد علي فقير عرف غلام الرسول شاهاڻي، جيڪو ان سمي لاڙڪاڻي ۾ S.E ايريگيشن هو ۽ مالڪن جو دست بيعت طالب هو. ان کي چيائون ته رستي ۾ سيوهڻ هلندي تلٽيءَ ۾ سيد گنبل شاهه سان ملاقي ٿيندا هلنداسين. سيوهڻ ۾ سرڪار پاڪ جن جي رهائش وغيره جو بندو بست بلوچ صاحب ڪندو هو. ڇو جو هو ان وقت سيوهڻ جي حد جو به S.E ايريگيشن هو. پاڻ مالڪ سيوهڻ جي ميلي تي هلڻ لاءِ رياست خيرپور کان هلي سکر کان رائيس ڪئنال جي ٽاپ ڏئي جيئن تي اچي لاڙڪاڻي منزل پذير ٿيندا هئا. ٿيندو اڪثر ائين هو ته جيئون مٿئين رستي سان لاڙڪاڻي پهچنديون هيون. باقي پاڻ مالڪ گهڻو ڪري اڳڙن کان جهلي بند تيي بيل گاڏي جي سواريءَ تي ڪچي جو پند پورو ڪري بيڙين تي درياهه ٽپي اچي ويساهه علي فقير انڙ عرف وڏيرو ساڪن طالب مهدي امام آخري زمان وٽ ڊراپو ڪندا هئا. جتان پوءِ جيئن رستي بلوچ صاحب S.E ايريگيشن جي بنگلي تي لاڙڪاڻي ۾ قيام ڪرڻ فرمائيندا هئا. پاڻ مالڪ رياست کان درياءَ ٽپڻ بعد جيترو وقت به لاڙڪاڻي يعني چانڊڪا پرڳڻي ۾ رهائش پذير هوندا هئا ته بلوچ صاحب سرڪار پاڪ جن جي پروٽوڪول ۾ شامل رهندو هو. مرشد پاڪ جن ڪجهه ڏينهن بلوچ صاحب جي بنگلي تي رهي پوءِ آس پاس جي سنگت فقراءَ ڏانهن به درشن ڪرائڻ ويندا هئا. ڪير به هجي امير هجي يا غريب پر جيڪڏهن ڪنهن اها صدا هنئي ته مالڪ پڇڻ ڪي به هلي ديدار ڪرايو يا گهر هلي ڪري دعا جا پير گهمايو ته پاڻ انهن جي آس به پوري ڪندا

هئا. لاڙڪاڻي جي نزديڪ ساڳي تعلقه ۾ ڪڪراڻ جي ڳوٺ ۾ پڻ طالب درويشن ڪان سواءِ فقير فرمان علي ڏاڻهن بہ پيرو ڪندا هئا. تعلقه ميرو خان ۾ تيرهن پور جي پرسان ڪلهوڙن جي ڳوٺ گل ڪلهوڙو ۾ فقير نوڪر علي ڪلهوڙو ۽ پتنگ علي فقير ڪلهوڙو جن وٽ بہ پاڻ مالڪ قرب جا قدم پري ويندا رهندا هئا. پار جو چڪر سال ۾ هڪڙو ئي دفعو ٿيندو هو جيڪو لعل سائين جي ميلي جي موقعي ۾ ئي ٿيندو هو. طالب فقراءِ ڏانهن ڦيرو ڪڏهن قلندر جي ميلي کان اڳم تہ ڪڏهن بعد ۾ ٿيندو هو. ڇو تہ سڄو سال سنگت فقراءِ اوسيئي ۽ انتظار ۾ گذاريندا هئا تہ الائي ڪڏهن ٿا اهي ڏينهن اچن. الائي ڪڏهن ٿو لعل سائين جو ميلو لڳي جو اسان جو مالڪ محبوب. مرشد پاڪ مهدي مولا فقير هادي اچي اسان بي ڪار بي حد بدڪار ۽ برن کي، پنهنجي نرمل نوراني پاڪ پيشاني پسائيندو، اهين ساعتون سميتجي سوڙهيون ٿي ڏينهن ۾ بدلبيون رهنديون هيون ۽ ڏينهن وري هفتن ۾ تہ هفتہ وري مهينن ۾ متجي وڃي سال ٿيندا هئا ۽ آخر اها گهڙي جنهن جو چانڊڪا جي نندي وڏي، ٻچي ٻار، مرد عورت، امير غريب ۽ هر هڪ کي انتظار ۽ اوسيئڙو رهندو هو. اچي پوري ٿيندي هئي جو وڻ ٽڻ آبهوا، چرند پرند، جيت جڻيو، جن ملڪ ۽ هر انسان جي وات مان اهائي وائي ٻڌڻ ۾ ايندي هئي تہ مهدي امام آخري زمان جن درياءَ ٽپي پار پهتا آهن ۽ اچي لاڙڪاڻ ۾ بلوچ صاحب جي بنگلہ تي منزل انداز ٿيا آهن. ڪيتري ڪيڏي ۽ ڪهڙي خوشي جي ڳالهہ ڪجي؟ جيڪا ان سمي سموري مخلوقات جي من ۾ اڏما ڏئي پئي چلڪندي هئي.

جڏهن قلندر سائين جي ميلي جا ڏينهن ويجها آيا ۽ بلوچ صاحب ميلي تي هلڻ جي تياري مڪمل ڪري چڪي تہ پاڻ مالڪن بلوچ صاحب ۽ فقراءِ سميت جيپن ۾ سيوهڻ جو سفر سڌاريو. رستي ۾ جڏهن ٽلٽيءَ جي ويجهو قافلو پهتو تہ بلوچ صاحب فقير پاڪ جن کي ياد ڏياريو تہ منا سائين ٽلٽيءَ جي نزديڪ اچي قافلہ پهتو آهي. گنبل شاهہ سان ءان جي لاءِ جيڪو حڪم هجي. پاڻ مالڪن فرمايو تہ گاڏين کي اوڏانهن هڪليو وڃي. گنبل شاهہ جي بيٺڪ هڪ وڏي ٽلهي نما ايراضيءَ تي مشتمل هئي ۽ ان ٽلهي کي چوڌاري ڪرٽ ڦريل هو. در نندي هئڻ ڪري گاڏين کي اتي ئي هيٺ ڇڏي، فقراءِ سميت سرڪار مولا جن مٿي ٽلهي تي چڙهي هليا. هيءَ ڳالهہ 1966-67ع جي آهي. گنبل شاهہ وڏي پارن سان هڪ وڏي پلنگ نما کٽ تي ڪاري

لباس ۾ ملبوس ويٺو هو. عمر ۾ ڪرڙ وڌ لڳي رهيو هو. ڪـــٽ تان اٿيو ۽ اچي فقير پاڪ جن ســان مليو. پاڻ مالڪن تمام هيٺ نوڙي وچي گـنبل شـاهہ جي پيرن تي هٿ رکيو. گنبل شاهہ سرڪار جن کي کٽ تي ويهڻ جو اصرار ڪيو. پر پاڻ مولا جن تڪڙ ۾ هڪ موڙي تي ويهي رهيا ۽ فرمايو تہ اسـان هٽ ٺيڪ آهيون ۽ گـنبل شـاهہ توهان پنهنجي کٽ تي ويهو. گنبل شاهہ جي فقراء بہ آواز ڪلام پڙهيو. گنبل شـاهہ جا چيل قصيدہ چاردہ معصوم جي شـان ۾ مولا پاڪ جن جي مرضي نہ هئي پر فقراء ۽ گـنبل شـــاهہ جي اصرار تي نثار فقير ميراثيءَ مولا پاڪ جن جا بہ ٻول هارمونيم تي ويهي پڙهيا. انهن مان هڪڙو ڪلام اهو هو تہ ” سيٺي پڳيون سين حدون “ جنهن تي گمبل شاهہ بحث ڪرڻ چاهيو تہ اهي کهڙيون حدون آهن. جيڪي توهان پڳيون آهن؟ هيءَ بہ تہ هڪ حد آهي پر مولا جن بحث کي ختم ڪرڻ لاءِ جلديءَ ۾ جواب ڏنو تہ گمبل شاهہ اسـان جا مڙئي ٻاراڻا ٻول آهن. ائين چئي فقير مولا جن گـنبل شـاهہ کـان موڪلايو ۽ قلندر جي ميلي تي ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. گـنبل شـــاهہ ميلي تي ملڻ جي هائو ڪار ڪئي. هو پوءِ ميلي تي بہ آيو پر مالڪن سان ملڻ لاءِ ڪونہ آيو ۽ لنوائي ويو. پاڻ مالڪ ايريگيشن جو بنگلا جيڪو ريسٽ هائوس هو. سيوهڻ ۾ ٽڪريءَ تي ٺهيل هو. جيڪو شهر قلندر سائين ڏنڊي سـان ڏڪائي اوٿو ڪيو هو اهو ان بنگلي جي پر ۾ هو اتي قيام ڪندا هئا. ميلي ۾ پاڻ بہ اڍائي ڏينهن يعني ميلي وارين تاريخون رهڻ فرمائيندا هئا. هيءَ قلندر جي ميلي جو مذڪور 1960ع کـان پوءِ واري زماني جو بيان ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ ۾ جڏهن ڪل جي سـواري ڪونہ هئي ۽ گهوڙن ۽ ٻين وهٽن تي ســواري ڪئي ويندي هئي. يا وري پنڌ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو تہ پاڻ پيرين رســتي بہ قلندر شهباز جو ميلو ملهايو اٿن. وهٽن ذريعي بہ تہ پنڌ پيادي بہ ميلي ۾ شريڪ ٿيندا رهيا آهن.

عمدل فقير سان قلندر شهباز جي ميلي ۾ بہ ملاقي رهيا آهن ۽ عمدل فقير جي آستانہ عاليہ تي بہ پاڻ هلي وڃي فقير صاحب سان روح رهنديون ڪيون آهن. عمدل فقير جو شـايد دســت بعيت طالب درويش جناب نيڪ محمد اوڍو صاحب هوندو هو جيڪو سـتار ڏاڍي پياري وڄائيندو هو ۽ ضعيف بہ سـتار جي تارن وانگر. پنهنجي سـان پيٽ مليل هوندو هئس. فقير پاڪ جن جڏهن عمدل فقير وٽ ويندا هئا تہ اهـو درويش

گهڻو ڪري موجود هوندو هو ۽ ستارو چائي داد حاصل ڪندو هو. پاڻ مالڪ فقير سائين مولا پاڪ جن هڪ لڳي فقير صاحب غمدل فقير جن وٽ ملڻ لاءِ ويا ته اها مند ان وقت ڦولار جي هئي ۽ ڪڙمين سارين لاهي سرنهن ڇٽي ڇڏي هئي. سرنهن جو سهڻو گل جڏهن زمين ۾ ميلن جا ميل پکڙيل هوندو آهي ته سموري وايو منڊل ۾ سڳند سمائجي ويندو آهي. اهڙيءَ مند ۾ جڏهن فقير مولا جن غمدل فقير وٽ پهتا ته فقير صاحب مند ۽ مهل مطابق منظر نگاري ڪري هڪڙو ڏاڍو خوبصورت ڪلام پيش ڪيو. هيٺ اهو سمورو ڪافي ڪلام پڙهڻ لاءِ ڏجي ٿو.

ٿلهه: مند بسنتي مهدي آيو ، مردن جي ميخاني ۾.

1 ساز سروز سامان سينگاري، آيو اچ آشياني ۾ ، پرتئون پير پيارل پايو.

2 پاڻي ڇير پيرن ۾ پڊرو ، راز رموز رندا ني ۾، روز ازل ڪان اهوئي رايو.

3 سالڪن صف سونهين سدائين، محسن رنگ محباني ۾ ڳليءَ ڳليءَ ۾ شور مچايو.

4 غمدل گانو گيت گوهر گن، دم بزم عرفاني ۾ ، بل بل بنجي بيان بتايو.

غمدل فقير جون ملاقاتون ۽ غمدل فقير سان ملاقاتون سرڪار پاڪ مهدي مولا جن سان سيوهڻ ۾ به ٿيون آهن ته غمدل فقير جي پنهنجي آڪاڙي تي به سرڪار پاڪ جن قرب جا قدم پري وڃي ملاقي ٿيا آهن. فقير صاحب ڪي پاڻ فقير پاڪ جن ميلي شاهپور جهانيه جون دعوتون به ڏنيون هيون. پر فقير صاحب اتي به خير ڪي آيو هو ۽ نه وري ڪو پاڻان چائي ڪڏهن تڪليف فرمائي فقير پاڪ جن سان ملڻ آيو هجي!

فقير پاڪ مهدي مولا جن جي فقير غمدل سان پوئين ۽ آخري ملاقات به غمدل فقير جي تڏي تي ئي انجام پاتل آهي. جڏهن غمدل فقير پنهنجيءَ محبوبه سان شريعت جي ٻي شادي رچائي دوڪان ڪولي اچي پنهنجي شهر ڳوٺ جي ڳليءَ بازار ۾ ديرو ڄمائي ويٺو هو. پاڻ مولا پاڪ جن لاڙڪاڻي ڪان اٿيا ۽ سدا غمدل فقير جي آڪاڙي ڏانهن اسهيا جيڪو هاڻي هڪ پرچون جي دوڪان جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. بلوچ صاحب خريد علي فقير به پنهنجي جيپ ۾ مولا جن سان گڏ بمع ٻئي فقراءِ طالبن سميت اچي غمدل فقير جي شهر ۾ سهڙيا . شهر جي گهٽي سوڙهي هئڻ ڪري جيپون بازار ڪان ٻاهر ئي روڪيون ويون. ڪجهه قدمن جي مفاصلي تي غمدل فقير جو دوڪان هو. پاڻ مولا جن بلوچ صاحب ۽ ٻيو فقراءِ جيپن مان هيٺ لهي پيادل

غمدل فقير جي دوڪان تائين ويا. ڪجھ درويش جيپن وٽ ئي ويهي رهيا. دوڪان ۾ موڙا رکيل هئا. غمدل فقير به هڪ موڙي تي ويٺل هو. چلم لهي پئي هئي جيڪا فقير صاحب ڇڪي رهيو هو. هڪڙو ماڻهو پيو به دوڪان ۾ موجود هو. جيڪو فقير غمدل جي چوڻ تي سودو سود گراهڪن کي ڏئي رهيو هو. سودي جي رقم گراهڪن کان اهو ماڻهو وٺندو فقير کي ڏيندو ٿي ويو. جيڪا فقير اڳ ۾ جمع ڪندو ٿي ويو. جڏهن مولا جن دوڪان تي پهتا ته غمدل فقير به اٿي اچي فقير مولا جن سان مليو. جهٽ سوا مولا جن اتي ويٺا. شايد آبي پاڻيءَ جي غمدل فقير صلاح ڪئي. جيڪا فقراء اتي گهوٽي واپرائي.

فقير مولا جن غمدل فقير کان موڪلايو. غمدل فقير پنهنجي دوڪان کان هيٺ لهي اتي جو اتي ئي مولا جن کي رخصت ڪيو. پاڻ مولا جن ڇيم ڇيم ڪندا بازار مان هلندا ٿي آيا. سندن سمورو فقراءَ پنيان پي آيو. بلوچ صاحب مولا جن سان گڏ پي آيو بلوچ صاحب کي غمدل فقير جو مولا جن کي رخصت ڪرڻ جو طريقو اصل پاڻ ڪونه پيو. سو ڪانئس رهيو ڪونه ٿيو ۽ مولا جن کي چيائين ته مٺا سائين غمدل فقير هي ڇا ڪيو؟ جو فقير پاڪ جن هيڏو سارو قرب ڪري ڪيس وٽ هلي ويا آهن ملڻ ۽ پاڻ کان ايترو ڪونه پڄس جو فقراءَ کي جيپن تائين گڏ اچي ڪري پوءِ رخصت ڪري ها. پاڻ مولا جن بلوچ صاحب کي ورائيو ته جي غمدل فقير ائين ڪري ها ته اهو جيڪو هڪڙو ماڻهو دوڪان تي سائس سان گڏ هو. اهو به وٽس ڪونه ويهي ها!!.

05 **سيد صالح محمد شاھ جيلاني راڻي پور وارو:-** سيد صالح محمد شاھ جيلاني پنهنجي وقت جو هڪ پلارو برگزيده بزرگ ٿي گذريو آهي. سندن طبيت پيري مريدي هوندي به سادگي ڏانهن مائل هئي. ان خوشبوءِ ڪري فقير مولا جن به سندن وٽ ايندا رهندا هئا ته من ڪڏهن سندس خيال جي خروشي وڌي وڃي وڻ ٿئي ۽ شيخي پيري ٻر بزرگي کي ترڪ ڪري نينهن ۾ نسري نروار ٿئي. پاڻ شاعر به هئا. سندن ڪلام ڪافي، دوهي ۽ چوسٽي تي مشتمل آهي. پاڻ مولوي عبدالغفور همايون واري جا طالب دست بيعت هئا.

ميرن جي رياست جو زمانو هو. مولا پاڪ جن ته اصل کان ئي سيلاني هئا. پر ڪڏهن به جڏهن رياست خيرپور ۾ مولا پاڪ جن جو اچڻ ٿيندو هو ته حضرت صالح شاھ سان به گاهي به گاهي ملاقات ٿيندي رهندي هئي. پاڻ پير صالح شاھ صاحب

جن پٽ جا پياسي ڪونہ هئا . پر مولا پاڪ جن لاءِ ميسر ڪري رکندا هئا . جو تہ ان دؤر ۾ ساغر ۽ مينا جو دور دوره هوندو هو فقير مولا جن وٽ. هڪ دفعي پير صاحب مولا پاڪ جن کان دريافت ڪيو تہ پلر جو تا پيئو؟ پاڻ مولا جن ٺهہ پهہ جواب ۾ فرمايو تہ پير صاحب پيتو سين تہ توهان وٽ پهتاسين. ڪڏهن ڪڏهن پير صاحب مولا جن سان سوال جواب ڪرڻ لاءِ ملن مولوين کي بہ پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيندو هو. مولوي محمد صادق تہ مشهور آهي ۽ پير صاحب جن جو چڻ تہ خاص خدمتگار هو ۽ گهڻو ڪري هميشہ پير صالح شاهہ جن سان ڪٺو رهندو هو. مولوين سوال ورتو تہ عشق ڇا آهي؟ مولا جن بنا ڪنهن سوچ ويچار جي بنا دير فرمايو تہ " العشق نارٌ يحرق ما سوي الله " عشق اها آگ آهي جيڪا سواءِ الله جي سڀ ڪجهہ جلايو خاڪ ڪيو ڇڏي. ملاماڻ ٿي ويا ۽ چارو نہ چلندي وري بيو سوال اٿاريو تہ محبوب ڇا آهي؟ مولا پاڪ جن جلال ۾ اچي ويا فرمايائون تہ محبوب جي خبر تو ملي کي ڇا ڏسبي! ڪچهري سانت ٿي وئي پاڻ اٿيا هليا آيا . اهڙي طرح سان پير صاحب جي نوڪ جهوڪ پئي هلندي رهندي هئي ۽ ملن کي پيو مچرائيندو هو تہ جيئن فقراء سان مهاڏو اٽڪايو اچن. پر عقل تہ ڪڏهن بہ عشق کان ڪونہ کٽيو آهي. سو سدائين پيا ملا ٻڙا ٿيندا هئا . پر پوءِ بہ پنهنجي ملپي رڳ کان بس ڪري ڪونہ ويهندا هئا .

فقير پاڪ مولا مهدي امام آخري زمان جن پنهنجي فقراء جي ٽولي سان ڳائيندا وڄائيندا هلندا اچي پير صاحب صالح محمد شاهہ جي آستان تي نڪتا . پيگ پائي بہ جاري ساري هو دنگ جو دؤر هلندو ٿي رهيو ۽ ويراڳ بہ شروع هو. فقير مولا جن کي چير تہ هميشہ پيرن ۾ پاتل رهندي هئي. فقراء سان گڏ ڳائيندا هئا تہ اڳو بہ پاڻ ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ جڏهن چير بہ پيرن ۾ پاتل هجي تہ پوءِ ڦيري پائڻ بہ ضروري ٿي ٿي پوي. ائين ٿي ڦيري ۽ پائيندي فقير پاڪ جن جو هٿ وڃي پير صاحب جن جي ٻانهن ۾ پيو. مولا پاڪ جن ٻانهن مان پير صاحب جن کي جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳا يعني فقراء واري سنگ ۾ جيڪو نچندو ڪڏندو ٿي آيو ان ۾ شامل ڪرڻ ٿي چاهيو. پر پير صاحب اها پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪندي پاڻ کي پوئتي ڇڪڻ لڳو. مولا جن ڇڪڻ اڳتي ۽ پير صاحب جن ڇڪڻ پوئتي آخر فقير پاڪ جن سمجهيو تہ پير صاحب کي صرف پير ٿي رهڻو آهي ۽ فقراء ۾ شامل ٿيڻ شايد سندس وس جي ڳالهہ ڪونہ آهي. پاڻ مولا جن سندس ٻانهن کي پري اڇليندي ڦيري پائيندا فقراء سميت ويندا رهيا .

06 **مير علي ڏنو خان:-** ڪرنڊيجي جي ميرن مان مير علي ڏنو خان جو ناتو مولا جن سان پين مير صاحبن کان گهڻو وڌيڪ عقيدت وارو رهيو آهي. ميرن جي صاحبي ختم ٿيڻ کان پوءِ جن ميرن جو فقير پاڪ جن سان واسطو رهيو. انهن ۾ مير علي ڏنو خان ڪرنڊيجي جي ميرن ۾ هڪڙو هو. پين مير صاحبن جو مولا جن سان ملڻ تڏهن ٿيندو هو. جڏهن پاڻ ڪرنڊيجي ۾ هوندا هئا يا مير علي ڏنو خان سان گڏجي ڪي مير صاحب اچي فقير پاڪ جن جي زيارت ڪندا هئا. مير علي ڏنو خان شاهپور جهانيه تائين ميلن ملاکڙن ۾ مولا جن سان گڏ رهندو هو. شاهپور درگاهه واري پاسي ڏانهن جيڪي فقراء لاءِ جايون ٺهيل هيون ۽ ميلي جي ڏينهن تي فقراء اچي انهن آستانن تي رهندو هو ته جيڪو جيڪو فقراء جنهن به لانڍي ۾ اچي رهندو هو ته اها لانڍي ان جي نالي سان ئي مشهور ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ ان نالي سان سڃاڻپ ۾ ايندي هئي. اهڙي طريقي سان مير علي ڏنو خان جن جي رهائش واري لانڍي مير جي لانڍي سان مشهور هئي.

پير ظاهر جيڪو رانئي پور ۽ صوبوديرو روڊ تي رانئي پور کان ويندي رستي جي سڄي ڪپ تي روڊ سان لڳ هڪڙو پير جيڪو اڃا تائين پنهنجي عاليشان ماضيءَ کي پنهنجي ٿڙ جي پيٽ ۾ سانڍيو پيو اچي. اپي ڳاٽ سان موجود آهي. هن پير جي وڻ کي اتي پوکڻ جو سهرو مرحوم استاد فقير منظور علي خان خان صاحب جمالي خان جي فرزند جي سرتي آهي. جڏهن منظور علي خان محمد خان مان اڃا تازو تازو منظور علي ٿيو هو ۽ خانصاحبي به بعد ۾ ٿي نصيب ٿي هئس. ڪٿان جهنگ مان پير جي چڪي ڪڍي اچي اتي رکي هئي. منظور علي فقير عرف منظور علي خان جا وڏا جمالي خان وارا جيئن ئي سنڌ ۾ داخل ٿيا ته هلندا گهمندا ڦرندا گهرندا اچي فقير پاڪ مولا جن جي حضور ۾ پهتا ۽ گڏ رهڻ لڳا. پاڻ مولا جن ته هئا سيلاني صبح ڪٿي ته شام ڪٿي سو هي ڪٽنب ائين سيلاني ٿي ڪري هلي نٿي سگهيو. ڪجهه ڏينهن مولا پاڪ جن سان گڏ گهميو ڦريو ۽ ڪجهه ڏهاڙا وري پير ظاهر تي رهي پيو. بعد ۾ مولا پاڪ جن کان موڪلائي وڃي ٽنڊو آدم ۾ مستقل خيما کوڙيائون. منظور علي خان کي پنهنجو نرينو اولاد نه ڪونه ٿيو. باقي پنهنجي ڪن شاگردن جن ۾ گلزار علي خان شامل آهي ۽ پيا پنهنجا پاٽيجا فتح علي خان. حميد علي خان ۽ وحيد علي خان وغيره کي پنهنجي گُر سان گسايائين ۽ کين فقير پاڪ جن جو طالب بڻايو.

پير ظاهر جتي اڄ بہ اهو پير جو وڻ جيڪو منظور علي خان پوکيو هو. موجود بيٺو آهي. پر اهي رونقون جيڪي اڳ اتي لڳ گذريون آهن. هن وقت بلڪل ڪونہ آهن. پراڻو يادگار بہ هڪ پير ئي وڃي بچيو آهي. باقي ٻي سموري نواڻ نظر ايندي سواءِ ان مزار جي جنهن کي پهريان پير ڳجهڙو ڪري ڪوٺيندا هئا هت وڏو گهاٽو ٻيلي نما ڪو جهنگل بہ هو جتي ٻگهڙ ۽ ٻيا جهنگ جا مرون رهندڙ هئا. پاڻ مالڪن جڏهن هيءَ زمين ڪٽ ڪئي تہ پاڻ ڳجهڙي پير جي بدران ان جو نالو ڦيرائي پير ظاهر رکيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين اهو ئي نالو مشهور آهي ۽ اڳتي جي لاءِ بہ دائم قائم رهندو.

پير ظاهر تي ڪجھ وقت لاءِ هر مهيني جي چوڏهين فقير سرڪار جن لاڏائيندا هئا ۽ پلوڙ ملاڪڙو لڳندو هو. جنهن ۾ مير علي ڏنو خان پنهنجا پاليل ملھ اچي ٻين ملهن سان وڙهائيندو هو.

رياست ختم ٿيڻ کان پوءِ مير صاحب جو بہ اهو حاڪميءَ وارو طاقت ۽ زور ويو آهستي آهستي هٽندو تہ پير ظاهر واري چوڏهين بہ وڃي ڇٽ ٿيندي. پاڻ مالڪن کي تہ زماني جي رونقن جو شوق شتاب ڪونہ هوندو هو. پر پوءِ مڙئي سنگت خاطر ٻيا انهن سان منهن ڏيندا هئا. ملاکڙي ۾ مير صاحب تہ ڪٽيندڙ ملھ کي انعام اڪرام ڏيندا هئا يا ٻيا ماڻهون بہ جيڪو ملھ دسيندو هو ان کي ڏوڪڙ ڏيندا هئا. پر پاڻ فقير سائين جن ڪريل ملھ يعني جيڪو ملھ دسبو هو تہ ان کي بہ ڏڪ کائڻ جو انعام ڏيندا هئا.

مير علي ڏنو خان کي نرينہ اولاد ڪونہ ٿيندو هو. جيڪو پڻ فقير سرڪار هادي پاڪ جن جي دعا سان پٽ ڄائس. مير صاحب آخري ايامن تائين هادي پاڪ جن جي ظاهري ٻڌا بعد بہ پوئين سنگ سان بہ نباهيندو رهيو.

07 **احمد شاهہ اڄ شريف وارو:-** احمد شاهہ اڄ وارو جڏهن سنڌ ۾ آيو تہ سنڌ جي سيدن ۾ ماڻڌاڻ مچائي ڇڏيائين. سڀني کان شجرا پڇندو ٿي آيو. جيڪو پنهنجو شجرو ٻڌائي نہ ٿي سگهيو تہ ان کي سزا ٿي ڏنائين. ڪيس اهلبيت مان خارج ڪري جيڪا پوءِ ان جي ذات ۽ سڃاڻ اصل ۾ هئي تہ ان کي اها ڏيندو ٿي آيو. جڏهن حيدرآباد پهتو تہ ٽنڊو جهانيہ ۾ ان وقت جي جهانيہ خاندا جي سيدن سان ملاقاتي ٿيو. جن وري ڪيس اهو چئي شاهپور جهانيہ روانو ڪيو تہ اسان جا وڏا اهي آهن. وڏيڪ

معلومات سنڌ ۾ جهانيہ خاندان جي توهان کي شاهپور جهانيہ جي سيدن مان ٿي پوندي. جڏهن شاهپور پهتو تہ سندس ملاقات قبلا سرڪار سيد هادي بخش عرف بادشاهه سائين جهانيہ جن سان ٿي. جيڪي ان وقت درگاهه شاهپور جهانيہ جا سجاده بہ هئا. بادشاهه سائين جن احمد شاهه کي سمورو شجرو پڌايو ۽ هو تمام ان مان مطمئن ٿيو. هت رياست ۾ بہ چوتہ ان وقت خيرپور رياست سڏبي هئي. پيلهاڙي جي ساداتن يا بين اوسي پاسي جي سيدن کي احمد شاهه تمام گهڻو سوڙهو اچي ڪيو. چو تہ ساداتن ويچارن کي پنهنجو شجرو گهڻي قدر ياد ڪونہ هو. ان ڪري هو احمد شاهه سان منهن نہ ٿي ڏئي سگهيا. احمد شاهه جي جڏهن فقير سرڪار جن سان ملاقات ٿي ۽ هن فقير جو رنگ ٿي نرالو ڏٺو تہ هو جهڳڙو واڳڙو ٿي ويو. پهريان تہ فقراء سان بہ مناظرا ڪرڻ لڳو. ايستائين جو محمد فقير ڪتياڻ کي چيائين تہ توهان فقير آدم کي الله تا سمجهو تہ پوءِ آدم جي هر ڪا شي اوهان لاءِ پاڪ صاف هوندي؟ محمد فقير وراڻيو تہ ها بلڪل ائين ٿي آهي. احمد شاهه اٿيو ۽ هڪ ٺڪر جي ٿانو ۾ پيشاب ڪري آڻي محمد فقير کي ڏنو تہ پوءِ جيڪڏهن آدم جي هر ڪا شيءِ توهان لاءِ پاڪ ۽ حلال آهي تہ پوءِ هي پي ڏيکارا محمد فقير بنا ڪنهن ڪرب ۽ ججهڪ جي اهو برتن احمد شاهه کان ورتو ۽ چيائين تہ هن کان وڌيڪ امرت پيو وري ڪو ٿيندو آهي ڇا؟ محمد فقير جيستائين اهو پيالو منهن تي چاڙهي تيستائين ايتري ۾ علي نواز سائين جهانيہ بہ ان ڪچهريءَ ۾ موجود هئا. اهو سمورو مذڪور ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هئا. پاڻ جڏهن احمد شاهه کي سيٽي حدون اورانگهيندي ڏٺو تہ ٽپ ڏئي اٿي پيا ۽ محمد فقير کان اهو برتن هٿن مان ڪسي اڇلائيندي وجي ڏنڊي ۾ هٿ وڌو ۽ احمد شاهه کي چيو تہ تون ٿيندو ڪير آهين جو فقيرن کي هليو آهي مت پيارڻ؟ سيد علي نواز شاهه جن احمد شاهه جي متان ڏنڊو وجي اولاريو ۽ هڪ ٿي ڏنڊي سان پورو ڪرڻ وارا هئس تہ ايتري ۾ محمد فقير ۽ ٻيو موجود فقراءِ وچ ۾ اچي پيو ۽ علي نواز سائين کي پاڪر پري پري ڪٽي ويا ۽ سندن هٿن مان ڏنڊو بہ ورتو ويو ۽ احمد شاهه کي بہ في الحال اتان پري ڪٽي ڪٽي ٻئي هنڌ پراتي ٿي لڪايو ويو. هيءَ خبر جڏهن مولا فقير سرڪار جن کي ظاهرن پهتي تہ پاڻ احمد شاهه کي گهرائي ڪيس اهڙي تہ هدايت ڪئي جو هن کان ٻيون سڀ ڳالهيون وسرڻ لڳيون. پاڻ مالڪن ڪيس اها بہ منع فرمائي تہ اڄ کان بعد ڪنهن بہ غريب سادات کي احمد شاهه اوهان بلڪل تنگ نہ ڪندؤ ۽ اهو شجرو پڇڻ بند ڪندؤ.

احمد شاهه جڏهن فقراءِ جي صحبت ۾ آيو ۽ فقير مالڪن جي سنگ ۾ رهڻ لڳو ته هن پوءِ اهي سڀ ڳالهيون وساري ڇڏيون ۽ فقير کي حق سمجهڻ لڳو ته ٻيا مذهب سمورا مونجهارا آهن ۽ فقير ئي حق تي آهي. اهڙي طرح هستيءَ ۽ هوڏ کي ڇڏي اچي فقير جي قدمن ۾ سر جهڪايو ۽ مالڪن جي دست بعيت ٿيو. طالب ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه وقت فقراءِ جي سنگ ۾ فقير سرڪار جن سان گڏ سندن خدمت ۾ رهيو ۽ پوءِ بعد ۾ مالڪن کان اجازت وٺي واپس پنهنجي ڏيهه اچ شريف روانو ٿي ويو.

سندس هڪ ڇيل ڪافي مشهور آهي. جيڪا هن هت سنڌ ۾ اچي ڪري فقير سرڪار جن جي سنگ ۾ رهڻ کان پوءِ جڏهن مالڪن جو طالب ٿيو تڏهن ڇپائين. وڏيڪ پيو شعر ڇيل سندس ڪونه ٿو ملي.

ڪافي

ٿلهه: سنڌ اندر آڏوت ڏٺو سي مهدي سائين مردان.

1 ڇوڙڪي شاهي شاهان والي، مست ڪڙا ميدان....

2 آتش عشق اوڙهي والي ، ناٽگا ٿيا نيشان.........

3 گهمندي ڦرندي محبت ميلو سي ، عاشق عاليشان..

4 احمد ، محمد ، مهدي منور، مدامي مشيخان .....

08 **سيد حاجي موتيل شاهه:-** پاڻ مالڪ فقير پاڪ جن جڏهن به سيوهڻ شريف هلندا هئا پوءِ ميلي جو موقعو هجي يا اٿين ڪنهن ٻئي سانگي سان جڏهن به سيوهڻ سندن هلڻ ٿيندو هو ته پاڻ حاجي موتيل شاهه سان ضرور ملندا هئا. ميلي جي موقعي ۾ هڪ به رات رهڻ کان پوءِ ۽ جڏهن سيوهڻ مان اسهندا هئا ته موتيل شاهه وٽان به ٿيندا ويندا هئا. پوءِ شايد اهو هر دفعي فقير جو موتيل شاهه سائين سان ملڻ انڪري به ٿيندو هجي جو پاڻ مالڪ فقير پاڪ جن فرمائيندا هئا ته حاجي موتيل شاهه جا مهاندا قبلا جن سان ملندڙ آهن.

09 **فولاد علي فقير شر:-** جهڙي طرح سان مخدوم جهانيه جهان گشت لاءِ چيو ويندو آهي ته سندن جا گهڻ ڪن مرشد هئا. اهو ان ڪري جو پاڻ جڏهن ۽ جتي به ڪو اهڙو الله لوڪ فقير سالڪ ٻڌندا هئا ته ان جي درشن ڪارڻ اتي ڪهي ويندا هئا. جتان جو اهو درويش هوندو هو. پاڻ ان درويش سان ملڻ جلڻ ۾ ايڏي ته انڪساري ۽ هيٺائينءَ کان ڪم وٺندا هئا جو ڏسڻ وارا اهو ئي محسوس ڪري ويهندا هئا ته

سيد جلال الدين مخدوم جهانيہ جهان گشت هن ٿي درويش جو ٻالڪو آهي.

فقير ســـرڪار مهدي مولا جن بہ جڏهن بہ ڪنهن اهڙي درويش صفت فقير جي خبر ٻڌندا هئا تہ پاڻ مالڪ ان ســهڻي صورت جو هلي وڃي ديدار ڪرڻ فرمائيندا هئا. ملڻ جلڻ ۾ بہ پاڻ اڳرائي ڪندا هئا ۽ ايترو تہ هيٺ نوڙي جهڪي ويندا هئا جو سندن هٿ مبارڪ اڳئين ماڻهوءَ جي هٿن ڪان اڳ ۾ ئي وڃي سندس پيرن تي پوندا هئا. هادي پاڪ جن لاءِ بہ ڪي چوندا آهن تہ پاڻ محمد فقير جا طالب هئا تہ ڪي وري فقير روشن علي سائين مخدوم جهانيہ جن جي لاءِ چوندا آهن تہ فقير پاڪ مهدي امام انهن جا طالب آهن. وغيره.

تاريخ جهانيہ خاندان مرتب وي- وي متائي تہ اصل وڃائي ڇڏيو آهي جو نہ ڪنهن ڪان پڇڻ نہ ڳڇڻ. ائين اد تي لکي ڇڏڻ سو بہ هڪ ڪتاب جنهن ڪتاب ڪي تاريخ جهانيان خاندان جو نالو ڏنل هجي ۽ ان ۾ هڪ من گــهڙت ۽ غير تصديق شــده ڳالهہ ڏئي ڇڏڻ تاريخ جو بيڙو ٻوڙڻ جي برابر آهي. فقير پاڪ مهدي مولا جن فقيــر روشن علي سائين جن ظاهري عمر ۾ فقير پاڪ جن ڪان گهڻو وڏا تہ برابر آهن. فقير ســرڪار جن جي پهرين ملاقات جڏهن پنهنجي والد صاحب سـيد امام بخش ســائين مخدوم جهانيہ جن سان گڏ فقير قطب علي جهانيہ جن سان ٿئي ٿي تہ ان وقت سندن عمر الف - بي پڙهڻ واري ٻار جي برابر هئي. يعني اهي پنج يا ڇهہ سال هوندي. پهرين ملاقات ۾ ئي فقير قطب علي جهانيہ جن پنهنجي فتوي ڏئي ٻڌائي بہ ڇڏي هئي تہ هي ٻالڪ ٻار نہ آهي پر روحانيت جي آسمان جو هڪ اهو ستارو آهي جيڪو چوڏهين صديءَ ۾ چند ٿي چمڪندو.

بهرحال روشــن ســائين جن ڪـان پوءِ سنڌن فرزند سـيد فتح الدين تخلص " مســـــڪين " بہ فقير مولا جن جو همعصر هو. فقير قطب علي جهانيہ جن جي وصال وقت سندن فرزند فقير سيد روشن علي سائين جن جي عمر 50 سال جي لڳ ڀڳ هئي ۽ وري فقير روشن علي جن جي وصال وقت سندن فرزند فتح الدين المعروف مسڪين سائين جن جي عمر بہ ٽيهن يا چاليهن سالن جي اوسي پاسي هوندي.

فقير سيد قطب علي جهانيہ جن ڪان ولي ويندي سيد فتح الدين سائين جن تائين جنهن ۾ فقير روشن علي جهانيہ جن بہ اچي وڃن ٿا تہ فقير سرڪار جن مٿين

تنهي صورتن ڪي ڏٺو ۽ سندن ديدار درشن بہ ڪيو ۽ تڏهن مرد مولا جا سندن ٿي هٿن ۾ وصال فرمائي متي ۽ جو پيالو پي اڳتي روانا ٿيا آهن.

اهڙي طرح سـان پاڻ مولا پاڪ جن فقير تن جو درشـن گولهي بہ ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ انهن سان ملڻ ۾ ايترو تہ پاڻ کي هيٺ ڪري ويندا هئا جو هڪبئي جي پيرن چهڻ ۾ پهل هميشہ سندن جي ٿي هوندي هئي. محمد فقير کي ڪٽ ڏيارن. فقير صاحب جي لقب سـان سڏڻ. اُن ملڻ ۽ فقير سـان وڏ ۾ وڏ محبت ڪرڻ اهي سـب ڳالهيون مخالفن کـي ائين چوڻ ۾ هٿي ڏينديون هونديون تہ فقير پاڪ مهدي امام، محمد فقير کـتياڻ جا طالب آهن. پر محمد فقير پاڻ اها ڳالهہ پنهنجي شـعر ۾ ثابت ڪري ويو آهي تہ هو فقير پاڪ مهدي مولا آخري زمان جو طالب آهي ۽ مهدي مولا جن سندس جا مرشد، رهبر ۽ هادي برحق آهن.

فولاد علي فقير شر ڳوٺ مينگهو فقير شر تعلقہ فيض گنج ميرواهہ جو ضلع خيرپور " ميرس " جو ويٺل هو. مولا پاڪ فقير هادي مهدي آخري زمان جو صحبتي درويش هو. سـندس ننڍي عمر جون رهائيون يا وري قوهہ جواني، واريون حرڪتون برڪتون ۽ موج مستيون اسان ڪونہ ڏٺيون ۽ نہ وري ڪا اها بہ خبر پئجي سگهي آهي تہ سندس جي پهرين ملاقات منهنجي هادي رهبر سان ڪهڙي سن نسبت ۾ سندس جي ڪهڙي عمر جي ڏهاڪي ۾ ٿي آهي؟.

چوندا آهن تہ پير ظاهر تي فقير سـرڪار جن لڏل هئا تہ فولاد فقير بہ اتان اچي لانگهائو ٿيو. فقير شهنشاهہ جي هجڻ جي جو خبر پيس تہ لڙي آيو ۽ هڪ سوال جو جواب طلب ڪيائين تہ پاڻ فرمايئس تہ فقير فولاد علي " جڏهن پورا پي سيپا تہ اُن اڳتي ٿي رنو "چون ٿا تہ سوال جي ان جواب تي فقير فولاد علي ايڏو تہ گـريو ڪيو جو موڪلائي، وقت بہ فقير روئڻ کان رهي نہ سگهيو ۽ روئندي موڪلائي ڪئي.

پاڻ مالڪ جڏهن فولاد علي فقير تمام پيرسـن تي ويو ۽ پيري، ظهيري، اچي سندس جسـم آسـتانو اڏيو تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪـيس ڏانهن پاڻ خرچي ڏياري موڪليندا هئا.

هڪڙي دفعي فقير سرڪار جن امانت علي فقير ڪوٺائي، کي حڪم ڪيو تہ فولاد علي فقير جن کي وڃي خرچي ڏئي اچي. امانت علي فقير کـي پاڻ مالڪن بہ

سو روپيه ڏئي روانو ڪيو ته فولاد علي فقير جي آستاني تي وڃي ڪيس هيءَ امانت هٿون هٿ پهچائي اچي. امانت علي جڏهن فقير فولاد علي وٽ پهتو ته هاسيڪاري فقير سان نياز ڪري ملي ماٺ ڪري ويهي رهيو. جڏهن ڪجهه وقت گذريو ۽ امانت علي، به حال احوال ڏئي وڃي دنگ ڪيو ته فقير فولاد علي چيس ته فقير پيا ته سڀئي حال احوال تو ڏنا پر هوءَ اسان جي امانت جيڪا فقير مهدي امام اسان ڏانهن ڏياري موڪلي آهي ۽ توکي ان امانت پهچائڻ لاءِ ئي هيڏي اسان ڏانهن مڪو ويو آهي. اها ته تو اسان کي ڪونه ڏني آهي. سو جلدي ڪر اها اسان کي پنهنجي امانت ڏئي ڇڏ. جو ته امانت ۾ خيانت ڪرڻي نه آهي. امانت علي فقير صفا اٿڇاڻ ٿي ۽ اجا به پڪو ٿي ڪري فقير کي چيائين ته فولاد علي سائين ٻي وري ڪهڙي امانت آهي جيڪا مون توهان کي نه پهچائي آهي؟. ته پوءِ اوهان ان جا مون کي پار پتا ڏيو ته آءُ اها توهان جي حوالي ڪيان. فقير فولاد علي نهه پهه امانت علي، کي چيو ته هڪ ڳاڙهو پيو سائو جيڪڏهن اهو پار پتو آهي ته پوءِ اسان جي امانت اسان جي حوالي ڪر ۽ جيڪڏهن ائين نه آهي ته پوءِ پاڻ ڄاڻو! امانت علي، به دير نه ڪئي ٻئي نوٽ سو سو جا هڪ ڳاڙهو پيو سائو ڪڍي ڪٺي فقير جي هٿ ۾ ڏنا ۽ گستاخيءَ جي فقير کان معافي ورتي جو ته امانت علي فقير پنهنجيءَ پر ۾ چڱ ته فولاد علي فقير کي آزمائي ۽ جاچي رهيو هيو ته فقير فولاد وٽ به ڪي داڻا آهن يا رڳو نلهه تي وتي ٿو لاڳون هڻندو امانت علي فقير کي سمجهڻ ڪپندو هو ته جن کي مهدي امام ايتري تعظيم ٿو ڪري ته ان ۾ ضرور ڪجهه ته دم هوندو!!

فولاد علي فقير جون ڪيتريون ئي دم زينون ٿيل آهين. جيڪي هتي پنهنجي تر ۾ ته تمام گهڻو مشهور آهن. اهي ٻاهران ڏسڻ ۾ ته چرچو لڳنديون آهين پر اندر ۾ اسرار جو عميق هونديون آهن. هت انهن ڳالهين کي لکڻ اسان جو مقصد ڪونه آهي انڪري انهن کان پاسو ٿو ڪجي.

فولاد علي فقير سان فقير پاڪ مهدي مولا جي آخري ملاقات سندس ئي اڪاڙي تي ٿي هئي. ان سمي فقير فولاد علي اٿڻ ويهڻ کان وڌو تي چڪر هو ۽ هڪ ڪٽ جيڪا تندن پاون سان هوندي هئي ان تي ستل رهندو هو. اٿڻ ويهڻ لاءِ ڪنهن ٻئي کان سهاري وٺڻ جي لوڙ رهندي هئس.

فقير پاڪ مهدي مولا جن ڳوٺ مير خان شــــاهاڻيءَ ۾ بلوچ صاحب وٽ ترسيل هئا. صبح جو بلوچ صاحب کي ٻه فرمايئن ته جيڪڏهن توهان کي آفيس کان موڪل آهي ته پوءِ هلو ته هلي فولاد علي فقير ســـان ڪچهري ڪري اچون. ٻه جيپون مولا ســائين جن جون هڪ جيپ بلوچ صاحب واري. تنهي جيپن ۾ فقراءِ ويٺو. رئيس مدد علي عرف حاڪم علي بلوچ ۽ منور سائين ٻه قافلي سان گـڏ ڪرنڊيجيءَ کـان ٿيندا ٻنگلي جي شهر مان فولاد علي فقير لاءِ فقير سرڪار جن وڳو ڪن ڪپڙي جو ورتو ۽ پوءِ سڌو آيا مينگهو فقير شر جي ڳوٺ ۾ جتي فقير فولاد علي شر جو آستانو آهي. فولاد علي فقير جي مئخاني تي پهچي فقراءِ جيپن مان لٿو. پاڻ مالڪ ٻه جيپ تان لهي هيٺ مئخاني ڏانهن آيا. جتي فولاد علي فقير تنديءَ کٽ تي ليٽيو پيو هيو. فولاد علي فقير کــي فقير پاڪ جي آمد جو اطلاع ڏنو ويو ته فولاد علي فقير اتي کـٽ تي ٿي اٿي ويٺو ۽ هيٺ لهڻ جي خواهش ڏيکاري پر پاڻ مولا جن اٿين ڪرڻ کيس نه ڏنو ۽ اتي کٽ تي ئي ســاڻس ســان ملي ڪنهن منجيءَ وغيره تي ويهي رهيا. فولاد علي فقير ســان خوش خيرابت ڪرڻ کان پوءِ اهو خريد ڪيل وڳو فولاد علي فقير کي پاڻ مالڪن ڏنو. جيڪو فولاد علي فقير پنهنجي هٿن ۾ رني جهلي ويهي رهيو ۽ وڏي واڪي پنهنجي ڳوٺ جي شر قوم کي ۽ پنهنجي پٽ علي گوهر کي سڏ ڪري هر هر اعلان ڪري رهيو هو ته اي شرو! اڄ مون وٽ مهدي امام آيو آهي ۽ هي مون کي پنهنجي هٿن سان ڪفن جو ڪپڙو ڏيئو ٿو وڃي. توهان جو ٻه وقت آهي ته حق جي امام کي سڃاڻو. مهدي امام اهو اٿو. علي گوهر! اهو ڪنهن کي تو پاڻ پڌائي ڏيکارين ۽ پنهنجا شعر سڻائين ته مون هيڻ چيو آهي ۽ هي تير ماريو اٿر. اهي ســـي ڳالهيون اجايون آهن. ڇڏ انهن سيني شين کي ۽ حق جي امام مهدي مولا کي سڃاڻ. وقت ٿو وڃي ته اينري ۾ محفل ۾ ويٺل ڪنهن فقراءِ جي واتان اهي لفظ نڪتا ته پاڻ فولاد علي فقير ته مهدي امام جي سامهون سيج تي سيٽيو ويٺو آهي ۽ چوي وري پين کـي ٿو ته حق جي امام کــي ســــــڃاڻو......!! فولاد علي فقير اهي لفظ پاڻ ٻڌي ورتا ۽ انهن جي جواب ۾ فقير وراڻيو ته ابا! ڪانءُ ۽ ڪبوتر ٻه ته مٽي وينا آهن پوءِ ڇا ٿي پيو؟ انهن جو شان مٽي تي ويو. ان تي فقير پاڪ مهدي مولا جن فقير کي فرمايو ته توهان ان ڳالهه جو ڪو به فڪر نه ڪيو ۽ پلي مٽي وينا هجو. ان سان ڪو به فرق نٿو اچي!

سرڪار پاڪ جن جهٽ سوا فقير فولاد عليءَ سان رهاڻ ڪري واپس وريا ۽ هن ٽن ڏينهن جي اندر ئي خبر اچي پهتي تہ فقير فولاد علي منٺيءَ جو پيالو پي ملڪ عدم ڏانهن اسهي ويو ۽ فقير پاڪ مهدي امام وارو جورو پنهنجي پنجري ڪي پارائڻ لاءِ پورين ڪــي حوالي ڪري ويو پوءِ جي خبر خاوند ڪــي تہ ان جوري ســان جاڙ ڪهڙي جـــڙي؟ ڪفن ٿي دفن ٿي ويو يا ڪنهن جي تن جو زيب بڻجي آهستہ زيون ٿي ويو...!

فقير پاڪ جي فرمايل توحيد جي سادگي ۽ نرالائپ

هتي هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسان فقير جي متعلق پوءِ اهو جبل جو سير هجي يا سندن جي باري ۾ ٻيو ڪجهه بيان ڪيل هجي ته اهو سڀ جو سڀ پورو ۽ مڪمل سمجهڻ نه گهرجي. ڇو ته سندن زندگيءَ جي سوانح حيات ڪڏهن ڪا لکي ڪانه وئي هئي. جو ان کي سربستو تسليم ڪيو وڃي. ٻيو ته نهيو فقير پاڪ جن جو جيڪو ڪلام مبارڪ ٿي آهي اهوئي اڻپورو ۽ ٿورو ٿو سمجهه ۾ اچي ڇو ته اهو ڪلام به ڪو لکت ۾ ٿوروئي آيل آهي جو ان کي مڪمل ڪري پائتجي. پاڻ پنهنجو ڪلام لکت ڪرائڻ ته رهيو درڪنار پر پنهنجي ويراڳي فقراءَ کان به ڪونه چورائيندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن پلجي ويراڳ ڪندي ڪا ڪافي چئي به وڌي ته پاڻ ان ويراڳي فقير کي سڏرائي يا اتي ئي ويراڳ ڪندي چوندا هئس ته ٻين فقرائن جو ڪلام چئو جيڪو اسان جو چيل نه هجي. هي ته اسان جي چيل آڪيل شيءِ وري ٻيا اسان کي چئي ڀڏايو. ان مان ڪهڙو مول مقصد نڪرندو؟. ان ڪري اسان جو چيل ڪافي ڪلام نه چوندا ڪريو. ته پوءِ اهڙي نموني سان به ڪلام ويو وسرندو هڪ ته بياض گڏ ٿيل به ڪونه هو ٻيو وري فقراءَ ۾ سيني به سيني جيڪو ڪجهه هلندو ٿي آيو ته ان کي به چڻ پاڻ سردارن هڪڙي انداز سان بند ڪرائي ڇڏيو ته پوءِ ائين فقير پاڪ جن جو ڪلام جيڪي جهونا طالب درويش ويراڳي هئا ۽ مالڪن سان گڏ ڪچهرين ۽ رهائش ۾ شريڪ حال رهندڙ هئا. اهي به ويا وارو وڃائيندا ۽ اڳتي سفر سڌاريندا. جيڪو ڪجهه فقير سرڪار جو ڪلام سندن سيني ۾ هو. اهو به پاڻ سان ساڻ کنيو ويا. هي به جيڪو هاڻي پاڻ کي هٿ ۾ باقي آهي، اهو به فقير سرڪار جن جي ظاهري زماني حال حيات هجڻ جي وقت ۾ 1965ع ۾ گڏ ڪيو ويو هو. ۽ ان وقت ۾ جيڪي ڪي جهونا ويراڳي درويش هئا. جيئن عجيب علي فقير جتوئي، آزاد علي فقير ڪوريجو متولي پير محمد مشائخ ۽ ٻيا ڪيترائي جن وٽان هي مختصر ڪلام هٿ اچي سگهيو آهي. فقير پاڪ جن جي عمر جي تقاضا ته واقعي ڀڏائي رهي آهي ته ايتري عمر ۾ پاڻ جهجهوئي شعر تخليق ڪيو هوندن. پر وري جيڪا سندن ۾ شعر خلقڻ جي خوبي آهي، اها بلڪل محدود ۽ نرالي آهي. پاڻ فقير پاڪ جن عمر جي پوئين ڏهاڪي ۾ به ڪجهه ڪافيون تخليق فرمايون. جن مان ڪجهه سڄيون ساريون سربستيون آهن ته ڪجهه وري اڌوريون رهيل آهن.

مثال طور:

تلهه: مولا مون کي مار، جيئرو نه ڏسانس ، هن جڳ ۾

01 ڪٿي هٿيس اوجتو ، حيدري هٿيار وغيره وغيره

وري جيڪڏهن ڪو طالب درويش هجت پائي عرض پيش رکندو هو ته سرڪار مولا هي ڪافي اڌوري پئي آهي. هن کي پورو ڪيو وڃي ته پاڻ فرمائيندا هئا ته هن وقت الائي ڪٿي آهيون ؟ ان وقت اتي هياسون. جتان جي ڳالهه ڪافيءَ ۾ چئي اٿئون. هاڻي وري جڏهن خيال اتي پهچي ته پوءِ ڳالهه اڳتي هلندي. سو به جي خيال هوندو اڳتي ته پوءِ ڳالهه به اڳتي ڪڇندي. پر جي خيال به پوئتي رهجي ويو هوندو ته پوءِ پوئتي هلڻ لئي به يا نه ! پاڻ شاعر ته بنهه هيائي ڪين. ان ڪري جيڪو ڪلام ڪافي جنهن به خيال ۾ هجڻ جي حالت ۾ جيترو به چئي ڇڏيائون ته چئي ڇڏيائون. پوءِ جي سربستو جڙي ويو ته جڙي ويندو. پر جيڪڏهن اڌورو رهجي ويو ته پوءِ ان جو مڪمل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هو ۽ پوءِ ڪيترائي ڪلام ڪافيون آخر تائين اڌوريون رهيل ٿي رهيون. جيڪي ڪڏهن به پوريون ٿي ڪين سگهيون .

فقير پاڪ جن جو ڪلام جيڪو پاڻ شاعري جي فن ۾ فرمايو اٿن اهو بلڪل بيحد سڀ کان نيارو ۽ نرالو لڳي ٿو. ڏسڻ ۽ پڙهڻ ۾ تمام سولو ۽ سادڙو ٿو پائنجي. پر پرجهڻ ۽ پروڙڻ ۾ ايترو آسان ڪونه آهي. جيترو ظاهري ڏسڻ ۽ پڙهڻ ۾ لڳندو آهي.

نه نه ڪا پرمار اٿس، بين ٻولين جي لفظن جي ، سنڌي جا به اهي سادڙا ۽ سڀاجهڙا لفظ جيڪي عام فهم ۽ عام استعمال ۾ هر روز پيا ٿا استعمال ٿين. بين ڌارين ٻولين جا لفظ به اهي ئي ڪتب آيل آهن. جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ڪري ضم ٿيل آهن. ان ڪري اهي لفظ به ڌاريا ڪونه ٿا لڳن ۽ اهي اهڙو ته ڪافين ۾ پوئجي ويا آهن جو جيئن هار ۾ هر گل پوئل لڳندو آهي. ۽ پوئيندڙ پنهنجي قابليت مطابق انهن کي مالها ۾ اهڙي طرح سان ويهي سجائيندو آهي. جو ڏسندڙ گرهاڪ از خود ان هار تي هرکي پوندو آهي. نه جيڪر اها مالها ملهه خريدي پنهنجي ڳچيءَ جو هار يا وري پنهنجي محبوب جي حسن جو سينگار وڌائيندي سورنهن سينگارن ۾ شامل ڪيو وڃي. بهرحال فقير نه هڪ ئي آهي. باقي سندس روپ انيڪ ئي آهن ڪٿي شاهه آهي نه ڪٿي گدا ! ڪٿي پولين پنڻ وارو " پندت " نه ڪٿي بانگن ڏيڻ

وارو ملا، ڪٿي رهزن ته ڪٿي رهبر، ڪٿي قاتل ته ڪٿي مقتول، ڪٿي عاشق ته ڪٿي وري معشوق، اهي ته ٿيا وجي سندس روپ ۽ رنگ پر فقيري چولي ۾ به ته نالا نوان نوان رکايل اٿس، جيئن ڪٿي بيدل ته ڪٿي سچل ته ڪٿي سامي، ڪٿي سليمان ته ڪٿي عثمان، ڪٿي هادي ته ڪٿي مهدي، ڪٿي نانڪ ته ڪٿي يوسف، هر هڪ چولي جو ڪپڙو ۽ ان جي اٿت بڻت ساڳي نه هوندي آ. ڪو ڪپڙو سوٽي ته ڪو اوني ته ڪو وري ريشمي ۽ ڪو وري ٿيندو آ ڪپڙو ململ جنهن ۾ سٽ ۽ پٽ جو ڌاڳو پڻ استعمال ٿيل هوندا آهن. ان کان سواءِ وري چولي جي سلائي وغيره ۾ به فرق ٿئي ٿو. جنهن ۾ ڪپڙي جي ڪٽائي ۽ ماپ وغيره اچي وڃي ٿي. جنهن کان پوءِ سلائي ٿي چولو تهي راس ٿيندو آهي. اهڙي طرح سان هر هڪ چولي جي پوءِ پلي اهو ڪنهن به فقير جو چولو چو نه هجي. جيئن ته چولي جي ڪپڙي کان وٺي ويندي ان جي سلائي سڀئ تائين ان ۾ ڪوڙ سارو فرق موجود هوندو آهي. اهڙي طرح سان فقيري چولي ۾ به سندس رهڻي ۽ ڪهڻي جي فرق کان وٺي ويندي اٿڻ ويهڻ، هلڻ گهمڻ، کائڻ پيئڻ، ڏسڻ وائسڻ ۽ سمهڻ ڪرڻ جي فرق تائين فرق رهي ٿو. فقير سرڪار جن جي ڪلام کي جنهن ڪسوٽي تي پرکي سگهجي ٿو ته اها آهي سندن ڪلام جي سادگي ۽ نرالو پڻ. جيڪو هر شاعريءَ جي شعر کان کين کي الڳ ڪيو بيٺو آهي. فقير پاڪ مولا جن جي اسم مبارڪ سان پڻ ڪنهن سيد بادشاهه به شاعري ڪئي آهي. جيڪو گهڻو ڪري ايڏانهن لاڙ جي پاسي ٿي گذريو آهي. سندس ناهيل هڪڙي ڪافي جيڪا فقير عبدالغفور جي آواز ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وارن رڪارڊ ڪري ڇڏي آهي. ان ڪافيءَ جو رڪارڊ ٿيڻ ۽ ايڏي وڏي مشهوري ماڻڻ جو سبب صرف فقير مولا جن جي اسم مبارڪ جو ڪارڻ اسباب آهي. ورنه اها ڪافي ايڏي مقبوليت ماڻي ڪونه سگهي ها. پر بدقسمتي سان چئجي ٿو ته اها ڪافي مرشد مولا فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان جن جي جوڙيل نه آهي. اهڙي طرح سان پيون به ڪيتريون ئي ڪافيون جيڪي مرشد مولا جن جي اسم مبارڪ جي وابستگي ڪارڻ مشهور آهن ۽ ڳائجڻ ۾ اچن ٿيون پر اهي دراصل ان سيد بادشاهه جون جوڙيل آهن. جيڪو ان اسم مبارڪ سان لاڙ جي پاسي ڏي ٿي گذريو آهي.

فقير هادي پاڪ جن جي ڪلام ۾ جيڪا نرالپ اسان کي نظر ۾ اچي ٿي اها تلهي ليکي ٽن قسمن جي ٿي سگهي ٿي. پهريون هڪ ته پاڻ ڪلام ۾ پنهنجي اسم

مبارڪ سان گڏ ڪڏهن ڪو "شاهه" جو لفظ ڪتب ڪونه آندو آهي. جيئن پين سيد بادشاهن گهڻو ڪري ڪيو آهي. پيو ته پنهنجي هن سموري ڪلام ۾ صوفيءَ جي ان سخن جي ڀرپور پاسداري قائم رکي ائن ته مولا جا طالب مرد هوندا آهن. نڪي مايون يا ڪدڙا. جيئن ته صوفي جو قول پڙهيل آهي. ته "طالب الدنيا محنث "طالب العقبيٰ مونث ۽ "طالب المولیٰ مذکر" ته اهڙي طرح مالڪن جي سموري ڪلام ۾ ڪٿي به مادي صيغو استعمال ٿيل ڪونه لو ڏسجي. سمورو ڪلام مذڪر جي صيغي ۾ چيل آهي. (مرشد مولا جن جو هڪڙو ئي ڪلام جيڪو "يڪ مشت نمونه خر وار جي مطابقت ۾ آهي. هونئن به سندن هر هڪ ڪلام يا ڪافي ساڳي ئي مطابقت جهڙا آهن. پر هي ڪلام ته!

تنهنجي نام بنا ، پيو نٿو نام وٺي،
تنهنجي محبت ۾ آهن ، مٺاڻ مٺين.

هن ڪلام ۾ ٽي مصرع پويل آهن. جڏهن ته عام گهڻو ڪري سيني شاعرن ڪافيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار مصرع پي وڌا آهن. ٽن مصرعن واري ڪافي به ڳائڻ ۾ ايندي آ. جڏهن ته هڪ مصرع ڪٽل به اٿس پر ٻن مصرعن واري ڪافي ڳائڻ ۾ ئي ڪانه ٿي اچي. اها اٿيوري سنڌي وجي ئي اهڙي طرح مٺين ڪافي به ٽن مصرعن ۾ آهي. ان ڪري ڳائڻ ۾ اچي ٿي ۽ رسالي ۾ شامل ڪئي وئي آهي. جڏهن مٺين ڪافي سرڪار جن ڪان جڙي وئي ۽ ٽي مصرع به پوئجي ويا جيئن ته!

تنهنجي من ۾ محبت، آهي منل،
تنهنجي قربن جا، آهن ڪيئي ڪنل،
تنهنجي مائن جا، آهن ڪيئي منل،
آءَ ته ٿيل خريد، آهيان ڳنڍل ڳڻين.

فقير پاڪ جن ته ٽن مصرعن تي ئي ڪافيءَ کي ڪٽي پورو ڪيو. پر مظهر فقير "نور علي فقير "جيڪو مولا جن جو پيارو ۽ سنئي سمجهه وارو درويش هو. وڏن لاکن جو رهاڪو هو ۽ پاڻ فقير به ذات ۾ لاکو ئي هو ۽ پلوڙ شاعر به هو. سندس شعر هن رسالي ۾ ڏنو ويو آهي. ان کان رهيو نه ٿيو ۽ فقير پاڪ جن کي عرض ڪيائين ته مولا پاڪ هن ڪافيءَ ۾ چوٿون مصرع جيڪو پرڻ گهرجي سو جيڪڏهن مالڪن جو رايو هوندو ته پوءِ اسان ئي ڪٽي هن ڪلام کي مصرع وجهي پورو ڪيون، فقير

پاڪ جن فرمايو ته پل اسان جي اجازت اٿو . مظهر فقير دير نه ڪئي ۽ مصرع تيار ڪري اچي فقير پاڪ جي آڏو پيش ڪيائين. جيڪا مصرع هن ريت هئي.

تنهنجي من ۾ محبت آهي مٺي،
تنهنجي قدمن سان هجان شال ڪٺي،
ڪڏهن ڪونه ڪندس توکي يار ڦٽي،
تنهنجي طلب اندر ۾ ٿي تات تکين.

سائين واه ! واه ! اٿي وئي سڀني ڏاڍو مظهر فقير کي داد ڏنو ۽ واقعي مصرع به ڏاڍي سهڻي فقير ٺاهي هئي. فقير سرڪار جن به مظهر فقير جن کي داد ڏنو ۽ فرمايو ته مصرع توهان پلي ٺاهي آهي. پر جيئن ته سمورو ڪلام مذڪر صيغه ۾ جڙيل آهي. ان ڪري هي مصرع جيڪا مؤنث صيغه ۾ چيل آهي. هن ڪلام ۾ پوئجي نٿي سگهي. اڄ به ڪي درويش اها مظهر فقير واري چيل مصرع اچا تائين ڪلام ۾ چئي ويندا آهن پر حقيقت ۾ اها مذڪوره ڪلام مان ڪٽيل آهي.

تيون جيڪا نرالپ مالڪن جي شعر ۾ نرالي ٿي نظر اچي اها آهي ڪنهن جي اوٽ ۾ ٿي ڪري پنهنجي ڳالهه ڪرڻ. قصه گوئي ڪرڻ ۽ ڪنهن جي ثنا ڪرڻ. فقير پاڪ جن سواءِ پنجتن پاڪ جي ثنا ڪان بيو ڪنهن جي به ڳالهه ڪونه ڪئي اٿن.

لوڪ ڪهاڻيون جيئن مارئي عمر، سهڻي ميهار، سسئي پنهون وغيره ڪنهن جي به اوٽ ڪونه ورتي اٿن. سڌي ڳالهه صورت جي ڪئي وئي آهي. سموري ڪلام ۾ پنهنجو پاڻ جي اثباتي ڪئي وئي آهي. مهديءَ جي مهنداري، مهدي ٿيو مهندار ۽ موج مهدي جي ڳائي وڄائي وئي آهي. پنهنجي نام جي اثباتي ڪئي وئي آهي. جيئن پاڻ فرمايو اٿن ته پاڻ وڄائي پاڻ ٿي آيس پنهنجو آهيان پاڻ ته اهڙيءَ طرح سان ڪري به ڏيکاريو اٿن. جيئن چيو اٿن اٿين ڪيو اٿن. پهريان ڪري پوءِ چيو اٿن. " ڪهڙي ڪهي سيڪو رهڻي رهي رند " جيئن چوڻي آهي ته " چوڻ سولو ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي " مالڪن وٽ رهڻي ۽ ڪهڻي جو ذرا جو فرق به ڪونه هوندو هو. اچا به جيڪا رهڻي هوندي هئي. اها هرو پرو چئي ٻڌائي ڪونه ويندي هئي. پاڻهين جيڪا اچي پڌر پٽ پوندي هئي ته اها لڪي ڪونه سگهندي هئي ۽ ظاهر ٿي پوندي هئي. انهن سببن ڪارڻ ته فقير پاڪ جن جو ڪلام ۽ سندن سوانح حيات اڄ جيڪا هت بيان ڪئي وئي آهي. اهائي پهرين ۽ آخري ٿي سگهندي.

فقير پاڪ مهدي مولا جو وصال

ظاهري طرح سان چوڻ ۾ اچي ٿو تہ پويان ڪجهہ سال چار يا پنج سال قرب علي فقير شاهاڻي جيڪو غلام الرسول بلوچ صاحب جو وڏو ڀاءُ مالڪن جو طالب درويش هو. چنيءَ جو نالو محمد قابل هئس. طريقت ۾ قرب علي ٿيو. ان جي گهر جي ڀاهران جيڪا قرب علي جي ڪٽي اوطاق سڏجي ان کي مٿخانہ بنايو ۽ اتي رهڻ لڳا. رهڻ تہ اهو هوندو هو جو ڦري وري موٽ اتي ٿي ٿيندي هئي. باقي تہ يڪو مهينو اتي بہ ڪونہ وينا. هي آستانہ درازا شاخ مان ٽيرهين واٽر ڪورس جي مهڙ جي سڄي ڪپ تي ٽارين جي وٽن جي ڇانو ۾ هوندو هو. قرب علي فقير جو اتي گهر بہ هو ۽ ٻني ٻارو بہ هو. قرب علي فقير کي غيبي پترن اچي تنگ ڪيو هو. سو انهيءَ ڪري بہ فقير پاڪ جن کي عرض هوندو هيس تہ پاڻ فقير پاڪ جن سندس وٽ مدامي رهائش اختيار ڪن تہ جيئن سندس تان اها مصيبت ٽريل رهي.

هيءَ رهائش گاهہ صوبوديرو راڻي پور شاهراهہ کي بہ بلڪل ويجهو هئي. هڪ فرلانگ پنڌ بہ مس ٿيندو. هيڏانهن پاڪ فقير جي حويلي پاڪ کان بہ ڪو پري ڪونہ هئي. وڏ ۾ وڏ ميل ڏيڍ جي پنڌ تي ٿيندي. هن جڳهہ کي بہ جيڪو رنگ لڳڻو هو سو لڳو. هن وقت انهيءَ مٿخاني ۾ قرب علي فقير هڪ ڪٽ مالڪن جي نالي سان منسوب ڪري سينگاري رکي آهي ۽ پاسي ۾ جڏهن قرب علي فقير پيالو ڪري ويو تہ پوين سندس خاڪي جسم کي اتي ٿي رکيو. بعد ۾ ٻيون مزارون بہ سندس پوين جون اتي جڙيل آهن. منصور علي فقير جي مزار بہ اتي ٿي آهي.

هن وقت اتي قرب علي جو گهر ٻار ڪونہ آهي. چو تہ اهو فقير سرڪار جن جي بيرنگ ڪانپوءِ پاڻ لڏي وڃي اباڻي ڳوٺ ۾ رهيو هو. سندس پٽيان ٽي پٽ آهن. بہ فرزند عاشق علي ۽ معشوق علي طريقت ۾ محبت علي ڪيس ٻهرين گهر مان پيدا ٿيا هئا.

آخري گهر يعني ٽئين گهر مان شفقت علي ڄائو. مٿيان ٻئي فقير پاڪ جا طالب درويش آهن. جيئن تہ شفقت علي ننڍي عمر جو هو. انهيءَ ڪري دست بيعت نہ ٿي سگهيو.

ڳاڙهو مڪان ساڳي درازا شاخ جي تيل ۾ ڳوٺ ڪاڻڙي پاناڻو جي پر ۾ مٺخانو هو. پهريان ته جهنگ هو. پوءِ اها زمين سرڪاري هجڻ جي ڪري ڪلٽ ۾ آئي. اتي پاڻ مالڪن طريقت ۾ بهار علي ۽ هونئن سرائي موتيل لاڙڪ کي سنڀال لاءِ وهاريو هو. بهار علي فقير به هڪ قريدار صورت هو. جنهن پنهنجي سرائپڻ ۽ وڏيرائپ کي ڇڏي اچي فقير جي گودڙيءَ ۾ پاڻ لڪايو. هن مٺخاني کي ئي فقير سرڪار جي وصال جو رنگ لڳلو هو. جيڪو لڳو ۽ هاڻي ان مٺخاني کي تڪيه يا دربار جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

ويل وصال جي جيئن جيئن ويجهي پئي ليندي وئي. تيئن تيئن فقير پاڪ جن جي طبيعت وڏيڪ سيلاني ٿيندي ٿي رهي. ايتري تائين اها ڪيفيت وڌي وئي جو صبح ڪٿي ته منجهند وري ٻئي هنڌ ۽ شام وري ٽئين منزل تي ته رات وري چوٿين هنڌ. هي رجب جو مهينو هو ۽ عيسوي سال 1969 ع هو. هن مهيني يعني رجب مهيني جي 18,17 ۽ 19 تاريخ تي شاهپور جهانيه ۾ درگاهه جهانيه تي ساليانو ميلو لڳندو آهي. پاڻ مالڪ هميشه ميلي جو سمورو بندوبست ڪندڙ هئا ۽ مٿين تاريخن تي پاڻ ميلي ۾ موجود رهندا هئا. سندن هدايت تي ڪم ڪندڙ شير علي سائين جهانيه، خريد علي بلوچ صاحب ۽ ٻيا هوندا هئا. هن سال پاڻ شير علي سائين کي فرمايو ته توهان هلي ميلي کي مچايو. اسان به پهچي وينداسين. پر مالڪن جي طبيعت جي ڪيفيت اها هئي جو گهڙي ڪٿي ته گهڙي ڪٿي-ا جيئن ته مالڪن جي اصل ڪان ئي طبيعت سيلاني رهي هئي جو هڪ ڏينهن ۾ پلي پوءِ چوڻ هڪ ئي مٺخاني تي قيام هجي پر پوءِ به پنهنجي سيج "ڪٽ" صبح جو هڪ هنڌ، منجهند جو ٻئي هنڌ ته شام جو وري ٽئين هنڌ سينگاريندا هئا. انهيءَ ڪري وصال واري طرف ماڻهن جو خيال تمام گهٽ ٿي ويو ته ڪا مالڪن جي هن ملڪ جي تياري آهي. پر هاڻي واري ڪيفيت ڪجهه مٽ به هئي جو جئين پهرن ۾ ٻئي ٻئي ما ڳ مٽيا رهندا هئا.

ميلي جي آخري ڏمال يعني 19 رجب صبح جو فقراء سميت جيپن ۾ تيار ٿي شاهپور جهانيه رواند ٿيا آهن. جڏهن ڪوڙي ڪبير پهتا ته معلوم ڪين ته ڪٿي پهتا

آهيون؟ فقراء ٻڌايو ته مولا سائين ڪوٽڙي ڪبير پهتا آهيون .پاڻ فرمايو ته لهو ۽ جنهن کي بک لڳي هجي ته ماني کائي ۽ جنهن کي چانهه پيئڻي هجي ته چانهه پيئي. فقراء لئو چانهه پاڻي پيتي ته وري حڪم فرمايو ته بس هاڻي پوئتي واپس موٽو. واپس موٽي جڏهن درازا شاخ جي تيرهين واٽر ڪورس وٽ پهتا ته پاڻ فرمايو اتي گاڏيون جهليو. فقراء سميت اتي شاخ جي ڪاپ تي لٿا ۽ هڪ ٽاري جي ڇانو ۾ ويهي ميٽ ملائي سنان ڪرڻ فرمايو. جيڪو هوئن ته مهينن جا مهينا به ڪونه ڪرڻ فرمائيندا هئا . بهرحال غسل فرمائي شام ڌاري ڳاڙهي مٺخاني ڏانهن اسهيا. ڪجهه فقراء تيرهين واٽر ڪورس تي رهيو ته ڪجهه فقراء مولا جن سان گڏ ڳاڙهي مٺخاني آيو. ساداتن مان منور سائين ته هاڻي ڊرائيوري واري ڊيوٽي به فقير مولا جي سنڀالڻ لڳا . اڌ مانجهي جيڏي مهل به فقير مولا جن جي تياري ٿيندي هئي ته منور سائين جن گنجي ۽ گوڏ ۾ فقير مولا جن وٽ حاضر هوندا هئا . جنهن تي مولا پاڪ جن هڪ دفعي منور سائين جن تي راضي ٿي فرمايو ته " من توهان پنهنجا هڻي ميرا ڌوئي ڇڏيا " پيو قبلا فقير سرڪار معراج علي ۽ هادي سائين جهانيه معرفت ۾ شهباز علي جن به اتي ڳاڙهي مٺخاني تي موجود هئا .

راڳ ويراڳ ته سڄي رات جاري ساري هوندو هو. نثار علي به ڳاتو. هٿي فقراء به ويراڳ ڪيو. پر پاڻ مالڪن کي ڪنهن جي ويراڳ مان قرار نه آيو. فضل فقير شاهاڻي کي وارو ڏنو ويو. جنهن کي قرب علي واري مٺخاني تان جيپ تي آندو ويو. هن جا آواز ڏيلاڙيا ۽ ڏادا مٺي هوندا هئا ۽ منڙا به هئس. سندس آواز مولا پاڪ جن جي طبيعت کي قرار ڏنو ۽ پاڻ فضل فقير جي ڪلام تي سائنس سان ڇير جيڪا مالڪن کي هميشه پيرن ۾ سجايل هوندي هئي. ڇمڪائيندا ۽ هٿ مٿي ڪري جنٽي طرفن ڦيرائي ڇڻ ته سموري فقراء کان موڪلاڻ واري انداز ۾ هٿ هلائيندا رهيا . هن کان اڳ ۾ پاڻ مولا جن ڪجهه فرمايو ۽ موجوده فقراء جنهن ۾ معراج علي سائين ، شهباز علي سائين ، منصور فقير، منل فقير ۽ پيو فقراء به موجود هو ۽ فقراء کان پڇا ڪئي ۽ اهي ساڳيا لفظ مالڪن ٻئي دفعا ورجايا پر ڪنهن کي به سمجهه ۾ ڪونه آيا ۽ مولا جي پڇڻ تي سڀ ماٺ ڪري ويهي رهيا . آخر پاڻ مولا جن ڏنو ته انهن لفظن جو ڪير به جواب ڪونه ڏئي رهيو آهي ته پاڻ فرمايو ته ٿهيو پلا! اهي معنيٰ خيز لفظ فقير پاڪ

جن ويراڳ واري وقت کان ڪجھ اڳ ۾ فرمايا هئا ته تي ڏينهن ان کان اڳ ڪاٺڙي شاهاڻين جي ڳوٺ ۾ بلوچ صاحب جي بنگلي تي فقير مولا جن آيل هئا ته ديدار علي فقير مولا پاڪ جن کي ظاهرن ضعيف ڏسي اچنگارون ڏئي روئڻ لڳو ته پاڻ هڪل ڪري پڇين ته اڙي ديدار علي ڇولو روئين؟ ديدار علي مڻ مڻ ڪرڻ لڳو ته پاڻ مالڪن فرمايس ته ديدار علي تون ڇا لو سمجھين ته اسين مري وينداسين. ؟ هٿ جو آڱوٺو ٻاهر ڪڍي پاڻ فقير سائين جن فرمايو ته ” اسان جو مرڻ هي؛ ” فقير توهان سان جيئن هاڻي آهي ائين ئي سدائين گڏ هوندو. ٻئي ڪنهن جي پٺيان نه لڳجو! فقير نه وسارجو.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات.

هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جئا.

پاڪ فقير جن فرمائن ٿا ته فقير مرڻ جو ئي نه آهي ته وري ٻيهر دفعو ڪيئن ايندو. جڏهن مرندو ته تڏهن ته وري ايندو. فقير ته سدائين موجود آهي ۽ رهندو. فضل فقير شاهاڻي جي ڪلامن چوڻ تي پاڪ مالڪ پيرن ۾ چير چمڪائيندا رهيا ۽ هٿ به هلائيندا رهيا. اهو وقت عصر جي ويل جو هو. رجب جي 20 تاريخ ٿي چڪي هئي. عصر جي ويل ۾ ايرندي کان پيانڪ ڪارو ڪڪر ايري نروار ٿيو. ان وچ ۾ هڪ نڪاءُ به اڏرو ٿيو جڻ ڪو ٻر ٿاٿو هجي. پاڻ مالڪن ان نڪاءَ جي باري ۾ دريافت ڪيو. پوءِ ائين چير چمڪائيندي هٿن جي اشارن سان ناچ ڪندي مراقبي ۾ هليا ويا.

اها خبر ڪنهن کي به ڪانه پئجي سگھي ته پاڻ ڪهڙي وقت پرواز فرمايو ان وقت ڪا شايد سيني جي اڪ لڳي وٺي هجي. امانت علي فقير ڪرناڻي جڏهن وچي فقير پاڪ جن کي زورن ڏيڻ لاءِ چيلھ مبارڪ تي هٿ ڦيريو ته پوءِ ڪيس خبر پئي ته مالڪ ته پرواز ڪري هن خاڪي جسم ۽ سڄي ظاهر مظهر کي الوداع چئي وڃي چڪا آهن. هر وقت مراقبي ۾ ويهڻ ڪري پاڻ مولا جن جو جسم مبارڪ ته تمام نازڪ هوندو هيو. ايتري قدر جي پنهنجي جسم جي عضون کي به ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو ڪونه ڪندا هئا ۽ پاڻ فرمائيندا هئا ته هي ڇا رکيو اٿو؟ پري نٽا ڪٺو! مونا به ائين ئي مراقبه جي ڪري مڙيل ٿي هوندا هئا.

مونا جن محراب ، جسو جامع تن جو،
قبلي نما قلب ڪري ، تن کي ڪيائون طواف.
تحقيق جي تڪبير چئي، جسمان ڪيائون جواب.
تن کهڙو ڏوهه ثواب. جن هينئڙي هادي حل ٿيو.

مطلب ته پاڻ فقير پاڪ جن هن مظهر سان ۽ هن مظهر وارن سان ايستائين نباهيو هو جو جيئن ڪنهن پارڙي کي هڪ هنڌ کان ڪڍي ٻئي هنڌ تي ويهاريو آهي ۽ ڪارائيو پياريو آهي. پاڻ فرمائيندا هئا ته سچل سائين عمر پاڻ گهٽائي آهي ۽ اسان وري اوتري عمر پنهنجي وڌائي آهي.

فقير پاڪ جي ڪابه وصيت ڪانه ٿيل هئي. وڏن سائين شير علي سائين کي شاهه پور جهانيه اطلاع ڪيو ويو. اهي آيا ۽ سرڪار پاڪ فقير مولا جن کي جيپ ۽ ڪارين جي ڪافلي ۾ شاهپور جهانيه روانو ڪيو ويو. اها گهڙي هڪ قيامت خيز گهڙي هئي. جهر جهنگ، شهر بحر جنهن جتي ٻڌو اهو اتان پاڪاريندو آيو. مرد مايون، جوان پوڙها هرڪو اوساريندو، روئيندو رڙيون ڪندو ، پٽيندو ڪٽيندو پهچندو ويو. عصر واري ڪڪر بوند وسائڻ شروع ڪئي ۽ سڄي واٽ ڪافلي سان شاهپور جهانيه تائين اهو ڪڪر هليو ۽ هلڪي هلڪي بوند وسندي رهي. اهڙي طرح ان وقت تائين اهو ڪڪر ڊيوٽي ڪندو رهيو. جيستائين مالڪن جو جسم مبارڪ صندوق سندن جسم قبول ڪونه ڪئي جو ته انهن ٻڌڻ کان فقير آزاد آهي ان ڪري لحد ۾ لاهي لٽ ڪري دعا گهر وٺي، ان کان پوءِ نه ڪڪر نه ڪڪري نه بوند نه باندي آسمان آجو ٿي ويو. ساڳيو سج لهڻ لڳو. رات ٿي ۽ وري سج اڀريو جيئن هميشه اڀرندو هو. باقي انهن لاءِ هميشه سج غائب ٿي ويو جيڪي سندس جي نام جي سهاري جي رهيا آهن. جو ته ظاهر وارن جو جهان جيڪو ظاهر سان ٻڌل آهي. اهو ظاهرن ته بي رنگ بنجي ويو. هائي آهي بي رنگ واري بازي وجي بجي. جيڪا سندس نام جا طالب پيا ٿا تائين ، تنوارين.

هتي هيءَ ڳالهه واضح ڪندو هلجي ته امام پاڪ يا نبي پاڪ جن کي ڪو امام يا نبي ئي غسل ڏئي سگهي ٿو. عام ملو يا ماڻهو امام يا نبي پاڪ کي غسل نٿو ڪرائي سگهي ته ان مطابق مالڪن پاڻ کي پنهنجي هٿن سان پاڻ غسل ڏنو.

فقير پاڪ مهدي مولا جي دور جا قائم ٿيل مٺخانا

فقير پاڪ مهدي مولا جي دور ۾ جيڪي مٺخانا قائم ٿيا. انهن مٺخانن مان ڪي هڪ ڏڪانسواءِ اڄ ڏينهن تائين سڀ قائم آهن. جن مٺخانن کي انهيءَ دور جا فقير پاڪ مهدي مولا جن جا طالب درويش سنڀاليندا هئا ۽ هينئر انهن جو اولاد انهن مٺخانن کي سنڀاليندو پيو اچي.

01 دوڙ شهر جي پرسان ڏکڻ اوير جي ڪنڌ تي وگڻن جي ڳوٺ ۾ مٺخانو جنهن کي فقير سائين جن جا طالب عزت علي ۽ مدد علي وگڻ سنڀاليندا هئا.

02 سنجهوري شهر جي اولهه ۾ جنهن کي ڪنبر طالب سنڀاليندا هئا.

03 ٽنڊو الهيار جي پرسان گلاب لغاري جي ڳوٺ ۾ جيڪو الهه بچايو شيدي طريقت جو نالو درشن علي سنڀاليندو هو.

04 گلاب لغاري جي اوير ۾ سيدن جو ڳوٺ جنهن کي عيدن شاهه ۽ امانت علي شاهه جن سنڀاليندا هئا.

05 ڪوٽ لالو جي پرسان ماءِمموئي يا ماءِمٺي ۾ هاٿي لکڻ ۾ ماموئي ايندو آهي ۾ مٺخانو جنهن جي شيوا جعفر علي وگڻ ڪندو هو.

06 ملو وگڻ جي ڳوٺ وارو مٺخانو جنهن جي سنڀالي يقين علي ۽ عنايت علي فقير وگڻ جن ڪندا هئا.

07 نوشهرو شهر جي پرسان اتر طرف ڦاٽڪ جي پرسان لغارين جو ڳوٺ ۾ مٺخانو هو جيڪو فقير مشتاق علي لغاري جي سنڀاليءَ هيٺ هوندو هو.

08 سيٺارجه اسٽيشن جي پرسان ڳوٺ ڪرڙو ۾ مٺخانو جيڪو فرمان علي سهتي جي سنڀالي هيٺ هوندو هو.

09 شاهه جو تڪيه گمبٽ اسٽيشن جي پر ۾ مٺخانو جنهن جي سنڀال پتاشو پٺي ڪندو هو. جتي علي گل سائين جن وڏي رياضت ڪئي هئي ۽ مٺخاني کي جنت بڻائي ڇڏيو هو.

10 گمبٽ شهر ۾ مٺخانو جنهن جي سنڀال فقير شمس علي ڪوري جي هٿ هيٺ هوندي هئي. هاڻي جان علي فقير بانگو مٺخاني کي سنڀاليون وينو آهي جڏهن ته شهر جي گهٽي وارو پاسو مٺخانو جو هن وقت مقام ٺهي چڪو آهي. ۽ ٻين جتني طرفن کان به مٺخانو پائجي چڪو آهي. جان علي فقير بانگو جي مٺخانو ڇڏي رهڻ کان پوءِ

هاڻي اتي وحدت علي فقير ملاح رهندو آهي ۽ مٺيخاڻ ڪـــي ســـنڀاليو ويٺو آهي. پر ڪجهه وقت کان وٺي وري ڀيهر جان علي فقير اچي مٺخاڻ کي سنڀاليو آهي.

11 راڻي پور ۾ گلاب شاهه جهانيہ وارو مٺخاڻ.

12 ڪرنڊيجي جي پرسان ٻونهين وارو مٺخاڻ جتي فقير مولا مهدي جن تمام گــهڻو عرصو گذاريو ۽ پنهنجي هٿڙن سان مٽي ڪڍي ڏڙو ٻہ ٺاهيائون ۽ هتي چلہ ڪشي بہ ڪئي هئائون. هن وقت جانوري درويش مٺخانہ ۾ رهي ٿو. علي ڏنو جانوريہ جي گذاري وڃڻ ڪان پوءِ ميخاڻ چڻ فقيره کان خالي آهي. پاڙي جا ٻڪڻي ڏينهن جو گهڻي سوا هوندا آهن. حسن شاهه جهانيہ جن انهن کي سونپيو آهي.

13 بنگلہ شهر ۾ مٺخاڻ جنهن جي شيوا فقير پتنگ علي شيدي ڪندوهو. هتي هڪ ڳالهہ اسان ضروري ٿا سمجهون تہ ظاهر ڪيون. جيڪا فقير پاڪ جي انهيءَ وقت جي ناچو. ويراڳي ۽ دراڻيور ديدار علي فقير شـــاهاڻي جي زباني آهي تہ مون پتنگ علي شـــيدي کـــان ســـوال ڪيو تہ اوهان فقير پاڪ جا طالب ڪيئن ٿيا؟ هن ٻڌايو تہ فقير ســـرڪار جن رات جي وقت جبلن تان نڪري ڪڏهن ڪڏهن ٻونهين واري مٺخاڻ تي ايندا هئا. اسان کي طلب جي ڏاڍي پياس هئي. اسان ڏينهن جو فقير پاڪ جي پيرن جا نشان ڪڻي جبلن وٽ پهتاسون. پوءِ جبلن ۾ پٿرن تي فقير پاڪ جي پيرن مبارڪن جا رت جا نشان هئا. اسان انهن رت جي نشانن جي ذريعي فقير پاڪ مهدي مولا کي هڪ جبل جي غار ۾ وڃي قدمين پياسون ۽ فقير پاڪ اتي اسان تي اڻ ميا احسان ڪيا.

14 خيرپور ۾ مٺيخاڻ جيڪوحاجي فقير پرڳڙائي جي سنڀال هيٺ هوندو هو؟

15 جادو واهڻ ۾ مٺخاڻ جتي چاندو فقير طريقت ۾ پروان علي سيوا ڪندڙ هو.

16 سميءَ جي پرسان ڪمن واهڻ ۾ مٺخاڻ جتي يقين علي فقير کوکر سيوا ڪندڙ هو. هاڻي اتي رمز علي فقير گريانگ ڊيوٽي ڪندو آهي.

17 روهڙي پرسان جهانگڙي ڳوٺ ۾ مٺخاڻ جتي لطف علي، معراج علي ۽ فراق علي زنگيجو سيوا ڪندڙ هوا.

18 لاڙڪاڻي ۾ گهاڙ واهہ تي ڳوٺ وليداد جي اوپر پاسي مٺخاڻ جتي سردار علي ۽ خدمت علي سيوا ڪندڙ درويش هئا.

19 لاڙڪاڻي ناڇن جي ڳوٺ پرســـان ڪڪـــراڻ وارو مٺخاڻ جتي فرمان علي، اظهار علي ۽ ڪرم علي ڪڪراڻي خدمت ڪندڙ هئا.

20 وڏا ڳوٺ لاڪا ۾ ڪنيرن جو مشخاڻ جتي صادق علي فقير خدمت ڪندڙ هئا.

21 پناٿو ڳوٺ صوپوديرو ۽ راڻي پور جي وچ تي "ڪبڙ وارو مشخاڻ" هتي دلاور علي ملاح. فقير پاڪ جن کي ٻڌايو ته مون خواب ڏٺو آهي ته هن جاءِ تي نيلن سان روضو ٺهيل آهي. انهيءَ تي پاڻ فقير پاڪ جن فرمايو ته "درويش اسان کي ته نه تاڙيو اٿو" پاڻ سرڪار جن آخري غسل ڪري هن مشخاڻ تي آيا ۽ رات جو پنج بجه سيني موجود درويش طالبن کان پانهون ٻڌي آخري موڪلاڻي ڪيائون ۽ منهن مونن ۾ پائي ويٺي ٿي پيالو نوش فرمايائون. جتي اڄ تمام وڏي دربار ٺهيل آهي. چون ٿا انهيءَ وقت عصر ويلي اتر طرف کان تمام وڏو نڪاءُ ٿيو ۽ پاڻ فقير مولا جن فقراءِ کان ان بابت پڇا ڪئي. فقراءِ ٻڌايو ته اتر طرف کان هڪ وڏو ڪڪر اڀريو آهي ۽ نڪاءُ به اتان ٿي ٿيندي محسوس ٿيو آهي. پاڻ فقراءِ جو جواب ٻڌي هاٿو جو لفظ چوڻ فرماين ۽ پوءِ ماٺ ٿي وئي.

22 ڳوٺ ڪاڏري پاناٿو ملاحن واري پاسي ڪرڙ وار مشخاڻ جنهن جي رياضت شمس علي فقير ملاح عرف غلام حسين ڪندو هو. فقير سرڪار جن ان ڪرڙ هيٺان اچي قيام ڪندا هئا ۽ ڪرڙ ايڏو ته گهاٽو ۽ ويڪرو هوندو هو جو چڱو خاصو فقراءِ ان هيٺان ويهي سگهندو هو. مينهن برسات ان ۾ جلدي ڪان پوندي هئي. هادي پاڪ جن جي وصال ڪان پوءِ اهو ڪرڙ به سڪي ويو.

فقير پاڪ مهدي مولا جن جا توحيدي طالب درويش جيڪي ويراڳ ڪندا هئا.

فقير سائين جن جا توحيدي ويراڳي طالب سون جي تعداد ۾ هئا. ائين چونديءَ ۾ ڪو واڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ تقريبن هر طالب توحيد جي تار آلاپيندو رهندو هو. مگر هتي فقط انهن توحيدي ويراڳي طالبن جو ذڪر ڪجي ٿو. جن توحيد جي ويراڳ جي حوالي سان هن دنيا ۾ وڏي منزل ماڻي.

فقير مولا جن پنهنجي طالب درويشن کي چوڻ فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن طالب ڪان يعني توهان ڪان دم اسم ۽ قدم جي ڪار نٿي ٿي سگهي تہ رات جو ويهي سمهڻ ڪان اڳم توهان پنج ڪلام چئي ڪري پوءِ سمهندو تہ بہ توهان جو لايو سجايو ٿي پوندو. هتي ڪجهہ ويراڳي توحيدي طالب درويش جو نالو، ذات ۽ ڳوٺ جو نالو ڏنو وڃي ٿو ۽ ڪن جو ڪجهہ بيان بہ ڏنو وڃي ٿو.

01 **برڪت علي شاهاڻي** :- هي درويش ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي جو رهاڪو آهي. پاڻ پوئين دور ۾ فقير سرڪار جن سان گڏ بہ رهيو هو. ورنہ پاڻ مالڪ رياست ۾ هوندا هئا تہ هي درويش بہ گڏ هوندو هو. يڪتاري ۽ چڙيءَ تي ڳائيندو آهي. اڃا حال حيات آهي. آواز ۾ سٺو ميناج اٿس. آواز سنها ۽ مٺي چوٽ جا اٿس. گهڻو ڪري ڪلام ڪلام سان يڪتاري کي مٺي چاڙهيندو ويندو آهي. پڪو ويراڳي درويش آهي. فقير پاڪ کيس خضري عمر عطا ڪري جو وڃي ٿو قرب وارن جو ڪال پوندو. ڪجهہ ڏينهن ٿيندا جو فقير برڪت هن جهان کي الوداع ڪري چڪو آهي. سندس بقا جي تاريخ 13-01-2012 ع آهي.

02 **بهار علي شاهاڻي**:- هي فقير ڳوٺ مير خان شاهاڻي جو رهاڪو هو. منصور علي فقير جو وڏو ڀاءُ هو. هي ڏاڍو سٺو ۽ توحيدي فقير هو. سندس آواز مٺي چوٽ جا هئا ۽ برجستا پڙ. سرڪار پاڪ جن جڏهن سندن ڳوٺ يا ويجهڙائيءَ ۾ هوندا هئا تہ هي درويش آواز ڪلام جي ڊيوٽي ڪندو هو. ڏاڍو سٺو ويراڳي هو. يڪتاري تي ڳائيندو هو.

03 **فضل فقير شاهاڻي**:- هي درويش ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي جو رهاڪو هو. هي بہ واهہ جو سٺو آوازي هو. هن جا مٺي جا چوٽ جا آواز هئا. پلي باجي جا سر ختم

لي وجن پر فقير جو آواز اجا مٿي ويندو هو. يڪتاري تي ڳائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن برڪت علي فقير بهار علي فقير ۽ فضل فقير پاڻ ۾ ڳڏجي ڳائيندا هئا ته وڏو

فقير سرڪار مرشد پاڪ جي وصال واري رات به هن درويش ٿي سرسي ماٿي هئي جو مالڪن ڪي پئي ڪنهن جو آواز من ۾ ڪونه آڱريو هو ۽ سندن وصال واري موج ڪي پهچي ڪونه سگهيو هو. ان ڪري ان وقت جيڪي به توحيدي فقراء موجود هو. انهن سيني کي ڳائڻ جو وارو مليو. پر پاڻ سيني کي بس ڪرائيندا ئي رهيا. فضل فقير کي قرب علي واري مشخانه تان جيپ تي گهرايو ويو ۽ پوءِ ان جي آواز ٿي راءِ ريجهائي ورتو جو پاڻ پوءِ سمري فقرا ڪان پيرن جي چير چمڪائي هٿ مبارڪ مٿي ڪري موڪلائي ڪئي.

04 **ايمان علي فقير چانڊيو**:-هي درويش نواب شاهه ضلعي ماموئي علائقي جو هو. هاڻي ته شايد نوشهرو ضلعو هجي. فقير سرڪار جن اوڏنهن سفر تي اسهندا هئا ته ايمان علي فقير به اچي فقراء سان گڏيو هو ۽ پوءِ مولا جن جيترو وقت اتي فقراء وٽ ترسيل هوندا هئا ته ايمان علي سنگ ۾ شامل رهندو هو. شام جي ٽاڻل پي ۽ سروتو هيٺيان رکي يڪتارو هٿ ۾ ڪٺي اچي ڳائڻ تي ويهندو هو. واهه جو وندر ڪندڙ ويراڳي فقير هو. ماموئي جي علائقي ۾ مولا پاڪ جن کي سير سفر ۾ مهينا به لڳي ويندا هئا. گهڻو ڪري وڳڻ ۽ چانڊيه قوم ان طرف تي فقير پاڪ جن جا دعوتي هوندا هئا. ايمان علي فقير به قوم جو چانڊيو ۽ مشهور راڳي جلال چانڊيي جو چاچو يا مامو هو.

05 **اڪٽ فقير ميراثي**:- اصل سڳين جي پرسان ڳوٺ ڳهڻي فقير جو رهواسي هو. هي درويش به لاثاني توحيدي ويراڳي هو. پاڻ سٺو شاعر به هو. اڪثر وقت مرشد مالڪن سان گڏ گذاريائين. تنداڻو ٿي هو جو فقير سرڪار جن سان پريت جو پيوند پاتائين سندس آواز ۾ واهه جو درد پريل هو. گهڻو ڪري يڪتاري تي ڳائيندو هو. باقي چائندو هارمونيم به هو. يڪتاري جي تار وڄائڻ جو اهڙو ته انداز هئس جو چڻ ته هڙئي ضروري ساز گڏ وڄي رهيا هجن. پيروءَ تي وڏو دسترس هئس. گهڻو ڪري اها ٿي آلاپيندو هو. ڪلامن جون به ڪي ڪنڊيون هيس جو مولا جن ڪيس هڪ رات

ڳائيندي ٻڌي پاڻ هن کي " اڻ ڪٽ " جي اعليٰ لقب سان نوازيو هو. ورنه طريقت جو نالو مالڪن نياز علي رکڻ فرمايو هوس. پنهنجي شاعري ۾ فقير ٻئي نالا قطب آندا آهن.

06 نوڪر علي فقير ملاح ۽ سندس ڀائر نياز علي ۽ انور علي فقير:- مالڪن جا طالب درويش هئا. واري جي ڳوٺ ڪڇي ۾ نور پور جي پرسان ويٺل آهن. هن وقت نوڪر علي ۽ انور علي ٻئي پيالو ڪري ويا آهن. باقي نياز علي ملاح جن اجا حال حيات آهن. پر ڳائڻ وڄائڻ کان ڇڙهيل آهن. جو پيري زهيري پهچي ويو اٿن. هي ٽولو به يڪتارا ملائي واري سان اڳواڻي ڪرڻ شروع ڪندو هئو ته مثل دل کي جيئاري وجهندو هئو. واهه جو رس هئڻ پاڻ ۾. پهريان اڳواڻي ڳائڻ ۾ نوڪر علي فقير ڪندو هو پوءِ نياز علي ۽ انور علي آخر ۾ وارو وٺندو هو. ڇو ۾ به ائين ٿي ننڍ وڏائي هين. تنهي جي ڳائڻ جو انداز پنهنجو پنهنجو هو. مالڪن سان گڏ ڪون رهيا. باقي هيا ته مالڪن جي فقراءِ جا فرد. ٽئي طالب درويش هئا. ڳائڻ جو انداز جدا جدا هئڻ جي باوجود گڏ ڳائڻ ۾ اهڙو ته رس ڪندا هئا جو جا چئجي! ٽئي جدا جدا انداز گڏجي هڪ اهڙو انداز پيش ڪندا هئا جو بيان ڪري نٿو سگهجي. الگ الگ به ڳائيندا هئا. پر جهڙو مزو ملي ڳائڻ ۾ ڪندا هئا. اهڙو لطف الگ ڳائڻ ۾ پيدا ڪري ڪونه سگهيا. هاڻي نياز علي به مرحوم ٿي ويو آهي.

07 عبد علي. گل حسن. يڪتار علي. ۽ گرز علي فقير ملاح:- هي درويش ته منهن لڳ ڳوٺ مياڻي عبد علي فقير ملاح. جيڪا هاڻي مياڻي گرز علي فقير به سڏبي آهي جا رهاڪو هئا. فقير مالڪ مهدي مولا جن فرمائيندا هئا ته يڪتاري پوڻن ۾ عبد علي فقير جهڙو ڳائڻو وري نه ٿيو آهي. گرز علي فقير ان مشهور فقرائي ڳائڻي عبد علي فقير جو پٽ هو. گرز علي فقير به يڪتاري تي ڳائيندو هو. پوئين عمر ۾ هارمونيم به سکيو. يڪتاري جي تار کي هڪ آڱر جو هڪڙو ٺونگو هڻندو هو. پلوڙ توحيدي ڳائڻو ٿي گذريو آهي. هن جا آواز سنها پر مٺا هوندا هئا. ڳائيندي ڳائيندي پنهنجي آواز تي روئي ڏيندو هو. کهڙا نه مٺڙا ماڻهو هئا جو کلندي کلندي روئي ڏيندا هئا ته وري روئيندي روئيندي کلي ڏيندا هئا! عجيب انسان هئا!!

ويـــــاهه علي فقير انڙ پراڻي آباد وارو هوندڻ ته زميندار ۽ وڏيرو هو انڙن جو. ســو جڏهن به فقراء ۾ ايندو هو ته روئيندو اچي ملندو هو ۽ ملي ڪري وري اتي ٿي ملڻ جي خوشيءَ جو احساس ٿيندو هئس ته ڪـلي ڏيندو هو. وري جڏهن ڳوٺ ورڻ جي واپسي ٿيندي هئس ته تڏهن به روئندو ويندو هو. هو به ڳائڻ تي روئـندو هو. ويراڳي

08 **نظر علي فقير لاکو " باشو ":-** هي درويش ڳوٺ وڏا لاکا جو رهاڪو آهي. اصل ملي گهراڻي جو چشم وچراغ هو. عبدالخالق جو پٽ هو. ننڍي عمر ۾ ٿي عشق جي انگ چڙهيو. اسـڪول ۾ مئٽرڪ ڪرڻ ڪـان اڳ ئي اچي فقير سـرڪار جي قدمين لڳو. واهه جا اوتپ هئس جو هڪ اسڪولي ڇوڪرو ٿي ڪري، جڏهن مولا جن هن ڪي جنگي جام پياري عبدالفتاح مان نظر علي ٻڌائي دورازي تي مال جي ديوٽي لاءِ رکيو ته هي ان ۾ بلڪل ثابت قدم رهيو. ڇا اســـــڪولي ڇوڪرو ۽ ڇا مال چارڻ. مال به جهنگ ۾ ڪاهي چارڻ نه پراتي بيني ڪلي تي. جڏهن گـوار جي گـاڏي ڪتر ڪرڻ لاءِ آڻي هئي، ته هو نازڪ بدن نظر علي جڏهن گوار لڻندي گوار جي ڪٽ بت تي چنبڙندي هئس ۽ بت ۾ خارش پيدا ڪندي هئس ته مچرجي وڃي بيٺل گـــوار جي پوڪ تي بت اگهاڙي ليٽندو هو ته جيئن گـوار جي ڪٽ پلي انت آڻي. اهڙي طرح امتحانن مان پاس ٿي ڪري مالڪن جي رحم ڪرم سان هر رقاب رهڻ نصيب ٿيس. تڏهن ويراڳ ڪرڻ جو امر به مالڪن ڪان نصيب ليس. شـاعري ته اڳ ۾ ئي ڪندو هو. باقي ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم گـڏ رهڻ ڪـان پوءِ راس ڪيائين. يڪتاري ڇيڙي تي ڪلام چوندو هو ۽ چڱو ويراڳي درويش ثابت ٿيو. تاريخ 3 مئي 2008ع بمطابق 27 ربيع الثاني 1429هه تي نظر علي فقير لاکو جن هن فاني جهان کي الوداع چئي وڃي وصل جو ماڳ ماڻيو ۽ اسان سڀني کان اوٽ اختيار ڪئي. انا الله وانا اليه راجعون

09 **گلشن علي زنگيجو:-** هي درويش به ڪجهه وقت مولا پاڪ جن سـان گـڏ سنگ ۾ رهيو. چڱو فيشني ڳائڻو هو. انهي ڪري گهڻو وقت گڏ رهي ڪونه سگهيو. ڳائڻ کي هن ذريعي معاش ڪري سمجهيو ۽ پوءِ شادين ڳائڻ شروع ڪيائين. ريڊيو

تي پاڻ ڪـــــي چوندرا ياٿين ۽ ڪي ڪلام رڪارڊ به ڪياٿين. جيڪي اڄا ريڊيو تي محفوظ آهن. پاڻ فقير صاحب اڄا حال حيات آهي پر اڌ رنگي جي بيماري ۽ سبب ڳائڻ وڄائڻ کان قاصر آهي. باقي ته علي، گهمي ڦري، ڏسي، ٻڌي ۽ ڳالهائي سگهن ٿا. فقير کين هر مصيبت کان بچائي رکي. گلشن علي فقير جن به هاي رحلت ڪري چڪا آهن.

10 ديدار علي شاهاڻي

9 02-09-2012

11 **عجيب علي جتوئي:-** هي درويش ڳوٺ سـرده جتوئي جو وڏي مٺيا وارو درويش هو. ڏاڍو سڙو آواز هـئس لوڙائي ۽ جا آلاپ ته اهڙا ڪـنـدو هـو جو لـونءِ ڪانڊارجي ويندي هئي. ڇا درد هو، ڇا ميناج هو؟! ڳالهه ڪرڻ کـان ڇڙهيل آهي. اڄ هن درويش جي مٿان مقبرو موجود آهي.

12 **نوڪر علي پنجابي:-** هي درويش پو-پي جو هو. مائي زهرا وارن جي زماني ۾ انهن ســان گـڏئي فقراء ۾ آيو هو. جڏهن مائي زهرا وارن فقراء کــان جدا ٿي حيدرآباد ۾ وڃي ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم ڇڏي مائي ۽ زهرا شــادي ڪئي ته نوڪر علي به آجو تي وري اچي فقراء ۾ رهيو. پهريان سال چارڻ جي ڊيوٽي به ڪياٿين بعد ۾ هر رقاب تي فقير ســان رهڻ لڳو. اصل طبلو وڄائيندڙ هو پر پوءِ توحيدي ويراڳي ٿيو ۽ باجي تي ڳائيندو هو. اچار پنجابي هجڻ جي ڪري صحيح اچاري ڪونه سگهندو هو.

13 **خورشيد علي پنجابي:-** شـاهه پور جهانيه درگــاهه تي ڪجهه وقت مائي ارشاد سان گڏ رهيو لاڙ جي سير ۾ گاهي به گاهي گڏيل رهندو هو. مائي سميت. مائي به سريلي ته هي به سريلو ڳائنو هو. عاشق علي خان جو شاگرد هو.

14

15 **منظور علي ميرائي:**- هي درويش ننڍڙو هو جو فقير سرڪار جن سان آڪهه سوڙو اچي رهيو. سندس پيءُ نوڪر علي ميرائي وڏو پاءُ عاشق علي ۽ پاڻ سيئي اچي طالب ٿيا. پڻس به ڳائڻو هو. ميرائي هئڻ ڪري خانداني ڳائڻو هو پر فقراءِ وارو

16 **نثار علي ميرائي فقير:**- هي درويش صوپوديرو جو هو. پاڻ مالڪن سان گڏ رهندو هو ۽ تمام پلوڙ ڳائڻو هو. سنجهي ۾ 11:00 بجه تائين ڪلاڪ به هن ڪي وارو ملندو هو.

17 **عاشق علي فقير ملاح:**- ڳوٺ صوپوديرو. هي درويش ويراڳ به ڪندو هو ۽ پاڻ شاعر به پلوڙ هو پر افسوس جو سندس صرف به ادائي ڪافيون ملي سگهيون آهن.

18 **سيد معراج علي مخدوم جهانيه:**- " مانڌم "ڏاڍا ڳائڻ ۾ مٺڙا ۽ سنها چوٽيارا آواز هئن. يڪتاري ۽ باجي تي آلاپيندا هئا. جهانيه خاندان ۾ فقير سرڪار جن جي ڳائڻ ڪان پوءِ معراج علي جهانيه جن ئي جڻ ته ورثي ۾ آواز جو ميناج ماٺيو.

19 **طالب علي فقير ملاح:**- ڳوٺ پار نٿون آباد. هي درويش ڏاڍو مٺڙو ويراڳي هو. آواز گرامي هئس ۽ يڪتاري چڙهيءَ تي ڳائيندو هو. ويري ويري اچي سنگ ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ ڪجهه وقت لاءِ هر رقاب رهندو هو.

20 **اوشاق علي فقير لاڪو:**- ڳوٺ وڏا لاڪا . هي درويش پوئين عمر ۾ فقير پاڪ جن سان گڏ رهڻ لڳو. سرتار مان ڪرڻ چاڻندو هو باقي ته سمجهندو پاڻ کي وڏو ڳائڻو هو. يڪتاري تي ڳائيندو هو. آواز تمام باري ۽ ڪرڇي هئس.

21 **ذڪر علي جوڳي:**- ڳوٺ مڏ. هي درويش ڪجهه وقت مالڪن سان گڏ رهيو. فقير سرڪار جن چيلي جي منڍي ڪيس ڏياريندا هئا. يڪتاري چڙهي تي ڏاڍو

چڱو ڳائيندو هو. تلفظ ڳائڻ ۾ جوڳڪو ڏيڪاريندو يعني اچاريندو هو. اصل جوڳن وانگر سيلاني درويش هو. ڪجهه وقت مڏ شهر جي پرسان به پنهنجو ويڙهو وسائي ويٺو هو. پر ڪير ٿو ڪنهن غريب ڪي اکي پکي ويهڻ لاءِ زمين ڏيا پير ظاهر تي به فقير سرڪار جن جي حڪم تحت وڃي خميا ڪوڙيا هٿائون پر پوءِ مالڪن جي پيالي ڪرڻ ڪان پوءِ "لک وڃي لک پال نه وڃي" وڏيڪ پوءِ اتي به رهي نه سگهيا.

22 چراغ علي ڪلهوڙو

23 وڏو مشتاق علي فقير:- هي درويش ذات جو ڪوسو هو. نوشهرو فيروز واري ريلوي ڦاٽڪ کان هڪ فرلانگ جي مفاصلي تي اتر طرف ڪوسن جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ رهندو هو. سندس ننڍو ڀاءُ به فقير پاڪ مهدي مولا جو طالب هو. هي ٻئي ڀائر پهرين ٽول جا طالب هئا. سندن ڳوٺ ۾ اڃا تائين مٿخانه موجود آهي. يڪتاري تي ڳائيندو هو ۽ سندس آواز گرامي يعني هيٺ ۽ ڳرا هوندا هئا. هن درويش وٽ ڪلامن جون ڪنڊيون هيون. وڏو توحيد ياد هيس. درگاهه حسن جهانيه تي ٿي فقير متيءَ جو پيالو پيتو ۽ اتي ٿي ڪيس فقراءِ ڳائي وڃائي پيگ پاتي،جي پلٽ ڪندي رليءَ ۾ ويڙهي درگور ڪري ڇڏيو.

24 مشتاق علي پتي:- هن درويش جي رهائش موري جي ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ اڌ ميل جي مفاصلي تي ڳوٺ نٿون گچيرو ۾ آهي. درويش طالب سائين گنج بخش جهانيه جن جو هو. ليڪن فقير پاڪ مهدي مولا جن جي فقر سان به سنگ ۾ شامل رهيو آهي.

سندس آواز مٺا ۽ چوٽيارا هئا. يڪتاري تي ڳائيندو هو ۽ چير وارو ڏنبو به وڃائيندو هو. هن درويش جو ننڍو ڀاءُ طريقت ۾ وحن علي پتي فقير پاڪ مهدي مولا جو طالب هو. پوئين عمر ۾ هارمونيم به سکيو ۽ پوءِ باجي تي به ويراڳ ڪندو هو.

25 پسند علي لاکو:- وڏا ڳوٺ لاکا جو ويٺل تعلقه گمبٽ ضلع خيرپور جو هو. يڪتاري تي ڳائيندو هو. آواز ڀاڙا هيس ان ڪري فقراءِ ۾ ڳائجندي گهٽ نظرجندو هو. ڳوٺ ۾ ننڍڙو دوڪان هوندو هيس. جيڪو سندس اوطاق يا مٿخانه به هو ته روزگار جو ذريعو به هو.

26 خان صاحب استاد منظور علي خان ميراثي:- هي خاندان پنجاب کان سنڌ ۾ آيو ۽ ڪجهه وقت فقير سرڪار جن سان ٻارين ٻچين گڏ رهڻ کان پوءِ منظور علي خان يعني محمد خان جو والد صاحب جمالو خان فقير سرڪار جن کان اجازت وٺي وڃي ٽنڊو آدم ۾ ويٺا. منظور علي خان جو ڇڙيءَ جو نالو محمد خان آهي. جڏهن فقير سرڪار جو طالب ٿيو ته سندس نالو منظور علي رکيو ويو.

هي سنڌ جو مشهور گويو ثابت ٿيو. سندس ڪيترائي شاگرد آهن. جن ۾ گلزار علي خان، محمد يوسف، وحيد علي خان سندس ڀائيجو ۽ مائي عابده راڳ ۾ پنهنجو سٺو نالو ڪڍيو ۽ اوچو مقام ماڻيو. هن وقت سندس خاندان مان خان صاحب فتح علي خان جيڪو سندس ڀائيجو به آهي. پاڪستان جو سٺو گويو مڃيو وڃي ٿو. ۽ پنهنجي خاندان جو نالو روشن رکيو ٿو اچي. فتح علي خان به فقير پاڪ جو ٿي طالب آهي.

27 گلزار علي خان دايو:- ڳوٺ ديهات، صوبو ديرو، ضلع خيرپور جو ويٺل هو. هو خان صاحب منظور علي خان جو شاگرد هو ۽ ڪيس فقير پاڪ جو طالب به خانصاحب ٿي ڪرايو هو. سندس اصل نالو گلاب دايو آهي. شروع ۾ ناچو هو بعد ۾ خانصاحب وٽ وڃي سنگيت جي سکيا ورتائين. لاڙڪاڻي ۾ زندگي جو وڏو حصو بسر ڪيائين. آخري عمر ۾ فالج جو آزار لڳس ۽ پوءِ لاڙڪاڻي کي ڇڏي وڃي هنگورجه ۾ جڳهه وٺي ويٺو. سندس آخري آرم گاهه ديهات جي مقام ۾ موجود آهي. آواز سنها ۾ مٺڙا هوندا هئس. علم جي لحاظ کان راڳ جي سٺي ڄاڻ هئس. ريڊيو، ٽي وي ۽ عوامي فنڪار به هو. سندس گهڻا شاگرد آهن. منصور علي فقيرشاهاڻي به گلزار علي وٽ لاڙڪاڻي ۾ رهي ڪري راڳ جو علم پرايو. باقي ته فقير جي سنگ جو راڳي نه هئو.

28 **پتنگ علي ڪلهوڙو:-** هي درويش ڳوٺ گل ڪلهوڙو تعلقه ميرو خان، ضلع لاڙڪاڻ جو رهاڪو هو. سڄڙو ويراڳي درويش هو. جڏهن ڳوٺان اچي ڪري فقير پاڪ جن سان سنگ ۾ گڏ ٿيندو هو ته پوءِ ويراڳ جي ڊيوٽي به ڪندو هو. يڪتارو چيڙيءَ تي ويراڳ ڪندو هو.

29 **نوڪر علي فقير ڪلهوڙو:-** هي درويش لاڙڪاڻي جي پاسي گل ڪلهوڙو جي ڳوٺ جو هو. هي درويش به واهه جو ويراڳي هو ۽ فقير جي نام جي اهتري قدر ته اٿيا تي ڪيل هئس جو فقير پاڪ جن ڪيس طالب ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. گهاڙ واهه جي ڪپ تي جيڪو مٿخانو آهي اهو به سندس ئي قائم ڪيل آهي. عزت علي فقير شاهاڻي به سندس جو طالب آهي جيڪو هر سال فقير جو ميڙو مچائيندو هو. جيڪو هينئر ڪجهه سالن کان بند ٿي ويو آهي. فقير کي هڪ فرزند آهي. جيڪو فقير معراج علي جهانيه جن جي طالبيت ۾ آيل آهي. سندس نالو معشوق علي آهي. فقير جي مزار گل ڪلهوڙو ۾ سندس ئي اصلوڪي ڳوٺ ۾ موجود آهي. گل ڪلهوڙي جو ڳوٺ ميرو خان تعلقه ۾ آهي.

30 **مريد علي فقير مرڪند:-** هي درويش ڳوٺ ڏاڪائي مرڪند جو هو. هي پاڻ سرڪار جن سان گڏ ڪونه رهيو ۽ نه ئي ان وقت ويراڳ ڪندو هو. بلڪ هن درويش فقير سمر علي جهانيه فقير پاڪ جن سان محفلون مچايون. هن درويش جي توحيد پڙهڻ جو انداز بلڪل نيارو هو. چير ۽ يڪتاري تي ڳائيندو هو. هر ڪافي ۽ ڪلام پوءِ اها کهڙي به راڳ يا راڳڻي ۾ هجي ۽ کهڙيءَ به تار ۾ ڳائجندي هجي پر مريد علي وٽ پهتي ته ان جو انداز مريد علي فقير جي ڳائڻ جي انداز ۾ ڍلجي ويندو. بهرحال تمام پلوڙ توحيدي درويش هو. ڪلامن جون ته ڪي ڪنڊيون هئس. جنهن به فقير جي ڪلامن ڪي ڳائڻ ويٺو ته پوءِ لڳاتار ان فقير جا ڪلام آلاپيندو رهندو هو. سچل، بيدل، بلاشاهه، مصري شاهه، محمد فقير، ولي محمد مطلب ته ڳاڻاٽي کان ٻاهر فقيرن جو سندس وٽ ڪلام موجود هو. يڪتاري ۽ چير تي ڪلام آلاپيندو هو.

31 **منصور علي فقير شاهاڻي:-** هي درويش ڳوٺ مير خان شاهاڻي جو هو. منصور علي فقراءِ ۾ سيني کان عمر ۾ ننڍو درويش هو. مالڪن جو خاص راض مٽس هو. ڪيس پاڻ مالڪن راڳ جي تعليم ڏياري. نثار علي فقير ميراڻي کي حڪم ٿيو ته

منصور علي کي هارمونيم سيکاري خورشيد علي فقير پنجابي ۽ مالڪن سان ساڻ رهي ڪري ڪجهه ڏينهن لاءِ منصور علي کي هارمونيم ۽ راڳ جي تعليم ڏني هئي. پاڻ مالڪ ۽ ماچيس جي دٻي ۽ ڪي ٺونگو هڻي منصور علي فقير کي تار سمجهائيندا هئا. پهريان ته منصور علي فقير کي راڳ سکڻ جو اصل شوق ڪونه هو. جڏهن ڪجهه

مهدي مولا جا مستانا طالب درويش جيڪي ويراڳ ڪندا هئا

01 مراد علي فقير ملاح شريعت ۽ عبدالڪريم "عدلو" پٽ بيڙو ملاح:-

چريا ڪريا جن کي نفعي نقصان جي به پوري ڄاڻ ڪونه هوندي هئي. اهي به پيا يڪتاري تي جهونگاريندا هئا ۽ پاڻ مالڪ انهن چرين ڪرين سان به پيا نڀاهيندا هئا. پيل جو سندن پڪي هئا!!

ائين ته ڪوڙ سارا ملنگ مستانا، چريا ڪريا فقير پاڪ کان دان وٺيو پيا درشن ڪرائيندا هئا. پاڻ فقير سائين جن فرمائيندا هئا ته انهن مستن جو به اسان ۾ حصو آهي.

فقير سرڪار جن فقراء جي سنگ سان حيدرآباد شهر جي ڪنهن گلي مان گذري رهيا هئا ته اوچتو ڪنهن جي پاڪر اچي فقير شهنشاهه جي جسم کي قابو ڪيو ۽ فرمائڻ لڳو ته هل هوٽل ۾ هلي اسان جي طرف کان ننگر نان ڪيو. فقير سرڪار جن ڏٺو ته سمن شاهه مست آهي. ان ڪري پاڻ سندس چوڻ مڃي هن جي پٺيان پنڌ ڪري وڃي هڪ هوٽل ۾ پهتا. سمن شاهه مست فقراء کي هوٽل ۾ ويهاري دخل تي وڃي ننگر جو آرڊر ڏئي هوٽل کان ٻاهر نڪري ويو. بيو دفعو جيڏي مهل اندر آيو ته فقراء ننگر ڪري رهيو هو. اهو ڏسي وري به مست هوٽل کان ٻاهر نڪري ويو. مطلب ته فقراء کي هوٽل ۾ وٺي ويهارڻ کان پوءِ سمن شاهه جو اهو هوٽل ۾ اندر اچڻ ۽ ٻاهر نڪري وڃڻ جاري ۽ ساري رهيو ۽ الائي ته ڪيترا ڦيرا هو ائين ڪري چڪو هو. فقراء ننگر ڪيو سمن شاهه جي انتظار ۾ ويٺو رهيو ته هو اچي بل ادا ڪري ته پوءِ فقراء هوٽل کان ٻاهر نڪري!! فقراء ۾ به ڪنهن وٽ ڏوڪڙ ڪونه هئا جو بل ڏئي جان ڇڏائي! گهڻي مهل گذري وئي سمن شاهه نه اوري نه پري. هاڻي ٿئي سو ٿئي ڇا؟

سڀڪو سوچ ۾ هجي ته آخر هي معاملو ڪيئن حل ٿيندو! پل پل ۾ پريشاني وڃي وڌندي. هو نه ته اچا هوٽل ۾ سمن شاهه جلدي جلدي آيو ويو ٿي. پر جڏهن فقراء ننگر ڪري فارغ ٿيو ته سمن شاهه ائين گر ٿي ويو جڻ ته موٽڻو ئي ڪونه هئس!! نيٺ ائين ڏسندي ڏسندي ڪنهن مهل سمن شاهه اندر هوٽل ۾ داخل ٿيو ۽ فقراء کي سڏ ڪري هوٽل کان ٻاهر ڪڍي ويو ۽ فقير مولا جن کي پاڪر پائي موڪلائي ڪرڻ وقت عرض ڪيو ته قبلا وري هڻڻو ڪم اصل نه ڪجو! پاڻ فقير پاڪ جن سمن شاهه کي جواب فرمايو ته سمن شاهه اسان توهان سان واعدو ٿا ڪيون ته وري

اهڙو ڪم ڪڏهن به نه ڪندا سين!!

اها هئي سمن شاهه جي مهماني ۽ دعوت طعام جيڪا هن فقير سرڪار جن کي حيدرآباد جي شهر ۾ هڪ هوٽل ۾ ويهاري ڪارائي. ان کان سواءِ ميرو هيسباڻي، خدابخش چانديو وغيره جيڪي فقير پاڪ جن کان هجت پائي دان گهرندا هئا. ميرو هيسباڻي ته گمبٽ تعلقي جو هو ۽ جادو واهڻ جي پرسان ٻروري وارن هيسباڻن مان هو. فقير پاڪ جن جڏهن به ان طرف تي ارباب فقير خاصخيلي يا مٺل فقير حطار جي ڳوٺ تشريف رکندا هئا ته ميرو به اچي حاضر ٿيندو هو ۽ پوءِ لٺيءَ جو لڪڻ هٿ ۾ ڪٺي اچي مالڪ فقير جي ڪچهريءَ ۾ ويهندو هو. ويهڻ جو طريقو اهو هوندو هيس جو مٽيءَ تي ويهندو هو ۽ ٻئي ڄنگهون اڳتي سڌيون ڪري لڪڻ سان سڄي پاسي واري زمين پيو سٽيندو هو ۽ فقير پاڪ جن کي احوال پيو ڏيندو هو. جي مون کي بوٽ به کونه اٿئي. وڳو به وٺي ڏي مٽي تي ٻڌڻ لاءِ انگوڇو به کونه اٿئي. جلدي ۾ اچ جو اچ گهرائي ڏي. مان اچ کائيندو مانءِ به بسري وغيره وغيره. سندس جيڪا به ضرورت هوندي هئي اها ان وقت جو ان وقت پوري ڪئي ويندي هئي.

هڪ دفعي ديدار علي فقير شاهاڻي ميري هيسباڻي جي حڪم هلائڻ تي رنج ٿي، اچي فقير پاڪ جن کي عرض ڪيو ته مٺا سرڪار! هي ميرو حڪم ته ائين ٿو هلائي ڄڻ ته ڪو هت سندس اسان سڀ ڪمدار ويٺا آهيون ۽ توهان وٽ ته ڄڻ ڪو اڳ جو لهڻو اٿس ته پاڻ مالڪن يڪدم ديدار علي جي ڳالهه جي جواب ۾ ڪيس جوابن فرمايو ته اي ديدار علي! ائين نه چئو هنن مستن جو اسان ۾ بلڪل حصو رکيل آهي. اهڙي طرح سان خدابخش چانديو بروچ هو. سرائڪي زبان هئس. فقير سرڪار جن جڏهن نواب شاهه ضلع ۾ ماموئيءَ واري علائقي ۾ مسافريءَ تي هوندا هئا ته هي مست به اچي فقراءِ سان گڏيو هو. ٻڌندا هئاسين ته گهر گهاٽ يعني زال زنب ۽ ٻچن، نياڻن وارو هو. پر دماغي طرح نٽ ڍلا هئس. فقير سائين جن جي ڪچهريءَ ۾ ايندو هو ته پوءِ وحدت علي فقير شاهاڻي کان اچي پڇندو هو ته پلاڻهه دفعي شاهه صاحب رپيه ڏيسي الائي ڪونه ڏيسين. پٽ به ڪلاڻي سين الائي ڪونه ڪلائيسين. جو ته هو پٽ جو تمام شوقين هوندهو هو. وحدت علي فقير هن کي دلاسو ڏئي چوندوهو ته توکي روپيه به ملندو ۽ پٽ به ملندو تون ڳڻتي نه ڪر. پوءِ جڏهن جڳ جي واليءَ فقير شهنشاهه جن کي خدابخش جي آمد جي خبر پوندي هئي ته هن جا سڀئي انگل پورا

ڪيا ويندا هئا.

اسان ڪي تہ رڳو انهن مستن جو ذڪر ڪرڻو آهي جيڪي پنهنجي پر ۾ راڳ ويراڳ ڪندا هئا. انهن ۾ مراد علي فقير ملاح ڳاڙهو فقير مرڪند جيڪو بخشڻ فقير مرڪند جو پٽ ۽ نارو خان عرف امر عليءَ جو پاءُ هو. امر علي ۽ ڳاڙهو فقير پاڪ هاديءَ فقير سرڪار جا طالب هئا. باقي بخشڻ فقير پاڻ ڪي پاڪ فقير جو عاشق سڏائيندو هو ۽ دست بيعت سرڪار نور عالم امام بخش سائين جن جو هو. فقير سان ڪنهن جي بہ هجت ڪي سهي نہ سگهندو هو. پلي پاڻ فقير مالڪ جن ڪٿي ڪنهن ڪي پاڻ سان گڏ ويهارن پر بخشڻ هوندو هو تہ هو ان ماڻهوءَ کي ڪنهن ڪٿي ڪري پري ڪندو هو. پر جي وس نہ هليس تہ پوءِ بہ گوڙ گوڙ ڪان ڪونہ مڙندو هو. جيستائين اهو ماڻهو ڪچهريءَ ۾ موجود هوندو هو تہ بخشڻ فقير بس نہ ڪندو هو. پاڻ فقير پاڪ جن بہ انهن ڳالهين تان ڪيس گهڻي تنبيهہ ڪندا هئا. پر هو پوءِ بہ مڙڻ وارو ڪونہ هو. پاڻ فقير سرڪار جن ڪيس فرمائيندا هئا تہ اسان جنهن بہ ماڻهو کي عزت بخشيون ٿا تہ اوهان جو فرض ٿو بڻجي تہ توهان بہ ان کي عزت ڏيو. پوءِ پلي ڪٿي اسان ان کي گڏ ويهاريون يا پنهنجي سيرانديءَ ڪان جاءِ ڏيون. بهرحال پر بخشڻ فقير پوءِ بہ پنهنجي عادت کان مجبور هوندو هو. پاڻ مالڪ انهن عادتن تان ڪيس ڏاڍائي بہ چڙهيندا هئا. پر پوءِ بہ هو مڙندو ڪونہ هو. وڏي جوش جذبي وارو فقير هو. مرڻ جيئڻ جو سانگو لڳل هوندو هئس.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ فقير پاڪ جن پير ظاهر واري مٺخاني تي لڳل هئا. پاڻ پنهنجي خيال سان مٺخاني ۾ هڪ طرف ڪان وينا هئا. ڪجهہ فقراءِ فقير سرڪار جن وٽ ويٺو هو ۽ ڪجهہ وري پنهنجي پنهنجي منهن ڪچهري مچايو ويٺو هو. پير ظاهر تي فقراءِ پاڻيءَ جي لاءِ هڪ کوهي کوٽي هئي پر پوءِ ان کوٽيل کهاڏي کي اڌ ۾ ڇڏي وري بئي هنڌ کهي کوٽڻ جو پروگرام بڻيو هو ۽ پوءِ اتي کهي کوٽجي تيار ٿي ويئي هئي ۽ ان تي ڊينگو بہ رکجي ويو هو. جنهن ۾ ڏاند وهي باغ کي پاڻي پياريندو هو. ان اڌ کوٽيل کهيءَ ۾ ...فقراءِ گند گاهڻ جيڪو ڦرٽي ڦوڪاري ۾ ميڙ جي سيڙجي گڏ اچي ٿيندو هو تہ هو ان کهيءَ جي حوالي ڪيو ويندو هو ۽ ائين اها کهي گند ڪچري سان پرجي اچي مني ڪن ٿي هئي. سو فقراءِ وري ان گند کي ائين ختم ڪرڻ لاءِ باهہ ڏئي ڇڏي هئي. جيڪا هن تن ڏينهن کان دکندي رهي هئي. بخشڻ فقير

۽ پيو فقراءِ پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا ته فلاڻو فقير هيئن هو. فقير جي منزل هيتري هئي. سچل سائين به فيض ڏيڻ وارو فقير هو. جنهن نانڪ يوسف کي فيضياب ڪري سکن جو گرو بڻائي نانڪائي صاحب موڪليو هو. جتي نانڪ يوسف سکن کي تيل جي گرم تپڪندڙ ڪاڙاهه ۾ ٽو ڪري ڏيکاريو ۽ سندس آڱر ڪي به لحس ڪانه آئي وغيره وغيره. سو ادا اهي هئا سچا طالب جن پنهنجي مرشد کان فيض حاصل ڪيو ۽ مرشد ڪامل به اهي هئا جن پنهنجن طالبن کي فيض ورهائي ڏنو! بخشڻ فقير به ويٺي فقراءِ جي اها ڪچهري ٻڌي سو جڏهن فقراءِ واري ڪچهري طالب مرشد جي فيض ڏيڻ واري هنڌ پهتي ته بخشڻ فقير ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ جذبات ۾ سندس وار به ڪاندارجي اڀا ٿي بيهي رهيا جي سچل جو طالب ڪوڪر فقير تيل جي گرم ڪاڙاهه ۾ ٽپو ڏئي سگهي ٿو ته باقي اسان حق جي امام جي طالبن کي وري ٻاهر ڇا ڪندي!!

اٿين چئي ڪٺي ان ٻرندڙ کهيءَ ۾ ٽپ ڏنائين. کهيءَ ۾ ٽپ ڏيڻ سان هڪ وڏو واڪو يعني ايڏو ته زونڪٽ ۽ گهوگهٽ جو زوردار آواز پيدا ٿيو جو پکي به وڻ مان اڏامي نڪتا ۽ بخشڻ فقير جهٽ ڪن لاءِ ان کهي ۾ اندر تري تائين هليو ويو ۽ وري اک ڇنڀ ۾ کهيءَ کان ٻاهر بيٺل نظر آيو. بخشڻ فقير جي کهيءَ ۾ ٽپي ڏيڻ سان جيڪو آواز اڀريو ان جي ٻڌڻ سان فقير سرڪار جن پڇا ڪئي ته اهو واڪو ڇاجو ٿيو؟ جيئن ته پاڻ ٿورو پرڀرو پٺي هنڌ تي ويٺل هئا ان ڪري فقراءِ ٻڌايو ته مٺا سائين! بخشڻ فقير ٻاهر جي ٻرندڙ کهيءَ ۾ پاڻ کي اندر اڇليو آهي ته پاڻ ان خبر ٻڌڻ سان ڇيم ڇيم ڪندا ڇير ڇمڪائيندا اچي ان کهيءَ جي مٿان بيٺا ته ان مهل بخشڻ فقير مالڪن کي ان کهيءَ کان ٻاهر نظر آيو. دريافت ڪرڻ تي فقير سرڪار جن بخشڻ فقير کي تنبيهه پٽي ته هي تو ڇا ڪيو آهي؟ اٿين ڪٺي پاڻ کي ٻاهر ۾ اڇليو اٿئي! نانڪ فقير واري ڳالهه ته عشق جي آڙاهه جي ڳالهه آهي نه ڪنهن ظاهري آڳ جي! مٿان وري پيهر ڪو اهڙو ڪم ڪرين! سو سائين ڳاڙهي فقير جو والد صاحب ته اهڙي جوش جذبي وارو ۽ عقيدي رکڻ وارو سر قربو بي سر فقير هو. جيڪو پنهنجي مرشد جو مٺ ڪنهن کي به نه پائيندو هو. ڪيس به پٽ هئا. نارو خان ۽ ڳاڙهو خان ڳاڙهو وڏو ۽ نارو ننڍو هو. هن وقت ناري خان جو اولاد آهي. باقي ڳاڙهي فقير کي اولاد ڪونه ٿيو. نارو خان عرف امر علي کي به به نياڻيون ۽ هڪ پٽ آهي. جنهن جو نالو بخشڻ رکيل آهي ۽ هاڻي شادي خانه آبادي به ٿي اٿس رهندو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ماماڻن سان آهي.

جيئن تہ هت اسان کي توحيد ڳائڻ وارن مستن جو احوال ڏيڻو آهي، ان ڪري ڳاڙهي فقير کي ئي هن سٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

مرادا علي فقير ملاح کي تہ پاڻ فقير سرڪار جن جمعدار جي لقب سان نوازيو هو ۽ سموري فقراء جو جمعدار ڪيو هو. ڪن ۾ پينسل ۽ گيڏي ۾ بندي پيل هوندي هئس جنهن تي اجايا سجايا ۽ اونڌا پاسيرا ليڪا ڪڍي پيو فقراء جا نالا لکندو هو ۽ ائين پنهنجي جمعداريءَ جا فل اختيار پيو ڪتب آڻيندو هو ۽ حڪم جو ايڏو تہ پابند هو جو سالڪ طالب درويش ڪيهائي ويندا هئا ۽ امر جي آڏو دليل بازي پيا دهرائيندا هئا. پر هي هو جو آڏي هجي يا مانجهي رات ڪاري ڪاٽ هجي يا چوڏهينءَ جي چانڊوڪي، وڏ ڦڙو مينهن وسندڙ هجي يا هلڪي بوندا باندي پر جمعدار لاءِ هر وقت ۽ هر گهڙي امر جي اثباتي اولين هئي هٿ ۾ وڏي ڏانگ هوندس. گهڻو ڪري مانجهاندڙي جي ڏکهي لٺ جيڪا ڪتي ٻلي کي ڪائونس ڪان پري ڀيهارڻ لاءِ ڪافي هوندي هئي. باقي اڪيلو تہ هو ڪڏهن بہ ڪونہ هوندو هو. سدائين بہ چار ماڻهو هن سان ساڻ رهندا هئا. جمعدار جو ٿيو تہ ضروري بہ تي سپاهي تہ هيئان هوندس. چڻ تہ لشڪر جو سالار اچي رهيو آهي. جهر جهنگ مان جتان

ڊپ ڊپ پوءِ يا خوف خطرو تہ هن کي ڪنهن کان بہ ڪونہ ٿيندو هو. جن، ملڪ، ديو، پري، مرون مانگر يا جيت جڻئي جو ڊپ جمعدار جي وهم ۾ ئي ڪونہ جاڳندو هو. شايد خوف وارو خانو ئي سندس وجود ۾ واٺيل ڪونہ هو. ڏاڍو ٻي ڊپو انسان هو. پوءِ شايد اهو ان ڪري بہ هوندو هو جو سالڪيءَ واري سرت ڪان واندو هو.

مٿين انمول انڱڙائيءَ ڪاتسواء هو يڪتاري تي ڳائي بہ ويندو هو. سندس ۾ اپتري سمجهہ ۽ سالڪائي هوندي هئي جو يڪتاري جي تار کي ملائي "آ" يعني شروعات ڪرڻ وارو آواز جيڪو آ" ڪري وات مان ڪڍيو آهي. اهو يڪتاري جي تار سان ملي هڪ ئي نڪرندو هو. باقي پوءِ تار يا لئي جو محتاج ڪونہ هوندو هو. ڪلام

۽ فقيرن جا چوندو هو پر پوءِ ڪنهن جو منڊ ته ڪنهن جو مصرو. سرڪار مالڪن جا ڪلام ڪڏهن ڪڏهن ڪنڊ ڪپائي پلي پوءِ عشق ڪي هٿڙو لاءِ جا لفظ چوندو هو. يا جامو پهرايو آ جن وغيره . ٻي ته ڪيس راڳ راڳڻي ۽ سر تار جي خبر خير ڪي هوندي هئي باقي يڪتار جي تار کي اگر سان وڄائڻ ۽ ٻئي هٿ جو آگر جو ٺونگو يڪتاري جي تنبيءَ کي هڻڻ سندس لاءِ سڄي تار مڪان هئي. ٺونگو به اهڙو ته هڻبو هو جڻ چاڻ تنبيءَ کي پڳائين.

اٿين پاڻ پنهنجي ليکي ته جڏهن به خيال چوندو هئس ته وڃي يڪتارو ڪٺندو هو. پر ڪڏهن ڪڏهن فقير شهنشاهه جن پاڻ به جمعدار کي ڳائڻ لاءِ چوندا هئا. اهو وري اٿين ليندو هو جو ڳاهي به ڳاهي پاڻ مالڪ فقير سرڪار جن فقراءِ ۾ هڪ ظرافت جو پيرڙ رکندا هئا. جيڪو ڳهٽو ڪري شروع جمعدار ڪان ٿي ٿيندو هو. ڪڏهن ته پاڻ وندر علي سامٽيه عرف گل حسن المعروف سرائي. پاڻ مالڪ وندر علي کي سرائي ڪري ياد فرمائيندا هئا. ان سان جمعدار کي ملهه وڙهائيندا هئا. نواب شاهه واري پاسي سرڪار فقير جن سفر ۾ هوندا هئا ۽ جمعدار ڪٺو هوندو هئن ته پوءِ جوان شاهه جمعدار جو پيچي هوندو هو. جوان شاهه وارا اصل ۾ ڳلال آهن. پرڇهانيه سائين جن هنن کي ڪنپار شاهه جو لقب ڏئي ڇڏيو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين شاهه پيا ٿا سڏجن.

جوان شاهه جمعدار کي چوندو ته جمعدار تون آهين فقير شهنشاهه جو ملهه سو ان ڪري ضرور تون مون کي ملهه ماري ويندين پر جيڪڏهن توکي سلوار پاتل هوندي ته توکي مان ضرور ماري ويندس جو سلوار ۾ تون وڙهي پوندين ۽ تنهنجو جانو مونکي نه لڳي سگهندو ۽ آءٌ پنهنجو وار ڪري توکي پوءِ دسي ويندس. سو مڙني هيٺيون مٿيون ڳالهيون جمعدار کي ٻڌائي جوان شاهه جمعدار جي سلوار لهرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو. جمعدار صاحب به ڳوڏ ٻڌي ڪري ملاکڙو ۾ لهي پوندو هو ۽ جوان شاهه سا... ...سندرو ڪندو هو. ٻنهي پهلوانن جا سندرن ۾ هٿ پئجي ويندا ۽ جوان شاهه سندري سان گڏ جمعدار جي ڳوڏ ۾ هٿ وجي وجهندو ۽ آهستہ آهستہ جمعدار جي ڳوڏ کي ويندو مٿي چڙهندو ۽ پوءِ جڏهن آخري مرحلو باقي هوندو ڳوڏ کي مٿي چڙهڻ جو ته پوءِ جمعدار کي مٿي پٽي اچي گهمائيندو گهمائي گهمائي جڏهن ڳوڏ وڃي سندري سان ملندي ته ان مهل جوان شاهه پاڻ ڪلي هيٺ ڦٽو ڪندو. مٿان جمعدار

تہ هيئان جواڻ شاهہ. جمعدار جي گرڻ سندرو بڻيل رهندو جو جواڻ شاهہ پنهنجون ٽي چنگهون جمعدار جي چنگهن جي وچمر ڏئي ڪلي جو چنگهن کي تيڙيندو تہ جمعدار جي نستگـاهہ وات پٽي بيهي رهندي، فقراءِ سڀجي ۾ ۽ موجود محفل ۾ ٽهڪڙو مچي ويندو. جمعدار خوش تہ جواڻ شاهہ کي ملهہ دسي ويو. پر جڏهن وٽ سنڀاليندو ۽ فقراءِ مان خبر پوندس تہ هن سان جواڻ شاهہ جيڪي ڪئي آهي تہ پوءِ هو ڪاوڙجڻ شروع ڪندو. جيئن هو ڪاوڙ ڪندو تيئن فقراءِ بہ ڪيس وڌيڪ چيڙائڻ لاءِ هن سان مذاقون ڪرڻ لڳندا. ڪڏهن ڪڏهن وري پاڻ فقير پاڪ جن جمعدار کي چيڙائڻ لاءِ رڳو پنهنجي منهن مبارڪ مان ايترو فرمائيندا تہ اي ادا! جمعدار سان ڪير بہ نہ ڪونسي يا ڪير بہ مذاق نہ ڪري تہ جڻ پاڻ هٿ سان موڪل ڏنن تہ پلي جمعدار سان پوڳ چرچوڻئي. بس پوءِ ڪتان تہ ڪو ڪتان جمعدار تي وسي پوندو هو هٿن جي اشارن سان هن کي چيڙائيندو تہ ڪو وري وات مان آواز ڪڍي ڪري ڪيس پڙڪائيندو. مطلب تہ ويچاري سان جيڏانهن ڪيڏانهن جٽ ٻڌجي ويندي هئي. هو بہ سيني سان منهن ڏيڻ وارو جوان هو. سو ان جو جواب هر ڪنهن کي ڏيندو رهندو هو. پر گهڻا گهڻا آهن. نيٺ ويچارو جڏهن صفا بليخر ٿي پوندو ۽ فقير سرڪار جن بہ جڏهن ڏسندا تہ هاڻي جمعدار حوصلي کي اورانگهي رهيو آهي تہ پوءِ پاڻ صرف ايترو فرمائيندا هئا تہ هاڻي بس ڪريو. هٿ جي اشاري سان بہ وڌيڪ پوڳ چرچي ڪرڻ جي منع فرمائيندا هئا. تہ پوءِ بلڪل سانت ٿي ويندي هئي. ڪڏهن وري جمعدار کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ چوندس تہ هاڻي يڪتارو ڪڻ ۽ ڪلام ٻڌاءِ ۽ پوءِ هو راڳ ۾ شروع ٿي ويندو هو. راڳ ۾ ڪلامن جا ڪن، پچ ۽ اڌمن چوندو هو. گهڻو ڪر اهي ڪلام فقيرن جا چيل ٻول هوندا هئا. فقير سرڪار جن جا ٻول ڪڏي ڪڏي ڪنڌ ڪپاءِ. حامو پهرايو آهي جن وغيره چوندو هو باقي تہ پوءِ جنهن کي ڪا ميار وغيره ڏيڻي هوندي هيس يا ڪنهن تي ڪا ڪاوڙ چنڊڙي هوندي هيس تہ اها بہ راڳ ڳائي سيني کي ٻڌائي ڇڏيندو هو. فقير سرڪار جن لاءِ بہ ائين چئي ويندو هو تہ ڪنهن ٻوڙي آهي؟ ڪدر ٻوڙي آهي. يعني تہ ٻئي ڪنهن کي ڪهڙو ساهہ آهي جو مون سان ڪونسي. پر اهو فقير پاڪ جن آهن جو مون سان ماڻهو ڪونسي رهيا آهن!! فقير سرڪار جن کي سڌو سنئون چئي ڪونہ سگهندو هو. ان ڪري اوٽ وٺي ائين چوندو هو تہ ڪدر ٻوڙي آهي. يعني حضرت خواجہ خضر عليہ السلام جو نالو ڪلندو هو.

مالڪن جو هن مستاني تي اهڙو ته راض هو جو ڪيس ريجهائڻ لاءِ پاڻ سندس جا سهرا يعني لاڏا به چوندا هئا. جمعدار لاڙ وڃڻ! جمعدار جي زال تنڊڙي وغيره وغيره جمعدار به هڏيو پيو گدگد ٿيندو هو. پوءِ الاڻي انهن سهرن رنگ لاتو يا جمعدار جي ڪاڦتل هڻي پاڻ مالڪ فقير سرڪار جن لاڙ جي پاسي ويل هئا. پنيان جمعدار جي شادي دلاور علي ملاح ۽ مير محمد ملاح جيڪو جمعدار جو چاچو به هو. پنهنجي ڌيءِ سان ڪرائي ڇڏي. چوندا آهن ته سائين ڪامل شاهه جن به ان شاديءَ ۾ شريڪ هئا. فقير سرڪار جن جڏهن واپس رياست موٽيا ۽ خبر پين ته جمعدار کي پرڻايو ويو آهي ته پاڻ ڏاڍو ناراض ٿيا ۽ فرمايئن ته دلاور توهي سٺو ڪم ڪونه ڪيو جو مست کي هڻي ڦاسائي ڇڏيئي! بهرحال شادي ڪرڻ کان پوءِ جمعدار، جمعدار نه رهيو ۽ پوءِ زال سان گڏجي چاچي پنهنجي مير محمد عرف ميروءَ جي گهر رهڻ لڳو. فقير سرڪار جن تيرهن واٽر ڪورس قرب علي فقير شاهاڻي جي گهر واري مٺخاني تي هوندا هئا ته جمعدار به اتي اچي رهندو هو. ورنه گهر جي بلي تي ويو هو. ڪيڏانهن ويون اهي جمعداريون ته ڪيڏانهن ويا اهي راض رنگ. جيڪا هن چرئي سان فقير پاڪ جن روا رکندا هئا. پاڻ مالڪ مرشد مولا جن اڪثر ائين فرمائيندا هئا ته "طالب شادي نه ڪري" فقير شهنشاهه جي بقا کان پوءِ بئي فقراء وانگر فقير پاڪ مهدي مولا جن جي طالب درويش سمر علي جهانيه جن سان به ڪجهه وقت جمعدار سنگ ۾ ڪٽيو رهيو. ۽ بعد ۾ وصال ڪيائين.

02 ڳاڙهو فقير مرڪند:- هي درويش به پنهنجو مٽ پاڻ هو. هي به چرياڻ هو پر نفعي نقصان ۽ ڏپ ڏاءِ جي ڏاڍي خبر پوندي هيس.

بخشڻ فقير جي وصال کان پوءِ نارو خان ته اچي فقير مولا جن جي حڪم سان سندن دروازي تي زوار سائين جي ڊيوٽي ۽ ۾ مال متاع ۽ کيتي ٻاڙي جي ڪم ۾ لڳي ويو. فقيرپاڪ مرشد مولا مهدي جي وصال بقا تائين اها ڊيوٽي ڪندو رهيو ۽ بعد ۾ گهر موٽي وڃي پرڻو ڪيائين ۽ پنهنجي پٽ تي بخشڻ فقير جو نالو رکي بخشڻ ثاني پيدا ڪيائين. ڳاڙهي خان کي ته بخشڻ فقير ئي پرڻو ڪرايو هو. پر پوءِ هن زال جي جنجال کان جلد ئي پنهنجو پاڻ کي آجو بڻائي ڇڏيو. مائي صاحبه کي وٺي وڃي جوڻر جي پوک ۾ ذبح ڪري موٽي اچي راڄ وارن کي خبر ڏنائين. ڪجهه سزا پوڳي چرياڻپ جي سرٽيفڪيٽ تي آزاد ٿي جيل کان ٻاهر آيو. ڪتن کان ڏاڍو ڏڄندو هو.

رات جو ته اصل گهر کان ٻاهر ڪونه نڪرندو هو. ڏينهن جو ٽاڪ منجهند ٿيندي هئي ته پوءِ ڪيڏانهن سفر سڌاريندو هو. جو ته سندس سمجهه مطابق منجهند جو ڪتا گرمي جي ڪري سنل هوندا آهن. ۽ ٻاهر ڪونه نڪرندا آهن.

ڪا به ڪيس ضرورت پوندي هئي ته اها سرڪار مولا جن کان گهري وٺندو هو. پر سندس گهرڻ جو انداز ۽ طريقو بلڪل نرالو هو. ٻئي سڀ فقراءَ ڪي بسترا وغيره ڏنا ويندا هئا ۽ ڳاڙهو فقير رهجي ويو هوندو ته پوءِ نڪ تي وينل ڳاڙهو فقير پنهنجا ٻئي هٿ پيو مهٽيندو رهندو ۽ سڄي جسم کي وڪڙور به پيو ڏياريندو ۽ هر هر پيو فقير مولا جن کي چوندو رهندو ته فقير سائين مان ته تڏي تان ترڪيو ٿو وڃان!! ته پاڻ يڪدم ميزبان درويش کي سڏرائي حڪم ڪندا هئا ته ڳاڙهي خان کي بسترو وغيره ڏئو وڃي. پوءِ سائين ڳاڙهي فقير کي بسترو وغير به ملندو هو ۽ سندس ٻئي ضرورت جو به خيال رکيو ويندو هو.

هڪ دفعي ڳاڙهي خان هڪڙو ڏاند جيڪو ڪو سندس ڳئون جو ننڍڙو ڳابو هو ۽ هاڻي اچي جوان ٿيو هو ۽ ڳاڙهي خان هن کي ڳابي جي عمر کان وٺي ويندي هڙند ڏاند ٿيڻ تائين چاري چوکي جوان ڪيو هو. ان ڪري ڏاند جو به ڪو ڳاڙهي خان سان محبت جو وڏو پيچ اٽڪيل هو. اهو ڏاند هن فقير سرڪار جن کي نذراني ۾ پيش ڪيو هو. ڏاند ته فقير سرڪار جن پاڻ سان گڏ ساڻ ڪري سفر ۾ هلندا رهيا. اجا مالڪن اهو ڏاند ڪنهن گراهڪ جي حوالي ڪونه ڪيو هو ته ڳاڙهو فقير به ڪنهن منزل تي فقراءَ سان وري اچي رليو. ڳاڙهي خان ڏاند جي جدائيءَ ۾ ڪا هڪ اڌ رات مس گذاري هوندي جو هو وڌيڪ ڏاند جي جدائي برداشت ڪري نه سگهيو ۽ ڏاند موٽائڻ لاءِ اچي فقراءَ سان گڏيو يا وري ڏاند ڏيڻ ۾ گهٽي ڪس ٿي سمجهيائين. جيڪا هو برداشت ڪري نه سگهيو هو ۽ ڏاند واپس ڪرائڻو پئجي ويو هيس. ڏاند ورائڻ لاءِ ته اچي فقراءَ سان رليو هو. پر هاڻي ڪجي ته ڪجي ڇا ۽ چوي ته ڇا چوي. ظاهر ۾ ايڏو چرياڻ ٿي ڪري اينري سمجهه ضرور هيس ته ڏنل شيءِ سا به پنهنجي آقا کي ڏني وئي هجي ان جو واپس ورڻ نا ممڪن آهي. پر تنهن هوندي به پنهنجيءَ پر ۾ هن هڪ قسم جو داءُ ضرور ڪيو ته من اهڙي طرح سان سرڪار مالڪن کي سندس تي کهل اچي وڃي ۽ پاڻ اهو ڏاند ڪيس واپس ڪن. واقعي پوءِ ٿيو به ائين ئي جيئن ڳاڙهي فقير چاهيو ٿي. ڳاڙهي سرڪار مالڪن کي اچي عرض ڪيو ته فقير سائين سڄي رات مون کي ننڊ نه

آئي آهي. مولا پاڪ جن پڇيس تہ ڳاڙها چو توڪـــي رات ننڊ ڪونہ آئي آهي؟ ڳاڙهي فقير ورائيو تہ فقير سائين ڏاند مون کي رات جو چٽيندو آهي. تنهن ڪان پوءِ مون کي ننڊ ايندي آهي. فقير سـرڪار جن يڪدم حڪم ڪيو تہ ڏاند ڳاڙهي کـي واپس ڪيو وڃي ۽ ان جو ان مهل اهو ساڳيو ڏاند ڳاڙهي خان جي حوالي ڪيو ويو تہ جيئن اهو ڏاند ڳاڙهي فقير کي چٽي ڪري ننڊ ڪرائي.

اهڙي طرح ســان ڳاڙهي فقير پنهنجو پيارو ڏاند فقير ســرڪار جن ڪــان پنهنجيءَ پر ہر اٽڪل ڪيڏي واپس ورتو!

اڪيلو نک تي ويٺو هٿ مروٽيندو ۽ پنهنجي منهن ڳالهائيندو رهندو. جيڪو ڳالهائڻ ٻين جي لاءِ اجايو پر هن جي لاءِ سـجايو هوندو هو. جو هو پنهنجو حال احوال اهڙي طرح ســان فقير پاڪ کـي پهچائيندو رهندو هو. پاڻ مالڪ ڪـيس ڪڏهن ڪٿي ڳائڻ لاءِ چوندا هوندا پر هو پاڻ مرادو يڪتارو کڻي ڳائڻ ہر شروع ٿي ويندو هو. ڪلام جنهن جا تنهن جا پيو آلاپيندو هو. خاص ڪري طوطل وارو ڪلام وڏي چاهہ سان چوندو هو. ڳائيندو ڏينهن جو هو ۽ فقير سرڪار جن ڪان ڪجهہ مفاصلي تي ٿورو پري ويهي پيو ڳائيندو هو. مطلب تہ پاڻ مالڪ اهڙي چريي جي ڪلامن چوڻ تي بہ صبر ڪري ڪيس راضي ڪري ڇڏيندا هئا.

فقير پاڪ مهدي مولا جن جي دوَر جا ڍولڪيا درويش

01 رحمت علي فقير وڳڻ:- ويٺل ڳوٺ ڪلرو، ضلع هاڻي نوشهرو فيروز هي ٻئي ڀائر عبد علي فقير ۽ رحمت علي فقير ترڪ ڪري گهر ڇڏي فقير جي قرب ۾ ڪڙيا. ٻنهي شادي ڪونہ ڪئي. رحمت علي فقير اڪثر ڪري فقير پاڪ مهدي مولا جن سان گڏ گذاريندو هو. باقي عبد علي جنهن کي فقراء پيار وچان پير بابل ڪري ڪوٺيندو هو جو جو فقير مالڪن جي جڏهن بہ ماموئي ڪلرو، جعفر خان وڳڻ، ڦل ۽ مئوءِ جي ڳوٺ وغيره جي پاسي ڏانهن مسافري ٿيندي هئي تہ هو جتي بہ مالڪن جي آمد جي سلسلي ۾ رسائي ڪرڻي هوندي هئي تہ اها عبد علي فقير کي ئي ڪرڻي پوندي هئي. ۽ پوءِ هو ان مناسبت سان سڀئي سر انجام سهڻي نموني سان اڳ ۾ ئي سرجائي ڇڏيندو هو. مثلاً فقير مولا جن کي جنهن جڳهہ تي سياڻ پهچڻو هوندو هو تہ هو اتي سرڪار جي آمد کان ٿورو اڳئي سمورو نام ناهي ڇڏيندو هو. رحمت علي عاشق مزاج ۽ حسن پرست هوندو هو. چڱو ڍولڪيو هو. هٿ ۾ لذيت گهڻ هوندي هيس. پاڻ راڳ بہ ڳائيندو هو يڪتاري تي ٻر آواز ٻاڙي هجڻ ڪري فقراء ۾ وارو راڳ جو ڪونہ ملندو هيس.

سرڪار پاڪ جي دوَر ۾ ٿي دم ڏنائين.. نثار علي فقير ۽ منصور علي فقير سان ڍولڪ جي سنگت ڪندو هو. هٿن مان رت وهي پوندو هيس تڏهن بہ ٻئي کي ڍولڪ جو وارو نہ ڏيندو هو.

02 صنم علي ملاح:- هي مياڻي غازي خان ملاح، شاهہ سخيرو جي مقام جي پرسان جو ويٺل هو. علي نواز سائين جهانيہ جن سان سنگ ۾ گهڻو وقت رهيو ۽ انهن سان ڍولڪ وڄائيندو هو. فقير پاڪ مهدي مولا جن جي وصال کان پوءِ بہ زندهہ هو. فقير قمبر علي قاضيءَ وٽ فقير صنم عليءَ مٽيءَ جو پيالو پيتو. مائي سوڍي سهڻ جي شهزادي سندس پيڻ هئي.

03 ويراڳ علي فقير خاصخيلي:- ڍولڪ وڄائيندو هو. پر تمام ڀرو جو ڳائڻي کي پيو پوئتي ڇڪيندو ويندو هو. معراج علي سائين جن سان فقير پاڪ جن جي حضور ۾ ڍولڪ تي سنگت ڪيائين. پاڻ مالڪ فقير پاڪ جن بہ واهہ واهہ! ويراڳ کي ڪندا هئا. جڏهن تہ ڳائڻ وارا معراج علي سائين هوندا هئا. آخر ۾ ويراڳ علي فقير جي ڊيوٽي پير ظاهر واري ميخاني تي لڳائي وئي. مالڪن جي برقعي پوش ٿيڻ

ڪان پوءِ ويراڳ ظاهر ڪي خيرآباد ڪيو. ۽ آخري پساهه درگاه ماڻدم تي پورا ڪيائين سندس مزار ظاهر واري مٺخانہ ۾ ٺي جڙيل آهي.

04 **فرمان علي فقير وڳڻ المعروف ڪارو:-** هي نوجوان ڇوڪرو هيو جو فقراءِ ۾ شامل ٿيو. فقير سائين جو طالب ٿيو ۽ فرمان علي نالو مليس. ڍولڪ ۾ فقراءِ ۾ اچي سگھيو. هٿ ۾ لذيتڙي هئس. ان ڪري فقير منصور علي فرمان ڪان ڍولڪ وڄرائيندو هو. تہ رحمت علي فقير تي جڻ پهاڇپو پئجي ويندو هو ۽ اصل ڪين سهندو هو تہ ڪو فرمان علي منصور فقير سان ڍولڪ جي سنگت ڪري. هي درويش اڃا زنده آهي ۽ پنهنجي ڳوٺ وڳڻ ۾ آهي. هاڻي تازو پيالو ڪري ويو آهي.

ڪرامت

ڪرامت ڪنهن اهڙي قسم جي حقيقت يا واقعي کي چئبو آهي جيڪا ڪنهن وقت جي امام يا اولياء الله کان صادر ٿي هجي. جنهن کي هي ظاهري عقل وارو ڏسي يا ٻڌي دنگ رهجي وڃي يا حيرت ۾ اچي وڃي يعني ڪي اڻ ليکي حقيقت انهن جي چوڻ سان ٿي پوي.

معجزو وري اهڙي قسم جي حقيقت جي واقعي کي چئجي ٿو. جيڪو ڪنهن نبي سڳوري کان صادر ٿيو هجي. جيڪو ظاهر عقل جي پهچ يا پروڙ کان مٿاهون هجي. انهن ٻنهي ڪرامت ۽ معجزي کي ٻه سمجهڻ ته ٻيائي وارو ڪم ٿيندو. حق جو طالب ته هڪ ٿي سمجهندو. انهيءَ لاءِ ته سندس مغان جو شان الاهي مٿاهون آهي. جيڪو الفاظن ۾ آڻڻ احمقي آهي. جن جي طالب ڪي حقيقت آهي ته:

پڙاڏو سو سڏ ، ور وائيءَ جو جي لهين

هيا اڪيهين ڪڏ ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا

بلڪل اهڙي طرح جيئن حقوق الله ۽ حقوق العباد کي ٻه جدا نالا ڏنا ويا آهن. مگر ٻنهي جي حقيقت هڪ ئي آهي جو ته حقوق الله ۾ روزو، نماز، حج ۽ زڪوات ۾ ٻه ٻندن جا حق ٿي پوشيده آهن. جنهن ڪري انهن جي اهميت آهي. حقوق الله جو ظاهر هڪ بلڪ باطن ٻندن جا حق ٿي آهي. ساڳي طرح ڪرامت ۽ معجزو ٻه فقط ٻه نالا آهن باقي ته هيڪڙائي ٿي آهي. باقي ٻيائي وارا ٻه سمجهيو وينا آهن. هتي اسان جو واسطو ته فقط فقير پاڪ مهدي آخري زمان جي ڪجهه ڪرامتن بيان ڪرڻ سان آهي. انهيءَ لاءِ ايترو چوڻ ته فقير پاڪ جون ڪرامتون يا معجزا چئون سي قلم جي نوڪ کان انتهائي مٿاهان آهن. سندن هن ناسوتي جهان ۾ آمد ٿي وڏو معجزو يا ڪرامت آهي. سندن زبان مبارڪ مان صادر ٿيل هڪ هڪ لفظ ڪڏايل قدم، وڌايل هٿ يا ڪنيل نظر ٿي پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هن کان اڳ "مهدي ٿيو مهندار" جي پهرئين ڇاپي ۾ اسان ڪرامتن جو ذڪر ڇاڻي واڻي ڪونه ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته فقراءَ جي نظر ۾ ڪرامت جي ڪا اهڙي حيثيت ٻه ڪانه آهي. فقير ڪو ڪرامت جو محتاج ڪونه آهي. هو ماڻهن کي مڃائڻ

جي ڪڍ ڪونه هوندو آهي. بس اها ته فقير جي هاشـــئي ۾ اچي ويندي آهي. باقي هي ڪم ته پير پير ڪري ماڻهن کـي مريد بنائيندا آهن. فقير ته نرالي هســتي آهي. مگر عام انهيءَ کي چندي ڦيٽي، پاڻي پڙهڻ، دعا ڏاگي وغيره تائين محدود سمجهيو آهي لکن ۾ ڪو لال جو حق جي حقيقت لاءِ حاضري پرائي ٿو. باقي ته پنهنجا دنيـاوي مســائل حل ڪرڻ لاءِ پيا هزارين حاضر ٿين. پر پوءِ جهولي خالي انهن جي به ڪونه پيا موٽائن. ڪنهن کـــي ٻچڙي جي عنايت، ڪنهن جي بيماري يا درد دور يا ڪنهن جي ڪا ٻي دلي تمنا فقير جي نظر سان پوري ٿيو وڃي. بلڪ وري به ڪجهه سنگت جو لهه لحاظ رکــــــڻ خاطر انهيءَ جي چوڻ تي ئشين ايندڙ ڪتاب ۾ ڪجهه فقير پاڪ جي ڪرامتن جو نمونو طور ذڪر ڪجي ٿو. باقي هونئن ته ڪرامتون هزارن ۾ هونديون.

فقير پاڪ مهدي مالڪ جون ڪرامتون

1 هڪ دفعي محمد پنهل ڪنبوبو جيڪو فقير پاڪ مهدي مالڪن جو طالب هو ۽ ٻيو سندس عزيز محمد عيدل جيڪو طالب نه هو. ٻئي ڄڻا نشين مڪان تي فقير پاڪ جي زيارت لاءِ اچي رهيا هيا ته جيڪو طالب نه هو محمد عيدل، تنهن محمد پنهل جيڪو طالب هو انهي کي چيو ته پنهل مهدي مالڪ به الله اٿئي الله. . . . محمد پنهل ڪنبوبو چيو ته الله بي چون بادشاهه آهي ۽ سائين مهدي سائين اجا ڪائي پيئي ٿو. الله ته اجا ٻي هستي آهي.

جڏهن ٻئي درويش فقير پاڪ جي حضور ۾ حاضري ڀري اجا ويٺا مس ته پاڪ فقير مهدي مولا جن فرمايو ته عيدل خان توهان جي لاءِ مهدي الله آهي. باقي ٻين لاءِ ته اجا ڪائي پيئي ٿو ۽ اٿڻ ويهڻ به ڪري ٿو. ظاهر ۾ عيدل خان فقير سرڪارجن جو طالب به ڪونه هو. هن وٽ محبت ۽ سڃاڻ اها هئي جو جيڪو طالب هو. ظاهر ۾ پنهل ڪنبوبو ته ان ۾ اها محبت سڃاڻ نه هئي. هتي هيءَ ڳالهه صفا صاف ظاهر ٿي بيٺي آهي ته ظاهري گيڙو پٽڪي ٻڌندڙ طالب ٿيڻ يعني مرشد وٽ تي به ڪونه آهي. هي محبت ۽ سمجهه جي ڳالهه آهي سو جي محبت ۽ سمجهه به آهي ۽ دلق به ان سان گڏ اوڏيل آهي ته پوءِ آهي سون تي سهاڳو ورنه اٿين ته ڪوڙ سارا گيڙو پٽڪو ٻڌيو وتن ٿا .سچو ڏينهن پرائي پچر ڪندا ۽ ڪوڙ ڳالهائيندا. جن سڃاتو انهن چئي ڏنو جيئن دريا خان فقير رچوي ٿو ته

درس دريا خان الله عياشي،
سڀ ڪجهه ڪائي ٿو پيئي،
سالڪ سمجهن ڳالهه انهي ڪي.

يا ٻئي جاءِ تي فرمايو اٿس ته

آهين الله سر ساڳيو ، اچي آدم سڏايو ٿي.

2 هڪ دفعو حاجي محمد مراد ڪهڙو جيڪو مهرو واهڻ جو چڱو مڙس هو ۽ سندس ڪمدار محمد يوسف ڪهڙو وشائت مل ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو فقير پاڪ مهدي مولا سان ملڻ لاءِ پروان علي جي ميخاني تي جادو واهڻ ڏانهن اچي رهيا هئا ته فقير پاڪ مهدي مولا جن اڳم ٿي نقراءِ کي چئي ڇڏيو ته ڪجهه مهمان اچي رهيا آهن انهن جي ويهڻ لاءِ اسان جي پرسان رليون وڇايون وڃن. جڏهن اهي مهمان آيا ته محمد مراد کهڙي فقير پاڪ جن کان سوال ڪيو ته اوهان ماڻهن کي نشو ڇو ٿا ڪرايو؟ پاڻ

مالڪن چيو تہ نشو غذا آهي جيڪو اها غذا واپرائيندو آهي انهيءَ کي ڏيندا آهيون ۽ جيڪو نہ واپرائيندو آهي انهي کي نہ ڏيندا آهيون. وڏيري محمد مراد کهڙي سوال ڪيو تہ توهان نماز نٿا پڙهو؟ پاڻ مالڪن فرمايو تہ وڏيرا قضا بہ ڪرنہ ٿا ڪيون.

3 فقيرسمر علي سائين مخدوم جهانيہ جن ٻڌايو تہ هڪ دفعي اسان يونيورسٽي وڃڻ لاءِ دروازي يعني فقير پاڪ جن جي حاويليءَ تان تيار ٿي سائيڪل تي سوار ٿي رستو وٺي روانا ٿياسين. اسان کي خبر هئي تہ رستي ۾ وڏيري فقير محمد شاهاڻي جي نار تي فقير سرڪار جن منزل پذير آهن جڏهن فقير محمد شاهاڻي جي نار تي پهتاسين تہ سردار مالڪن جي ديدار ۽ قدم بوسيءَ ڪرڻ لاءِ سندن حضور ۾ داخل ٿياسين تہ پاڻ مالڪ ظاهرن آرامي هئا ۽ سندن مٿان ڪپڙو (پوتي) اوڙهيل هيو. اسان تہ مالڪن جي قدم بوسي ڪري ۽ اکيون قدمن سان مس ڪري ساڳي سائيڪل جنهن تي آيا هئاسين ان تي سوار ٿي روانا ٿي وياسين. جڏهن وري ڪنهن ويري يونيورسٽيءَ کان واپس آياسون تہ فقراء مان ڪنهن درويش ٻڌايو تہ جڏهن اوهان سائيڪل تي ٿورو ئي اڳتي وياهئا تہ پاڻ مالڪن چيو تہ سمر عليءَ کي سڏي موٽائي وٺو! مگر وري سڏيندڙ کي منع ڪيائون تہ بس ڇهيو نہ سڏيوس ۽ گهڙي ڪن جي خاموشي ءَ کان پوءِ فرمايائون تہ پڙهڻ بہ جيتري جدائي آهي.

فقير سمر علي جهانيہ جن ٻڌائن ٿا تہ پاڻ مالڪ فرمائيندا هئا تہ سمر علي کي پڙهايون بہ اسان ٿا ۽ نوڪري بہ اسان ڏيارينداسون. هينئر اسان جڏهن محبت جي ميدان ۾ قدم رکيو آهي تہ سمجهون ٿا تہ واقعي اسان تي ڪا هي ديوتي بہ مالڪن جي ئي رکيل هئي. آهي بہ ائين ئي. جو جنهن کي پنهنجي مرشد پاڪ کان نوڪري ملي وڃي تہ ان کي هي ظاهري زماني جي زيب زينت ، نوڪريون ، چاڪريون شهنشا هيون ڪٿي ٿيون راس اچن. جواچ پاڻ سمر علي جهانيہ جن بنگلن کان بيزار ٿي جنهگ ۾ رنگ ڪيو ڳوٺ يار محمد مرڪنڊ ۾ هڪ ڪکائين منهہ هينيان ڪيترن ئي لاچار بيواهن، غريبن، مسڪين ، ماروئڙن ۽ بي سمر ن جا سمر ۽ سهائتا بنيل آهن. جتي روزانو سوين سورن وارا سک ۽ چين حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ دوا ، ديدار ۽ دعا لاءِ حاضري ڀرين ٿا . پاڻ سمرعلي سائين جن جو اهو بي اي آنرس جو پيو سال هو ۽ اهو فقير پاڪ مهدي مولا جن جو وصال جو سال هو - سمر علي جهانيہ جن کان هڪ بي ڳالهہ صادر ٿي آهي تہ هڪ دفعي اسان ڪنهن ڳالهہ جي ڪري ڏاڍا خفي هئاسين ۽ دل ٿي

دل ۾ خيال ڪيو سون تہ اهڙي زندگيءَ کان تہ موت بهتر آهي. جڏهن رات جي وقت اسان جي اک لڳي تہ ڏسون ٿا تہ هڪ چوغان ۾ هڪ مجاهد مرد ويٺو آهي. ۽ ٻيا سڀ اسان ان جي چوگرد ويٺل آهيون. اهو مرد مجاهد اسان ويٺلن جي قطار مان جڏهن هڪ ٻہ تي ڪري ڳڻڻ شروع ڪري ٿو تہ ٽئين نمبر پڪارڻ سان اهو ٽئين نمبر وارو ماڻهو ڦهڪوڙئي ڪري ٿو ۽ مري ٿو وڃي. هاڻي ان قطارم ٽيون نمر منهنجو ٿي آيو. جڏهن ان مرد مجاهد ڳڻپ شروع ڪئي تہ آءٌ موت جي خوف کان ٽيو نمبر تان هٽي ويس ۽ سجاڳي ٿي وئي. صبح جو دروازي يعني فقير پاڪ جن جي حاويليءَ تان تيار ٿي مالڪن جي حضور ۾ قرب علي فقير شاهاڻيءَ جي گهرواري مشيخاني تي پهتس. آءٌ سجود ڪري ڪچهري ۾ ويٺس تہ پاڻ مالڪن ڪچهري ۾ ويٺل سيني جي وچ تي نصيحت ڪرڻ فرمائي تہ موت جي دعا ڪڏهن بہ نہ گهرجي. پاڻ سردارن جي سرداري تہ سڌو سنئون منهنجي لاءِ هئي ۽ مون اوڏيءَ مهل ئي پنهنجا ڪن پڪڙيا ۽ وري ڪڏهن بہ اهڙي غلطي ڪانہ ڪئي آهي ۽ اڳتي بہ فقير تي تنگ آهي.

4 هڪ دفعي ارشاد علي ملاح فقير سرڪار جي زيارت لاءِ پنهنجي ڳوٺ ڪاٺڙي پاناٺو مان کهي اچي قرب علي شاهاڻيءَ جي مشيخاني تي درشن ورتو. پاڻ مالڪ ظاهرن آرامي هئا سندن مٿان ڪا پوتي يا چادر اوڙهيل هئي. ارشاد علي جيئن ئي آيو تہ فقير سرڪار مهدي مولا کي سجدو ڪري اچي نقر ۾ ويهي رهيو. ڪجھ وقت کان پوءِ پاڻ مالڪن جي جڏهن ظاهري آرام مان بيداري ٿي تہ ارشاد علي وري مالڪن کي سجدو ڪيو. پاڻ مالڪن کي انهيءَ ڳالهہ تي ڏاڍو خفو ٿيو ۽ تنبيهن ارشاد علي ملاح کي چيائون تہ گهڙيءَ گهڙيءَ سجدا ڪيا آهن ڇا؟ بس هڪ دفعو ٿيو سوڪافي ٿيو. ان تي ارشاد عليءَ وراڻيو تہ سرڪار مولا سوير توهان ننڊ ۾ ستل هئا. تڏهن وري ٻيهر سجدو ڏنم. پاڻ مالڪن کي جلال اچي ويو ۽ فرمائڻ لڳا تہ اسان ننڊ ۾ ڪندا آهيون ڇا؟ اسان کي تہ ياد بہ ڪونہ آهي تہ اسان ڪڏهن ننڊ بہ ڪئي آهي. هونءَ بہ طالب کي پنهنجو پاڻ ۾ اها پڪ هئڻ گهرجي تہ هو هر وقت ۽ هر جاءِ تي مرشد جي نظر ۾ آهي. جيئن جانڻ فقير جن پنهنجي مرشد پاڪ مهدي مولا لاءِ صاف فرمايو آهي تہ:

جاڳي ٿو جاڳي الله ٿو جاڳي،
الله ڪري جي ننڊ تہ ڪانہ بچي ڪا ڪنم.

5 هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سيد ويڌل شاهه ولد دادن شاهه جهانيه جيڪو رشتي ۾ فقير سرڪار مهدي مولا جن جو ڀاڻيجو هو. اهو ريل ذريعي حيدرآباد کان فقير سرڪار جن ڏانهن رياست تي آيو ته راڻي پور اسٽيشن تي ڊرائيور ديدار علي شاهاڻي کيس کڻڻ لاءِ ويو. جڏهن ديدار علي کيس گاڏيءَ تي کڻي فقير سرڪار مهدي مولا جن وٽ پهتو ته سائين ويڌل شاهه جن دانهن ڪئي ته هڪ پيٽي اسان جي اسٽيشن تي رهجي وئي آهي. پاڻ فقير سرڪار جن فرمايو ته ديدار علي وڃ پيٽي کڻي اچ. ماڻهن چيو ته سرڪار مولا پيٽي ته هاڻي ڪوئي کڻي ويو هوندو. پاڻ فرمايائون ته پيٽي اجا ساڳي جاءِ تي موجود آهي ۽ پيٽيءَ تي پهرو به موجود آهي. ديدار علي جڏهن پيٽي کڻڻ لاءِ پهتو ته هڪ پوليس جي ورديءَ ۾ ماڻهو پيٽي جي مٿان موجود هيو. جنهن ديدار عليءَ کي ڏسي چيو ته اوهان سائين جن جي پيٽي کڻڻ آيا آهيو نه! هي پيٽي کڻو. ديدار علي هاڻو ڪار ڪئي ۽ پيٽي کڻندي ۽ اهو بيٺل ماڻهو پنهنجي خيال سان هليو ويو. ديدار علي شاهاڻي هن وقت وصال ڪري ويو آهي. جنهن هي ڳالهه پاڻ ٻڌائي. چون ٿا ته فقير سرڪار جي طالبن ۾ جن طالب به هوندا هئا. جن ۾ به جن ڪالي ۽ ڪڪالي نالي هئا. جيڪي خاص حضور ۾ موجود رهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ضرورت پوڻ تي پاڻ انهن کان ڪم ڪار جي ڊيوٽي به وٺندا هئا.

6 درگاهه شاهپور جهانيه ۾ هڪ اهڙو کٻڙ وڏو ۽ ويڪرو موجود هيو جتي پاڻ مهمان، محبت وارن ۽ طالبن سان قرب ڀريون ڪچهريون ۽ روح رهاڻيون رچائيندا هئا. نيٺ اهڙو ڏينهن به آيو جو پاڻ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪيڏانهن سفر تي سيلاني ٿي ويا. جڏهن پاڻ واپس آيا ته ڪچهري ڪندي ڪندي اچانڪ فرمايائون ته هاڻي هلو ته هلي ٿا ڦلاڻي کٻڙ هيٺيان روح رهاڻيون ڪيون. پاڻ اجا ايترو فرمايائون ته فقر مان ڪنهن طالب چيو ته سرڪار مولا ان کٻڙ جو ڏار ته ڪٽي چڏيو ائين. پاڻ اهو ٻڌي جهٽ ڪن لاءِ ماٺ ۾ اچي ويا ۽ فرماين ته اسان جي اجازت کان سواءِ کٻڙ جو ڪٽيو ويو؟ ائين فرمائي کٻڙ جي طرف وڌيا ۽ اهو ساڳيو کٻڙ جو ڏار گهرائي کٻڙ جي ساڳي ڏار جي ٻچيل ٿڏي سان ٺپ ڪري انهيءَ ڪي ٻڌائي ڇڏيائون ۽ جڳ جهان ڏٺو ته اهو وڍيل ڏار وري سائو ٿي ويو ۽ ڪيترائي سال موجود رهيو ۽ انهيءَ کٻڙ هيٺيان پاڻ ڪچهريون به ڪيائون. لطيف سرڪار جن فرمائن ٿا ته:

هلو هلو ڪاڪ تڙين ، نازڪ جنين نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن ، چنڻ مور نہ سگيا .

7 هڪ دفعي پاڻ فقير سرڪار جن ديدار علي کي حڪم ڪيو تہ ڪنهن ڪم سانگي خيرپور وڃن. انهيءَ وقت پاڻ مالڪن وٽ بيوڪ ڪار هوندي هئي. ديدار علي شاهاڻي جڏهن لاڙي شن وٽ پهتو تہ اها ڪار ڏاڍي گرم ٿي وئي. ڊرائيور ديدار علي گاڏي روڪي انهيءَ ۾ پاڻي وغيره وجهي گاڏيءَ کي ٿڌو ڪيو ۽ خيرپور پهچي ڪم ڪار لاهي واپس وڃي مالڪن جي حضور ۾ پهتو. ديدار علي جي پهچڻ تي پاڻ سرڪار جن ديدار علي کي فرمايو تہ لاڙيشن ۾ گاڏي گرم ٿي وئي هئي ڇا؟ ديدار علي چيو تہ سرڪار مولاها، گرم ٿي وئي هئي ۽ پوءِ مان گاڏي بيهاري پاڻي گاڏيءَ ۾ وڌو ۽ ٿڌو ڪيو. پاڻ فرمائين تہ پوءِ توهان فقير کي بہ اتي ڏٺو؟ ديدار علي نهڪر ڪئي ۽ چيو تہ اسان نہ ڏٺو سون. پاڻ مالڪن فرمايو تہ فقير اوهان جي ڪچ وٽ موجود هو. هونءَ بہ ائين آهي تہ حق جي طالب سان هر وقت پنهنجو مرشد پاڻ گڏ هوندو آهي. نہ فقط اهو پر طالب جي هر دم ۽ قدم سان سندس هادي مرشد موجود آهي. ڪٿي ڪو هادي پنهنجي پالڪن کي ڪجهہ راز رموز سمجهائي رهيو هيو ۽ فرمايائين تہ ظاهر واري دنيا کي الوداع ڪرڻ وقت مرشد هادي طالب وٽ موجود ٿي وڃي ٿو. اتي ڪچهريءَ ۾ ڪو تمام پري رڻ ڪچ جو طالب موجود هو. انهيءَ جي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو تہ پوءِ منهنجو مرشد ايترو پري ڪچ ۾ منهنجي موت وقت ڪيئن ايندو؟ سندس مرشد صاحبي ڪشف القلوب هو ۽ طالب جي دل جو راز ڄاڻي ويو ۽ انهيءَ طالب کي پنهنجي ٻانهن ڏيکي ڪري پنهنجي ظاهري ڪچ ڏانهن اشارو ڪري فرمايائين تہ ڪچ تہ هي هتي آهي مرشد جي ٻانهن اجا ڏکي آهي.

پري پائڻ پر کي ، سندو جتن جاڻ،
نت سائين نوني ساڻ، راتيو ڏينهان روحل چوي.

8 هڪ دفعي هڪڙو پناڻ فقير سرڪار جن جي ڳالهہ ٻڌي بلوچستان کان ڪنهن ڪم سانگي قرب علي شاهاڻي واري مشخانہ تي کهي آيو. پاڻ مالڪ شام جي وقت انهيءَ مشخان تي موجود هئا تہ انهي پناڻ مالڪن جي حضور ۾ عرض رکيو تہ مان اوهان جو نالو ٻڌي پرديس کان پنڌ ڪري اوهان وٽ پهتو آهيان ۽ انهيءَ پنهنجو

قصو بيان ڪندي عرض ڪيو ته مون ڪي دعا ڪيو ته ٻيڙو تري. فقير مالڪن جي طبيعت ۾ جلال اچي ويو ۽ فرمايو ته ڪٿي آهي اسان جو نالو؟ ڪٿان جو نالو؟ ڇا جو آهي اسان جو نالو؟ پاڻ پنهنجي ڪي چيائون ته تنهنجو ٻيڙو ٻڏندو. پنهنجو ويچارو واڻيو ٿي ويو. مايوسي ۾ جيئن تيئن ڪري رات گذاري ۽ صبح جو سوير موڪلائڻ لاءِ فقير سرڪار جن وٽ آيو ۽ چيائين ته سائين هاڻي مان هلان ٿو. مان توهان جو نالو ٻڌي آيو هيس. مگر توهان منهنجو ٻيڙو نه تاريو! پاڻ مالڪن وٽ انهيءَ وقت منور علي سائين جن به موجود هئا. انهن پنهنجي ڪي فرمايو ته توهان رات ڪان وٺي فقير سرڪار جن ڪي تنگ ڪري رهيا آهيو. توکي ڪو خيال ئي نه ٿو ٿئي. هاڻي جلدي ۾ تپڙ ويڙهه ته اجايو خراب نه ٿئين. ان تي پنهنجي چيو ته توهان چپ ڪيو توهان جو سور ناهي ڪاڏل سور جي خبر سور وارن کي هوندي آهي. پاڻ مالڪن جيئن ئي سور جو لفظ ٻڌو ته منور سائين جن کي چين ته من هن کي نه ڇڏ. پنهنجي ڪي فرمايائون ته تنهنجو ٻيڙو ترندو! ترندو! ترندو! ۽ تنهنجي پوين جو ٻيڙو به ترندو!

سور جنين کي سريو ، سري تن صحت ،

ملي محبت ، آهي عاشقن کي.

9 هڪ دفعي فقير پاڪ مهدي مولا جن عنايت علي فقير کهڙو ڳوٺ زوار نواب کهڙو وٽ جيڪو فقير پاڪ جن جو طالب هو اتي موجود هئا ته عنايت علي کهڙو پاڻ مالڪن کي عرض رکيو ته مالڪ ڳوٺ وارن اسان جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي. ۽ پاڻي نٿا وهڻ ڏين توهان ڪرم نوازي ڪيو ۽ انهن کي حڪم ڪيو ته اهي اسان کي پاڻي وهڻ ڏين . پاڻ مالڪ گهڙي ڪن لاءِ خاموش ٿي ويا ۽ فرمايائون ته پاڻي بند ڪرڻ ڪنهن جو ڪم آهي؟ اسان انهن کي نه چونداسون ته پاڻي ڏين .باقي رهيو سوال فصل جو .... اسان توهان کي فصل پرائي نا ڏيون. پاڻ مالڪ گهڙي پلڪ لاءِ اتي ترسي پوءِ وڏا ڳوٺ لاڪا ڏانهن اسهيا ته ايتري ۾ جهڙ ٿي ويو۽ تمام وڏي برسات پوڻ شروع ٿي وئي. گهڻي برسات پوڻ جي ڪري ڳوٺ وارن به پاڻي لوڙهي ڇڏيو. هي سڀ ڪجهه ساڙ ۽ حسد جي بنياد تي ٿيندو هو جو سڄي ڳوٺ وارا راڻي پور جي پير صاحبن جا مريد هئا ۽ عنايت علي کهڙو ، فقير پاڪ مهدي امام جو طالب هو.

10 هڪ دفعي پاڻ مالڪ عنايت علي کهڙو ڳوٺ زوار نواب کهڙو وٽ مڱڻاني

۾ موجود هئا ته عنايت علي جو چاڇو نالي محمد صالح " طريقت ۾ نوڪر علي " فقير سرڪارن کي عرض ڪيو ته مالڪ ڏڻ آهي ڏنار ڏيو يعني نياڻيون آهن هڪ نينگرو ڏيو. مالڪن فرمايو تڪڙ نه ڪريو ليڪن درويش کـــي آرام آيو ڪونه ۽ وري عرض رکـــيائين. پاڻ مالڪن چيو ته يارهين مهيني اوهان کـــي نينگر ڄمندو .نوڪر علي ۽ عرض رکيو ته نينگر ڄمندو ته اسين ڏاند ڏينداسين . پاڻ مالڪ ته خاموش رهيا. بهر حال يارهين مهيني نينگر ڄائو ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ سانگي سان وري جڏهن فقير شهنشاهه جن نوڪر علي فقير کهڙو وارن جي ڳوٺ ۾ آيا ته نوڪرعلي ڏاندڪاهي آڻي مالڪن جي حضور ۾ پيش ڪيو. ڏاند عمر جو وڏو ۽ قد جو تمام ننڍڙو هو. پاڻ مالڪ ڏاند کي ڏسي ڪجهه وقت لاءِ خاموش ٿي ويا ۽ ڪافي دير کان پوءِ فرمايائون ته نوڪر علي تنهنجو ڏاند ته قد جو تمام ننڍڙو آهي. نينگر به قد جو ننڍڙوٿيندو. ســـودو اٿو رضائي! ان نينگر جو نالو محمد سومر رکيل آهي. جيڪو قد جو تقريبن ٽي فوٽ ڪن ٿيندو. هن جا به ٽنيا پائر فوج ۾ آهن جن جو قد ٺيڪ ٺاڪ آهي . تارڪ فقير علامه هدايت الله نجفي پنهنجي ڪلام ۾ فقير جي شان ۾ هڪڙي ڪافي درست فرمائي آهي

فقير جي ٻولي ،الله جي ٻولي،

فقير راضي ، الله راضي،

11 هڪ دفعي ڪرٽي پناڻ فقير پاڪ جي ڳالهه ٻڌي قرب علي شاهاڻي ءِ واري حضوري مٺخاني تي انهيءَ خيال سان آيو ته ڏسون فقير سائين مون کي سمجهي وڃي ٿو ته آءٌ ڪهڙو ڪاروبار ڪندو آهيان؟ جڏهن اهو پناڻ فقير مهدي مرلا جي ڪچهريءَ ۾ اچي ويٺو ته مالڪن پنهنجي طالب کـي حڪم ڪيو ته اسـان جي واسـڪوٽي اندر رکيل آهي. انهي ءِ ۾ هڪ گـولڊن صوف آهي. اهو صوف ڪـڍي هن مهمان کـي ڏيو. گـولڊن جو نالو ڪـنيائون ته پناڻ سمجهي ويو ته جهڙو ٻڌو سين اهڙوئي ڏٺوسين ڇو ته اهو پناڻ سون جو ڪاروبار ڪندڙ هيو.

12 طالب علي لاکو جيڪو ڳوٺ وڏا لاکا جو رهواسي هو. هن درويش شادي ته ڪئي پر درويش کي مڙسي بلڪل ڪونه هئي. سندس گهرواري ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اها ڳالهه پنهنجن پيڪن ســـان ڪئي. جنهن ڪري هنن مائيءَ کـــي پاڻ وٽ وهاري ڇڏيو.ته طالب علي لاکو فقير سرڪارن وٽ دانهي ٿيو ۽ پنهنجو حال به بيان ڪيائين

.پاڻ پاڪ فقير جن هن درويش کي چيو اهڙو هئين ته پوءِ چوٿي شادي ڪيئي؟ پاڻ فقير پاڪ جن انهيءَ چوڪريءَ کي به گهرايو جيڪا طالب علي جي گهرواري هئي ۽ سندس ڪان زباني ماجرا پڇي .چون ٿا ته مالڪن طالب علي ڪي انڙيءَ "ڏاچيءَ" جو ڪير ناروارِيءَ لوٽيءَ ۾ ڏياريو ۽ حڪم ڪيو ته هي ڪير جي پريل لوٽي اذرات تائين پي پوءِ پنهنجي گهر وڃو. بهرحال ڇا ڏاچيءَ جو ڪير ۽ ڇا شفا؟بس درويش تي ڪرم نوازي ٿي وئي ۽ زال مڙس فقير پاڪ مهدي سرڪار جن وٽ رهيا ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ واپس ٿيا. ڪي سال ڪين اولاد ڪونه ٿي ٿيو. طالب علي وري فقير سرڪارجن جي حضور ۾ عرض رکيو مالڪ اولاد ....پاڻ مالڪن فرمايو ته ست پٽ ڄمندا .اهي ست پٽ هڪ ناڙي نشانين سان ڄايا فقير طالب عليءَ وري حضور ۾ عرض رکيو ته مالڪ نياڻيءَ جي عنايت ٿئي. پاڻ مالڪن هڪ نياڻيءَ لاءِ فرمايو ته ايندي ۽ اها نياڻي به طالب علي کي ڄائي.

13 محمد يعقوب لاکو جيڪو محمد ميهر "عطامحمد "طريقت ۾ منثار عليءَ جو والد صاحب هو. هڪ دفعي فقير پاڪ جن انهن وٽ دعوت ۾ آيا هئا ته محمد يعقوب جي گهر واريءَ فقير سرڪار جن کي ڇيلهو اڇي ڏنو ته مالڪ هي قبول پوي. پاڻ اهو ڇيلهو اتي ڇڏي محمد يعقوب جي گهرواريءَ کي چيو ته اسان صبح ڇيلهو ڪاهرائيندا سين تيستائين توهان وٽ هجي. پاڻ وڏيري خاڪل ڏانهن رات وڃي رهيا. مائي ڇيلهو ڪاري هينان واڙي ڇڏيو. رات جو محمد يعقوب هڪ ٻيو ڏهرو ڇيلڙو انهي ڪاري هينيان واڙائي ڇڏيو ۽ چيو ته فقير صبح جڏهن ڇيلي ڪاهڻ لاءِ اچن ته انهن کي هي ڇيلو ڏجو .صبح جو سوير فقير پاڪ جن جو درويش جڏهن ڇيلو ڪاهڻ آيو ته ڇيلڙو مٺل هو اها خبر جڏهن مائي صاحبه کي پئي ته پاڻ ڇيلو ڏسڻ آئي .ڇيلو ڏسي پڇيائين ته هيءَ ڇيلو ڪنهن واڙيو هيو؟ مون ته فلاڻو ڇيلو فقير پاڪ جن کي ڏنو آهي. ڪيس سرپرستي ڳالهه ٻڌائي وئي ته هي ڇيلو تنهنجي مڙس محمد يعقوب اهو تووارو فقير پاڪ کي ڏنل سوڪو ڇيلو تاري هي ڏهرو ڇيلڙو ان جاءِ تي ٻيهاري ڇڏيو هو. ۽ پوءِ ساڳيو ڇيلو مائي صاحبه گهرائي فقير سرڪار جن ڏانهن ڏياري موڪليو

14 هڪ دفعي فقير سرڪار مهدي مولا جن ڳوٺ جا دوواهڻ ۾ چاندومل طريقت ۾ پروان علي جي مٿخاني تي موجود هئا .ڪجھ ڏينهن کان برسات لڳاتار

هلندڙهئي. محمد هاشم پٽو ۽ محمد مٺل پٽو جيڪي باغ نيڪي تي ڪڻندا هئا. انهن ڪجھ انب به ساڻ آندا ۽ فقير پاڪ جي حضور ۾ عرض به رکيائون ته سرڪار برسات رحمت مان زحمت بڻجي پئي آهي. قرب ڪيو ته هي برسات جيڪر ختم ٿئي. پاڻ فقير پاڪ جن گهڙي ڪن لاءِ خاموش رهيا ۽ پوءِ قوت علي فقير پناڻ "بشير احمد "کي حڪم ڪيائون ته ڪورو ٿانءُ آڻيو. ڪورو ٿانءُ آندو ويو. پاڻ حڪم فرمايائون ته اسان جي بيگ ۾ نئون ويس رکيل آهي. اهو آڻيو. ويس آندو ويو. پاڻ اهو ويس ڪوري ٿانءُ "ٿالهه" ۾ ڊورائي قوت علي فقير پناڻ کي ڏنائون ته انهيءَ کي ڪٺي ڇاهر اس ته ڪانه هئي جهڙ هيو رکو ته سڪي جيئن ئي فقير پاڪ جن جو ويس مبارڪ ٻاهر اس تي سڪڻ لاءِ رکيو ويو ته جهڙ لهندو ويو ۽ اس ظاهر ٿيندي وئي. اهڙي طرح ويس مبارڪ اس تي سڪڻ لڳو. جهڙ لهي ويو ۽ برسات بند ٿي وئي.

15 هڪ دفعي فقير پاڪ مهدي مولا جن غلام الرسول شاهاڻي بلوچ جي بنگلي تي ويا ته بلوچ صاحب جي بنگلي تي اهڙي ڪا به لائيٽ وغيره سجايل ڪونه هوندي هئي جتي سرڪار پنهنجي بيٺڪ ڪن. پاڻ گهڻو ڪري بنگلي جي ورانڊي ۾ آجهاپو ڪندا هئا. باقي ته بنگلي جي احاطي ۾ هڪڙي سنجهي "ٽاري" هوندي هئي جنهن جي ڇانو ۾ اونڌي ڪٽولي تي آرام فرمائيندا هئا. بلوچ صاحب جي بنگلي کي پهريان منصوري مئيخانه نالو مليل هئو. بنگلي ۾ امان الله مرحوم جي خون ٿيڻ کان پوءِ بلوچ صاحب فقير سرڪار جن کي عرض ڪيو ته مٺا سائين مئيخانه جو منصوري نالو مٽائي ڪو ٻيو نالو رکيو وڃي ڇو ته منصوري مام اسان کان مهانگي آهي ان ڏينهن کان پوءِ حيدري مئيخانه سڏجڻ لڳو. صبح جو سوير گهوٽڪي کان ڪنهن امير گهراڻي جون عورتون آيون ۽ انهن سان گڏ هڪ بيحال نوجوان ڇوڪري به هئي جيڪا اٿي ويهي به نٿي سگهي. به عورتون فقير پاڪ جي قدمن ۾ ڇنبڙي پيون. پاڻ پڇيائون ته ڇا مسئلو آهي؟ عورتن عرض ڪيو ته هن ڇوڪريءَ تي پنهنجو ڪرم ڪيو ته جيئن هيءَ اٿي ويهي سگهي. اسان تيسين اوهان کي نه ڇڏينديو سين. جيسين هي ڇوڪري اٿي نه ويهندي فقير پاڪ مهدي مالڪ جن ڇوڪري تي نظر وڌي ۽ چيو ته اٿي ويهه ته اها ڇوڪري اٿي ويٺي. عورتن وري عرض ڪيو ته اسان کي اها ڇوڪري گهمائي ڏيو. پاڻ گهڙي پل لاءِ خاموش رهيا ۽ وري ڇوڪريءَ ڏانهن نهاري حڪم

ڪيائون ته گهر ته اها چوڪري گهمڻ لڳي. انهن عورتن مالڪن جي قدمن مان هٿ ڪڍيا ۽ ڏاڍيون خوش ٿيون . پوءِ جڏهن اهي عورتون واپس ويون ته پاڻ مٺل فقير حطار کي چيائون ته انهن کي چٺي ڇڏيو ته جتي چوڪري جو راضپو آهي. اتي سندس شادي رچائي ڇڏيو.

16 هڪ دفعي جي ڳالهه آهي فقير پاڪ مهدي مولا جن نئين مڪان تي موجود هئا ته لوروٺي پرسان ڪامڙين جيڪي رياست جا هئا. تن ڪاٺي تي ڪٺي ته مٺخاني جي پرسان سيد جهنڊل شاهه گيڙو وارو " گيڙو ڳوٺ جيڪو گيڙو شاخ جي نالي سان مشهور آهي . جتي شاخ جي پڇڙيءَ ۾ سيد به رهندا آهن " اهو گهوڙي سوار هيو ۽ سندس مريد حب علي سومرو "ڪٽي "جيڪو فقيرجو صحبتي پڻ هو ۽ ڪيس سدائين لوها ڪڙا پاتل هوندا هئا . تنهن سائين جنهڊل شاهه کي عرض ڪيو ته فقيرپاڪ مهدي مولاجن مٺخاني تي موجود آهن ۽ اسان جي دل چوي ٿي ته لڙي هلي فقير پاڪ جو ديدار به ڪريون ۽ گهوڙي کي لاءِ آرام ڪيون. مگر سيد جهنڊل شاهه نئين مڪان تي فقير پاڪ ڏانهن هلڻ کان انڪار ڪيو اجا لوروٺي اڳتي هليا ته گهوڙي جا چارئي سنب انهيءَ رڪيل مٽيءَ ۾ هيٺ هليا ويا ۽ گهوڙي هلڻ کان لاچاري ڏيکاري. پرسان جيڪي ڪامڙيا هيا سي پهچندا آيا ۽ سيد جهنڊل شاهه کي گهوڙي تان لاهي گهوڙي کي ٻاهر ڪيائون . پوءِ شاهه صاحب فقير سرڪار جن ڏانهن نئين مڪان تي آيو مڪان تي پهتو ته فقير پاڪ جن حب علي کي مخاطب ٿي فرمايو ته سائين جنهڊل شاهه صاحب رهي به گيڙوءَ تي ٿو ڪاوڙ به گيڙوءَ وارن تي ٿي اٿس اهو ته ٺيڪ نه آهي ۽ حب عليءَ کي مخاطب ٿي فرمايو ته هن ڪان ته اوهان جو مقام مٿانهون آهي .

17 هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته فقير سرڪار جن امانت علي فقير ڪوٽائي جيڪو ڪوٽ جو قليپوتو هو انهيءَ کي جمعدار ڪبڙ ملاح جي نياٿين لاءِ ڪجهه سامان سيڊو وٺي ڏنائون ته اهو پهچائي جلدي موٽج. مگر امانت علي فقير ڪوٽائي به ڏينهن واپس نه آيو. فقير پاڪ جن کي خيال ٿي پيو ته امانت علي الائي چوهيڏي دير ڪٺي آهي. پاڻ مالڪ وڏا ڳوٺ شاهاڻين ۾ دروازي تي پنهنجي حاويلي پاڪ تي موجود هئا. پاڻ ڪنهن درويش کي حڪم ڪيائون ته ٻاهر وڃي ڏس ته امانت علي اچي ٿو. درويش ڏٺو ته واقعي امانت علي اچي رهيو هو. درويش جلد اچي فقير سرڪار جن کي

ٻڌايو ته مولاپاڪ امانت علي اچي ٿو پيو. امانت علي جيئن ئي آيو ته پاڻ مالڪن فرمايو ته امانت علي تو کي صوبيدار صاحب جيئن جيئن چيو ۽ ٻڌي ويهاري ڇڏيو .اهو سچو سارو سر بستو ۽ ساڳي نموني سان بيان ڪري ٻڌايو. امانت علي ۽ صوبيدار منير احمد سومرو شڪارپور جو ويٺل جيڪو ڪوٽڏجي ۾ ڊيوٽي ڪندو هو انهي ۽ جاڏنل گهڻ وڌ سخن ۽ بيهوداڻپ جو سمورو ذڪر فقير سرڪار جن کي ٻڌايو انهي ۽ تي پاڻ امانت علي ۽ کي چيائون ته پوءِ تو کي به غيرت نه پئي آئي . امانت علي ۽ کين عرض ڪيو ته مالڪ غيرت ته ڏاڍي ئي آئي ليڪن وري به مالڪن جو ئي خيال ئي آيو جنهن ڪري صبر اختيار ڪيم مالڪن ڪـــي ان ڳالهه جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ ڪو وقت ته ڪنهن سان ڳالهايائون به ڪونه ٿي. اهو وقت اها گهڙي منير احمد سومري صوبيدار ڪانڌڙن جي ڳوٺ ۾ محرم جانوري ۽ تي وڃي ڪڙو چاڙهيو فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. انهي ۽ فائرنگ ۾ منير صوبيدار کي گوليون لڳيون ۽ دم ڏئي حوالي ڪيو.

18 فقير مهر علي پيلاڙ ٻڌائي ٿو ته: هڪ دفعي ڳوٺ وڏا پيلاڙ مان هڪ شخص نالي سڪائو پيلاڙ جي گهر مان چور ڍانڊ ڪاهي ويا . سڪائو پيلاڙ ۽ ڪجهه ڳوناٺا انهن چورن جي پيرن جو پيچو ڪندا رهيا . پر انهن کـي ڪجهه به انهن چورن جو نشان نه مليو. ايتري ۾ سج به لهڻ وارو ٿي ويو ۽ گهرن ڏانهن واپس روانا ٿيا . جڏهن انهن ماڻهن جي نظر سرڪار مهدي سائين جن جي ميخاني تي پئي ته ڪجهه ڳوناٺن جو خيال هو ته چونه هلي ســــرڪار جن جي ميخاني تي هلي ڪجهه ننگر نان ڪجي ۽ ڪجهه گهڙي سڪون جي گذارجي تنهن تي ڪجهه ماڻهن اهو ئي چيو ته هن محل اتي کهڙو ننگر تيار هوندو جو اوهان ڪـــائيندا . هن محل ماني جو وقت نه آهي. بهرحال آخر ۾ اهو ئي ســرچيو ويو ته هاڻي ســرڪار جن وٽ هلڻو آهي ۽ اهي ســيئي ڳوناٺا سرڪار جن وٽ هلڻ لڳا ته رستي ۾ هڪ شخص اهو چيو ته سرڪار جن وٽ هلي اهو عرض ڪجي ته ڍانڊ واپس اچي ته اهو ڍانڊ سرڪار جن کي ڏينداسين تنهن تي سڪائو پيلاڙ چيو ته انهي ۽ ۾ مون کي ڪهڙو فائدو ٿيندو جو ڍانڊ مان سرڪار جن کـي ڏيان. ائين ڪندي اهي ڳوناٺا سرڪار جن سان مليا ته سرڪار جن ڪنهن درويش کي چيو ته هنن درويشن لاءِ جلدي ۽ ڪجهه ننگر جو انتظام ڪيو وڃي. ان کان بعد ۾ سرڪار فقيرپاڪ مهدي مولا جن مهر علي ۽ کي فرمايو ته مهر علي سڪائو پيلاڙ جا پيو چوي ته

مون کي ڪهڙو فائدو ڏيندو؟ اسان کي ڏاند نہ کپي. فقير ڪندو ڏاند پنهنجي گهر واپس ايندو. هڪ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ هڪ رات جو سٽائو پيلاڙ ٻڌائي پيو تہ در تي ڪوٺي آواز آيو در کڙڪڻ جو. سو آئون پريشان ٿي ويس ۽ آڌوڃي در کوليان تہ ڇا ڏسان ٻاهر ڏاند بيٺو آهي.

19 فقير مهر علي ٻڌائي ٿو تہ : هڪ دفعي سرڪار مهدي سائين جن پنهنجي ميخاني ڳوٺ ڏيرو واهڻ ۾ آيل هئا. جنهن جي خبر مطلب فقير کي پٽي جيڪو وڏا ڳوٺ پيلاڙ ۾ رهندو هيو. جنهن پنهنجي پٽ مهر علي فقير کي ٻڌائي ۽ چيائين تہ سرڪار جن کي دعوت ڏئي اچ. تنهن تي مهر علي فقير چيو تہ هن وقت اسان وٽ غربت آهي. نہ اسان وٽ اَن. نہ سرڪار جن جي دعوت لاءِ خرچ آهي تہ اسان سرڪار کي دعوت جي ڪيئن صلاح ڪيون ۽ نہ ٿي سرڪار جن جي سواريءَ يعني گهوڙي لاءِ سڪو گاهہ آهي. اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي مطلب علي ماٺ ڪئي. ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ سرڪار جن پنهنجي درويش سان گڏجي گڏيجي شهر ڏانهن روانہ ٿيا. جڏهن سرڪار جن ڳوٺ وڏا پيلاڙ مان روانہ ٿيا تہ اتي ان ڳالهہ جي خبر مطلب علي ۽ فقير مهر علي کي پئي جيڪي ٻئي سرڪار جن وٽ پهتا ۽ مطلب فقير سرڪار جن کي عرض ڪيو تہ سرڪار! اسان وٽ هلي قرب جا قدم ڪٽي هلو. جنهن تي سرڪار جن مسڪرائي فرمائڻ لڳا تہ مطلب فقير اسان تہ توهان وٽ هلون پر مهر علي چوندو تہ اسان وٽ فقير سرڪار جن جي دعوت لاءِ نہ اَن نہ پيسو ۽ نہ ٿي وري سرڪار مالڪن جي سواريءَ يعني گهوڙي لاءِ ڪڙٻ جو گاهہ. تنهن تي مهر علي سرڪار جن جي قدمن ۾ اچي ڪري پيو تہ پاڻ فقير سرڪار جن مهر علي ڏانهن ڏسي ڪين فرمايو تہ ائين نہ مهر علي؟ تنهن تي مهرعلي جواب ۾ چيو تہ ائين نہ تہ پيو ڇا باقي رهايو!. فقير سرڪات جن مطلب فقير کي چيو تہ اسان توهان وٽ هلنداسين پر پنهنجي رضا مطابق ويهنداسين.

20 هي واقعو فقير سمر علي سردارن جي زبان مبارڪ مان صادر ٿيل آهي. پاڻ سرڪار جن ٻڌائن ٿا تہ گل حسن سامٽيہ جيڪو فقير پاڪ مهدي سرڪار جو طالب درويش هو. هي پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس پڻ هو. سندس طالبيءَ جو نالو وندرعلي هو. فقير پاڪ جن ڪيس سرائي چئي مخاطب ٿيندا هئا.

هن درويش کــي هراول " يعني پيٽ ۾ پاڻي پرجي وڃڻ جي ڪري پيٽ وڏو ٿي ويندو آهي ". جي بيماري هونـدي هـئي. هـڪ دفعـي ڪنهـن مٺخانـي تي فقيـر سـرڪار جن ڪنهن اهڙي جاءِ تان گـذريا جتي گاسـليٽ جو شيشـو پريل پيو هو ۽ اهو سرائي ٻه اتي ويٺل هو. پاڻ فقير سرڪار جن پڇيو ته هي ڇا آهي؟ سرائي عرض رکيو ته مالڪ هي گسليٽ جو شيشو آهي. پاڻ سرائي کي چيائون سرائي اهو پي ڇڏيو. پاڻ سرڪارجن ته ائين چئي اڳتي هليا ته سـرائي وندر علي نـه ڪئي هم نـه تم هڪدم هڪ ساهيءَ اهو شيشو پي شيشو اڇلايو ته ڪڙڪو ٿيو. پاڻ مالڪ پڇيو ته اهو ڪڙڪو ڇاجو ٿيو؟ ڪنهن ٻڌايو تـه سـرڪار اهو سـرائي وندر علي گاسـليٽ پي شيشـو اڇلايو. پاڻ فرمايائون اهو سرائيءِ ڇا ڪيو؟ اسان ته بس ائين چيو سون. ٿيو وري ائين جو سرائي وندر علي کي اڃي ايسال ٿيا ۽ سڄو ڏينهن پيٽان هلندو رهيو. ۽ پوءِ عمر ڀر لاءِ سرائي جو اهو درد دور ٿي ويو. هي هيو طالبن جو يقين ۽ عقيدو جيڪو ســـــندن دردن جو درمان بنجي پيو.

بسم الله الرحمن الرحيم

فقير پاڪ مهدي مولا جو فرمايل توحيد

ڪافي 1 (راڳ ڪو شڪ ڏني)

اڏيان اوتارو نہ آهہ آشيان، مظهر منهنجو مٿخانہ.

۱ اصل آشيانہ اهو منهنجو آهي،
جتي نالو ٻيو ڪو ناهي،
نيارو آهيان نيشان.

۲ راز رنگيني آهيان رنگ ۾،
عشق عجائب اصلي انگ ۾،
شاهي مستان شاميان.

۳ قائم قرب ڪلي تي قائم،
دم دم درسن دم آهہ دائم،
فرمودي فرقان.

۴ سير صفاتي آيس سانگي،
لاحد واري لنگهي لانگهي،
" مهدي " لي مهمان.

ڪافي 2

اونڌي ڪنڌ اداسي ، اسر ٿا اورين.

١ پايو منهن مونن ۾ ، سمرڙيون سورين.

٢ عدل ۽ انصاف جا، ويئا تر تورين.

٣ رندن واري راهه ۾، گهوريو سر گهورين.

٤ اندر باهر هڪڙو، پيو نه چپ چورين.

٥ " مهديءَ " جي ميلاپ لئي، ويئا ڏک ڏورين.

ڪافي 3

آءُ قرباني ٿيان تن ، جامو پهرايو جن،
موهي من مستان ڪيو، مرڪي محبوبن.

١ پهري پيش وازي ، ڪيون روح راضي،
برهه بيرنگ بازي، چيريون ٿيون چمڪن.

٢ نورا تنگي دار ، گهنگهرو ڪن گهڻڪار،
پاهين پيڙيدار ، بازون بند بدن،

٣ مُنڊيون مُنڊ هٿن ، خوشيءَ مان سي ڪٿن،
ڪنگڻ جون قطارون ٻانهن منجهه ٿهن.

٤ " مهديءَ " ساڻ ملن، ڪليو سي خوش ٿين،
ٻاهيون ٿيون ٻڙڪن ، اڳڻ محب اچن.

ڪافي 4

الله آهي پرواهه ناهي، قالو بلا ڏس قول ڪي ڪاهي.

١ انحد عشق الست اشارو ،
لاحد وارو لاهه به آهي.

٢ صحي سچائج سخن انهيءَ ڪي،
بيرنگ برهه بقاءُ به آهي.

٣ طالب توڪل پڻ توحيد ترهو،
وحدت ريءَ بي واهه به ناهي

٤ ظاهر زيب زماني
" مهدي " قائم قرب ڪلاهه به آهي.

ڪافي 5

آهيان عبديت جي اولي، ڳجهي ڳالھ لڌم ڳجھ ڳولي.

١ احديت آ اقـرار اسـانجـو
قـالـو بـلا واري قـولـي

٢ پاڻ سجاتم پاڻ کي ڄـاتم
ٻـولـڻ وارو تـو ٻـولـي

٣ صحي سجاتم ثابت سر کي،
پَئو پـجـي سـڀ پـولـي.

٤ مظهر ۾ الم نالو " مهدي "
خـيـال ڏنـم خـود کـولـي.

ڪافي 6

انهيءَ منهنجي ڳالهه سچيءَ تي، اوهان ڪيو ويساهه

١ اندر ٻاهر باطن ظاهر،
آهي پاڻ الله

٢ جيڏهن ڪيڏهون آهي اهوئي،
قول ڪلام الله

٣ الله طالب فقير جو آهي،
سر مٿون پير سماءِ

٤ مولا جا طالب مور نہ مڙندا،
تن کي ڪير ڪري گمراهہ.

٥ مظهر ۾ آهي " مهدي " ماهر
حيدر ڪرار همراهہ.

ڪافي 7

اهي آڏوتي الف پڙهن ، عاشقن بارڻ باريو،
وه واه جوڳي نـاٿ جـلـن.

١ چر چيراتي چيري ڪايا، الا چيپون برھ بچايا،
اهي معشوقن جي ماريا، منزل مدد رسن.

٢ اَلِ عشق ناڙ لاٿون لاتي ، مج محبت جو نوبت شاهي،
آئن چاڙهن پاڻ سپاهي ، بيا سڀ ورق وسارن.

٣ " مهدي " انهن گهر آيو، خوديءَ ڪي جن پاڻ جلايو،
پرين تن ڪي پاڻ پسايو ، اهي آڙھ منجھ اچن.

ڪافي 8

نقل ڪي وجي نام نفي ڪيو، اصل ٿيو اثبات

١ قلبي قرب قرارو قائم،
وحدت وائي وات،

٢ سريءَ سير سجاتم سارو،
مورت جي محلات،

٣ روحيءَ ۾ آهي رهبر رايو،
ڏسڻ واري ڏات،

٤ خفيءَ ۾ آهي خيال خماري،
ڪسڻ واري ڪات،

۵ اخفا جو آهي الٽ اشارو،
انحد واري اوقات،

٦ ظاهر باطن هادي " مهدي "
مولا واري مصلات،

ڪافي 9

بني هاشمي نور نرمل نرالي،
ڏيون اٺ قطار ان بيشڪ بخشڻ والي.

١ پنجان وچ جو پڌرا علي ء مرتضئ هي،
خيبر هڪ هڪل نال اٺايائين اڪيلي.

٢ حسن دي زهر دا. آکان ڪيا قهر دا.
حسينڻ حيدر دا. ڪٺا ڪلهه قبيلي.

٣ عابد دي بيماري، عاشق دي اظهاري،
هٿين اٺ مهاري ، سنبريا سفر سويلي.

٤ حقي حق چائين، پارهان ڪون سجائين،
مٺي جي موج مائين، مهديء واري ميلي.

ڪافي 10

بيقراري قرار، برهه ٻهادر لاءِ بهاري.

١ اڄ ڏٺي جي ڪر اثباتي،
ڏٺا سڀ وسار.

٢ هم اوست حال ڏٺا ڪايو ٻولڻ،
مٿئون مينگهه ملهار.

٣ دم ڪان سواءِ دم آ خالي،
لهه دم جي سرت سنيار.

٤ ڏپ ۽ ڏاڙ ڇڏيائين سڀ ڏاهي،
"مهدي" ٿيو مهدار.

ڪافي 11

ٻڌل آهيان ٻول ٻول ، پنهنجي محبوب سان

١ ڪالهہ ڪالهوٽي ويڙهل وچ ۾،
ڪري آيس قول قول.

٢ مڪ ميزان جي منصف وچ ۾،
محبت وارا ميل ميل

٣ ساعت توريءِ ڪان سري ٿي،
وٺي وجهان ڪيئن ويل ويل

٤ موج مدامي " مهديءَ " ميلي،
گهڙيءَ گهڙيءَ ٿيان گهول گهول

ڪافي 12

تنهنجي نام بنا پيو نہ نام وٺي،
تنهنجي محبت ۾ آهن مناڻ مٺي.

١ تنهنجي من ۾ محبت آهي منل،
تنهنجي قربن جا آهن ڪيئي ڪٺل.
تنهنجي مائن جا آهن ڪيئي مٺل،
آءَ ٿيل خريد آهيان ڳنڍل ڳٺي.

٢ تنهنجي من ۾ محبت آهي مدا،
تنهنجي سڪڙي سيني ۾ آهي سدا.
ڪڏهن ڪين ٿيندس تو ڪئون يار جدا،
تنهنجي پيل پڪي آهيان قرب ڪٺي.

٣ تون " مهدي " آهين مهندار منا،
تو ڪئون دم نہ ٿيان هڪ ڏار منا.
تو ڪئون وٺي نہ وجهان وڃڻ وار منا،
توريءَ سڏڙا سڪايل جا ڪير سُٺي.

ڪافي 13

پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس، پنهنجو آهيان پاڻ

۱ ڪير آهين ڪنهن ڪي تو ڳولين،
سڀ ڪجهه تو سان ساڻ .

۲ منصور واري مام تي محڪم،
ڪوھ ڪيڻون ڪنهن جي ڪاڻ.

۳ اهو انصاف عشق جو آهي ،
چوڏ طرف چانڊاڻ.

۴ مظهر م ٿي آيس " مهدي "
هر سان هڪ هڪاڻ.

ڪافي 14

پيالو پيتل هجي ، گهوڙو ڪو نتل هجي،
حسن هوتل هجي ، اتي ڪيچل نہ هجي.

١ سڀ هجن سالڪ سراس، پرت جي پيمان ۾،
پريين پل پل هجي ، وائي وصل نہ هجي.

٢ پٽ پٽيهر ڪيمخاب ، بوسڪيون بيشمار،
ڪٿو ڪتل هجي ، اتي ململ نہ هجي.

٣ سڀ سجن صوبا سدا، صاحب سلامت سربسر،
خنجر قاتل هجي ، اتي جهل جهل نہ هجي.

٤ پوء ٿين پڌرا پتا ، عشق جي انصاف جا،
" مهدي " محتل هجي ، اتي اٽڪل نہ هجي.

ڪافي 15

پر پيالو پريئن پياريو، پيئڻ سان پروان.

١ ڪوثر ڪيف ڪلالي قائم،
سـوريـ سـر سـلـطـان.

٢ ڏئيون جام جلالي جنگي،
مـانجهي پـي آيـا ميدان.

٣ سيني سير سچاتـم سـارو،
" مهـديءَ " جـي ميـخان.

ڪافي 16

پٽ پرت جا پيار يو، نشا نينهن جا چڙهيا،
ثابت سجود سر ڪي، نہ آر ہي اڙيا.

١ شوق جا شيشا شرابي، بره پيار يا بيحجابي،
ناٺگا پي ٿيا نايابي، لاحد ڏي لڙيا.

٢ ڪيفي ڪيف ڪلال تي، جذب جوش جلال تي،
وحدتي وصال تي، مانجهي ڪونہ مڙيا.

٣ ڪيفي ڪوزا ٿهر جا، ظاهر پيار يو زهر جا،
لاحد واري لهر جا، ٿابو ٿرب ۾ ڪڙيا.

٤ ڏني ساقيءِ سرڪ سوائي، عطا عشق ٿيو الاهي،
مولا "مهدي" سان ملائي مئي موج ۾ مڙهيا.

ڪافي 17

پنهنجي پاڪ پسير پيشاني،
لٿا خوف خطر خفقاني.

١ هڻ حجاب هليو ويو هڪدم،
نور رهيو نوراني.

٢ رنگ ڇڏي بيرنگ رهياسين
لاحد ۾ لاثاني

٣ ساهه صدق سر گهورڻ گهوريان،
"مهديءَ" اڳيان مهماني.

ڪافي 18

پنهنجو پاڻ سڃاڻين ، حق ڇاڻين.
تون سارو سبحان آ. پيو نہ گمان آ

ا آلِ انسان سري وانا سرهو،
ان تي اعتبار آڻين،

٢ وفي ان فسڪم واري فرمودي،
رمز رهبر جي رهاڻين،

٣ حال همہ ۾ هجڃان هر دم،
ٻي سڀ ڪرڙ ڪهاڻين

٤ حال حلاجي حڪم هلائي،
موج " مهديءَ " جي ماڻين.

ڪافي 19

جيڪي آهي هِتِ ، هُتِ ڇا هوندو
هِتان ڪٿي اڳتي الائي ڇا هلندو.؟!

١ هِتِ هُتِ الله ، ٻي ڪانهي ڪا واهه ،
صبر جهڙي صلاح ، انهيءَ راهه رسندو.

٢ جن ڏٺو هِتِ تن ڪي ڄتِ ڪِٿِ
وڃٿون ناهي وٿ، هڪو هڪ هوندو.

٣ هتٿون جو حال ، ڪر نہ ڪنهن کي سوال،
اتڪل ساڻ الله ، ڪڏهن ڪين ملندو.

٤ " مهدي " منهنجو امام، سجدو جنهن کي سلام.
گڏيائون هيءَ غلام ، وٺيون نال ويندو.

ڪافي 20

جاني جانب يار، دل ڪي دام وڏا تو.

١ مون کي ڪين وسارج، مولي،
سگهڙي لهج سنڀار.

٢ راتيون ڏينهان روح اندر ۾،
طلب اوهان جي تار.

٣ آءُ اڱڻ تي منهنجي سائين،
"مهدي" ٿي مهندار.

ڪافي 21

جيڏو شاهه مردان جو شان ڏنم،
ايڏو پئي نہ ڪنهن جو مان ڏنم.

۱ هيڪل هر دم ڪري هسواري، چوڪنڊين چوُ طرف چوڌاري،
نالو سندس آ ٽڙٻرواري ، ضعيفن جو زمان ڏنم.

۲ عاشقن ۾ عاشق اعليٰ ، بي سر بيخود بيشڪ بالا
ڪٿي مظهر ڪٿي مولا، هر جاءِ سندس آشيان ڏنم

۳ پنجن پارهن ۾ آهي پڌرو، چئن چوڏهن ۾ آهي چهرو،
جو نہ ڳايان مان سندس سهرو ، صوبن ۾ سلطان ڏنم.

۴ احد احمد انور ، " مهدي " محمد منور ،
ثابت سراسر سرور ، ساقي علي ء سبحان ڏنم.

ڪافي 22

چو ٿو پاڻ لڪائين ، ڇڏ عاشقن سان اٽڪل،
اٿئي طـالـبـن جـي تـوڪـل.

١ انـدر ويٺو آهين ، ڪيئن چـوان تـه نـاهـين ،
دم دم حڪم هلائين، واهه واهه وڻيا تنهنجا ول ڇل،

٢ عـاشـقـن انـدر ٻر ، ثـابـت ڪيـئي سـر ٻر
ظـاهـر زيـر نـه زبـر ٻر ،لـئـيـن راض سـان رلـمـل.

٣ ڪـل تـي آهـيـن قـادر ، ظـالـمـن تـي زابـر،
صابرن سان صابر، جـهـٽ پـٽ ڏکين ٿو جهل جهل

٤ اچي ڪيئي اظهـاري ، بـيـرنـگ بيڪ بـهـاري ،
مولا " مهدي "جي مهنداري ، ڀڳا پڙ مڙوئي پل پل.

ڪافي 23

چڙ ٿڳيءِ جا ناهه . آهين تون پاڻ الله.

١ ذات صفات سموري تنهنجي ،
رک نوري نظر نگاهه.

٢ مير جو مولهيو الٿي مٿي تي،
قائم قرب ڪلاهه.

٣ لا الا واري ڪر اثباتي،
ويس وجهه الله.

٤ وچ درياهه وحدت جي،
" مهدي " ٿيو آ ملاح.

ڪافي 24

حال حسيني حاضر ناظر،
حيدر جي همراهي، بي پرواهي

١ دم دم ديد در وني درسن ،
چشمن جي چٽائي، صاف صفائي.

٢ مانجهي مرد ميدان ۾ مرڪي ،
سورهيه آيا سپاهي ، اها ادائي.

٣ در دربان علي؏ ء جي دائم،
رهبر راز رسايئي ، تورو لايئي.

٤ اهي پلايون عشق جون پايان ،
" مهدي؏ ساڻ ملايئي، تو ڙ رسايئي.

ڪافي 25

دم ريڏا وتئون دم دم سان،
ڪار ناهيون ڪم ڪم سان.

١ نانگا نيارا آهيون نوري،
جوڙ ناهيون جم جم سان.

٢ عشق امر جا عاشق آهيون،
صورت واري ٿم ٿم سان.

٣ معرفت آهي ماڳ اسان جو،
حقيقي هم هم سان.

٤ " مهديء " واري مام تي محڪم،
گڏيل ناهيون غم غم سان.

ڪافي 26

ديد دروني پايون ، پيون نہ پايون،
جيڪي لکيل قرآن ۾، جملي جهان ۾ .

١ ڦَڏُ ڪُروني آڏُ ڪُرڪُڙ ڪي،
سيني منجهہ سمايون.

٢ وفي ان فسڪم واري فرمودي،
گيت اناالحق الايون.

٣ تار توحيدي هر جاء حق حق،
گهڻيءَ ڳليءَ ۾ ڳايون.

٤ موج " مهديءَ " جي محڪم ماھر،
ناتو نينهن نباهيون.

ڪافي 27

ڏس اهو جيڪو تو کي ڏسي ٿو،
پيا ڏسڻ کهڙا ڏسندين ڏسندين.

١ ڪول گهونگهٽ کي ٿي پٽ غازي ،
پرواني جيئن پچندين پچندين.

٢ سر تريءَ تي اڏي جي آڏو،
ڪات خنجر سان ڪسندين ڪسندين.

٣ پرجهي پيهي پس تون پاڻ ۾،
رمز انهيءَ سان رسندين رسندين.

٤ موج مهديءَ جي ڏس تون مائين ،
وحدت سان جڏهن وسندين وسندين.

ڪافي ٢٨

راءِ آيو پنهجي رعيت ۾،
ڪري راڄن ساڻ رهاڻيون.

١ صدقي صدقي يار سڄڻ تان ،
مال مڏيون مهمانيون.

٢ ڪونسل ڪورٽ قرب ڪمائي،
هر سان هڪ هڪائيون.

٣ ظاهر باطن هادي " مهدي "
موج مدامي مائيون.

ڪافي 29

سڌو پنڌ صورت جو، پيون واٽون ڪل ور،
ڏورين ڇو ڏونگر.

١ مال مڏيـون محبوب تان ،
گهـوري گهمـائج گهر.

٢ لاهـي ڏيـج لڳـن تـان ،
مـاس هـڏن جـو ڳـر.

٣ لاهـي لاڳـاپـا لـوڪ جـا،
صـدقـي ڪـجانءِ سـر.

٤ زهـد عـبـادت زاريـون،
ڪـريـن ڇـو هـر هـر.

٥ محڪم رهه انهيءَ موج ۾،
" مـهـديءَ " سان ماهـر.

ڪافي ٣٠

سـر جـو سـانـگـو لاهه،
پلي پوءِ عشق کي هٿڙو لاءِ.

١ اول لاهـج سـر جـو سـانـگو ،
گـوڙ گـلا جـو پـائـج گـهـانـگهو.
ڪـڏي ڪـڏي ڪـنـڌ ڪـپـاءِ.

٢ منصور مرڻ کان مور نـه مڙيو،
سير سوريءَ تي ساجهر چڙهيو،
انـــا الحـــق الاءِ.

٣ ڪار قتل کان ڪنڌ نه ڪيائج،
ڪربـل وارو قـرب ڪـمائـج،
اِتـــي اڪ اتـــڪـــاءِ

٤ ڇڏي غـلامـي ٿـي تـون غـازي،
رمز رنديءَ ۾ رهه تـون راضـي،
مـــهـــدي مَـــنِ مـــلاءِ

ڪافي 31

ساقيءَ سارو سُرُ سمجهايو،
گيت انا الحق ڳائڻ جو

١ دم دم درسن ڪر ويٺو دم جو،
چشمن چوٽ چلائڻ جو.

٢ هڪدم حال حلاج هلائي،
سوريءَ سِرُ سلائڻ جو.

٣ منصوري معراج ماڻائي،
آنا آن الائڻ جو.

٤ عشق اچڻ سان حڪم هلايو،
"مهديءَ" جي ملائڻ جو.

ڪافي 32

سوگهو ساهه ٿي ويو منهنجو تو سان صنم.
مونکان نٿو وسري تنهنجو اسم جسم.

١ لکيو لوح قلم ۾ لکجي ويو ، اهو انگ الستي رکجي ويو.
آهي سر تہ اوهان جي جو يار قسم.

٢ پيوند پيچ پريت جو پئجي ويو، قابو قرب ڪڙي ۾ ڪڙجي ويو.
جو نہ لاهي لگن تان ڏيان هي لحم.

٣ صنم ساهه سدا تو ڪي ساري ٿو ، گهڙي دم نہ يار وساري ٿو.
مونکئون وسري ويو آ پيو ڪلٺي وهم.

٤ اها موج مدامي ماٺين تون، وري طرف نہ ٺئي ڪنهن تاٺين تون.
انهيءَ نام " مهدي " واري هج محڪم.

ڪافي 33

سيئي پڳيون سين حدون ،
ڪاهي پيا آهيون قصور ۾ .

١ انهيءَ قصور ۾ پيا آهيون ڪاهي، جو قصور منصور مارائي.
اجان بہ سورن جون سَڏون ، هر دم آهيون حضور ۾ .

٢ ڪٿي عاشق آهيون عذابي ، ڪٿي صوفي صاف ثوابي ،
ڪٿي برابر بدون ، آهيون نسوري نور ۾ .

٣ حد لاحد کان لنگهي اڳاهون ، پوءِ وري ڪهڙا پنڌ پڇايون ،
صورت واريون سڏون ، گهايل آهيون گهور ۾ .

٤ ڪٿي احدي ڪٿي احمد ، ڪٿي مهدي ڪٿي محمد،
مٿي پيون لا مدون ، پل پل آهيون پور ۾ .

ڪافي 34

شاهه نور ڏنم نروارا، سنئيم سانگ سري دا سارا

١ پتلا بنائي خاڪي، الان آڻ ٿياهي اوطاقي،
چشما دا چمڪار.

٢ رنگ محل دي رائي، پرين پنهنجو پاڻ پسائي،
اهي آهن عشق جا آرا.

٣ "مهدي" مهندار امام مڪائون، ٻئي جو اهڙو شان نه ڪيائون،
آيا ٿي تہ اڇارا.

ڪافي 35

صورت سر ڪي سوُ سوُ سجدو
ڪهڙو اسان جو ڪعبي ڪم.

١ صورت صاف سڄاتم سهڻي، مير ملي آ مورت مهڻي،
درســن آهــي دائم دم.

٢ تن طواف ڪرن ٿا طالب، وحدت ورد وجودي واجب،
اور انـــدر م الـف اسـم.

٣ ڪعبو قدسي آهي اندر ۾، سهي سڃاتم ثابت سر ۾،
عـشق الاهـي آهـي عُظم.

٤ عشق امام مَهدي ٿي آيو، جنهن هُو جو هوڪو هل هلايو،
غازن ڪي وري ڪهڙو غم.

ڪافي 36

طلب طمع کي طالب ترڪن ، وحدت واري واھ سان،
ويساه سان.

١ ڀوڙي ڀائڙ ڀيائي ڀاري ، لاحد واري لاھ سان،
ويساه سان.

٢ ڪريل ڪوڪ ڪنائي قائر، قرب قتل واري ڪاھ سان،
ويساه سان.

٣ هڪدم حال حلاج هلائي ، رهبر واري راه سان،
ويساه سان.

٤ پيوند پيچ پريت جو پائي " مهدي " مورت ماھ سان،
ويساه سان.

ڪافي 37

عاشق ٿـي تہ اسير ، آيو عشق امير،
پڙهي فرض فنا جو ، فالم ٿي تہ فقير.

١ عـشـق آهي عالم ، سبـق ڏئـي سالم،
منجهئون منجهہ معلم ، آهي پاڻ اڪسير.

٢ عشق آهي امل ، جنهن جو ناهي ڪو ملهہ،
سر جو سودو سل، ثابت ٿـي سير.

٣ عشق جنهن سر آئي، رنگ تنهن سر لائي ،
نالو ذات ڇاهي ، سيد هجي تـوڙي پـير.

٤ " مهدي " محمد هڪ، لاهي ڇڏيائين شڪ،
ڏئـي دئيءَ کي ڏڪ، پياري شراب ۽ شير.

ڪافي 38

عاشقن اثبات ڪيو، آهي ، امانت ڪنهن ڪنهن،
ثابت صورت سير جي ، آهي سلامت ڪنهن ڪنهن.

١ زاهد زماني ۾ ٿيا قيدي ڪروڙين ڪيترا،
هن حقيقت حال جي، آهي هدايت ڪنهن ڪنهن.

٢ سير ساري ڪي ڪندا، صادق سراسر ڪي سهي،
انحدي اقرار جي ، آهي عنايت ڪنهن ڪنهن.

٣ الله ڪي اثبات ڪيو ، اصل ڪان عاشقن ،
وحدتي ويساهه جي ،آهي ولايت ڪنهن ڪنهن.

٤ نور ڪي نروار ڪيو ، نانگن نظاري نام سان،
مهدي ۽ مهندار جي ،آهي ملاوت ڪنهن ڪنهن.

ڪافي 39

عشق آندوآهي أتي ، اصل واري آشيان تي

١ عشق آشيان ڏيکاريو اصلي، واھ ويراڳ وٺيو آ وصلي،
پنهنجو پاڻ ۾ پتي.

٢ عشق جي منزل عاشق چاڙن ، سر سهائي سير سجاڻن،
راض رهبر جي رتي.

٣ مٺي محبت موج مچائي ، وحدت ڪثرت ڪل وڃائي،
" مهدي " ميلي متي.

ڪافي 40

فنا بقا جو سير ڪيوسي،
لاشڪ ٿي لاثاني گوهر گياني

١ اصلي ذات الاهي آهين ، اولو ٿئي انساني.

٢ چوڏهن طبق تماشو تنهن جو ، تون آن شاهه شاهاني.

٣ ستين عرش عظيم ڪان اڳتي ، عاشق ٿيو آشياني.

٤ مَظهر ٿي آيس " مهدي " صوفي صاف سيلاني.

ڪافي 41

گهرو ويس گلابي غازن،
پرت منجهارون پهريو آ.

١ امر اڏيءِ تي آيا امالڪ،
صوفن ڳايو سهرو آ.

٢ مردن پنهنجو حق سڃاتو،
چشمن سان ٿيو چهرو آ.

٣ مردن ميدان ملهايو " مهدي "،
نينهن نباهيو نهرو آ.

ڪافي 42

گهوري وڃان مان گهوري، آءُ پيارل اوري.

۱ ويهان ڪيئن ويڙهن ۾،
ٿر چڙهيس تنهنجي ٿوري،

۲ ڪاٿڻ ڏيان خوشيءَ مان،
ماس هڏن جو ڪوري.

۳ " مهدي " ماڳ مارن جو،
الله ڪندو شل اوري.

ڪافي 43

" لاّ " تي لاحد لڪ لڪاير ،
عشق ڪري اظهاري ، حق حقداري

١ حد لاحد جو مالڪ آهيان ، سورهيه سر سرداري خيال خماري.

٢ جذب منجهارون جامون پاتم ، جيڏن ۾ جنساري ، حال هزاري.

٣ ڪربل ڪاهي قدم ڪڏائي ، آيس ٿي اختياري ، قول قراري.

٤ نيهي ناتو نينهن نباهي، " مهديءَ " جي مهنداري، مٺي مختياري.

ڪافي 44

مسافر هن ماڳ توڻ، پلي ويا پنهنجو پاڻ

١ وجي وسايوڻ ويراڳ ڪي، وصل وارو وٿاڻ.

٢ ساري نہ نيائون ساٿ سان، ڇڏي ويا ڇاڪاڻ.

٣ راتيون ڏينهان روح پر، روئڻ ڏئي ويا رهاڻ.

٤ " مهدي "مون مسڪين سان سدا سيد ساڻ.

ڪافي 45

مرڻ جيئڻ وس منهنجي ، قضا ڪي ڪهڙي قدرت.
وسري وئي وحدت.

۱ مو تو لئي ڏٺم موت ڪي ، انت موتو آيت.

۲ سر ڏنو سين سڪ مان ، سامهون ڪري صورت.

۳ پرجهي ڏٺم پاڻ ۾ ، آڏو نہ عبرت.

۴ ظاهر ڪيم ذات ۾ "مهديءَ" جي مورت.

ڪافي 46

محب منا مونسان ڪر نہ تون ماٺان ،اڄ اندر ۾ اوطاق.

۱ حجت هر گز ڪانہ هلي ٿي ، مهر پوئي من ماڪ.

۲ جيئري جانب ڪر نہ جدائي ، ماريو ٿا مشتاق.

۳ ڪر ڪوهيارل ڳوپ ڳنيڻ جو،وڪ نہ پوي هڪ واڪ.

۴ ساهہ سيلاني ساري " مهدي "پاڻ پسائج پاڪ.

ڪافي 47

مون تہ منهنجو قوت،
طلب تہ پئي ڪنهن طعام جي ناهي.

١ مون ماري مات ڪئيسون،
هڪل هڪ هاهوت.

٢ مون مارڻ مان هٿ چا آيئي،
مليو ملڪ ملڪوت.

٣ مون ماري ٿيا سون ماهر،
نظر رک ناسوت.

٤ " مظهر " پر آهي مهدي ماهر،
لنگهي ويو لاهوت.

ڪافي 48

ماندو مفت مران ٿي،
موٽج منهنجا يار.

١ سنڌن سور پرايس،
واڪا ڪن ٿا وار.

٢ ڏڏ ڏنارن ڇيڙيا،
پرڃن شال پنهوار.

٣ سنجهي سات سنبيريائون،
اها پاڙيچن هئي پچار.

٤ " مهدي " مون مسڪين جي،
سيد لهہ تون سنڀار.

ڪافي 49

نينهن پڙهائي نماز ،
وقت واجب ويا ڪل وسري.

١ پنجئي وقت پڙهياسي پورا ، نابودي ۽ نياز.
گوڏا گسن تي پيا آهن گسري.

٢ نظر نور نظاري نيهي ، فرض نڪي فياض.
عشق الاهي آيو اسري.

٣ مام انهيءَ تي محڪم ماهر ، الستي آواز.
نسنگ نانگا ٿيا آهيون نسري.

٤ موج "مهديءَ" جي ماڻج محڪم ، صورت واري ساز.
يڪا ياڪي آهيون يار يُسري.

ڪافي 50

نام مولا جو ڪيم وسار، هر دم بندا رهه هوشيار.

١ صورت سهڻل جي رگ تون سيني ، قائم قرب قرار.

٢ دم دم درسن ڪر ويٺو دم، جو اندر پنهنجو يار اجار.

٣ وٺج وهائج يار نہ بيو ڪو ، وحدت جو ڪر واپار.

٤ آخر اميدون عشق پڄايون، " مهدي " مرسل هٿ مهار.

ڪافي 51

هر صورت ڏانهن يار جدائي،
عشق ڪرائي آ.

١ ريهه ڪجل جي رنگي رائي،
گهڻي گهڻي ته گهمائي آ.

٢ لعل لبان تي لالي لاحد ،
سوري، سر سنبائي آ.

٣ پياس پيارل جي ڪيو آ پڌرو،
" مهدي، " موج مچائي آ.

ڪافي 52

حجت حسن سان ناهي چڱي،
هر ڪو بيهي پري پڇي.

١ حجت حسن سان جن ڪئي ، تن وڃائي ويهي وهي ،
انهيءَ ريجهه ۾ ويڙا رهي، تن ڪان سرت وٺي ساري سڄي.

٢ حجت جو جن هلاءِ ڪيو ، اثبات تن نه الله ڪيو ،
تن ڪفر جو ڪلاهه ڪيو، سي لاڪ ۾ ليڙا لچي.

٣ عاشقن انصاف آ ، صورت سر ڪي طواف آ ،
وٺي وحدت وارو واس آ، نه تنه خان ويا ڪيٿي ڪڇي.

٤ " مهدي " اسان جو امام آ ، سجدو جنهن کي سلام آ،
قائم اهوئي ڪلام آ ، وياسين راز رهبر جي رچي.

ڪافي 53

عشق الاهي ڪيو احسان ، ڪونہ پڙهيو سين ڪلمو قرآن.

١ ساقيءَ سارو سُر سمجهايو، سجدو صورت سِر سبحان.

٢ لااللہ وارا لتا لاڳاپا، الا اللہ واري آهيو ايوان.

٣ مسجد مندر حق هيڪڙائي ، لاهي ڇڏيائين شڪ گمان.

٤ ذڪر فڪر جي ڪلاڙي نہ ڪائي، " مهديءَ " واري آهيو ميدان.

ڪافي 54

عشق وارن کي عشق ريءِ آرام نـاهي،
قرب وارن کي قرب ريءِ ٻيو ڪام ناهي.

١ موهيا وتن مخمور ، ٿيا . مسـتان مخفي ،
طالـبـن کي طلب ريءِ "، ٻيو طعام ناهي.

٢ نـامور نـاميان ، نـفي، نـيزي نظر ٿيـا ،
نينهن وارن کي ، نينهن ريءِ ٻيو نام ناهي.

٣ " مهدي " و مهندار مظهر ، مٺي مندر ۾ ،
گر سجـاڻن ، گـفتـگو ٿـي عـام نـاهي.

ڪافي 55

آيو عشق مولا ، لڪين لائق پانيان ،
سبب ڪهڙي سرتيون ، لوڪ ڪان لڪايان.

١ هٿن ۾ هزارين ڳچيءَ ڳل مون ڳانا،
اها چير سورن جي ، پيرن مون نہ لاهيان.

٢ مسرور ڪيو آ اوهان يار حبيبن ،
اهو ڏاج ڏکڙن ، برهہ برند پانيان.

٣ بيدل کي بچايو برهہ يار باري ،
تنهن کي ڪيو مان ڪچ ۾ ويٺو ورهہ وسايان.

....

(مذڪوره ڪلام فقير پاڪ "مهدي مولا" جو آهي. ليڪن ناتو بيدل فقير جن جو آهي. جيڪو مالڪن پاڻ ڪلام ۾ رچايو آهي)

ڪافي 56

عشق الله ريءُ عمر اجائي ، ويهي وقت واجايئي ،
هٿ ڇا آيئي.

١ نينهن نماز ڪان ٿيئڙين نابر،
پنهن جو پاڻ پڏايئي هٿ ڇا آيئي.

٢ فرض فنا ڪان ٿيئڙين فارغ ،
ٻوڙيئي ڪين ٻيائي، هٿ ڇا آيئي.

٣ مٿي مهتاب علي مستانو چوي ،
سچو سخن سڻايئي، هٿ ڇا آيئي.

(هي مٿيون ڪلام فقير پاڪ " مهدي مولا " جن جو آهي. پر نالو مهتاب علي جن جو آهي ، جيڪو فقير مالڪن جو طالب درويش هو، جيڪو ذات جو وڳڻ آهي)

جهانيہ خاندان جا شاعر

جهانيہ خاندان جا اهي افراد جيڪي فقير شهنشاهہ مهدي امام آخري زمان جن جا دست بعيت بہ آهن ۽ شاعر بہ آهن ۽ ٻيا وري خاندان جا اهي افراد جيڪي شاعر تہ آهن پر طلبيت ۾ نہ آهن ۽ ٽيان وري خاندان جهانيہ جا اهي افراد جيڪي فقير شهنشاهہ مهدي امام جي طالبن جا طالب آهن ۽ شاعر بہ آهن.

شرعي نالو	طريقت جو نالو	مطلوب
مخدوم سيد علي جهانيہ	شير علي	فقير پاڪ مهدي مولا
مخدوم علي رضا جهانيہ	معراج علي	فقير پاڪ مهدي مولا
مخدوم علي نواز جهانيہ	باقر علي	فقير پاڪ مهدي مولا
سيد غلام سرور	امير علي	فقير پاڪ مهدي مولا
مخدوم سيد ڪامل شاهہ	قوت علي	فقير پاڪ مهدي مولا
مخدوم مختيار حسين جهانيہ	مهتاب علي	فقير پاڪ مهدي مولا
مخدوم مقبول حسين جهانيہ	————	طالب نہ آهن
مخدوم مقصود علي جهانيہ	مقصود علي	فقير پاڪ مهدي مولا
مخدوم ضمير حسين جهانيہ	وزير علي	فقير پاڪ مهدي مولا
ڊاڪٽر عاشق علي جهانيہ	عاشق علي	فقير معراج علي رضا جهانيہ

فقير پاڪ مهدي امام جا خاندان کان ٻاهر طالب درويش جيڪي شاعر آهن

شرعي نالو	طريقت جو نالو
مظهر علي لاکو	نور علي
وڏيرو ساڪن انڙ	ويساهہ علي
اميد علي ميرائي	منظور علي
محمد علي ميرائي	نياز علي " اڪٽ "
الله آندو " آندل " ملاح	عاشق علي
عبدالفتاح لاکو	نظر علي " ٻاشو "
اشرف علي شاهاڻي	منصور علي
چاندو مل ساڌاڻي	پروانو
جان محمد " جاني " چن	صادق علي
عطا محمد شاهاڻي	فراق علي
محمد صديق گلال	صادق علي

سيد شير علي مخدوم جهانيه جا طالب درويش جيڪي شاعر آهن

شرعي نالو	طريقت جو نالو
علي بخش لغاري (بجراڻي)	اثبات علي
لعل بخش لغاري (بجراڻي)	اقرار علي
عبدالله خان " بابا عبدالله پنجابي "	عبد علي
سلطان علي لغاري (بجراڻي)	سبحان علي
غلام الرسول لانگاهه	غلام علي غازي
زوار محمد حسن لانگاهه	نيشان علي

سيد معراج علي مخدوم جهانيه جا طالب درويش جيڪي شاعر آهن

شرعي نالو	طريقت جو نالو
بشير احمد انڙ	برسات علي
پيرل اوٺو	جانب علي
ميهر پيلاڙ	مهر علي
نياز حسين منگنيجو	نياز علي
بخش علي پيلاڙ	بخش علي

سيد علي نواز " نواز " مخدوم جهانيه جا طالب درويش جيڪي شاعر آهن

شرعي نالو	طريقت جو نالو
ڪرڙل ملاح	باغ علي

فقير سمر علي مخدوم جهانيه جا طالب درويش جيڪي شاعر آهن

شرعي نالو	طريقت جو نالو
بشير احمد منگلهار	منثار علي
علي ڏنو منگلهار	نصيب علي
مشتاق علي راڄپر	مشتاق علي
ولي محمد سهتو	ولايت علي
بشير احمد چنڊ	بهادر علي
علي گل خاصخيلي	انصاف علي
محمد صالح تنيه	صحبت علي
سيد حسين شاهه	صحبت علي
عبدالرحمان کهڙو	اطهر علي

جانڻ فقير جا طالب درويش جيڪي شاعر آهن

شرعي نالو	طريقت جو نالو
الهه اوباهيو جرڳي	دربان علي

شريعت جو نالو: سيد علي جهانيه ولد سيد هادي بخش جهانيه
ساڪن: شاهپور جهانيه تعلقه دولتپور صفن ضلعه نوابشاهه
طريقت جو نالو:فقير شير علي سائين
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمانه

ڪافي 1

تلهه: درد دلبر جي ڪيا، عاشق اسير نوان نوان،
مست ڪيئي مجذوب ٿيا، قالم فقير نوان نوان،

١ قالو بلا جي قول جا، قائل قديمي ڪيترا،
نينهن جي نروار ڪيا ، ناصح نصير نوان نوان،

٢ ناز سان جڏهن نهاريو، نظر شفقت جي ڪئي،
رمز جي رائيفل هنيان، تفنگ تير نوان نوان،

٣ همه از اوست جا صاحب، سلامت سربسر،
ڪامل ڪرامت جا ڏٺي، ڪاتب ڪثير نوان نوان،

٤ جلوه پسي يار جو، شيرؔ عليؔ شائق ٿيو،
عشق اعليٰ ڪيا عليءِ جي، عالم اڪسير نوان نوان،

ڪافي 2

ٿلهه: ڇيريان والا ميڏا سائين،
ڳل لائين سانون ڇوڙ نہ جاوين.

١ مين هون عاشق عشق تيڏي دا، تئين بن ميڏي ڪوئي نهين سڪدا،
نال اسان ڏي نپاوين.

٢ روز ازل ڪنون نينهڙا جو لڳڙا، جان جسم وچ پئہ ڳيا جهڳڙا،
بات برهہ دي بتاوين.

٣ اول آخر باطن ظاهر ، موج مدامي محڪم ماهر،
رهبر راض رساوين.

٤ شير علي هي طالب تيڏا ، تون هين ساقي ساغر ميڏا،
مهدي موج مچاوين.

ڪافي 3

ٿلهه: آءُ پياسي آهيان تنهنجو،
ڪر قرب ڪو هيارل پنهنجو.

١ مون کي عشق تنهنجو آ ذاتي ، اصلئون ڪين صفاتي،
ڏس پاتي دروني جهاتي ، جيءَ جوش جاڳيو آ جنهن جو.

٢ تنهنجي گهورن دل کي گهايو، تنهنجي نيڻن نئون رنگ لايو،
وتان عشق جي ڪنني پايو، توريءَ ساهه سيکي ٿو منهنجو.

٣ شيَر علي آ شافي ، ڪندو مشڪل مولا معافي،
آهي در ڏٺيءَ جو ڪافي ، سرت وارن لاءِ سهنجو.

شريعت جو نالو: سيد علي رضا جهانيہ ولد سيد هادي بخش جهانيہ
ساڪن: اصل شاهپور جهانيہ بعد ۾ درگاهہ مانڌر
تعلقہ صوبوديرو ضلعو خيرپور.
طريقت جو نالو: فقير معراج علي جهانيہ
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان

ڪافي 1

تلهہ: پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ سڃاڻ،
طرف نہ هٿي ڪنهن تاڻ.

١ الانسان سري وَ انا سره،
چاڻ اهوئي چاڻ.

٢ وفي انفسڪم واري فرمودي ،
اهو اٿئي اهڃاڻ.

٣ مو ڪي واريءِ مام تي محڪم.
موج مدامي ماڻ.

٤ صوفي رمز رنديءَ ۾ را هڪ ،
ڪڍن نہ ڪنهن جي ڪاڻ.

٥ راضي راز علئي رضا تي ،
سيد سدائين ساڻ.

ڪافي 2

ٿلهه: اجايو ويهي وقت نہ وڃاءِ،
دم ســان ســرت لــڳــاءِ،

١ ڪثرت وارا ڪوڙ پڃي ڪل،
قلبــي قــرب ڪماءِ،

٢ اڪـر الــف جــو اور انـدر ۾،
روحـــي رمـــز رلاءِ،

٣ دم دمـــي ڏس دم ۾ دلــبــر،
ديــد درونـــي پــاءِ،

٤ ونحــن اقــرب واعدو وصــلي،
صورت منجهه سماءِ،

٥ مسيــحا مــرشد مَعَراج عليؒ،
مهــدي مَــنِ مــلاءِ،

شريعت جو نالو سيد علينواز جهانيہ ولد سيد ڏني بخش جهانيہ
ساڪن؛ شاهپور جهانيہ تعلقہ دولتپور ضلعو نواب شاهہ
طريقت جو نالو؛ سيد باقر علي جهانيہ
طالب؛ فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان.

ڪافي 1

ٿلهہ: ديد دلبر جي ڪيا ، عاشق اسير نوان نوان.
ڏسڻ سان ڏنگجي ويا ، ناطق نصير نوان نوان.

۱ زلف جي زنجير ۾ ٿيا قيد ڪاڪل جي ڪڙي،
مک روشن مهتاب جي ڪيا مست مير نوان نوان.

۲ نين نرگس ناز نتڪي ٿي نهوڙيا نامور،
ڏرن ٿا ڦير يدار جان فالم فقير نوان نوان.

۳ حسن تنهنجي ۾ هزارين ديوانہ داناءَ ڪيترا،
انهي رمز جي رائيفل هنيا تفنگ تير نوان نوان.

۴ دلربا جي درد جو نَوَاز ناصح ناهہ ڪو،
برهہ جي بازيءَ ڪيا ، بيحد بسير نوان نوان.

ڪافي 2

ٿلهه: اصل مين عشق دا پياسي، ٿيا ثابت سٺيندي هون،
نسنگ نروار ٿي ناطق، چشم چالا چلندي هون.

١ ڪري صورت والي سازي ٿيا قبل ترڪ ماضي،
برهه بيچون دي بازي، انا انفس اليندي هون.

٢ ڏٺا هرڪا حقي حق دا، پيا پتا پڪا پڪ دا،
لٿا شاهي شرڪ شڪ دا، سخن سهڻا سٺيندي هون.

٣ پسن دي پيچ مين پائي، نظارو نينهن سان لائي،
رقص رنگ روپ ۾ ڳائي، منڊر ميدان ملهيندي هون.

٤ نَوَاز ناٿ ٿي نيهي، پسيو هي پاڻ ۾ پيهي،
ڪران مين ڳالهه ٻي ڪيهي، عدم الٽا اڏيندي هون.

ڪافي 3

عشق نئو ڏٺي آرام، سڪ سڄڻ تنهنجي سڪ ڦٽايو.

١ هرهر حملا حسن تنهنجي جا ، دل کي وجهن ٿا دام،
محب مٺا تنهنجي محبت ماريو.

٢ باھ برھ جي ڀڙڪا ڏئي ٿي ، ألا اٿن ٿا عام،
جان جگر ۽ جيرو جلايو.

٣ چال چشمن جي الٽي اوپڙي ، تير لڳن ٿا تمام،
سيڪيل دل کي سورن ساڙيو.

٤ نينهن نوّاز کي نينڍڙي لاڪرن ، جهڙپ ڏني آھ جهام،
طلب اوهان جي تورڙئون تايو.

ڪافي 4

ٿلهه: سير صنم دا ڏٺم سراس، نور نظر نيشان،

١ پسيم پر جهيم پاڻ ۾ پيهي ،دور ڪئي سين دئيءَ جي ديهي،
ثابت ٿيو سبحان،

٢ دائم درشن دم هي دلبر، راز رموزي رلائي رهبر،
پرت واري پيمان،

٣ نَواز ناتو نينهن نيائي، قربشون ڪاهي قدم ڪڏائي،
امر واري ايوان،

ڪافي 5

ساعت سچڻ بنا، منهنجي ڪانه سري،
وڃ منهڙو ڏيکاري ، قرب ڪري.

١ تولڻ واتون اڳڻ بهاريان مون، ڪرڙين ڪانگ ڪبوتر اڏايان مون،
پرين پل پل روز پچايان مون ، هن ياريءَ جو دلبر ڏيان ڏري.

٢ توتان صدقي سر هي مان ڪيان ، توسان حاڪم دل جو حال ڪيان،
ڪنهن وقت وچوڙي جو وصال ڪيان، مانڊي محب ملڻ لڻ يار مري.

٣ نَواز نالي انهن جي آهيان مون، قدم ڪيچ ڪو هياري ڏي ڪاهيان مون،
سائن سگ، نہ سياپو ساهيان مون ، ويندس پاڻ پرت وارا پير ڪري.

ڪافي 6

ٿلهه: ختم النبي سر سڏاوڻ تان صدقي،
اسامت علي اول آوڻ تان صدقي.

١ حسن تي حسينڻ هي هادي حمايت،
زين العابدين، باقر، بناوڻ تان صدقي.

٢ جعفر آ جلوي ، موسيٰ محب منور،
علي رضا هي انور الاوڻ تان صدقي.

٣ تقي ۽ نقي نام هن سردار سرور،
عسڪر موج مهدي پاوڻ تان صدقي.

٤ رقص راڳ رندي ربوبي رموزي،
چنگ چال چلپل چلاوڻ تان صدقي.

٥ مدامي محبت ۾ عاشق اويسي،
نَواز نينهن ناتي نياوڻ تان صدقي.

شريعت جو نالو: غلام سرور ولد سيد علي نواز " نواز " جهانيہ
طريقت جو نالو: امير علي جهانيہ
ساڪن: شاهپور جهانيہ ضلعو نواب شاهہ
طالب: فقير پاڪ مهدي مولا
سندن صرف هڪ غزل هٿ آيو آهي اسان کي.

غزل 1

ٿلهہ: هينئن سور ڏئي سهٺا صنم، ڇو ٿا ستايو،
ماري وري ٿا جياريو، جياري، وري ٿا ماريو.

١ سالن جي آهي سڪ ، اڃان پل بہ نہ گذريو،
جلديءَ ۾ اهڙي وائي ، وڃڻ جي نہ واريو.

٢ گڏ ساڻ ويهاري گوڏي، پوءِ آ نقاب ڇا لئي؟
رخ تان وصل جي وقت ۾ ، زلفن کي هٽايو.

٣ اهڙي ڪڏهن محفل ، لئي يا نہ لئي نصيب ،
پر جام ڪري يار ، هٿن ساڻ پياريو.

٤ آهي هيءَ التجا اچ ، خطائن جي باوجود ،
" سرور " کي سڏي سڪ سان ، وري نينهن نيايو.

شريعت جو نالو: سيد ڪامل شاهہ ثالث مخدوم جهانيان
ولد سيد هادي بخش جهانيہ (سجاده نشين درگاهہ شاهپور جهانيہ)
طلبيت جو نالو: قوت علي (تخلص) "مسافر"
دست بيعت: فقير شهنشاهہ مهدي امام آخري زمان مخدوم جهانيہ
ساڪن: درگاهہ شريف مانڌر تعلقہ سوڀوديرو ضلع خيرپور (ميرس)

ڪافي 1

تلهہ: جيڏيون شال ملي جتن سان ، ڏيندس پنهل کي ميار.

١ ڪين هـڏايائـون آڏيءَ اُلـي ويا ، ڪَـانَ لـڏائـون سـار.

٢ ويندس پـويـان پـاڻ پريـنءَ جـي ، پڇـندي اُنـن جا پار.

٣ بس اي "مسَافر" ماڳ انهيءَ ڪٿون ، ڏاري ڪري ويا ڏار.

غزل 1

ٿلهه: اڄ جاني جياري وچ ، مري ويندس ته ڇا ملندئي،
مٺا منهنجو ڏيکاري وچ، مري ويندس ته ڇا ملندئي.

١ لڳو جو تير نظرن جو ، بسٽ باهر ٿيو سيني مان،
ڦٿيل دل کي اٿاري وچ ، مري ويندس ته ڇا ملندئي.

٢ جيئڻ منهنجو آ هٿ تنهنجي، مٺا مرڪي ملڻ تنهنجو،
منهنجي دل کي ڏٺاري وچ ، مري ويندس ته ڇا ملندئي.

٣ اڄ ڏي جام تون هٿ سان ، جنهن ۾ سرڪ آ سڪ جي،
اها سرڪي پياري وچ ، مري ويندس ته ڇا ملندئي.

٤ رهيس ٿي ملڪ تنهنجي ۾ ، مٺا آهيان "مسافر" مان،
گهڙيون گڏ کي گذاري وچ ، مري ويندس ته ڇا ملندئي.

غزل 2

ٿلهه: ناز تنهنجي ناز وارا ، ناز سان نانگو ڪيو،
پيرُ ڏنم توکي سڄڻ ، مون سڀ ڦٽو سانگو ڪيو.

١ تنهنجو جڏهن جلوو ڏٺم، وئين دل ڦري تون دلربا،
مل اچي مون سان مٺا، ڏاڍو ورهه آرانگو ڪيو.

٢ ڏينهن ڏکڙن جا گذاريان ، سهڻا سائين توکي ساريان،
روز هنجهڙئون پيو ٿو هاريان، اچي ورهه ڪان واندو ڪيو.

٣ تير نظرن جا هنيا تو ، سيني مان وياسي پار ٿي،
ڪر اچي دلبر دوا ، ڏاڍو محب تو ماندو ڪيو.

٤ ڪر مسافر سان مٺا اچي ، ڪرم پنهنجي قرب جو،
برهه جو ڏاڍو بار هو، ويتر هجر هيڪاندو ڪيو.

غزل 3

ٿلهہ: وچ پلي تون ناز وارا ، هڪ دفعہ هيڏي تہ ڏس،
هيٺا ڏسي هي حال منهنجا ، من پوي توکي ترس.

۱ تو سوا هيءَ زندگي ، ڪيئن گذاري مان سگهان،
ڪيئن سهي توريءَ سگهان ، صدما ڏنئي ڏاڍا سرس.

۲ مجبور ڪيئي مون کي مٺا ، مغرور ڏاڍو ٿئين صنم،
مخمور تنهنجي نظر هئي، جنهن ڪيو مون کي بيوس.

۳ جام پنهنجي پيار جو ، وچ پياري پيار سان،
پريت جي پيمان سان ، پاڻيهيئي اچي پيارا تون پس

۴ پنهنجي نگاهي ناز سان ، ماري مسافر کي ڇڏيو،
تو گهٽو مون کي ڏڪاريو، تہ بہ پيش مان تنهنجي پيس.

غزل 4

ٿلهه: مٺا نيٺ مون کي تون ماريو هليو وئين،
ڪيم ڏوهه ڪهڙو ، وساريو هليو وئين.

١ ڪليس ويٺي تو سان ، خوشي ٿي ملڻ جي،
ڪلاڻ جي بدلي ، رواريو هليو وئين.

٢ مون سمجهيو ٿي سهڻا، وهاريندين تون پر ٻر،
ڏکا ڏيندي آخر ڏڪاريو هليو وئين.

٣ هيئي وير مون سان اصلي ڪو اهڙو،
مليئي وقت پيارا تون پاريو هليو وئين.

٤ اجهو يار ناهيو، تنهنجي راهه ٻر مون،
ڏيو ٻاهه هٿ سان ، تون ٻاريو هليو وئين.

٥ مسافر کي مٺڙا ڏيو پيمان پنهنجو،
پيئڻ لاءِ گهريو ،مون تون هاريو هليو وئين.

شريعت جو نالو: سيد مختيار حسين جهانيه ولد سيد علي رضا جهانيه
ساڪن: درگاهه مانڌم تعلقه صوبوديرو ضلعو خيرپور.
طريقت جو نالو: فقير مهتاب علي جهانيه
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمانه

ڪافي 1

ٿلهه: رهج حال ۾ هيڪر، وساري ٿو ڇڏي سڀ غم،
منجهان صورت انساني ،الله ٿئي ٿو تڏهن پيدا.

١ جگر جاگير دل درياهه من محبوب مشخانو، علم بردار سڀ عُمَر
صلح ٿئي ٿو تڏهن پيدا.

٢ ڪلالي ڪات لا منتر، پڙهي پير مغان جنتر، دنيا جا رنگ در برهم،

ڪافي 2

ٿلھ: نگاھن ۾ ڪاتي نگاھن جي جهاتي،
وڌو دل کي چيري نگاھن صفا تي.

١ عجب ديد دلبر جي رستو ڏيکاريو،
ڏک سور سختيون سهڻ تن سيکاريو،
وجي تي نظر سان نظر ھيء حياتي.

٢ ڏنو مون اکين سان اکين جو اشارو،
ھلي آ اچي ڏس نيڻن جو نظارو،
جي چاھين ٿو محبت ۾ مٽڻ مماتي.

٣ رخ يار مھتاب روشن اصل ڪٺون،
ڪيئي گهوٽ گهايا نظر جي وصل ڪٺون،
ڪڏي آيا ڪونڌر ڪٺي ذوق ذاتي.

ڪافي 3

ٿلهه: تنهنجي ياد ۾ آهن، منهن جون گهڙيون،
جڻ لوهه مان پارس سون بڻيون.

ا دل جان جون محرم راز گهڙيون،
تنهنجي پيار ڪيون دمساز گهڙيون،
ڏينهن رات مون سان همراز گهڙيون،
ڪيون نينهن تنهنجي نروار گهڙيون.

٢ توفيق مون کي ڏني پيار عجب،
ويا منجي مون تان غير غضب،
سڀ نينهن تنهنجي جو آهي سبب،
ٿي پيچ پيون جو قرب ڪڙيون.

٣ هن پيار جي ساگر ۾ طالب،
تنهنجي گهور گهڙيا ٿي لا مذهب،
تيو عشق اسيرن تي غالب،
مغلوب ماڻ تنهنجي اڪ جون اٽيون.

٤ مختيار اسان وٽ پيو چا هي،
هي؛ حال حقيقت جو آهي،
غافل دم جو خيال ناهي،
ڏاڍيون رمزون تنهنجون دل کي وڻيون.

ڪافي 4

ٿلهه: طلب ريءَ نہ طالب رکن ٿي طمع ٿا،
ڙهن پاڻ ۾ گر، خوديءَ کان قطع ٿا.

١ اندر ۾ پروڙن ٿا اثبات اعليٰ،
حقيقت جي هستيءَ جي ٻارن شمع ٿا.

٢ ڏنو طالبن آ ٻيائيءَ کي ٻهارو،
وحدت ۾ ويڙهي ڪن جڳ جمع ٿا.

٣ مزو سر ڏيڻ جو مختيار ماڻن،
گهورن مال مڏيون تارڪ طبع ٿا.

سيد مقبول حسين مخدوم جهانيہ جن کي پنهنجي والد صاحب جن کان شاعري جڻ تہ ورثي ۾ ملي آهي. هونءَ تہ جهانيہ خاندان کي جاچي ڏسبو تہ فقير سرڪار مهدي امام آخري زمان جن کان وٺي پوءِ واري خاندان جهانيہ جو هر فرد ٿورو ڪي گهڻو شاعر نظر اچي ٿو.

مقبول حسين سائين جن جا والد صاحب سائين علينواز جهانيہ عرف نواز علي جن سٺا شاعر هئا. جيڪا سڄي ساري وراثت وري هاڻي مقبول سائين جن کي موٽي ملي آهي.

رهڻ جو پتو: اصل شاهپور جهانيہ پرهاٽي
زمينداريءَ سانگي " پڪو " لڳ پيالو لاڙڪ
تعلقو صوبوديرو ، ضلعو خيرپور ميرس

ڪافي 1

ٿلهه

تیری محفل میں آیا ہوں، صنم دیدار کے خاطر،
تیری درشن کا ہوں پیاسا، تیرے درشن کا اے دلبر۔

۱ میری یہ کل عبادت ہے، تجھی کو سجدے ہی کرنا،
میں مسجد یار کیوں جاؤں، ہے کعبہ جانا تیرا در۔

۲ تیرا ہے گھر صنم کعبہ، صحن عرفات کا میدان،
فقط جلوہ دکھا جانی، ہو جائے حج میرا اکبر۔

۳ نہ جنت میں مجھے جانا، نہ حوروں کی حوس کوئی،
یہی ہے آرزو اپنی، دیکھوں مہتاب مکھ منور۔

۴ زمانے والوں پہ کیا دھیان، دھرنا ہے مجھے مقبول،
چاہے مؤمن مجھے سمجھیں، چاہے کہدیں مجھے کافر۔

ڪافي 2

تلھ: تنگ نيهن نانگا نپائيندا ايندا،
سي تہ قرب قلبي ڪمائيندا ايندا.

١ ڏسن تا هي ڏوري، سڳا سڪ جا سوري،
اصل عشق اوري الائيندا ايندا.

٢ چڏي اوٽ عامي هليا سير سامي،
رند راز رامي رچائيندا ايندا.

٣ هر اوست ٻولي جن يار ٻولي،
اهي سيج سولي سجائيندا ايندا.

٤ حقي حق جي حسرت نہ ٻي ورد وحدت،
مقبول محبت ملهائيندا ايندا.

ڪافي 3

ٿلهه :پائي پيچ ويا ڪيچ وجان تن ڏي ڪاهي،
جيءَ جهليان پاڻ پليان وس منهنجي ناهي.

١ آهي ذات زوري بنيحد بلوچي ،
ويندي ويل هيءَ ڳالهه تن ڪانه سوچي،
قرب ڪني هيءَ مُني، پلا ڪنهنجي آهي.

٢ ڪن رچ تا راڙيون پيلائي ڀڪن،
ڪڏيا ور واسينگن لنديون ليون لڙڪن،
لڳو نينهن پلي شينهن منهن جو ماس ڪائي.

٣ آهي سڌ سموري ، اوڪو پنڌ پهاڙي،
سچيون راتيون رلنديس ڏونگر ڏهاڙي،
ڪري پنڌ وجي هنڌ ڪنديس پچائي.

٤ ڪيو ڏاڍو آهي مونسان ڏاڍ ڏيرن،
ڪيو آخر پنهنجو پورو وير ويرن،
ڏسي ستي ويا اُٺي رڻ ۾ رهائي.

٥ جهاڳي جبل تان مقبول ويندس،
جيڪا سامهون آئي سڀ سر تي سهندس،
ريءَ وَرهڻ گهر ۾ منهنجو چاهي.

ڪافي 4

ٿلهه: ڳليءِ ڳليءِ پيا ڳايون ٻڌايون،
ڳڻ تنهنجون ڳالهڙيون.

١ ستن سرن ۾ تنهنجي صفت آ،
سر گم ساز وڄايون.

٢ طبل ءِ تالون سوز جا سرندا،
ڇيريون ٿا ڇمڪايون.

٣ من اندر مقبول مدامي،
جانب تنهنجون جايون.

شريعت ۽ طريقت جو نالو: مخدوم سيد مقصود علي جهانيہ سجاده نشين درگاهہ حضرت مخدوم سيد حسن جهانيہ شاهپور جهانيہ
طالب : فقير سرڪار مهدي امام آخري زمان مخدوم جهانيہ.
ساڪن: شاهپور جهانيہ تعلقہ دولتپور صفن، ضلع نواب شاهہ

ٿ سٽو

چايم سر تي مهٽا ، ڪڍيم لوڪ جي ڪاڻ،
سي مون سڀ سهڻا تو ڪوهيارل ڪاڻ،
منزل مقصود ماڻ ، غافل ٿيءُ نہ ڪا گهڙي.

ڪافي 1

ڏاڍو ڏيهہ ڏکيو ٿيو ، جيڏيون جيئڻ ڪاڻ،
جيڏيون جيئڻ ڪاڻ ، سرتيون جيئڻ ڪاڻ.

١ پتڻ پهچائيندو پل ۾ ،
آهي سائين هر دم ساڻ.

٢ ڏک مليا اٿم ڏاج ۾،
سي زيور پاتم پاڻ.

٣ صورت صاف سيني منجهہ،
جا اٿم روح رهاڻ.

٤ ڪيئن قرب ڪُنيءَ تي،
ساڪيئن ويهي ٿي هاڻ.

٥ معرفت ملڪ مهديءَ جو،
منزل مقصود ماڻ.

غزل 1

ڪجھ تہ خوابن جي خيالن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر،
ڳرب ڪان ڏور ستارن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر.

١ تنهنجي خوشبوءِ آ بهارن جي حسين دامن ۾،
شبنمي خواب اجالن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر.

٢ جي خطا پيار ڪرڻ آ تہ خطا ڪرڻ پئي،
عشق بيپرواھ رواجن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر.

٣ چو ڏيکارين تو زماني کي پنهنجي جلوو ادا،
بس اهو راز سوالن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر.

٤ چو تو چيڙي وڌي ،مقصودؔ وري ساڳي غزل،
سڪل گلاب ڪتابن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر.

سيد وزير علي جهانيان

شريعت جو نالو: سيد ضمير حسين مخدوم جهانيہ
ولد: سيد معراج علي رضا جهانيان
ساڪن: شاهپور جهانيا تعلقہ دولتپور صفن ضلع نواب شاهہ
طريقت جو نالو: وزير علي
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمانہ

" مهديءَ " جو منور نہ سڃاڻي، فيض " فقير " جو کهڙو پاڻي ،
لاشريڪ کي شريڪ ڄاڻي، " طالب " مان " مشرڪ " ڪيئن ٿئين؟!

" منور من مهدي مولا "

١ هر فقير جي طالب جو آ " منور " من مهدي مولا.

٢ ڏسي پسي انڌو ڇوٿئين ٿو، لاهہ اکين تان سڀ اولا......

٣ ڪنين ٻڌي ٻوڙو ڇو ٿئين ٿو، ڇا ڇئي ويو تنهنجو مولا....

٤ رهبر راهہ رسائي توکي، پوءِ بہ ڪرين پيو ٿو ڳولا....

٥ " مالڪ " مقرر ڪيو جو " منور "، ڇو ٿي وڃين ٿولا ٽولا...

٦ منڪر جي مرشد جو ليندين، ڇا ڪندئي گيڙو چولا......

٧ " مهديءَ " " من " ملايو " منور " ٿيا سڀ ويا رولا پولا.....

٨ " مهديءَ " جي " من " کي جي ڄاڻي، لهي ويندئي سڀ ڏک ڏولا....

٩ " وزير علي " " من " جي خدمت ڪر، ٿي ويندئي سڀ ڪم سولا.....

" منور من مهدي مولا "

مولا فقير ڪيو آ ڇا شان تنهنجو " منور ".
" مهدي " جي آهي مرضي فرمان تنهنجو " منور ".

١ الله فقير جو طالب، طالب فقير تنهنجو.
مطلوب تون " مهديء " جو واهه مان تنهنجو منور.

٢ محبوب تون " مولا " جو، آهي بخت تنهنجو بالا.
" مالڪ " ڪيو آ اعليٰ عرفان تنهنجو " منور ".

٣ جنين رنجايو توکي، راضي رهئين تنين تي،
اهو آهي طالبن تي احسان تنهنجو " منور "

٤ وزير علي، مليو جو، صدمو سو ڇوٽ جو آ،
بي وقت انت جو ارمان تنهنجو " منور "

نالو؛ڊاڪٽر عاشق علي جهانيان ولد سيد هادي بخش عرف شهباز علي جهانيان
وينل ڳوٺ ڪاناڻي ڏنڍ (قيصر خان شاهاڻي) تعلقه صوبوديرو ضلعو خيرپور
جمڻ جي تاريخ: 24-03-1970

شاعري ورثي ۾ ملي آهي. ڇنجي ته غلط نه ٿيندو پر سرجڻ جي شروعات هڪڙي شرارت (جنهن جو اصل ڪردار منهنجو ننڍو ڀاءُ ميجر تصورعلي آهي) تي ڪبلہ بابا سائين جي طرفان ٿيل تنبيهه توهان سنگ ڪڍيا آهن هاڻي جهار ڪير هڪليندو؟ جنهن جي ردعمل ۾ ٿي ۽ ان شعر جو تلهه ٿي "

اسان ڪڍيا آهن سنگ اوسائين
نہ تو ڪو هڪلي جهار او سائين.

ٽيو: جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي تہ " تون ڇاهين " تہ مان ورائيندس " مان شاعر آهيان " اهو ئي منهنجي ذات جو حقيقي تعارف آهي.

توڻي جو ارسطو جو Poetics (شاعريءَ جي فن تي تنقيد جي حوالي سان سڀ کان مستند تحرير) پڙهڻ کانپوءِ پنهنجي فن بابت ڪا گهڻي خوش فهمي ڪونهيم.

تصوف کانسواءِ باقي گهڻن موضوعن تي ڇهن کن صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿم. سڀ کان گهڻو آزاد نظم ۽ نثري نظم جي صورت ۾ لکيو اٿم. انهن صنفن ۾ موجود اظهار لاءِ آزادي ۽ تجريدي قسم جي لئي/ موسيقي مون کي وڌيڪ ڀانئي ٿي هونئن " بہ شاعريت " سوچ جي هڪ خاص ڍنگ ۽ جيئڻ جي هڪ انداز جو نالو آهي.

" ڪنهن بہ ڳالهه کي ڪنهن صنف جي بندش ۾ ڇوڙ کي شاعري تہ ڪو نہ چئبو" صوفيائو ڪلام نہ لکي سگهڻ جو سبب " ڪناري تان بيهي ٿي تماشو ڏسڻ آهي " هونئن بہ فقير پاڪ جن جي ڪلام کان پوءِ ان موضوع تي باقي ڪير ڇا لکندو؟؟؟

وائي

سُونهن آ تنهنجو شان،
هي ڪا دعويٰ نا ڪري.

۱ ڪُل مان ذرڙو لحظي لاءِ،
ٿي آيو مهمان،
هي ڪا دعويٰ نا ڪري.

۲ پاڻ سڃاڻڻ سوڪو سودو،
باقي سڀ زيان،
هي ڪا دعويٰ نا ڪري.

۳ رستي لاڳين تون نيائين،
عاشق تي احسان،
هي ڪا دعويٰ نا ڪري.

نظم

زندگي

درد جي لئه تي محوءِ رقص آ.

خواهش جي پوري ٿي سگهڻ جو امڪان نہ هجڻ

خواهش جي نہ اپڙڻ جو جواز تہ آهي ڪونہ

ءِ وقت ضايع ٿي رهيو آهي

ڏاڍي بي رحميءَ سان

استعمال ٿيڻ جي بدران

بس يا تہ فرض پورا ڪرڻا هن

يا ذميواريون نڀائڻيون هن

ارتقا جو ڪو موقعو ناهي

روزانو

الائي ڪيترا گل

ماڻهن تي نڇاور ڪرڻ لاءِ پٽيا وڃن ٿا

ءِ الائي ڪيترا پوپٽ

روڊ تپندي گاڏين سان ٽڪرائجي مرن ٿا.

ڪنهن پکيءَ يا جانور جو
سهڻو يا ناياب هجڻ
سندس موت جو سبب بڻجي ٿو
هتي سڀ ڪجهه ابتو ٿيندو رهي ٿو
بلڪل ائين جيئن
جاهل قوم
ڪتابن جي ملهه گهٽائڻ بدران وڌائيندي ويندي آهي
اڄ جي ٿوري به گهٽ سهوليت
۽ ٿورو به گهٽ منافعو
برداشت نٿو ڪيو وڃي
سڀاڻي ڪي مڪمل تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ

مرده شين جا انبار ڪنا ڪرڻ
سينگار ٿو ليکجي
۽ گهر
مرده دلين ۽ مرده شين سان سٿيل
مرده خانان ٻٽبا ٿا وڃن
نئين صديءَ جو استقبال
لغتن مان لفظ " محبوب " خارج ڪرڻ سان ڪيو ويندو
جو گهٽائيءَ پڪراءِ ٿي،
" محبت " ڪي
ترقي جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ مڃي ورتو آهي،
پر زندگيءَ جو آئين
باغي روح لکندا آهن
ڪڏهن پنهنجي رت سان
تہ ڪڏهن اونداهيءَ جي خون سان
۽ زندگي ازل تائين
درد جي لئہ تي رقصان رهڻي آ

شريعت جو نالو: سيد احسان علي شاهہ
ولد: سيد مختيار حسين شاهہ
ساڪن: درگاهہ مانڊم تعلقہ سوڀوديرو، ضلع خيرپور
طريقت جو نالو: احسان علي
طالب: فقير معراج علي رضا جهانيہ

ڪافي 1

ٿلهہ : اصل ۾ هلياسين ، اصل راهہ ورتي.
آهي عشق اصلي ، اسان جي اندر ۾.

١ ٿا پايون من ۾ ، ڪي پيا سور هوندا
ويا سور وسري ، نہ ڪي هاڻ پوندا.
ناهي ڊپ مرڻ جو فنا جي ذڪر ۾.

٢ زماني جي گردش ڪان ، پاسي رهياسين.
لڳو برهہ بازي تہ اوري ويناسين
صنم جي نظر سان آ نور نظر ۾

٣ هتي ڪاٺ ڪوٺي ، هتي ڪين مڪان
هت هت آهن ، عشق جا سامان.
رهن سچا صوفي ٿنا جي سفر ۾

٤ احسان ۾ آ ظاهر ، ملي جن خدائي.
مهدي معراج ، حق حق ناهي جدائي
سدا رهن موجود آهيون فڪر ۾

شريعت جو نالو: مظهر علي لاکو
طريقت جو نالو: نور علي فقير
ولد: نبن لاکو
طالب: فقيرشهنشاهه مهدي امام آخر زمان
ساڪن: ڳوٺ وڏا لاکا ، تعلقه گمبٽ ، ضلع خيرپور

ڪافي 1

آءٌ حضرت آدم آهيان ، ڪيئن پنهجي ذات لڪايان.

١ عيسيٰ موسيٰ دائود ٿي آيس، پاڪ پيغمبر سوڌ سڏايس،
وڃ مديني موجود ٿي آيس ، مان هر هر حج پڙهايان.

٢ مان ملڪن کي تہ مڃايو، هڪ عزازيل نہ آيو،
جنهن طوق لعنت جو پايو، تنهن تي تورڻون طوق وسايان.

٣ عبد آهيان هڪ اولي ، جنهن رمز وڏو آ رولي ،
مظهر عشق مجازي چولي ، نہ تہ ٻانهپ ٻولي ناهيان.

ڪافي 2

ميڏا حضرت آدم نالا ، ميڏا بخت بهادر بالا،
ڏوجها نالا هي رب تعاليٰ

۱ ميڪون ملڪان صاف سجاتا،هڪ عزازيل نہ چاتا،
جنهن طوق لعنت دا پاتا، جنهن دا پيهر ٿيا پرهالا.

۲ توريت عطا انجيل ٿيا، فرقان زبور دليل ٿيا،
ميڏا جبرائيل وڪيل ٿيا، ميڏا اول درجا اعليٰ.

۳ " الا انسان " الاير، ويجهو ونَحنُ اقرب ٺاهير
ڏوجها مير دابر ٺعاپاير، مين سڀ شي ڪنون سو الا.

۴ ميڏا لقب لاحد لاثاني ، ميڏا جوڙ نهين ڪو جاني،
ميڏا مٽ نهين ڪو شاني ، ميڪون سڀ ڪوٺن بسم الله.

۵ ميڏي اول آخر اظهاري، ميڏي سڀ ڪنهن تي سرداري،
ميڏي مَظهر وچ مختاري ، ميڪون مومن آکن مولا.

ڪافي 3

رِيءَ راز رهبر جي سواءِ، توحيد تر هو ڇا ڪندو.
نظمي هجي نثري ڀلي، سوشر سر هو ڇا ڪندو.

١ نوري نظاري نينهن جا ، موهيل مجازي ڪيترا،
جنهن اک نه پاتي اک ۾، سو چشمن ڇهرو ڇا ڪندو.

٢ معنيٰ ڪري مصحف جي ڀلي، عالم ٿئي اعليٰ اصول
رِيءَ امر اثبات جي سو ڏردر هو ڇا ڪندو.

٣ من خدائي موج جي ، هئي هام اڇي منصور جان ،
جنهن سر نه سوريءَ تي ڏنو، سو قالم قرهو ڇا ڪندو.

٤ مظهر سارو مرشد سڏي، ڀلي فيض جو فاضل هجي،
پير يمغان جي پاس رِيءَ ، ڪڏي ڪسر هو ڇا ڪندو.

ڪافي 4

ريءَ پاس پنجتن پاڪ جي پڳدار ڪو نہ ٿيو
توڙي هجي تونگر ڪٿي اختيار ڪو نہ ٿيو.

١ عزازيل ڪيڏي عبادت ڪئي، اگرين ڪجي اثبات ڪئي،
هڪڙي امر برباد ڪئي، بردار ڪو نہ ٿيو.

٢ قارون ڪي ڪفران جو ڪيڏو خزانو ڪوڙهو،
ذري نہ ٿيو ظاهر ذرو، اظهار ڪو نہ ٿيو.

٣ شداد ڪيڏو شور ڪيو، شملو ٻڌي شمشير ٿيو،
هن بهشت جي دردين جو، حقدار ڪو نہ ٿيو.

٤ مظهرؔ ٻر منسوخ ٿي، موڙگا منجهي پيا ڪيترا،
ڪوڙئين ڪريا ڪفران ٻر خبدار ڪو نہ ٿيو.

ڪافي 5

ڪيڏو شان پنجتن پاڪ جو، قران بنجي ويو،
جبرائيل خادم خاص ٿي، دربان بنجي ويو.

١ انسان ڪل انسان هئا، ڪيئن هاشمي هڪ ٿيو،
لولاڪ لماخلقت سا ذان بنجي ويو.

٢ سيني نبين ۾ نبي، پڳدار پيغمبر ٿيو،
انا احمد بلاميمي، احسان بنجي ويو.

٣ "مظهر" ۾ مشهور ٿيو، مهدي محمد مصطفيٰ،
سيني سچي صلوات چئي شڪران بنجي ويو.

ڪافي 6

بالا بينظير ڪئي آ ، ڪنهن ڪئي فقير ڪئي آ ،
موهي مست ڪري دل ماندي، شهنشاهه شبير ڪئي آ.

۱ اول آخر اعليٰ اظهر، عاشق بحر امير ڪئي آ،
سهڻي صاف سراسر سوگهي، سڙئون سَر سڌير ڪئي آ.

۲ پير مغان پڳدار پساري ، پرور پاڪ منير ڪئي آ،
ٻاڻ هڻي دل ٻيهر ٻنگي ، ناز سان نصير ڪئي آ.

۳ معنيٰ سان مدامي مظهرَ، محبت ڏئي مهمير ڪئي آ.
ظاهر باطن ذاتي قلبي، اڄان تائين اڪير ڪئي آ.

ڪافي 7

دلبر اوهان سان نينهن آ ، ناتو نباهڻو،
ڏکيو ڪيو توڙي سڪيو، آهي رهائڻو.

١ توڙي اچي سک سلامت ، توڙي اچي ڪاني ڪرامت،
توڙي اچي سر سخاوت ، تہ بہ پاڻ نہ پڏائڻو.

٢ توڙي پير فقير ٿيان ، توڙي مير وزير ٿيان ،
توڙي بينظير ٿيان، تہ بہ پاند ڳچيءِ ڳل پائڻو.

٣ بک ڏک ڏي ڪين ڏسان ٿو، رموزي آءُ راض منگان ٿو،
سچو سچو سچ چوان ٿو ، ڪوڙ نہ ڳالهائڻو.

٤ مظهر ماڻ آءُ نہ منگاڻ ، ٿاڻ داڻ آءُ نہ منگان،
شاهي شان آءُ نہ منگان ، طالب نام سڏائڻو.

ڪافي 8

رهنماءِ رهبر ،نگهدار تون آن،
وسيلو ولهين جو، وفادار تون آن.

١ اول توڙي آخر، تيو ذاتي ظهورو،
سارو سر سراسر، سخادار تون آن.

٢ ظاهر توڙي باطن جو، مالڪ تون مولا،
برابر بلاشڪ ،بقادار تون آن.

٣ مهدي مصطفيٰ، ڪل نبين نبي آ،
قسم آ الاهي ،ذميوار تون آن.

٤ نہ ڪر خوف خطرو، قيامت جو مظهرؔ،
مهدي منجهہ محشر، شفادار تون آن.

ڪافي 9

لڳو آ عشق آدم کي، ڪيائين الله کي پيدا.
ظهورو ذات حق حق جو، ڪلام الله پوءِ پيدا.

۱ نڪي هو خلق ۾ خاوند ، نڪي هو مَلَڪُ مُلڪن ۾،
بقا بالله ڪل باقي، فنا في الله پوءِ پيدا.

۲ نڪي عاشق نڪي معشوق، نڪي معنيٰ محبت جي،
عيسيٰ موسيٰ نبي دائود، رسول الله پوءِ پيدا.

۳ نڪا شريعت نڪا طريقت،نڪا حقيقت نڪا معرفت،
نڪي هو فرض ، نہ سنت ڪعبۃ الله پوءِ پيدا.

۴ نڪي طالب نڪي مطلوب، نڪي مظهر العجائب هو،
وَلَمۡ يَكُنۡ لَہ كُفُوًا اَحَدُ الله پوءِ پيدا.

ڪافي 10

الله آدم مان ڇيو ،جيڪو مان ڪي سڃاڻي،
سو پانيان صوفي سچو، جيڪو رمز پڇاڻي.

١ الله آدم دم ڇيو، جيڪو دم ڪي ڄاڻي ،
ڪيئن آيو ڪيئن ويو آخر اڪائي.

٢ آدم حوا عام چون ٿا ورهه ويڳائي،
کهڙو شڪ شيطان ڪيو اها دوئي وڌي دائي.

٣ آدم بيحد بادشاهي ڪري ويو مزا مائي،
سيد سڏائي پير ٿي آيو امت اهڃائي.

٤ مظهَر علي الله ڪاٿي اهو عقل ڪو آئي،
ڪڏهن قيامت ڪاٿي ٿيندي اڄ يا سڀاڻي؟.

ڪافي 11

ڪيئن ڪمانڊر قائدو ڪوليو هيئن هستيءَ سان،
لچالو سي لفنگ لوفر حالت ٿي آ تن سان.

١ هڪ ملٽري پيو مارشل لا ٿيون پلٽن پليسان،
بنا قائدي ڪين چون ٿا قائم قائدي سان.

٢ آئن ڪائن ڏٺ ڏهاڙي تارڪ ترقيءَ سان،
بٺيءَ تي بردار برابر طبل توحيد سان.

٣ پير امير پلارا بزرگ ڏس جا ٿي گذريو تن سان،
هڪ " هادي " " مهدي " ناٿ نيارا پورا پنهنجي پهه سان.

٤ آل اولاد تنهين جي حقي حاضر ناظر حق سان،
رند رضا تي راضي رهندو ريڌل پنهنجي رب سان.

٥ سڀ ڪنهن جا سائين سڌجن جئي جهانيه جڳ سان.
مظهؔر ساري جا مالڪ خالق اٿن ڪاتو خود خدا سان.

ڪافي 12

ڏسو انصاف اکڙين جو سَون کي ڪيئن سڪائين ٿيون،
جاٽئون تاٽئون پائي جهاتي کهڙي معنيٰ مڪائن ٿيون.

١ نہ ڇاڻن پير اميرن مان ، نہ ڇاڻن مير وزيرن مان ،
نہ ڇاڻن نيڪ نصيرن، مان، کهڙي ڪيئن لڪ لڪائن ٿيون.

٢ نہ ڇاڻن بادشاهن مان، نہ ڇاڻن خاندانن مان،
نہ ڇاڻن شاهہ گدائن مان ، بها بي ڪيئن ڇڪائن ٿيون.

٣ اڏائي عشق اظهر کي ، مڄائي مفت مظهر کي،
نوائي تيز تڪبر کي، لڪين دانهہ ڏتارن ٿيون.

ڪافي 13

عشق محبت جي مجازيءَ ، ڪان ڪئي ڪنهن سان وفا.
توڙي ڪجي صدقو سراسر سر سمورو سو دفعا .

١ قيس ڪيڏا ڪيا ڪشالا، ڊرين برين بيران ٿي،
چا چوان ليلا جو لٽڪو چا چوان مجنى جفا .

٢ هڪ زليخان جو ذڪر بيو يوسف جو چوان ،
ڪين ملي ڪين مليا توڙي ڪيئون ڪيڏا خفا .

٣ هير ٿي حيران ٿي ، ڏنو تخت کي رانجهن ترڪ ،
چست ٿيو چوچڪ جو چاڪر شاهي ڇڏي سڀ ڪجھ صفا .

٤ مظهر مغان ٿي مست ٿي جن پيتو شو قئون شراب .
تن حقيقي حال حق جا سي ڏنا نيهي نفعا .

ڪافي 14

شهر شاهه پور ۾ شاديءَ جو شغل ٿيو.
ٿي بلڪل بهاري تماشي طبل ٿيو.

۱ ٿيو سڏ سراسراميرن ، فقيرن ،
غريبن وزيرن سفيرن وصل ٿيو.

۲ آيا قرب وارا قدم ڪل ڪڍائي،
ملي تن مبارڪ اجورو عمل ٿيو.

۳ ڪليا گل گلابي . درها دنگ شرابي،
لکين رنگ ربابي مدامي مندبل ٿيو.

۴ تيرهين سن سنبت ۾ تي پڳداري پڙري،
پيهر ڀاونجاهين مظهر چوي حاصل ٿيو.

ڪافي 15

پر پاڪ پيالو پيارجان ، پڳدار پرين پرورا،
صاحب سخا جا سيدا سردار ساقي سرورا.

١ وسقهم وربهم ڏي طالبن کي طهورا،
وارث وسيلا ولهين جاڏي راض روز رهبرا.

٢ اِنا اَعطَينَاڪَ الڪَوثَرَ قائم قدم قدسن جا،
مالڪ مهيسي مصطفيٰ مهدي مدامي منورا.

٣ لولاڪ لما خلقت لافلاڪ جا مالڪ،
ڪيانء حال ڪجانء پال مظهر سوال ٿئي انورا.

ڪافي 16

عشق وارا عشق جي ٿا پر رکن پيغمبري،
خيال جي خود خيال جي ڪن ٿا خبر خاصي ڪري.

١ الله ڪارڻ عشق جي ڪن ذوق جي ظاهر زري،
ٿي نہ طابع ڪنهن طمع توڪل رکن ٿا تونگري.

٢ محبتي ميدان ۾ مانجهي مچي مو تو مري،
انت موتو احد ٿي احوال ڪن ٿا انوري.

٣ اسم سان الله جي ڪوليو ڏسن دل جي دري،
من خدا جي ملڪ جو هر هر ڪن حج اڪبري.

٤ مظهر ۾ موجود ٿي پوري ڪرن ٿا پروري،
پيرِ مغان جي پار جي ساراهہ ڪن ٿا سروري.

ڪافي 17

لک لک ڪروڙين قرب تنهنجا قربدار پانيان،
ناهي تعريف ڪرڻ جي توڙي سمنڊ مس بڻايان.

١ نت نوان سج سنوان سخن تنهنجا سرورا،
ڪهڙا لکي ڪهڙا لکان لکڻ لائق ناهيان.

٢ شمس وقمر عرش وبرين تعريف تنهنجي ٿا ڪرن،
جن ملڪ حورون پريون جبرائيل گهور گهمايان.

٣ صلوات ڏٿيءِ پاڻ چئي ، نبي مصطفيٰ جي آل تي،
ظاهر قول قرآن ۾ هي راز نه پڌايان.

٤ لولاڪ لما خلقت الافلاڪ ڏٿيءِ پاڻ چيو،
مظهر چيو ته ڇا ٿي پيو، هيءِ نظر تو ملايان.

ڪافي 18

مهدي اهڙو منور ٿيو آ نہ ٿيندو،
اهڙو صوفي سرور ٿيو آ نہ ٿيندو.

١ ڪثرت جي ڪمن کان نيارو ناٿ نرمل،
اهڙو فيض پرور ٿيو آ نہ ٿيندو.

٢ پنجن ۽ ٻارهن ۾ ، چوڏهن ۾ چوڏاري،
اهڙو رندي رهبر ٿيو آ نہ ٿيندو.

٣ پگهر پاڪ شرهن، سَندءِ مَٽُ نہ هرگز،
عطر مشڪ عنبر ٿيو آ نہ ٿيندو.

٤ مظهر العجائب ، معنيٰ سان مدامي،
اهڙو پاڪ پرور ٿيو آ نہ ٿيندو.

ڪافي 19

دم دي حال ڪيتا خيال، ويکيا ناز نوراني،
نرمل نياز رندي راز، قائم قول قرآني.

١ فنا وجود صاف سجود ڪئي سرداري،
لولاڪ لما خلقت الافلاڪ اظهاري،
الف، لام، ميم ذالڪ الڪتاب مختياري،
الرحمان دي فرمان ٿي سلطان سيلاني.

٢ قل هو الله ، احد الله، رسول الله ٿي اڪبر،
برب الناس ، ملڪ الناس، اله الناس ٿي انور،
الحاق ٿي لولاڪ بن اوشاق ٿي پرور،
الانسان سر سبحان ٿي فرمان فرقاني.

٣ مظهرَ امام تنگي نام مهدي ڄام ٿي آيو،
شاهي شور زوران زور، اواران اور ٿي آيو،
ٿي عقاب ڪري نقاب موران مور ٿي آيو،
ڪري ديد دلخريد ٿي مردان يوناني.

ڪافي 20

تهو جہ توحيد جو،جن تي ٿيو آهي عطا،
تن مٿان حال حق جو راز رهبر جي رتا .

١ سر کي سدا سجود ڪن ، منجهہ مڪوموجود ڪن،
ونحن ويجهو وجود ڪن ساجد رهن سهڻا ستا .

٢ تن کي نڪاڪس ڪال جي، ڇا مال ڇا عيال جي،
خوشبوءِ اٿن خود خيال جي، تنهن جا ڏين پورا پتا .

٣ تن کي نڪا نقصان جي ، ڇا دين ڇا ايمان جي،
ڦاس هڪ فرمان جي تنهن ڪان، نہ ٿين خالي خطا .

٤ مظهر سارو علي چون، جڳ جاءِ بجاءِ جلي چون،
وارث وصي ولي چون، وعدي آهن جنهن جي وتا .

ڪافي 21

اسم دم جسم کي، ڇڏي ڪر قدم جي،
خبر لهه ڪا اڳتي ، آدم کان عدم جي.

١ ڪڏي ڪوڙ جي پاڙ ڪوڙي خيالي،
سراسر سچو ٿي نہ غلطي جُرم جي.

٢ ڇڏي طرز جو مرض لٿي ڪر حلالي،
ملي ملڪ تنهن کي بادشاهي بزم جي.

٣ ڪٿي ڏس خلاصا پويان پير پنهنجا،
هلي چا چلي چا نزاڪت نظم جي.

٤ نہ ڪر زهد زاري عبادت ڪا مظهر،
اثبات ڪر ترن امر جي عزم جي.

ڪافي 22

اسم دم جسم کي ڇڏي ڪر بقائي
نہ اثبات ڏي ڏس نڪا ڪر فنائي

١ نہ آهين آل آدم، نہ آدم تون آهين،
نہ خلقيل تون ڪنهن جو نہ بابو نہ مائي.

٢ ڇا عيسيٰ ڇا موسيٰ ڇا دائود دلبر،
پياري پيغمبر ڏانهن خبر ڪونہ آئي.

٣ نہ مظهّر العجائب ، نہ مظهر ڪر هوندو،
نہ ڪا ڪا قيامت، نہ ڪا ڪا پڇائي.

ڪافي 23

حسن تنهنجي کي هلي، ڪامل ڪَي ڪي ڏسندا،
جنهن تنهن جي جاء نہ آهي، پيارا ڪي ڪي پسندا.

١ هار هٽي قدم ڪٽي، اک اٽڪائي اٿي،
گهرج جنين کي آ گهٽي غازي سي نہ گسندا.

٢ سورهيہ سڏائي، قدم ڪڏائي، عشق اڏائي هر جاء،
لاڳا لٽي سانگا سٽي هر دم سي سي هسندا.

٣ نينهن نظارو لائي، لوڪ لاڳاپا لاهي،
بار ملامت چائي، پير نہ پوئتي کسندا.

٤ مظهر العجائب مولا مس مس ڳولي ڦولي،
تهدل ٿي ڪي طالب راز وارا ڪي رسندا.

ڪافي 24

ملا ڪر تون معاف،
من مصحف مدينو منهنجو.

۱ رڳ رڳ منهنجي راز رچايل،
گر پڙهايو غلاف، اندر اجرو آئينو منهنجو.

۲ قلب منهن جو ڪعبو قبلو تن اندر پر طواف،
صاف آ سارو سينو منهن جو.

۳ مک مسجد محراب مصلو،
ڪوهه پيچان ڪوهه ڪاف، هر دم حال حسينو منهن جو.

۴ مظهر ساري جو مالڪ مهدي، عالم ڪر انصاف،
قدرت ڪل آ ڪابينو منهن جو.

ڪافي 25

عاشق ڪر اعتبار، اصلي مظهر عليءَ تي.

١ پنجن ٻارهن چئن چوڏهن ۾،
پسڻ ۾ پڳدار.

٢ چئه نُصيرن جان ٿي نيارو،
نالو نر نروار.

٣ لقب لما لولاڪ لحمي،
دمڪ دمي دلدار.

٤ مظهر العجائب مهدي پائنج،
پائي حقيقي هار.

ڪافي 26

عشق وارن ڪي عام،
رمز پاڄهڻون پيو ڪير سڃاڻي،

١ لدني علم اوشاقن حاصل ،
اصل ڪان تہ انعام.

٢ سڀ ڪنهن ڪان ٿو ڪين سڃاڻي،
آذوتي اسلام

٣ مظهر العجائب معني سان،
ڄاڻن احد امام.

ڪافي 27

سهڻي ڪيا سدائين، سينگار ايندي ويندي،
ڪلندي ڪنيائين نيڻ ٻئي ، منٺار ايندي ويندي،

١ عطر مشڪ ڪولي عجب ٻول ٻولي،
ڏئي ويو چاٽ چولي چمڪار ايندي ويندي،

٢ ڪولي حسن هزاري بلڪل ڪري بهاري،
چوڏ طرف چوڏاري گلزار ايندي ويندي،

٣ مظهرؔ پريت پيالا، ڏئي وئين عشق اعلي،
جهجهي جوش والا اعتبار ايندي ويندي،

ڪافي 28

بار ڪٿـــي ڪـــل بـــاري،
دنيا حال في الحال هزاري.

۱ دنــيـا دين جي سونهــن سدائين مسجد ٺاهي منارا،
دنــيـا در دروزا ٺـــاهي ، ســون بـــنــائي سارا،
دنيا تي ڪل عامل عاشق ڪامل ڪاتب ڪاري.

۲ دنــيـا هيڪل حج ڪرائي، ملڪ ڏيکاري مدينو،
ڪربل شاهه نجف ڪرائي حـــال بـــنــائي حسـيـنــو،
دنــيـا سان سڀ نــوڪر چاڪر دنيا طاقت داري.

۳ دنيا قرآن ڪتاب گهرائي، ولايت ڪري ڏئي ويجهي،
دنــيـا ســارو سيــر بــنــائي ڳوٺ ڪــرائي ڳيجهي،
دنــيـا اول جـــاڏي ڪـــاڏي چــوَ ڪنــدين چــوڏاري.

۴ دنــيـا صاحب سخي بنائي مــوڪ ڪــرائي مانــي،
دنيا نالو نــانءُ ڪــيائــي نيــڪيءَ جــي نشــانــي،
دنــيـا ســان سڀ سنگتي ســاٿي دنيا دل دلداري.

۵ دنــيـا پـيــر بــٺائي بـزرگ، نـــانءُ ڪـــيائي نـــالا،
دنــيـا وڏ وڏيــرو ٺــهــائي ، خـــان بــهــادر بـــالا،
دنــيـا سان سو ســالا سهــٺا، بلــڪل ڪـن برداري.

٦ دنـيـا لعنـت دنـيـا رحمت، دنـيـا نـانءُ رکـائـي،
دنيا ڪيئن قارون کي ڪيرائي ، فـرعـون وڏو ٻـوڙائـي،
دنـيا ڪيـئـن شداد شڪي ڪري، بهشتئون ڪيو بيزاري.

٧ هـڪ دنـيـا جـو ڏنـڊو نـاهـي، مـرڻ وارو مـوقـعـو،
مـارڻ جيـارڻ وس ڌڻـيءَ جي تـوڪـل وارو تـوقـعو،
قل من عليها فنا فاني حـديـث حـضـرت واري.

٨ هـڪ دنـيـا ريءَ تـارڪ مرشد " مـهـدي " مـولا آهـي،
سـن تير هـن سو چـوهـٺ تائـيـن صـوفـي سـوئـي سڏائي،
ٻي جنهن ڪنهن جي جاءِ نہ ڪائي، نوري هجي توڙي ناري.

٩ دنـيـا دار جـو مـذهـب ، دنـيـا، جـوئـي " مـظهر " آهي،
جنهن کي ڪاوڙ ڪس لڳي ،هـيءَ ڳالهہ تنهنجي نـاهـي،
ديـن ايـمـان ڪفر جـو هـر ڪنهن جـي ڳـل ڳـاري.

ڪافي 29

جهنگ جبل گوٺ گلي، خان پنهل جي گولي،
ساهه صدق سر سارا، تن من ڌن سڀ جهولي.

١ ڏسي پنهل جا پيرا، جبل ۾ باسون باسيان،
مولا ميل اهي مارون، وڻ وڻ ڪتوريءَ واسيان،
لک لک تورا لائق، لطف هزارين خاصا،
جو دم جيئان تورائتڻ ٿيان، ٻانهپ واري ٻولي.

٢ پنهل وٺي ويم هاڙهي، ڏير ڪري ويم زوري،
صبح سنڀاريم سيڻي، لوڻ لوڻ لائي ويم لوري،
پٽ پٽر ٿيس پٽري، ڇپر ڇڏي ويم ڇوري،
واٽ ويندن ڳالهه ڪندن، ڏس ته ڏيندن تان گهوري.

٣ پنهل پاڻ نه وڃڻو، نينهن نشي ۾ ويڙو،
ڏک ته ڏنائون ڏاڍو، پل پل پور پيڙو،
ڪيئن نه وڃان ٿيان ڪوڙي، وڃڻ ضروري تيڙو
شال ملن ساهه سندن، ڏيان مان اکين سان لولي.

٤ "مظهر" جو دم آهي، ويندس ڪيچ ڏي ڪاهي،
سڪ وارن کي سرتيون، ڏونگر ڏورڻ چاهي،
لنئي جي هليا ليا ڪا، لاڳاپا سڀ لاهي،
آخر نيٺ مليا، مون سان ڪنهن نه سليا، اندر الاهو هولي.

ڪافي 30

ڪيئن رانجهن هير سجاتي،
ڪيئن ناتو لاتئين ذاتي.

١ هير چو چڪ جي گهر ڄائي، ملي رانجهن ڪي واڌائي.
هير مڙس آهي ناهي مائي، جنهن رانجهن کي لئون لائي.

٢ رانجهن تخت هزارو ڇوڙيو، رانجهن هير کي سجدو جوڙيو.
رانجهن عشق جو علم ڪوڙيو، ڪل پائر ڇڏي سڀ پاتي.

٣ آيا تخت هزارا ترڪي، آيا قاف ڪشالا ڪر ڪي.
آيا قدم سرايا پرڪي، ڇوڙي سير صفاتي.

٤ هير حرا هڪ معني، مظهر آدم ٻئي ٻانها.
آهن هڪ آويءَ جا ڀانا، لڳو هر ڪنهن عشق اوقاتي

ڪافي 31

وينڊس هوت پنهل جي ڪڍ مون هلي،
ڪندس ڪيچ ڪشالا رڻ ۾ رلي.

١ وينڊس پيرن فقيرن کي آهون ڪندي،
وينڊس درد فراق مان دانهون ڪندي،
جاڏي هوت پنهل، منهن اوڏانهون ڪندي،
ڪاٿن ماس هڏن تئون بگهڙ پلي.

٢ پوئين پهر ستس، مون کان وقت ويو،
هليو هوت ويو قسمت ڪين ڪيو.
کهڙو ڏيرن جو مون آهي ڏوهه ڪيو،
منهنجي ڪانڌ وڇوڙي جي واءُ گهلي.

٣ پڇندي پيرائن جا مان پار وينڊس،
پڇندي جبل ڏونگر جا مان غار وينڊس،
پڇندي هوت پنهل جا مان يار وينڊس،
ويندو منزل تي مرنڪي سات ملي.

٤ پنڌ راتيون ڏينهان . پٺي ڏوڙيندس مان،
صدقو سرڙو پنهل تان گهوريندس مان،
وجي سور پنهل سان اوريندس مان،
ڪندو " مظهر " تي مولا ماڙ " علي "

ڪافي 32

عشق محبت جي مجازيءَ ، مرد ڪيئي ماري ڇڏيا،
ڪي مست ڪي مجذوب، ڪي ڳُنڍيءَ ڳُجھيءَ ڳاري ڇڏيا.

١ عشق قابل قيس جهڙا، بر ۾ بيهاري ڇڏيا،
ڪاڻ ليليٰ لاڏڪي، ڪم ڪهڙا ڪاري ڇڏيا.

٢ عشق رانجهن شاهه ڪئون، پاڻ ڀهرائي ڇڏيا،
جهنگ سيال جهنگ ۾، وڳ مينهن چارائي ڇڏيا.

٣ عشق پنهل ڪان پراڻا، ويس ڏئاري ڇڏيا،
در ڏوڀين دوڪان تي ، اچا اجاري ڇڏيا.

٤ عشق يوسف جي زليخان، راڄ ڪي رئاري ڇڏيا
ڪنعان ۾ سَوَ ڪيترا، عشق آزاري ڇڏيا.

٥ صاحب ڪيڏو صنعان هو، جنهن ورق سڀ واري ڇڏيا،
ٿي يهودين سان يهودي ، ڏڻ مرن ڏاري ڇڏيا.

٦ عشق سسئي سهڻي ڪي ، ڏک ڏيکاري ڇڏيا،
هڪ سچي ٿي ساهڙ ڏانهن، ٻيءَ قول ڪل پاڙي ڇڏيا.

٧ فرهاد ڪنهن فراق سان ، ڏونگر ڏکيا ڏاري ڇڏيا،
شيرين جي شهه شوق ۾، پٿر پگهاري ڇڏيا.

٨ عشق " مظهر " ڪي مچائي، سور سيڪاري ڇڏيا،
العشق نار جي ، بارڻ ڪيئي باري ڇڏيا.

ڪافي 33

جيڪو عشق تي عاشق ٿيو، سو اوشاق بنجي ويو.
پير مغان جي پاس سان ، پر پاڪ بنجي ويو.

١ رخ رنگيني راز واري ، رهبري رفتار سان،
هر دم حلاجي هوش سان، حشناڪ بنجي ويو.

٢ هر حال جو هو ڪو هٺي، هر دم هسي هسوار ٿي،
رمز رنديءِ ۾ رچي ، الحاق بنجي ويو.

٣ اندر ٻاهر اثبات ٿي ، انحد الٺي عار سان،
لولاڪ لما خلقت الافلاڪ بنجي ويو.

٤ من خدائي موج سان، " مظهر " مچي منصور ٿي،
منصفي ميزان تي ، مشتاق بنجي ويو.

ڪافي 34

هن بي وفا جسم ۾، دم اسم ڪيو آستانو،
ٿي بي خبر برابر پيتو، ناهي بستاتو.

١ آدم حوا اڙائي، تن کي روئيندي رڙائي،
عزازيل کي تڙائي، ڏئي بهشت جو بهانو.

٢ معشوق عاشق لڙائي، محبت ڏئي مڙهائي،
لکي پڙهي پڙهائي، دغا ڪري دستانو.

٣ موسيٰ، عيسيٰ، دائود ٿي، پاڪ پيغمبر سوڙ ٿي،
منجهه مکي موجود ٿي، خالي ناهي خسخانو.

٤ "مظهر" سارو منجهائي، رند رمز سان رڃهائي،
جاڏي تاڏي واجهائي، وسائي وينو ويرانو.

ڪافي 35

راڻا رنج رسامان ڇڏي ڏي ، سوڍا ڪر سرداري.

١ مڙسن ڪان ميان ميندرا، ٿيندي ڦريداري،
سوڍا پنهنجي سر جي صدقو، ولهي نہ ڪر ويچاري.

٢ ڍوهن مونسان ڍوهہ ڪيو، ڏنئون خالي بيلي خواري،
سهجان سوڍي سيتل سهڙي ، سومل گڏ سماري.

٣ نالي نانءُ ڏٺيءَ جي ، ڇني نہ ڇڏجو ڏاري ،
قرب ڪندي تون ڪو هيارا، ڪر نہ ڪاڪ ڪاري.

٤ " مظهر " جو تون مالڪ مولي، چاهي هيءَ ويچاري،
آءُ ٻانهن ٻانهي گولن گولي ، تون بار ڪڻندي ٻاري.

ڪافي 36

الله کي اثبات ڪرڻ، ڪيئن چوڻ ڪپي،
يا پاڻ کي پاسي ڪري، يا پاڻ پائڻ ڪپي.

۱ يا خلق الا آدم عليٰ صورته ، سخن پاڙڻ ڪپي،
يا ونحن وارو ورق ويجهو، يا پري چوڻ ڪپي.

۲ يا حج هلي تي حاجي سڏائڻ ، حج ڪرڻ ڪپي،
يا قلب اندر ڪعبو ڏسي ، ڪعبو چوڻ ڪپي.

۳ يا نماز پڙهي روزا رکڻ ، نيت ڪرڻ ڪپي ،
ياسر سجائي پنهنجو ، سوغات چوڻ ڪپي.

۴ يا " مظهر " " علي " آل کي، عبد چوڻ ڪپي،
يا انا احمد بلا ميمي ، احد چوڻ ڪپي.

ڪافي 37

الله ڪي الله ٿي ڳول، الله ريءِ الله جي،
الله نہ ليندءِ ، ڪل فنا في الله.

١ انا لله و انا اليه راجعون ر لاءِ ،
قل من عليہ فنا فاني ڪير بقا با الله.

٢ خلق الادم علىٰ صورت ، صورت قل هو الله ،
الانسان سري و انا سره ، قرب ڪلام الله.

٣ " مظهر " العجائب " مهّدي " مولا معنيٰ ساڻ ملاءِ ،
انا احمد بلا ميمي ، راز رسول الله.

ڪافي 38

تون سائين منين، مين تينو منان، تون من ميرا مجائي مين
مان عاشق تون معشوق برابر ، نازڪرين تہ نمائي مين.

١ تون ساقي تون سردار سراسر، سخن ڪرين تہ سچائي مين،
تون اول آخر اصل اعليٰ، قرب ڪرين تہ ڪمائي مين.

٢ مان طالب تون مطلوب منور، چوڻ ڪرين تہ چوائي مين،
هر جاءِ تيڏا ذات ظهورا ، حڪم ڪرين تہ هوائي مين.

٣ تون مرشد تون مخدوم جهانيان ، راض ڪرين تہ رسائي مين،
مان ڳنتين ڳاريو دردين ماريو، دعا ڪرين تہ دوائي مين.

٤ تون " مظهر " العجائب " مهدي " مولا پال ڪرين تہ پلائي مين،
تون ستين عرش عظيم ڪان اڳتي، پهچ ڪرين تہ پهچائي مين.

ڪافي 39

دواهن درد منهنجي جي، طبيبان قرب سان ڪر تون،
هجئي ڪا سرت سيني ۾، ڦڪي فراق جي ڪرتون،

١ ناهي پڙي پسارن ۾ ، نــاهــي طــاقــت طبيبــن ۾،
مــگر معشــوق منهـ منهنجي، مقابلو روبرو ڪر تــون،

٢ ناهيان ڪنهن جي چئائڻ جـو، سوا محبـوب منور جـي،
پـڇـئـي تـ ڪـر خدا ڪارڻ ، دوا بي نـ ڪا ڪر تون،

٣ اهـــڙو آزار آ انـــدر ۾، جـلـي ويـو جـيءَ جگر جيرو،
اهڙو نـاسـور آهـي سـور، دائـهـ ڏيان سـان ڪـر تـون،

٤ لئي يڪدم طبع منهن جي، خوشيءَ جي خيال ۾ خاصي،
ڪيان مشهور " مظهر " ۾ اهڙو انصاف ڪو ڪـر تـون،

ڪافي 40

سخن ڪجي تہ پاڙجي نہ تہ سخن نہ ڪجي
تنهن ڪان مٺي ماٺ ڀلي، پنهنجي سرت سنڀار جي.

١ سخن ڪري جيڪو ڦري ، تنهن ڪان دور گذار جي
تنهنجي ڳالهہ ڦيل مقال اصل ڪم نہ آئجي.

٢ سخن سهڻو من مهڻو ڳچيءِ ڳهڻو. پائجي،
تنهن ڪي سڏي ، گوڏي گڏي وچ ونی ويهار جي.

٣ سخن ڪري پوءِ نہ پئجي ڪاهي پئجي آڙاهہ ۾
" مظهر " اتي " مهدي " مولئ پنهنجو سچو سنڀار جي.

ڪافي 41

ٿلھ: قدم بنا ٻي ڪوڙي ڪثرت،
زهد عبادت تقويٰ طاعت.

قدم بنان ناهي درشن دم جو،
شيخي مشائخي ڪشف ڪرامت.

ورد وظائف بانگ صلاتون،
نفل نمازون روزا نوڙت.

نفي قلبي روحي سري،
خفي ان خف انحد عبرت.

" مظهر " جملي جو ڪجھ آهي،
انا احشد بلا محبت.

دوهڙا

کهٽي کهي سڀ ڪو، رهٽي رهي ڪو رند،
پتنگ جيئن پرواز ڪري ، جلائي ساري جند،
" مظهر " ساري سنڌ، جيڪو مائي سو مشهور ٿئي.

دوهڙا

پرچي ت پل ۾ رسي ت وڃهي رات ،
" مظهر " ڏاڍي ذات محبوبائي ملڪ جي.

دوهڙا

ڏنڊ تري اڄ مري، هڙ ماني بڪ مري،
سو " مظهر " پنجي ڪيئن ڪري.

دوهڙا

کهڻ والي نون ايڪا ٽوڪا، سٽڻ والي نون پائي ،
ساري ٻال گوال انهان دي ڳٽي، جنهان هوندي هڙ وڃائي.

دوهڙا

وحدت وسري وسري وڃي، وڃن ڪير وسار،
پت پريان سان پاڙ، " مظهر " جي ميدان ۾.

شريعت جو نالو: وڏيرو محمد اسحاق انڙ المعروف وڏيرو ساڪن
ساڪن پراڻو آباد تعلقہ باڪراڻي ضلعو لاڙڪاڻو
طريقت جو نالو:ويساهه علي فقير
طالب: فقير پاڪ مهدي اما آخري زمان.

ڪافي 1

ٿلهه : عشق امام اسان وٽ آيو، رنديءَ جو راض ڪري ،
برهه بهادر بيشڪ بالا ، الڻ انا الحق آواز ڪري.

١ قرئبون ڪاهي قدم ڪڏائي، پختہ پيچ پسڻ سان پائي،
صورت وارو سانگ بنائي ، ڪوڙ قتل ڪواز ڪري.

٢ ريهه رنگيءَ جي راڻي رهبر، پرت پهري پوش پيغمبر،
پي پيالا موڪي مندر، نوڪ نيزي تي ناز ڪري.

٣ ويسَاهه وحدت واڳ وارئي، مخفي معنيٰ مام ملائي،
پير پتر تي پڙ ۾ بائي، پتنگ جيئن پرواز ڪري.

شريعت جو نالو: اميد علي ميرائي
ساڪن: اصل سونهري تعلقہ مورو ضلع نوشهرو فيروز
طريقت جو نالو: منظور علي فقير ولد نوڪر علي فقير ميرائي
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان

ڪافي 1

ٿلهہ: پرديس مان پهريا پرين ، ايندا اڱڻ منهنجا سڄڻ.
ڏک درد دلڙيءَ جا سڀئي، ساري سڄڻ پڇندا اچڻ

١ ڪانگ لنوي پيو لاٽڙي ، ايندا ڪرڻ ڪا ٻاتڙي،
سائين ملندا هن سائٽڙي ،روحڙو ڪندو منهنجو رهڻ.

٢ دلڙي نہ ڪر دانهون مٺي، آهين جي تون قربن ڪٺي،
واهہ واهہ سڄڻ ويندءِ وٺي، تن ۾ تنوارون ٿيون وڄڻ.

٣ مَنظورعلي ملندا پرين ،جهدوڻ جن ڪي جيءَ ڪرين،
اڳيان تني ڏکڙا ڏرين، قربئون قدم ڪٽندا ڪڍڻ.

ڪافي 2

تلهہ: اسان مست الست گذاريون تا،
حق صورت سوز سينگاريون تا.

١ سير صفاتي صورت وارو،
سيني منجهہ سنڀاريون تا.

٢ ڪن فيڪوني قطرو اندر،
قلبي قرب ڪمايون تا.

٣ فذڪروني اذ ڪرڪم ڇئي،
جيء پنهنجي کي جياريون تا.

٤ لامڪاني لقب اسان جو،
ڏوروُن ڏيهہ ڏسايون تا.

٥ مَنظور علي من ڪنت مولا،
رڳ رڳ منجهہ رچايون تا.

شريعت جو نالو: محمد علي ولد لاچار فقير ميراثي
ساڪن: ڳهڻي جو ڳوٺ تعلقو صوبوديرو ضلعو خيرپور.
طريقت جو نالو: نياز علي فقير (الڪٽ)
طالب:فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان

ڪافي 1

ٿلهه: سمر جي امر سان ڪيم حال حاضر،
نڪي لڪ لڪاير نڪي ذوق ظاهر.

١ هن حال جو خيال ڏسيان ڏيهه ڪهڙو،
سنگم سور سر تو خمر خيال خاطر.

٢ مهدي تا محمدمي موج دريا،
پياسو چا پيئندو ايڏو سخت ساگر.

٣ امر ٿيو عنايت سمٽر سٽر عليءِ ڪان،
پيارڻ جيارڻ عنايت عطا ڪر.

٤ هڪ نام هڪ حال شاهي شان تنهنجو،
عدم ڪان اُمنڙ آ اول اوست آخر.

٥ تنهنجو قرب الڪَٽ ته موجون چو نه ماٿيون،
سهڻو ساقي سرور مولا مهدي منور.

ڪافي 2

ٿلهه: ڪــڏي ڪسن ٿا ڪو ڏيا،
جن کي قدر آهي ڪات ڪان.

١ قرب جي ڪاتيءَ ڪسن، ڪات ڪوٺيــو قرب تن،
واڪــاٿيــو تــن وحـــده لا الـــ واري لات ڪـــان.

٢ جسم جامو ترڪ تن ڪي، دم سندو تن دوست جو،
دم دم ۾ حق حاصل رهين، ٿيا دور ٻي درجات ڪان.

٣ جي ٻئي طرف حق ٿا ڏسن ،ناحق اڃي اوڏو نہ تن،
سي پسي پـاتـار ۾، ڏوروڻ ٿيا ڏينهن رات ڪان.

٤ حــال اٿڪـّـن آ حبيــبن ، فــن فنا فــانــي سهــو،
آ بقا ڪنهن ڪين ڪي، آفلُ حقي حق ذات ڪان.

ڪافي 3

ٿلهه: اباڻي ملڪ تي لڏي يار هلبو،
چنل هن چپر کي ڇڏي يار هلبو.

١ هتي ماڳ مانجهند دنيا دم گذر آ،
مثل خواب سهڻا هي سهڻو صفر آ،
نڪي مٽ ۽ مائٽ زر ساڻ کڻبو.

٢ سوا نام حق جي سهارو نه سائي،
ٻنا سڀ فنا ٿي بچي ڪونه باقي،
سندو يار يا ڪي وٺي چارو چلو.

٣ اجهو عيبدارن جو مهندار مهدي،
سچڻ جي سهاري لهندا سور سختي،
ڪندو پار ڪشتي وچي ماڳي ملبو.

٤ اٿم عيب اڻ ڳڻ واندو وار ناهي،
ڍڪي پاڻ ڍولڻ پلئه پاڪ پائي،
سهڻين ساڻ سڄڻين، وڃي پار پئبو.

ڪافي 4

ٿلهه: نينهن ريءَ ناپيد هئين،
ذوقئون اڄي ظاهر ٿئين.

١ پتلو بنائي خاڪ جو موجودگي معنيٰ رکي،
شاهي شرف پنهنجو ڏسي ملڪن اندر منور ٿئين.

٢ ناهه ٻ نعرو هٿي هو حق سندو هو ڪو ڏئي،
ثابت ڪري سر عشق ٻ تهدل اڄي طاهر ٿئين.

٣ بحر اٿڪڻ عشق اعليٰ، مهّدي موج درياه سان،
اول آخر هڪ ڏسي، محبت اندر ماهر ٿئين.

ڪافي 5

ٿلهه: تڪ وي تيري آنديان،
تڪ وي تيري روءِ.

١ گڙن ٻڙن وچ وقت وڃايا،
بيسودا ٻي ٻوءِ.

٢ ويسر يار جهالت جامي،
خالي تيري خوءِ.

٣ من موهن وچ من دي وسدا،
جندڙي تيري جوءِ.

٤ اڳڪڻ هو يا پاڪ نظارا،
هِر دي اندر هوءِ.

ڪافي 6

تلھ: مهديءَ جي مشيخاني ۾،
جوش پريا جنگ جام پئن ٿا.

١ پئن مست سدا مردا ٿ، نسري نينهن ٿيا نيشانا،
حال هم حسياني ۾.

٢ وسقا هم ربهم شرابً طهورا، پرين پيارن پري پڙ پورا.
قرب پرئي ڪاشياني ۾.

٣ ساڻون موج درياهه سدائين، سير عشق جي اونهي اٿاهين،
راز رموز رنداني ۾.

٤ اول آخر، باطن، ظاهر، هڪ ڪري ڄاتم مهدي منور،
اٺڳڻ هر آشياني ۾.

ڪافي 7

ٿلهه: بـــي غـرض بـازدارن ، دل ڪئي شڪار آهي،
سڻ سهم ساڻ هڪدم، ڇڏيو ساهه تن سڪائي.

١ جهڻ جهام ڏئي جهلڻ سان ، ڪلڙي ٿي ڪلجي ڪم ڪم،
ڇيري ڇنڻي ڇنبن سان ، ڪنپ ڪنپ ڇڏيائون اڏائي.

٢ هجت جي هـام تـوڙي ، نـازن سـان دل نـهوڙي،
ونحـن انـدر وڪـوڙي ، ڪـابو ڪري ڪنبائي.

٣ تڙڦڻ سـان ڪيـن ڇنـدي ، پـر ٿي لڇي لڳيءَ ڪان،
گهورن جي گهاءَ ڪيڙس، تـنجـي عجب ايـزائي.

٤ ڇيخون ڪري ۽ روئي ، سـڪ سـوز جي سفر ڪان،
اٿـڪـڻ سـا آهه راز آ، بـحـري فـراق پـائـي.

شريعت جو نالو: الله آندو " آندل " ولد محمد جمن ملاح
ساڪن: صوبوديرو ضلع خيرپور
طريقت جو نالو: عاشق علي فقير
طالب فقير پاڪ امام آخري زمان مهدي موليٰ جو

ڪافي 1

ٿلهہ

ديدان تہ پنهنجي دلبر سان ، ڏس تون ملائي اکڙيون اڙائي،
سامهون تون سدائين سهڻل جي، سرڙو نوائي ، اکڙيون اڙائي.

١ قابو ڪري ٿو قرب سان قربدار ڪيئي،
رانجهن ڪري رهاٿيون، ونحن جي ويڙهہ ويهي،
محبت جي مندر من ۾ منگهن موج مچائي، پوءِ پرين ٿو پاڻ پسائي.

٢ ٿي پروان پتنگ پسي پڙ ۾ پير پائي،
ثابت صورت سچائي سر جو سانگو لاهي،
منصور ٿي مقابل حق انا الاَ الائي ، سر سوريءِ سنباهي.

٣ نيڻن جي ناز ناٽڪ نروار ٿي نچي ،
عاشق علي اڏي ٿي اظهار ٿي اچي،
مهدار مهدي منور جا سخن سٽائي ، رندي رمزون رلائي.

ڪافي 2

ٿلهه: اصل عدم ڪان ٿي عريان آيو آهيان،
ساڻ سورن وارو ، ڪٿي سامان آيو آهيان.

١ صورت وارو سانگ بنائي، ٿاهه عجائب آيس ٺاهي،
ماڳ انهيءَ ٿي مهمان آيو آهيان.

٢ ڪٿي مندر جامي جوڙيان ، برن ٿرن ۾ خيما کوڙيان،
بيک بشر جو ڪري بهان ، آيو آهيان.

٣ مولا مهدي آ موج مچائي ، هر جاءِ هادي حق هڪائي،
عاشق بڻجي ٿي آشيان آيو آهيان.

شريعت جو نالو: عبدالفتاح ولد ملان عبدالخالق لاکو
ساڪن: وڏا لاکا تعلقہ گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس.
طريقت جو نالو: نظر علي فقير " باشو "
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمانہ

ڪافي 1

ٿلھ: ڪٿي ساغر ساقي آيو، ورھ وارن جي ويڙهي ۾.
ڪن ورائي وٺيون ورتيون، وڏا ڪي جام جهيڙي ۾.

۱ حسن حسنات جو هادي، مغان مشهور ٿي مهدي،
آيو اظهار ٿي احدي، ملاقاتن جي ميڙي ۾.

۲ پيتا پر پاڪ جن پيالا، نشانبر ٿيا سي ٿي نالا،
اهي اول آخر اعليٰ آيا جي عشق ويڙهي ۾.

۳ آدم جو پوش آ اهنجو ، سڃاڻ ناصفا سنهنجو،
ڏنو جن پاڻ ۾ پنهنجو نظر تن نام نيڙي ۾.

ڪافي 2

ٿلهه: هر جاءِ حسن دا هادي، سردار جا پڄا هي،
ويکو تماشا دم دم، ديدار جا پڄا هي.

پهلا نفي نشانا اور هي سري سامانا . خفي خيال خانا،
اخفا الا الانا. پنجوين قلب کي ڪوٺي تو منٺار جا پڄاهي.

اصلٿون آيا احمد بن مير نال محمد . ساري خلق ڪا خاوند،
تعريف جس کي الحمد مهدي ڪا سر منور مهدار جا پڄاهي.

لقب مليا لاسانا. الانسان سري انسانا . قر ظاهر هويا زمانا،
سارا کيل آنا جانا. صاحب بنا صورت ڪا. دلدار جا پڄاهي.

بشري بني هي بازر قاضيٰ ڪهان هي ڪافر مجهول ڪهان هي ماهر،
جو بيرنگ وهي هي ظاهر محبوب هي مندر ۾ سينگار جا پڄاهي.

نَظر علي ڪانقشا. سارا هي روپ اسڪا. بيخود بحريء بخشيا،
انکي صورت ڪا نشا مؤمن کي دل ۾ محبت. وهه بهارجا پڄاهي.

ڪافي 3

ٿلهه: گل علي گلزار گلشن ، موج مستيءَ ۾ محو.
سيد علي سرڪار سرور ، مقصود مولا هو ٻهو.

١ اظهار مهدي مصطفيٰ ، عاشق اول ۾ علي رضا.
محڪم مدامي موج دريا سو سچو سيد سهو.

٢ هادي سمن بادشاهه ، مختيار منور رهنما.
ضمير زيادهه زيب آ، واهه جهانيء جستجو.

٣ سر سڪندر سالڪان، عاشق تصورِ حق سان.
گنج رهبر طالبان ، روان رسالت روبرو.

٤ نظر دعاگو در سدا، ڏي واٽ وينڌن کي ودا.
فيض پرور بي انتها ڪامل ڪيا ڪيئي ڪهو.

چٽي؛ جو نالو يعني شريعت جو نالو؛ اشرف علي ولد ڪوڙل خان شاهاڻي بلوچ
ساڪن؛ ميرخان شاهاڻي تعلقو صوپوديرو
طريقت جو نالو؛ منصور علي فقير ولد بحر علي فقير.
طالب؛ فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان

ڪافي 1

ٿلهه: پيو پتو نہ ڪو پاڙ وٺيو آ يار جو ديدار.

١ قلب اندر ۾ تنهنجو ديرو،
گهير نہ ڪنهن سان پيار.

٢ سواءِ محبت منجهئون نہ ملندي،
دٺي؛ ڪٺون ٿي تون ڏار.

٣ هڪ دم سچ ڪان ٿي نہ پالهو،
وٺي نہ وجهہ هڪ وار.

٤ منصور ٿي ميدان ملهائج .
پرئتي پير نہ ڪار.

ڄمڻ جو نالو: چاندو مل ولد ڏنو مل ساڌاڻي ساڪن جادو واهڻ
تعلقہ گمبٽ ضلعو خيرپور
طريقت جو نالو: پروان علي " پروانو "
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان.

ڪافي 1

ٿلهه : مطلوب مهدي، صنم حيات،
وائي سچڻ جي آهي وات.

١ راهه رباني نام نشاني،
تن ۾ تنهنجي آ تات

٢ پيهي ڏس تون پاڻ ۾،
دور ڪري درجات.

٣ صورت سارو سير انئي،
ڪلمو ڪل ڪلمات.

٤ پس پرين تون پرواڻ پيهي،
اولو نفي اثبات.

شريعت جو نالو: جان محمد " جانڻ چن "
ساڪن: ترڙي محبت هالي موندر لاڪا تعلقه وارهه ضلع لاڙڪاڻو.
طريقت جو نالو: صادق علي فقير
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمان

ڪافي 1

ٿلهه: سور پلي تنهنجا ساڻ هجن،
مونسان تون به ساڻ هجين.

١ نه سور وڃن نه تون وڃين، منهنجو پريل ماڻ هجي.

٢ ووڙڻ تنهنجي عشق ۾ ، مون کي اها تاڻ هجي.

٣ فذڪروني اذڪرڪم ، مون کي اهو ڏاڻ هجي.

٤ اندر ٻاهر توکي ڏسان، شل پنهنجو نه پاڻ هجي.

٥ ناهي ڄاڻ جوڙ جتيءَ جو، مون کي اهو ڄاڻ هجي.

ڪافي 2

ٿلهه: بهشت ڇڏيو پاڻ مون، مونکي نہ ڪنهن لوڏايو،
طالب العقبيٰ مونث پسند مون کي نہ آيو.

١ مون ڪان مٿي پيو ڪير هو ، جيڪو تڙائي ها مون کي،
منهنجي اهائي ذات آ ملڪن ٿي سر جهڪايو.

٢ قميتي ڪٿو ويس ڪدي ، جيڪا موچاري هئي مڏي،
مون تي ملامت ڪئي تنين ، جن کي سمجهہ ۾ نہ آيو.

٣ هت سان حوا کي ڇڏي هجر جنو هنباه ڪيم،
نفيءَ ۽ اثبات جو پانور مون پچايو.

٤ مو تو قبل جي ٿيا انهن ۾ اثبات ٿيس ،
اتي آواز منهنجو انا الحق الايو.

٥ جامو ڄاڻ جو ڪري بارود آيو آهيان پري ،
سر تي جيڪو سر ذري انهيءَ ۾ سمايو.

شريعت جو نالو: عطا محمد ولد الله بخش شاهاڻي

طريقت جو نالو: فيراق علي فقير شاهاڻي

طالب: فقير شهنشاهہ مهدي امام آخرزمان مخدوم جهانيہ

ساڪن: ڳوٺ مير خان شاهاڻي، تعلقہ صوبوديرو ضلع خيرپور ميرس

بيت

ناڱا پنهنجي نفس سان، تا تارڪ تاديون ڪن.
ترڪ ڪري ترڪ ڪي، تا پيائي ٻن وڄهن.
عشق اٿانگي اوڪي ڪي، تا ريجهائي ’رَبُ پسن.
سنجهي رهن سمهي، تا آڏيء رات اُٿن.
فيراق، عاشق اهي سڏجن جن پاڻ سڄاتو تنهنجو.

ڪافي 1

ٿلهه: جاڳڻ سان رک جار،
ساٿ سنڀالي ڪڻ تون سارو،

۱ محب ميارون چو ڪٿين ٿوا، پنهنجو پاڻ ڪي ليزم ڪرين ٿو،
مولا تنهنجو مددگار،

۲ عشق ڪي عاشق پاڻ ۾ پائج، سرت سنڀالي سيني لائج،
دل ۾ ڪر ديدار،

۳ محبت من ۾ رک معياري، ڪيج هلڻ جي ڪر تياري،
فيراق مهدي آهي مهندار،

2

قلهہ: ڪر اعتبار رَهُ هوشيار . نام سائينءَ جو ڪين وسار.
هيڏي هوڏي ڪين نهار . نام سائينءَ جو ڪين وسار.

١ نام ترالو وَٽُ پيو نيهي . پَسُ پسڻ ڪي پاڻُ ۾ پيهي،
هر دم هڪ لاءِ رَهہ تيار . نام سائين جو ڪين وسار.

٢ ترت تمنا رکي ڏس تن ۾ . بين بجاءِ پنهنجي گگن ۾،
رهہ رهبر واري تار . نام سائين جو ڪين وسار.

٣ فيراق مَنَ ۾ تات تنوار . ڪڏهن نہ تي وڃ ان ڪان ڏار،
آهي مَهَدي مرسل هٿ مهار . نام سائينءَ جو ڪين وسار.

شريعت جو نالو: محمد صديق ذات گلال
طريقت جو نالو: صادق علي فقير
ساڪن: وڏا لاڪا تعلقہ صوبيديرو ضلع خيرپور
طالب: فقير پاڪ مهدي امام آخري زمانہ

ڪافي 1

ٿلهہ: مرڻ جيوڻ دي ڪاڻ نہ ڪائي،
ڪونہ قبر وچ آ ويگا.

١ جس پر آوي اس پر جاوي،
پرجهہ اهائي پاويگا.

٢ خاڪي پتلا خاڪ بنا ڪر
اوپر دم اناويگا

٣ صَادق موت مغان نهين آ ڪيا،
غازي غم نہ ڪاويگا.

ڪافي 2

ٿلهه ڏسي اظهار ٿيون اکڙيون، پرين پاسي نہ پائين ٿيون،
پروڙي مام معنيٰ جي ،انا احمد الائين ٿيون

۱ نظارو ناٿ سان لائي، رنگي رهبر سندي رائي،
ملامت بارسر چائي، پرت سان پيچ پائن ٿيون.

۲ مچائي مچ محبت جو، سجائي سير صحبت جو،
وڄائي ناد نوبت جو ، نئون نئون نينهن لائن ٿيون

۳ هٽائي هوڏ هستيءَ کي ، مچائي موج مستيءَ کي،
وسائي ويراڳ وستيءَ کي ، لنگهي لاڪان لڙائن ٿيون.

۴ صَادق صاف صورت سان، محو ٿي مست مورت سان،
پسڻ جي پيچ پورت سان ، اناالحق گيت ڳائن ٿيون.

شريعت جونالو: علي بخش ولد محمدحسن بجراڻي لغاري
طريقت جونالو: اثبات علي فقير ولد ثناعلي فقيرلغاري
طالب : فقيرسيد شيرعلي سائين جهانيہ سجاده نيشن درگاه
شاهپورجهانيہ جن جو
ساڪن ڳوٺ بجراڻي لغاري نزد پراڻو ڳچيرو
تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ

ڪافي 1

ٿلهہ هيڻن يتيمن جو يار،
مرشد منهنجو شير علي آ

١ اول آخر باطن ظاهر، آهي اڙين جو آڌار.

٢ ڪل ولي اولياء انبيا جو، ساقي آ سردار.

٣ ساري جڳت ڪي پاڻ هلائي، آه موڪي مشيا دار.

٤ ڪل شي احصيناٺي امام مبين، پڙهي آيت ڪر اعتبار.

٥ اثبات علي آ مودي مڙين جو، وڪر ورهائي وينجهار.

ڪافي 2

ٿلهه: صفاتي سير دي سانگي عشق اظهار ٿي آيا،
حسن والي هنگامي هل نسنگ تروار ٿي آيا.

١ عشق دي انگل سب آري ، عاشق سر تي چاون ساري،
دليئون دم دم هڻن نعري ، سووي سينگار ٿي آيا.

٢ ديدان ديدين وچ دائم ، ڪروڙين قرب ٿئي قائم،
پيوند پريت دا پاير ، پتر پيار ٿي آيا.

٣ اول آخر باطن ظاهر ، هويا اثبات اندر ٻاهر،
صورت شير علي صادر ساقي سردار ٿي آيا.

ڪافي 3

تلهه نهين کهيندي مجال،
بار برهه دا عاشق چاون.

۱ عشق دي ميدان تي آ ڪي، پير پختي پڙ وچ پاڪي،
تـوڙي ٿـيون پـيمال ، قـدم قـرارا اڳـتـي وڌا ون.

۲ گم ٿي غـازي گوندر گهارن، قول الستي ٻول ڪون پارن،
دم دم نـال خيـال ، ٿـي خامـوش سـانگ رڇاون.

۳ مان ڪون مار مات ڪريندي، نفي وڃون اثبات ڪريندي،
واحـد وصـال ، ٻـولـي انـالحق الاون

شريعت جو نالو: لعلُ بخش ولد وزير خان بجراڻي لغاري.
طريقت جو نالو: اقرار علي فقير
ساڪن: ڳوٺ بجراڻي لغاري نزد پراڻو ڳڇيرو
تعلقہ مورو ضلع نوشهرو فيروز سنڌ
طالب: فقير سيد شير علي سائين جهانيہ سجاده نشين درگاهہ شاهپور جهانيہ جن جو.

ڪافي 1

تلهہ: خيال آهي خيال ٿي،
خيال ڪي ڏس خيال ۾

١ خيال صورت خيال جي خيال غالب خيال تي،
خيال ٿي ڏسي خيال ڪي وحدتي وصال ۾.

٢ دم قدم ڪر قتل خيال وارو خنجر ڪٺي،
خيال ڇاتو خيال ڪني حق حاصل حال ۾.

٣ خيال خود ڪولي ڏنم، خيال ثابت خيال سان،
سرت ترت سير سارو خيال جي سنڀال ۾

٤ هٽ ڪر تون خيال پنهنجو ، ڌيان جي ڌوڻي لڳاءِ،
اقرار آهي خيال سان قائم قرب ڪمال ۾

ڪافي 2

ٿلهہ اسان هر دمر حال حقاني هون،
وچ وحدت سر سبحاني هون.

١ ڪول ڪتابان مور نہ پڙهندي، صورت سانگي سانگ هون ڪردي،
نوڪ نينان والي چوٽ هون چڙهندي ، صوفي صاف سيلاني هون.

٢ علمر عقل دي جاءِ نہ ٿيا هين ، آندا عشق امامر اٿاهين،
ڏينهن نہ رات ڪوئي جٿاهين ، لاشڪ لال لاثاني هون.

٣ آب حيات دا پيتمر پيالا ، تڏهن ٿيو سي تهدل تسليٰ،
عشق عشاقي عاشق اعليٰ شاهي شان شاهياني هون.

٤ پيرر مغان حق پاڪ پساري شيرر علي هي نرنرواري،
مخدومر جهانيہ سر پڳداري تنهن دي در درباني هون.

٥ ذاتي حسن حضور ڏٺو سي ، عشق الاهي راز رتو سي،
اقَرار مستومست ٿيو سي، يار بنا ويراني هون.

ڪافي 3

ٿلهه: آدم اولا پاڪر چولا، اپنا آپ ڇپايا هئي،
ڪر ظهورا ذاتي والا ، ساري وچ سمايا هئي.

۱ رنگ محل وچ بي رنگ بازي ، واهه جو آ پيٽر پوئي،
لاڪر نينهن نظارا سارا، آپڪون آپ وڪايوئي
عاشق غازي ٿي ڪراضي ،سانگ تي سر چڙهايا هئي

۲ صورت معنيٰ صورت اي ، عجب چالي چلايا هئي
وحدت ڇوڙ ڪثرت ڪيتئي، ايسا رنگ رلا ياهئي
ونفخت في هر روحي ، هردي وچ رکاياهئي

۳ اقرارولا ناتا نسنگ ، محو ٿي ملهاير
ويک ظهوراظاهرباطن ، صوفي ڏرم ڏراير
ڪتان معشوق ڪتان عاشق ، ڪٿ قرب قتل ڪراياهئي

شريعت جو نالو: عبدالله خان
طريقت جو نالو: عبد علي فقير
تحصيل: شڪر ڳڙهہ ضلع نارو وال پنجاب صوفي عبدعلي فقير المعروف باباخان رموز قلندر جو مصنف پڻ آهي. جنهن ۾ فقير جو پنهنجو ڪلام محفوظ ٿيل آهي. جيڪو 28 مارچ 2003 ع ۾ ڇپيل آهي. هي درويش فقير صوفي شير علي سائين جهانيا سجاده نشين درگاهه شاهپور جهانيہ جن جو طالب آهي.

الف الله ول کریں دهیان،
بندے اپنا آپ پهچان۔

ا بے باقی بھی خود ہے ساقی، آپ اللہ وچہ نوری خاکی،
عاشق کھول دلے دی تاکی، مکھ ویکھے تے سنے قرآن۔

۲ ہمہ اوست تے اندر باہر ، ھو الاول ھوالآخر،
ھوالباطن ھوالظاھر، عرش فرش تے آپ ہی جان۔

۳ خودی لقا ہے خودی مکائیں، موت قبل امر ہے سائیں،
آپ مٹیں تے آپ کو پائیں، عبدؔعلی دی رمز پہچان۔

آپ چ آپ سمایا، سائیں میم دا برقعہ پایا۔
انا احمد بلا میمی، آپ اللہ فرمایا۔
سائیں میم دا برقعہ پایا۔

۱ چوں طرفیں ہر عالم شاہی ،ہر ہر جائے حسن الٰہی
ہے ہر جاء حکم چلایا ، آپ چ آپ سمایا،
سائیں میم دا برقعہ پایا۔

۲ ہر گلشن ہر گل دے اندر، ظاہر باطن راز قلندر،
ہے ہر جاء حاضر آیا ، آپ چ آپ سمایا ،
سائیں میم دا برقعہ پایا۔

۳ خلق آلادم اعلیٰ صورت، سوہنی میم دی موہنی مورت،
ہے ملکاں سیس جھکایا ، آپ چ آپ سمایا،
سائیں میم دا برقعہ پایا۔

۴ عبد علی نے سچ کر جاتا، ھو منصور ہے یار پچھاتا،
ہے اناء الحق الایا ، آپ چ آپ سمایا،
سائیں میم دا برقعہ پایا۔

گر دی بات نیاری یارا، گر دی بات نیاری،
گرو پیارا گر سمجھائے، صدقے سو سو واری،

۱ گر بن بے گر گر نہ پائے، بھاویں کے تیرتھ جائے،
علم لدنی گرو بتائے ، گر دی بات پیاری۔

۲ چن سمایا ہر ہر تارے، قطرے وچ سمندر سارے،
جز اندر ہے کل پیارے، ہے آدم راز غفاری ۔

۳ شاہ گراں گر خوب وکھائے، قربانی لئی قرب لیائے،
امت ڈاہڈ ظلم کمائے ، روئے بہن وچاری۔

۴ ظالم پاپی ظلم کمایا، ڈیرہ نال یزیدیاں لایا،
فتوی لا کے قتل کرایا ، لعنت سو سو واری۔

۵ عبد علی حق حیدر مولا، باقی ہے سب رولا غولا،
نبی کہیا من کنت مولی ،حق حیدر دی سرداری۔

طريقت جو نالو: سبحان علي بجراڻي لغاري.
شريعت جو نالو: سلطان علي
ساڪن: ڳوٺ بجراڻي لغاري نزد پراڻو گچيرو
تعلقه مورو ضلع نوشهرو فيروز
طالب: مخدوم جهانيه فقير سيد شير علي سائين سجاده نشين درگاهه شاهپور جهانيه جن جو

ڪافي 1

ٿلهه: مـلا آپ ڏيـنـدئي اعـلان
آدم تي سجدا او جنت دي جوان
الله تـي سـجدا بنيدي شيطان

١ بهه بهه مصلي مسٿلي بنيدئي،
ڪـول قـرآن لـوڪ منجهيندئي
دشمن هئين انسان

٢ نـفـل نمازان ڪنهن تـي سجدا،
ريءِ آدم دي الله ڪـتـا ان.
ملڪ ڏس ميدان

٣ آدم چـــوڙ الله ڏي ويند ئي،
کهڙي سزا ول آپ ڪـون ڏيـنـدئـي
نـام ڏس نـشـان

٤ سبحان علـي ڪـون تـون ڪـيـا چائي،
بستر تي معراج تي بهي خيبروچ بهي سائي
چـائي محمد شان

ڪافي 2

تلهہ سڻ سڏڙا شير علي سرڪار
بيحد هان بيمار

۱ بيوس ٿي پيا . آهان ڪريندان
قدمين تيڏي سرڙا ڌريندا .
تون جو هئين بردار.

۲ در تيڏي تي جهلي هم جهولي
پر ڏي ڪائنات دا والي،
تيڏي هون آڏار.

۳ سبحان علي هئين پيار تون پيارا
نوري هئين نور نظارا.
دل دا هئين دلدار.

شرعي نالو: غلام رسول لانگاهہ ، تخلص غازي

طريقت جو نالو: غلام علي

ساڪن: ڳوٺ لانگاهہ لڳ باءِ پاس دولتپور صفن

تعلقہ دولتپور ضلع نوابشاهہ

طالب: فقير سيد شير علي سائين جهانيان

سجاده نشين درگاهہ شاهپور جهانيہ جن جو.

ڪافي 1

تلهہ: مرشد ميڏا شير علي هي،
گيڙو الفي پاتي هو.

ا اول آخر باطن ظاهر،
ذات ظهورا ذاتي هو.

٢ پڳ پڳدار درگاهہ جهانيہ،
تصور تن تسلاتي هو.

٣ آسان ويسان تروڙ نيسان،
هر دم حال حياتي هو.

٤ نڌ ڪروني نال هميشہ،
پاسان اندر وچ جهاتي هو.

٥ غَازي تنهن ڪون سجدا ڪريندي،
اعليٰ عشق اثباتي

ڪافي 2

ٿلهه: ڪين ڪمائي ڪين ڪيوسين،
قلبي قرب قراري آ.

١ هر جا هر هنڌ حاضر ناظر،
بيحد برهه بهاري آ.

٢ وفي انفسڪم آهي اهوئي،
پختي پرت پياري آ.

٣ موتو قبلل انت موتو،
جانب جوت جياري آ.

٤ غازي گياني گوشي گهمدي،
هر دم حال هزاري آ.

ڪافي 3

ٿلهه: منٺي محبوب جي رهٺي، عجب اسرار ٿي ڏسجي،
وجي ويهي وٽس ويجهو، رنگي رخسار ٿي ڏسجي.

١ نوان نت نينهن جا نقطا ، چوي وينو پڪا پختا.
ادب اخلاق جا گفتا، اتم گفتار ٿي ڏسجي.

٢ اها آ ذات نوڀالي ، عجب الٺي چلي چالي،
سوالي نہ وڃي خالي ، سخي سرڪار ٿي ڏسجي.

٣ ٿيو سڀ تا وڃن راضي، هندو مؤمن ملا قاضي،
ڪري تعريف چا غازي، درس درٻار ٿي ڏسجي.

چوٰ سٺا بيت

۱ خيــال دي نــال خيــال هي مليا، پاجهاري بـول بليندا هـو،
خيال هي خالق خيال هي مالڪ، خيال ڪون خيال ڳليندا هو،
خيال دي رفتار تيز تـڪي هـي، خبـران خيال ڪليندا هو،
خيال خوشي سان غازي بن ڪر، هو هو هـوڪـا هلينـدا هو.

۲ غيب دا علم تڏهن هٿي مليا، سانگا سردا سٽيا هو،
وڃ ميخاني پيـالا پيتم ، لـوڪ لاڳـاپ لـٽيا هـو،
فذڪـروني نـال هميـشه ، نـام مـولادا جهٽيا هـو،
غـازي علي دا طالب بڻيا، پير نہ پوئتي هٽيا هو.

۳ نرڙ گساوڻ وقت وڃاوڻ ، سوئي مور نہ سکيا هو،
برهہ والي بازاران وڃون ، مزا عـشق دا چکيا هو،
فذڪروني نال هميشہ ، يـار صنم ڪون رکيا هـو،
غـازي بن ڪر ترڙ نپيسان، روزا زل دا لکيا هـو.

شريعت جو نالو؛ زوار محمد حسن ولد حاجي آدو خان لانگاھ
طريقت جو نالو؛ نيشان علي فقير لانگاھ
ڳوٺ لانگاھ لڳ باءِ پاس دولتپور تعلقه دولتپور ضلع نواب شاھ
طالب؛ فقير صوفي سيد شير علي سائين جهانيان
سجاده نشين درگاھ شاهپور جهانيه جن جو.

ڪافي 1

ٿلهه: ڪهڙو فرق آهي الله ۽ آدم ۾،
ڪر سير سارو، دم لي تون دم ۾.

١ نانگن جي نستي، برابريت پرستي،
بره جي آ بستي، ڪُفوا عدم ۾.

٢ هو بيرنگ نيارو، ڪري نينهن نظارو،
پسڻ لاءِ پسارو، رنگ جي رسم ۾.

٣ لا اله نفي ڪر، الا الله اثبات ڪر
پنهنجو پاڻ گر ڪر، ساقي صنم ۾.

٤ ڪر ثابت سر سان، روشن رهبر سان،
ڪُلي خيال خفيءَ ڪان، نيشان نظم ۾.

ڪافي 2

ٿلهه: دل ڪاڻ هٿي دل ڪاڻ هٿي
من موهجي ويو، ويٺي عمر ڪٽي.

١ پيار پرينءَ جي ڪيو آ پڌرو،
سڪ صنم جي آهيان سٽي.

٢ حسن جا جلوه جهين جهلڪ پر،
غير منجهان ويٺي جند ڇٽي.

٣ عشق الاهي آيو جذهين،
دوئي جي مولا پاڙ پٽي.

٤ ننگ نشان آهي اوهانجو
پيار واري ويٺو پڙهان پٽي.

ڪافي 3

ٿلهه: پيار مان آيس پيار ۾ رهندس،
پيار جـون ٻـوليـون ٻـولي يار.

١ بيرنگ بـازي بـرهه ٻـڌائي،
ڇڙنگ پئي وڃ ڇولي يار.

٢ عشق الاهـي آيـو اچـانـڪ،
ذات نـالـو نـٿـو ڳولي يار.

٣ ناز نيـڻن جي ڪيـو نـرالـو،
شعاءِ حسن جي شعولي يار.

٤ نينهن نـشان نـسنگ نيـارو،
خيـال ڏنـم خود ڪولي يار.

ڪافي 4

ٿلهه: عشق جو اعليٰ شان،
برهه جي بازي پرجهڻ اوکي.

۱ ڪيهي ڪريان حال حقيقت صرف ونحو جي ناهي ضروروت،
ثابت سر سبحان برهه جي بازي پرجهڻ اوکي.

۲ ماڳ اسانجو ملڪ انهيءَ ۾ بوبشر جي ناهي تنهن ۾،
اتي ٿيو آشيان برهه جي بازي پرجهڻ اوکي.

۳ ڪيف ڪلالي قرب ۾ قائم، موج انهيءَ ۾ آهيون محڪم،
نينهن ڪيو نيشان برهه جي بازي پرجهڻ اوکي.

شريعت جو نالو: بشير احمد ولد محمد ادريس انڙ.
طريقت جو نالو: برسات علي فقير
ساڪن: پرالو آباد تعلقه باقراڻي ضلع لاڙڪاڻو
طالب: فقير معراج علي سائين جهانيه جو

ڪافي 1

ٿلهه: تون آهين مان ، مان ناهيان تون،
بلڪل بات بحال آ، پيو نه ڪو خيال آ.

ويساهه وحدت وسئيون وسايون،
قيل نه پيو قال آ.

صورت مورت وحدت ڪثرت،
واهه واهه ويس وصال آ.

وفي انفسڪم وارو فرمودو،
قرب اهو ڪمال آ.

برسات بي خيال نه ٿي،
قبل نه ماضي، حال آ.

ڪافي 2

ٿلهه: ڪم نہ ٻيو ڪار هجي، رڳو دلبر جو ديدار هجي.
هو هو جي هونڳار هجي، جانب جلويدار هجي.

سوز ۽ ساز هجي، قرب جو ڪاڙهو هجي،
ٻاهر نہ ٻاڪار هجي.

٢ ڪسڻ جي ڪار هجي ، ٽٽڪڻ نہ ٽٽڪار هجي،
معشوق مختيار هجي.

٣ برسات بيخود هجي، حد نہ لاحد هجي،
صورت سرڪار هجي.

ڪافي 3

ٿلهه: تنهنجو توسان آهي يار،
پيو پڇين ڪو ڪهڙو پار.

١ وفي انسڪم قول قرآني، الانسان صورت جاني،
دلڙي دلبر ڪئي ديواني ، وجهه الله ڪري وار.

٢ مک معراج مهتاب منور، ساري ساڻ ڪڻ سمر،
سونهن سراسر ساقي سرور، دم دمي ڪر ديدار.

٣ پاٽيري ڪر پاڻ اچي، برسات پلا پوءِ ڪيئن بچي،
روح ۾ اهڙو رنگ رچي، ڀيا حيلا ڇڏ هزار.

ڪافي 4

تلھ: الله اجا اورتي، پرين پنڌ پري،
سڄڻ سوا نہ سري.

١ سڪ ٻڌايم سندرو، منجهان ذوق ذري،
محبت پر لو مري.

٢ هٿان حباب ويا هليا پيا سين منجھ تري،
ڳجھ انهيء ڳري.

٣ سچ سراسر ثابت برسات پلاچا ڪري،
ڏس تون ڏيان ڏري.

ڪافي 5

ٿلهه: ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان،
ڪنهن سان ڪريان ڳالهڙي.

١ سور سيني ۾ ڏئي ، فراق ۾ ويو ڦاسائي،
موٽي ملندو ڪڏهن ، واريندو وصالڙي.

٢ سورن جون سٽيون پياري، حيران ڪري ويو هليو،
در دلبر تي ڏرٽو هٽي ، وينا آهيون سوالڙي.

٣ ميخون محبت جون من ۾، هوت ويو هڻي،
ماري ماٽن سان ڪري ، مست ويو موالڙي.

٤ برسات ليندي بهاري ، روءِ نہ زارو زاري،
سڄڻ ڪندو ستاري ، ڪانهي قرب ڦال ڙي.

شريعت جو نالو: پيرل ولد رحيم بخش اوٺو.
طريقت جو نالو: جانب علي فقير. ساڪن ڏيرو واهڻ (حسين آباد)
تعلقو صوڀوديرو ضلعو خيرپور ميرس
طالب: فقير معراج علي سائين جهانيه جو

ڪافي 1

ٿلهه: توسان منهنجو پيار، سمر سائين توسان منهنجو پيار.

١ آلاتــ تـنـهـنـجو آهـيـان ،
تون ڇني نہ ڇڏجانءِ ڏار.

٢ تـون تہ مـالـڪ مـلڪ جـو آهين،
تـرڪي مڙيو ٿي اختيار.

٣ محبت تنهنجيءَ ۾ مست ٿياسين،
تـون جـانبَ آهـيـن يـار

ڪافي 2

ٿلهه : آيو سهڻوسنهڙوسائين

١ محبوب مون تي ڪئي احساني ، اڱڻ آيو دلبر جاني،
ڪوڙين قرب ڪيائين.

٢ تنهنجي آئي عيدون ملهايان، ٿوراتنهنجا لک لک پانيان،
پنهنجو پال پلائين.

٣ ڳڻ تنهنجا مان جانبَ ڳايان، پنهنجو پاڻ ڪيئن پڏايان،
ناتو نينهن نيائين.

شريعت جو نالو: ميهر ولد مطلب پيلار
طريقت جو نالو: مهر علي فقير پيلار
ساڪن: ڳوٺ وڏا پيلار
تعلقو صوڀوديرو ضلعو خيرپور ميرس
طالب: فقير معراج علي سائين جهانيہ جو

ڪافي 1

ٿلهہ: حضرت عشق پلي ڪري آئين. پير جسم ۾ پاءِ پلي،
گهڻيون گهير گهماءِ پلي.

١ بيشڪ آهين پارس پيارا . لوهہ ڪي سون بنائڻ وارا،
اوري اوري آءُ پلـــي.

٢ تنهنجي آئي عيد ملهايا . ٿورا تنهنجا لک لک پايان،
جوڙ جسم ۾ جاءِ پلي.

٣ مهرَ علي عشق جي منزل ماڻ رند ٿي رندن جي رمز سڃاڻ،
سِر جو سودو لاءِ پلـي.

شريعت جو نالو: نياز حسين منگڻيجو
ولد محمد ملوڪ منگڻيجو
طريقت جو نالو: نياز علي منگڻيجو
ساڪن: پرتو واهڻ تعلقہ صوڀوديرو، ضلع خيرپور
طالب: فقير معراج علي رضا مخدوم جهانيہ

ڪافي 1

ٿلهہ: ڏٺم صورت صنم تنهنجي ، ٿيا ديدار واهہ واهہ واهہ.
ڪري قدمن تي ڪيم سجدو، اهو اقرار واهہ واهہ.

١ ملائي ديد ديدن سان ، سڄڻ سڀ ڪجهہ سڻايو تو،
آهي سو ياد ڪيئن وسري ، تنهنجو اظهار واهہ واهہ.

٢ وهايئي قرب جي ڪاتي ، ڦٽي وئي تند ڏينهان راتي،
ڇڄي ٿي شوق مان ڇاتي، صنم تنهنجي سار واهہ واهہ.

٣ تنهنجو جلوو آهي هر جاءِ ، مسجد مندر توڙي گرجا،
ڪهڙا پوءِ سانگ هن سرجا، لٿي سر ڏار واهہ واهہ.

٤ آيو آ عبد جي اولي ، ڪيو مون نيّاز اڳيان ڀولي،
لڌوسي نام سان ڳولهي، مليو مهندار واهہ واهہ.

ڪافي 2

ٿلهه: وقت تو ويلي وڃئي ، وقت نہ برباد ڪر،
ترڪ ڪر تصور طمع جو ، نام مولا جو ياد ڪر.

1 نفس آ توکي نير سون بہ آن ان جو ليو،
پان ۾ پاڻي ليئو، دل سان آباد ڪر.

٢ اندر ۾ ٿي اوڙ تون، ڇپ نہ ٻيہ ... ... تون،
..ر تان سرگهور تون ، ٻن ٻيو مواد ڪر،

٣ نياز سان ڪن هر قدم، رهه هاديءَ سان دم بدم،
ذني سرڪ جا تو آ صنم، ان ڪت اهو امداد ڪر.

ڪافي 3

ٿلهه: ماريو ڪيئي مشتاق ڪيئي مشتاق،
سهڻا رڳو آءُ تـ ناهيان.

۱ نيڻن تنهنجن ڪيئي نوازيا،
عشق وارا عشاق.

۲ تنهنجي اکيان ڪيئي ڪسڻ لئه،
وڏا ڏين ٿا واڪ.

۳ هر جاءِ هادي تنهنجو جلوو،
مالڪ تون لولاڪ.

۴ نيازءِ نوڙت هر ڪر ڪريٿو،
اچي تنهنجي اوطاق.

ڪافي 4

ٿلهه: ويهي وجود ۾ ووڙج ووڙج،
دلبــــر نـــاهـــــي دور.

۱ سرت سموري سرمشون ثـابـت،
آهـــيــن پــريــور پــرپــور.

۲ معراج علي سائين مون گهر آيو،
چــاڪــاڻ وجــان ڪــره طــور.

۳ نياز بنا ڪر ڪـار نـه ڪـائي،
الـــشــي محبـــت مـــذڪــور.

ڪافي 5

ٿلهه: جيڪي مولا سمر ڪي سارين، اهي خوش سي گذارين
تنهنجو منهنجو آير جهلو، سڀ ڪنهن جو آ پر جهلو.

١ سمر جن سردار، سي پهرئين پتڻ پار.
فرق نه ڪوئي فاصلو.

٢ سمر جنهين ساڻ، ڪهڙي آ تن کي ڪاڻ
ڇا جو چاليهو چلو.

٣ هو سائين هي آ نياز سڀ رهبر جو آ راز.
جيڪي گهريم سو مليو.

شريعت جو نالو: بخش علي ولد خير علي پيلار
طريقت جو نالو: بخش علي فقير
طالب: فقير سرڪار معراج علي سائين جهانيه
ساڪن: ڳوٺ ننڍا پيلار ڪانڙي، تعلقه صوبوديرو
ضلع خيرپور ميرس

ڪافي 1

ٿلهه: هيٺو منهنجو حال ، پرين ڪجو پنهنجو

١ دائم دل ۾ ٿو رهي ، تنهنجو خاص خيال،
پرين ڪجو پنهنجو.

٢ محبت توڪان ٿو منگان، مايا ملڪ نه مال،
پرين ڪجو پنهنجو.

٣ ماٺيي جو ملڪ ۾ ، قادر پوي نه ڪال،
پرين ڪجو پنهنجو.

٤ هادي هميشه ڪندو ، بخش عليءَ تي پال،
پرين ڪجو پنهنجو.

شريعت جو نالو: ڪوڙل ملاح ولد خدابخش ملاح
طريقت جو نالو: باغ علي فقير
طالب: فقير سائين علي نواز شاهه جهانيه
ساڪن: لنڊي ڪينچي سيال، تعلقه سوڀوديرو، ضلع خيرپور

ڪافي 1

ٿلهه:
ڏس تقدير جا ڪر، نه ڪنهنجو قصور آ.
هر حال ۾ توکي ڪرڻ منظور آ.

١ هڪ هٽ قسمت جي جنهن ڪيو آ وڇوڙو،
پيو مائهن جي نظرن ۾ مان آهيان ڪوڙو،
تيون ٽيڪ دل جي هاڻي ڪرڻ ضرور آ.

٢ چوٿون چپ رهان ٿو، آهه راتيان ۽ ڏيهان،
پنجون يار پياسيءَ جا، ٿا دکن دل ۾ دونهان،
ڇهون ڇا ٻڌايان هي اندر ۾ سور آ.

٣ ستون ساهه صبر ۾، هاڻي روئي رهيو آ،
اٺون ان يار کي، ترس ڪونه پيو آ،
نائون نيٺ دل کي، هاڻي پلڻو ضرورآ.

٤ ڏهون ڏينهن ڏکن جا، ٿين شال پورا،
يارهون يار ڪوڙل، نتا وسرن مشورا،
ٻارهون ٻڌ ملاح جو، هي مذڪور آ.

ڪافي 2

تلهه: دل نہ گهبراءِ تون هيڏي هلي آ
خالي ڪونہ ويندين آيو سمر علي آ

١ ملان حسن ميرو ڪلو ، عمر ، عيسيٰ ملي
اچي بينا مشخاني تي زيارت ڪراءِ هلي
پوءِ چين اها صورت اهو سر ويو رات ملي آ.

٢ هڪ ڏينهن مرشد آيو ، جوش جو لان ۾،
هٿ جو ڦيريائين تہ ڏٺم آسمان ۾،
جيئن ستارو لاٿ ڪري ، ويندو ولي آ.

٣ نہ ٿي پڪ تہ پوءِ ڏس آزمائي،
اسان ڏٺو آ ، ڳالهائي وڃائي ،
اهڙو رهبر اسان کي ويو ملي آ.

٤ اچڻو اٿئي تہ هلي اچ ، تو چو لاٿي دير آ،
مرشد مهَدي اسان جو ٻڏيون ويٺو ڇير آ.
اهو سچو صوفي ، ساڳيو شير جلي آ.

٥ باغ علي ملاح چوي ٿي وٺي بهاري،
مولا مهَدي اسان تي ڪئي آ ستاري،
مجي نہ مجي ڪو ، پئي ڳالهہ کلي آ.

شريعت جو نالو: بشير احمد ولد خاوند ڏنو مڱڻهار.
طريقت جو نالو: منٺار علي ولد خير علي فقير منگڻهار
ساڪن: درازا شريف تعلقہ گمبٽ ضلع خيرپور
طالب: فقير سمر علي جهانيہ جو

ڪافي 1

ٿلهہ: مرد ميدان ۾ آيا مرڪي،
بار برھ جا ويا کڻي کڻي

١ الف اندر ۾ اوريو سامڻ،
وحدت تن کي وڻي وڻي.

٢ سر سينگاري سورهيہ پهتا،
بات برھ جي بڻي بڻي.

٣ موتو واري مام سجاتي،
ويا نعرو اناالحق هڻي هڻي.

٤ منٺار علي تن موج مدامي،
پاڪ سمر جن ڏٺي ڏٺي.

ڪافي 2

ٿلهه: جي عاشق ٿيــن الله تي ته،
سودو ڪجانءِ تون سچو.

١ رنـــدي ڏڳ ۾ روح رلائـــي،
ڪـر نه ڪـجــانءِ ڪچو.

٢ سمـن بڪمـن ٿـي وڃ ٻوڙو،
ڪـر نه ڪنهـن ســان ڏچـو.

٣ فـذڪروني امـر ڪـي پـاڙي،
پـتـنـگ وانــڱـي پچـو.

٤ منٺـار علي ڪڏي ڪيٽ ڪينو،
محـبـتـي مـيــدان ۾ اچــو.

ڪافي 3

ٿلهه: ڪري سينگار صورت جو، اڄ سردار آيو آ.
ٿيو گلشن جڳ روشن، سمر سرڪار آيو آ.

١ جاڏي سهڻل نهاري ٿو، تاڏي مشتاق ماري ٿو،
لڪين دلڙيون ڏتاري ٿو، دلي دلدار آيو آ.

٢ پرينءَ سان پيچ پايوسي، قدمين سرڙو جهڪايو سي،
خوشيءَ جو گيت ڳايو سي، مهدي مهدار آيو آ.

٣ حسن لائي آهي ڪاري ، طرف چوڏار چوڏاري،
اچي ڪئي عشق اظهاري ، نرمل نروار آيو آ.

٤ ڪروڙين قرب ٿو پانيان ، خوش ٿي عيدون ملهايان،
هوڪو هر جاءِ پيو اهو هلايان منهنجو منٺار آيو آ.

ڪافي 4

ٿلهه: اسان جهڙن اپوجهن تي، ڪئي مرشد مهرباني،
ٿيو قربدار جو قرب ، ختم ٿيا خيال نفساني.

١ ورهين جا ويا غم سارا، وسايا يار اوتارا،
لهي ويا بار سڀ بارا، رهي ڪاڪين پريشاني.

٢ پورا مطلب ڪيا مولا ، لٿا سڀ پول ۽ پولا،
ڏکيا سفر ٿي ويا سولا ، ڪئي نگپال نگهباني.

٣ چٽ آ عشق جو جهليو، مرشد مولا سمر مليو،
ياڳ منهنجو آهي ڪليو ، ويا غم غير غرقاني

٤ حرف اڳيان سيئي لاهي، رکيائين نئون نام دل لائي،
مليو منٺار علي آهي ، درازي دل لئي ديواني.

شريعت جو نالو: علي ڏنو ولد خاوند ڏنو منگنهار
طريقت جو نالو: نصيب علي ولد خير علي فقير منگنهار
ساڪن: درازا شريف تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور
طالب: فقير سمر علي جهانيہ جو

ڪافي 1

ٿلهہ: ڏسي جلوو يار سڄڻ جو،
منڊو ٿيو مستان وي ميان.

١ اچي اڏيو آ دلبر دل ۾،
مئي وارو ميخان، وي ميان.

٢ حيواني خيال ڪاٽي سيئي،
بنايو ٿئي انسان وي ميان.

٣ دلبر درازيءَ ڪي آ پڙهايو،
قلبي پاڪ قرآن وي ميان.

٤ نصيب علي سائين سمر مولا جو،
افضل اعليٰ شان وي ميان.

ڪافي 2

ٿلهه : لڪ پلايون پايان،
پيو ڳڻ ڳايان ڳايان.

١ جهانيا جڳ جو تون شافي آهين،
چاهه منجهان توکي چاهيان.

٢ سحر، سهڻو لعلون لعل،
شعر تنهنجا مان ٺاهيان.

٣ ولهين والي مهڏي مولا،
تنهن کي ڪين پلايان.

٤ در تنهنجي تي درازي سوالي،
در ٻئي نه واجهايان.

٥ مهر ڪئي جو مالڪ مولا،
نصَيب عليءَ جو پيو سڏايان.

شريعت ۽ طريقت جو نالو: مشتاق علي راڄپر ولد امير بخش راڄپر
ڳوٺ بادل خان راڄپر اسٽيشن روڊ سيٺارجه پوسٽ آفيس سيٺارجه
تعلقو ٺري ميرواهه ضلعو خيرپور(ميرس)
طالب: فقير سمر علي، جهانيه

ڪافي 1

ٿلهه: مرشد محبوبڻ منهنجو راضي مون تي رحم آ.
ٺورا مڄان ٿو دل سان ڪيڏو تہ ڏس ڪرم آ.

١ مايوس چهرو منهنجو جانب ڏٺو جڏانهين،
پاڻي ڳراٽيون پيار مان ، پل پل مونکان پڇيائين،
سختي سهي نہ مونتي ، ناز پريو نرم آ.

٢ محبوب شان اعليٰ ، رهجي سدا ادب ۾،
ايڏيون ٿي رک اميدون، جيڏيون رکين ٿو رب ۾،
تقدير هٿ انهيءَ جي ، کھڙو قضا قلم آ.

٣ مشتاق ٺورا کھڙا، سگهندين پرينءَ جا لاهي،
سفر مليو آ سيپ ڪجهه ، ڇا ڇا ڇوان هڏائي،
ضامن آهي ضمانت ، کھڙو پلا پيو غم آ.

شريعت جو نالو: ولي محمد ولد محبوب علي سهتو
طريقت جو نالو: ولايت علي فقير .
ساڪن: ڳوٺ ابراهيم سهتو لڳ ڏيٺا وڏا ضلعو/تعقو شڪارپور
دست بيعت ۽ طلبيت: فقير سمر عليءَ جهانيءَ.

ڪافي 1

اچي ڪين آرام ، دست ڇڙهي وئي دلبر جي دل.

١ راتيون ڏينهان روئان رڙان پئي،
من اندر ماتام .

٢ سڪڻ سڏڪڻ سيئي سهٺا،
عشق ڏنو آ انعام .

٣ سِڪوندي، ڪي سهٺل ڏي ڪر،
اچڻ جو انجام .

٤ واڳ ولايت ڏي ڪا واريو،
سمر تو درسام .

ڪافي 2

ٿلهه: پڪ آ پنهل ۾ آرياڻي ايندو،
تنگ هيءَ نماڻي ڇني نه ڇڏيندو.

١ ڪميڻيءَ ڪچايون ، مُٺيءَ جون مدايون،
ڏک ڏٺي ڏلايون ، ڏولڻ ڏکيندو.

٢ قولين ڪوڙي آهيان ، اميدون نه لاهيان،
آءَ ڪجهه به ناهيان ، هيڻينءَ هٿ ڏريندو.

٣ اُجهو لم آرياڻي ، سمر ليندو ساڻي،
نوازي نماڻي ، وٺي نال نيندو.

٤ ولايت جي واهر ، اچي ليندو آڌر،
منجهه روز محشر گولي گڏيندو.

ڪافي 3

نگاهي ڪرم سان نوازين نمائيون،
ڪريون ڪوٽيون ڪوجهيون، اوجهيون اياڻيون.

۱ مندڙيون ميريون عيبن ، پريون هي پيو تيون،
سونهن سام تنهنجي ، پرين تو ڪي پرتيون،
ڏٺي پاند تن ڪي ، ڍڪي عيبن هاڻيون.

۲ گهٽيريون هي گدليون، ادليون اگهائين،
بديون بار بخشي ، ٻرن ڪي ٿو ڀائين،
تنهنجي هن ڪرم جون، ڪروڙين ڪهاڻيون.

۳ ڀڪي تو پرينءَ جي ، پيون هي ڀناري،
ولهن جو تون وارث ، سمر تو سهاري،
ولايت جيهون ، لک تو وٽ وڪاڻيون.

ڪافي 4

ٿلهه: اُٺي طالب تن تنوار،
هڪڙي ويل نه ڪين وسار.

ا فنڌ ڪروني اڌ ڪرڪر آ،
اهو سندس اقرار.

٢ سيني سمائج يار سڄڻ کي،
دم دم ڪر ديدار.

٣ مرشد واري مام کي مائج،
هر دم رهه هوشيار.

٤ سمر سدائين ساڻ ولايتؔ،
وتي ناهي هڪ وار.

شريعت جونالو: بشير احمد چنہ ولد محمد عيسيٰ مجنون

طريقت جونالو: فقير بهادر علي چنہ

طالب : فقير سمر علي سائين جهانيہ جو

ساڪن: ڳوٺ پرانو آباد تعلقہ باڪراڻي ضلع لاڙڪاڻو

ڪافي 1

ٿلهہ: اڏر پکيڙا ڪر ڪا چڱڻ جي،
وري نہ ملنديءَ وار.

١ آکيرا ڇيا جڏهن پراڻا، تڏهن پکي پرديس اڏاڻا،
ڏينهن رهيا بہ چار.

٢ ڇهنبون ڇهنبن ۾ ڏئي، منهڙا ملايون، راز اندر جا سيئي ٻڌايون
ٻني ڏنئون نہ ڪاپار.

٣ سنگتي ساٿي ساٿ ڇڏينديءَ، ڏکڙا ڏاڍا يار ڏيون وينديءَ،
ڪونہ لهنديءَ ڪا سار.

٤ لڳڙي هوا وڻ لڏي پيا، ڪاٺين وارا گهرڙا ڊهي پيا،
ڏارئون ٽيڙا ڏار.

٥ بهادر علي ڪري ڪيئن ويچارو، توڪان سواءِ منهن جو ڪرئي ناهي چارو،
هادي آهين تون نگهدار.

ڪافي 2

ٿلهه:- رخ تان نقاب لاهيو، پريشان ڇو نه ٿيندس،
ڪهري جي ڪان لڳو، نيشان ڇونه ٿيندس.

١ ماري ڪري مجبور ٿو، پوءِ ٿو پڇين ته ڪهڙا حال اٿئي، ؟
پيار تو اهڙو ڏنو، شاهي شان ڇو نه ٿيندس.

٢ مرڪڻ سان مريد ڪيئي، ڪلڻ سان خريد

٣

٤

شريعت جونالو: علي گل ولد احمد خان خاصخيلي
طريقت جونالو: انصاف علي فقير
طالب : فقير سمر علي جهانيہ
ساڪن: ڳوٺ سائين بخش خاصخيلي نوان جتوئي
تعلقہ مورو ضلع نوشهرو فيروز

ڪافي 1

ٿلهہ
سيني جي لاءِ پرجهلو، هاديءَ جو نام آهي،
هِن هُن جهان جو سڦر مهْدي مدام آهي.

١ سچ چند جيان ٿو جرڪي ، جهانيہ جهان ۾،
هر عام خاص پيو مرڪي، هتي فيض عام آهي.

٢ جن تڪيو هي آ ڏٺو ، محبت سندي ماڳ جو
ساڳي صراحي ساقي منو، ۽ پيئڻ وارو جام آهي.

٣ هتي پيار ، چاهتن ۽ محبت جون محفلون ٿين،
انصَاف عليءَ چئي تن ، ڪاوڙ حرام آهي.

شريعت جونالو: محمد صالح ٽنيه
طريقت جونالو: صحبت علي فقير
طالب : سائين فقير سمر علي جهانيه
ساڪن: ڳوٺ لاڙڪاڻو

ڪافي 1

ٿلهه اوڏڙو اچي ٿيءُ يار ، ساعت توريءُ ڪانڌ سري ٿي.

١ نيڻ نهارن راهون تنهنجون ، پلپل تنهنجي پچار.

٢ دردن دل ۾ دود دکايا ، ٿيا هينئڙي هول هزار.

٣ موٽ محمّد ڪارڻي ، سيّد لهج سار.

٤ صحبَت علي آدم دم مولا، طلب اوهان جي تار.

ڪافي 2

ٿلهه سونهن سهڻل جيءَ مون من موهيو.
اکڙين جي اسرار اويار.

۱ پاڪ پيشاني نور سماوات.
جلوو رب جبار او يار.

۲ دم اسم جو ناد وڄائي.
ٿيو نانگو آ. نروار او يار.

۳ پتنگن آهي پاڻ پڄايو.
مڙيا مڄ هزار اويار.

۴ سمَر علي آ مهَدي منور.
محمد ڪل مختيار اويار.

۵ صحبت علي آ مظهَر مولا.
چوطرف چوڏار او يار.

شريعت جونالو: سيد حسين شاهه (المعروف موتي شاهه)
طريقت جونالو: صحبت علي فقير ولد سيد غازي شاهه
طالب : سائين فقير سمر علي جهانيه
ساڪن: اسلام آباد (ڳوٺ سيد قصران)

ڪافي 1

ٿلهه تــون داتــا سلطــان جهـــان دا،
مين تيري هان بردي عرضان ڪردي.

١ جهاڙو ديـنـدي سنـيان لڪـدي نهين،
تي مين ڦردي مٿيان پردي تــي دلبـر دي.

٢ صــورت تيـري چــن بــدر نـــورانـــي،
تو ميري دل وچ چانڻ ڪردي تين دلبـردي.

٣ تي صحبت علي شاهه، آ پوُن تــوڙ نڀي،
اڳتـي مرضـي هي دلبردي تا ڳـل بڻندي.

ڪافي 2

ٿلهه

آءِ ڪيڏون مست ڏمال، سينان رڙ ڪيڏون مست ڏمال،
سَخِر علي سائين جهولا جهولي، جهولي عرش دي نال.

١ تو هادي هي هر هر رنگي، ڪرم ڪرو سب مڪ جائي تنگي،
هندو، ڍيڊ، ماڙيچي، ڀنگي، رنگ دي رنگ دي نال.

٢ ناداني ديواني تيري، تو هين مست مستاني تيري،
شاد رهن مشخاني تيري، مهر نظردي ڀهال.

٣ تو هادي هي مرشد ميرا، پاڪ حيدر هي بابا تيرا،
صحبَت علي شاهه هي منگتا تيرا، تو سيد هي لجپال.

شريعت جونالو: عبدالرحمان ولد محمد عالم کهڙو
طريقت جونالو: اطهر علي
طالب : فقير سمر علي مخدوم جهانيہ جو ،
ساڪن: ڳوٺ جادو واهڻ تعلقہ گمبٽ ضلع خيربور (ميرس)

ڪافي 1

ٿلهہ: عشق ڪيو آزاد ، زهد تقويٰ ۽ زارن کان.

١ اڻ سونهي کي سونهون بنايو ، نينهن وڄائي ناد،
برهہ جي تہ بازارن کان.

٢ سي ڪيئن نيتن نفل نمازون ، جي انئي پهر آباد،
صورت جي تہ سيپارن کان.

٣ عشق جو علم ڪين سکيائون، وقت ڪيائون برباد،
پڙهي ملان، قاضي ، قارن کان.

٤ اطهرَ عليءَ جا احسان آهن ، جنهن سوڌ بنايو ساڌ،
ڪري واقف برهي بهارن کان.

ڪافي 2

ٿلهه: عشق جو علم ڪڻ ، منصور وانگي مرد ٿي.

١ وهم وسوسا ڏي ڇڏي ، فنا في الله فرد ٿي.

٢ درد جاڳائج دل ۾ ، ڪين ڪي بيدرد ٿي.

٣ هر وقت رهه هوشيار . سياٿو ٿي نه سرد ٿي.

٤ ڪشف ڪرامتن کي ڇڏي، پنج دليئون پر درد ٿي.

٥ هو هو سندو هوڪو هلاءِ ، چرين جيان ڇوگرد ٿي.

٦ ڪرهمٿ ڪمزوري ڇڏ.اطهر زور اڳيان نه زرد ٿي.

شريعت جونالو: الھ اوباهيو ولد ملهڻ فقير جوڳي
طريقت جونالو: دربان علي فقير جوڳي
طالب : جانڻ چن فقير جو .
ساڪن: ڳوٺ ڪيڙ خان جوڳي تعلقہ لري ميرواھ
ضلع خيرپور (ميرس)

جي رب ملڻ چاهين تہ غربت منجھ گذار.
ٻڌي هٿ ادب سان نيمو ٿي نهار.

پڙهي تسبيھ توبھ توبھ استغفار جي پوري ڪري پچار
پوءِ دوزخ سندي باھ . دربان اوڏو نہ اچي انهن جي.

ٻاهر ڪورا ڪل جا . مون ڪي اندر ٻر آشورا.
محبوب مڪر مهماني صبحن سويرا.
وَسقا هُمۡ رَبهُمۡ شرابن طهورا.
دَربان منجھ ديرا قادر اڏيا قرب جا.

ڪافي 2

ٿلهه ريتو روح انــدر ﮪر رام،
ڪٿي ساڌو آهيان پڳوان.

١ ڪٿي مؤمـن ڪٿي، ڪافر.
ڪٿـي پرٿـي پڙهان فرقان.

٢ مسجد مندر سپ ڪجهه اندر.
اهو عشـق سنـدو ايوان.

٣ ملڪ اسان جو اجان اڳي آ.
هت ماڳ نہ ڪوئي مڪان.

٤ مظهَر ملڪ مڙئي آ منهجو.
ڪــٿ نــام آيــو دربان.